The R Document

(ناول)

گُنجھو دستاویز

ارونگ ويلس

يوسف سنڌي

سنڌيا پبليڪيشنس

شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

گجهو دستاويز

(ناول)

The R Document

Irving Wallace

ارونگ ويلس

يوسف سنڌي

سنڌيا پبليڪيشنس

شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي

A SINDHI TRANSLATION OF

THE R DOCUMENT

BY: IRVING WALLACE

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب : ڳجهو دستاويز
مصنف: ارونگ ويلس
ترجمو: يوسف سنڌي
ڇاپو: 01 جون 2015 ع
ڇپيندڙ: سنڌيا پرنٽرز ڪراچي
ڇپائيندڙ: عقيل عباس سومرو

سنڌيا پبليڪيشنس ايف_960 سامهون واپدا يونين هال،
گاڏي ڪاتو، حيدر چوڪ حيدرآباد
سنڌيا پبليڪيشنس ، پنج پير اسٽريٽ هاڻي در ، شڪارپور.
فون 0726 512333
فڪشن هاوس، 52،53 رابعه اسڪوائر،حيدر چوڪ،
حيدرآباد، سنڌ 022_2780608

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

مترجم پاران

مٿي ۾ جيڪو لکڻ ۽ پڙهڻ جو پوت وينل آهي، اهو ڪتاب پڙهائي ته ٿو، پر سڻن ڪتابن لاءِ اُتساهي به ٿو ته اهي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪجن ۽ مٽان وري جي پڙهڻ جو مودِ به نه ٿئي يا لکڻ جو مودِ به نه هجي ته پوءِ وقت ڪيئن گذارجي؟ مون ان جو حل اهوئي ڪڍيو آهي ته ڪو ڪتاب ترجمو ڪندو رهجي. سو هي جيڪي به چار ڪتاب ترجمو ڪيا اٿم، سي به وقت جو گذارو ئي آهن، البت ان وچ ۾ به چار فرمائشي ڪتاب به ترجمو ڪيم.

آمريڪي ليکڪ ارونگ وليس جو هي ناول "ڳجهو دستاويز" جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ آهي، سو انگريزي ۾ "آر ڊاڪيومينٽ" جي نالي لکيو ويو. ارونگ ويلس هڪ پاپولر ليکڪ هو. سندس ناول لکن جي تعداد ۾ ڇپيا ۽ وکرو ٿيندا ٿا رهن. ڪيترن تي ته فلمون به ٺهيون ۽ ڪامياب ويون.

"ڳجهو دستاويز" هڪ مفروضي تي ٻڌل ڪهاڻي آهي، جنهن جو تت اهو آهي ته آمريڪا ۾ فاشزم اسيمبلي ۽ عوامي ووٽ جي ذريعي به اچي سگهي ٿو. تنهن ڪانسواءِ هن ناول ۾ آمريڪا آئين ۾ ترميمن جي حوالي سان پيچيده طريقي ڪار کي به چٽو ڪيو ويو آهي. جڏهن هي ناول آمريڪا ۾ ڇپيو ته آمريڪين جا چرڪ نڪري ويا هئا.

بظاهر ته هي ناول جاسوسي ۽ مهم جوئيءَ جي زمري ۾ اچي ٿو، پر ناول جي اٽتي اهڙي ته خوبصورت نموني ڪئي ويئي هو، جو هڪ ادبي شهه پارو بنجي ويو آهي.

۽ ها، ارونگ ويلس جو هي پهريون ناول آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي، ۽ وري سُڻي ڳالهه اها پئي ٿئي جو ناول

"سنڌيا پبليڪيشنس" پاران ڇپجي رهيو آهي.

سنڌيا پبليڪيشن پاران منهنجو هي ٻيو ڪتاب آهي، جيڪو ڇپجي پڙهندڙن تائين پهتو آهي، سنڌ يا پبليڪيشن پاران هن کان اڳ منهنجو ڪيرن آرمسٽرانگ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "خدا جي تاريخ" پڻ ڇپجي چڪو آهي. سنڌي ادب ۾ "سنڌيا" جو جنم اتسا هڪ عمل آهي. ۽ منهنجي دوست عقيل عباس سومري کي جس هجي، جنهن هاڻ هڪ اهڙي ڪم ۾ هٿ وڌو آهي، جيڪو اسان جي سماج ۾ ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم اهي. اهو آهي شعور پکيڙڻ، علم ۽ ادب جي آبياري ڪرڻ، هڪ لحاظ کان اهو ڪم شهيد الهه بخش سومري جي ڪم جوئي تسلسل آهي.

سنڌيا پبليڪيشن جي وجود ۾ اچڻ ۽ ان سان مونکي ڪم ڪندي خوشي پئي محسوس ٿئي.

يوسف سنڌي

چويهين اپريل 2015ع،

حيدرآباد

ڪيس اهو خيال ئي نہ رهيو تہ اها ملاقات اڳواٽ طئي ٿيل آهي. صدر مملڪت جي ڊنر جي دعوت قبولڻ کانپوءِ سوچيو هئائين تہ پنهنجي هيءَ ملاقات رد ڪري ڇڏي. پر پوءِ اها ڳالهہ سندس ذهن مان نڪري وئي. هاڻ ملاقاتي سامهون ويٺو هو. ڪيس ٽوري وقت ۾ نهايت سٹي نموني منهن ڏيئي روانو ڪرٹو هو. چاکاڻ تہ سندس اهو ملاقاتي باشعور نفيس ۽ حساس انسان هو. ساڻس ڳالهين ۾ بي حد مزو ٹي آيو. پر هن مهل اهو ممڪن نہ هو. هن جي ميز تي ڪم جو ڍڳ لڳو پيو هو ۽ ڪيس "وائٽ هائوس" جي ڊنر ۾ پڻ شريڪ ٹيٹو هو.

ڳالهہ فقط ملاقاتيءَ جي احساسن جو خيال رکڻ جي نہ هئي. پر ان شخص کي ايف بي آءِ جي ڊائريڪٹر ٹامسن انٹرويو جي لاءِ موڪليو هو. ٹامسن کي ناراض ڪرڻ جو خطرو ڪير ٹي کٹي سگهيو. گهٹ ۾ گهٹ پنهنجي ان نئين پوزيشن ۾ تہ "ڪرسٹوفر ڪولنس" اهو خطرو کٹي نہ ٹي سگهيو.

"ڪرسٹوفر ڪولنس" ملاقاتي جي ڪيسٹ ريڪارڊ کي ڏٹو. جنهن جي لحاظ کان تہ هو ليڪڪ نٹي لڳو. پهرين ملاقات ۾ ئي هن اها ڳالهہ چٹي ڪري ڇڏي هئي تہ هو ليڪڪ نہ پر "گهوسٹ رائيٹر" آهي. يعني ليڪڪ جو پوت (جيڪي ماڻهو خود پنهنجي سوانح لکي نہ سگهندا آهن. سي ان قسم جي ليڪڪن کان ڪم ونندا آهن ۽ ڪتاب تي انهن جو ئي نالو هوندو آهي) ان لحاظ کان هو ڪامياب "گهوسٹ رائيٹر." هو جو هن هيستائين جنهن شخص جي بايو گرافي لکي هئي، سا تمام گهٹي مشهور ٹي هئي.

ينگ ڪنڈ مٹي ڪنيو هن جي ٻي سوال ڪرسٹو فر کي ملاقات مختصر ڪرڻ جو ٻهانو ڏيئي چڏيو. "ڳالهہ هيءَ آهي مسٹر ينگ تہ آئون ۽ ڊائريڪٹر

ٽامسن جي باري ۾ گھٽو نٽو ڄاڻان." هن ينگ جي سوال جي جواب ڏيندي چيو. "مونکي کيس ڄاڻڻ ۽ سمجھڻ جو وقت ئي ناهي مليو. مونکي هت ڪم ڪندي فقط هڪ هفتو ٿيو آهي."

"اهو تہ اوهين اٽارني جنرل جي حيثيت سان پيا چئو." ينگ اعتراض کيو. "منهنجي ڄاڻ موجب انصاف کاتي ۾ اوهين گذريل ارڙهن مهينن کان آهيو. اڳوڻي اٽارني جنرل ڪرنل بيڪسٽر جي ڊپٽيءَ جي حيثيت سان گذريل تيرهن مهينن کان هن کاتي ۾ ڪم ڪيو آهي."

"اهو صحيح آهي پر ڊپٽي اٽارني جنرل جي حيثيت سان منهنجو ڊائريڪٽر ٽامسن سان کو بہ رابطو نہ هو. ڪرنل بيڪسٽر البتہ ساٺس ملندو رهندو هو ۽ هنن جي پاڻ ۾ دوستي بہ هئي."

ينگ حيرت مان کيس ڏٺو. "مون تہ ٻڌو آهي تہ ڊائريڪٽر جو کو بہ دوست کونهي. آئون ساٺس سنڈس سوائح جي سلسلي ۾ ڪيترائي ڀيرا مليو آهيان. منهنجو ذاتي تاثر بہ اهوئي آهي. البتہ منهنجو خيال آهي تہ هن جي پنهنجي اسسٹنٹ هيري ايڊورڊ سان سٽي لڳندي آهي."

"نہ! ٽامسن ڪرنل بيڪسٽر جي گھٽو ويجھو هو." ڪرسٽوفر زور ڀريو. "پر اها ڳالھ ضرور مجيندس تہ ڊائريڪٽر اڪيلائي پسند آهي. پر اها بہ حقيقت آهي تہ ايف بي آءِ جو هر ڊائريڪٽر اڪيلائي پسند ئي هوندو آهي. هن جي ڪم جي نوعيت ئي اهڙي آهي. بهرحال آئون ڊائريڪٽر ٽامسن سان تمام گھٽ مليو آهيان. ۽ هن جي باري ۾ تمام گھٽ ڄاڻان ٿو."

ينگ پنهنجو پائپ هٽايو ۽ چپن تي زبان ڦيري. "مسٽر اٽارني جنرل ڪرنل بيڪسٽر کي پنج مهينا اڳ دورو پيو هو ۽ اوهين ان وقت کان وٺي غير سرڪاري طور تي ان جي جاءِ تي ڪم پيا ڪريو. اها بي ڳالھ آهي تہ اٽارني جنرل جي عهدي تي اوهانجي باضابطہ مقرريءَ کي فقط هڪ هفتو ٿيو آهي. سيني کي خبر آهي تہ ايف بي آءِ جو ڊئريڪٽر اوهانجو ماتحت آهي...."

ڪرسٽوفر کي ڪل اچي ويئي. "ايف بي آءِ جو ڊئريڪٽر ۽ منهنجي ماتحت مسٽر ينگ! اوهانجي معلومات صفا اٽپوري آهن."

"مسٽر ڪولنس! هتي آئون پنهنجي معلومات مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ئي تہ آيو آهيان. اوهين مونکي شاگرد سمجھو. آئون جيسيتائين اٽارني جنرل، صدر آمريڪا، سي آءِ اي ۽ ٻين کاتن سان ايف بي آءِ جي ڊئريڪٽر جي لاڳاپن کي نہ

سمجهندس. تيسيتائين هن جي سوانح ڪيئن لکندس. مسٽر ٽامسن پنهنجي حيثيت جي باري ۾ گهٽي انڪسار ۽ اختصار کان ڪم ٿو وٺي. هن کان مونکي گهٽي ڄاڻ نه ملي آهي. آئون طاقت جي لحاظ کان هن جي اهميت ڄاڻڻ ٿو چاهيان."

ڪرسٽوفر هن جي مدد ڪرڻ واسطي ملاقات جي ڏيگهه خطرو ڪٽي ورتو. وضاحت تمام ضروري هئي. "ڈس مسٽر ينگ! مينوئل مان ته اهوئي ثابت ٿو ٿئي ته ايف بي آئي جي ڊئريڪٽر جي مقرري اٽارني جنرل نه پر آمريڪي صدر سينٽ جي صلاح سان ڪندو آهي. جيتري قدر هن جي ڪم جو واسطو آهي ته ڊئريڪٽر، اٽارني جنرل سان صلاح ۾ ڪندو آهي ۽ ساٿس گڏجي ڪم ۾ ڪندو آهي، پر مٿس اٽارني جنرل جو ڪو به زور ناهي هوندو. البته آمريڪي صدر سينٽ جي صلاح کان سواءِ به ڪيس عهدي تان هٽائي سگهي ٿو. مطلب اهو آهي ته ٽامسن منهنجو ماتحت هرگز ڪونهي. ٽامسن جهڙا ماڻهون ڪنهن جي ماتحتي قبول نه ڪندا آهن. ڳالهه گهمي ڦري وري به اتي ئي اچي ٿي بيهي ته آئون ٽامسن جي باري ۾ گهٽو نٿو ڄاڻان. مونکي ته اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته ٽامسن اوهانکي مون وٽ ڇو موڪليو آهي. آئون جيسيتائين اوهانجي مدد ڪري سگهان ٿو ڪريان ٿو..."

ينگ پاڻ کي سنياليو "هن مونکي اوهان ڏانهن نه موڪليو آهي، بڏ آئون پاڻ ئي آيو آهيان. آئون ڪجهه اهم ڳالهيون سمجهڻ ۽ ڄاڻڻ چاهيان ٿو....."

"ته پوءِ ڳالهه چٽي پيئي آهي." ڪرسٽوفر سُک جو ساهه کنيو. هاڻ هو ان ملاقات کي مختصر ڪري پي سگهيو. ٽامسن جي ناراضگي جو ڪو به ڊپ نه هو. پوءِ هن نرمي ۽ شائستگي کان ڪم وٺڻ ٽي چاهيو. ينگ ڪيس سٽو لڳو هو "اوهين پنهنجي ڪتاب جي سلسلي ۾ ڄاڻڻ ٿا چاهيو....."

"پنهنجي ڪتاب جي لاءِ نه پر ٽامسن جي ڪتاب جي لاءِ ....." ينگ جلدي چيو "آئون ٽامسن جي باري ۾ اوهان جا تاثر ڄاڻڻ ٿو چاهيان...."

"ٺيڪ آهي..... وقت گهٽ آهي.... بهرحال آئون ٽامسن جي باري ۾ اهو ٻڌائيندس ته هو مين آف ايڪشن آهي. اجاين ڳالهين ۾ نه پوندو آهي ۽ شايد پنهنجي عملي جي لاءِ بنهه مناسب ماڻهو آهي."

"اهو ڪيئن؟"

"ڈسو نا! هن جو ڪم وفاقي سطح تي ڏوهن جي جاچ پڙتال ڪرڻ آهي، هو حقيقتون گڏ ڪري سهيڑي ٿو. انهن مان نتيجا ڪيڊي ٿو. سفارشون پيش ڪرڻ هن جو ڪم ڪونهي. هن جي چند ڄاڻ جي بنياد تي ڪيس تيار ڪرڻ منهنجو ڪم آهي."

"پوءِ تہ مين آف ايڪشن اوهين ٿي ٽيا."

ڪرسٽوفر ينگ کي احترام وارين نظرن سان ڏٺو. هو پنهنجي ذهانت ثابت ڪري رهيو هو. "بظاهر تہ اٽين ئي ٽو لڳي." هن وراڻيو "آڻون تہ قانوندان آهيان. اسين محفوظ رستن تي سست رفتاريءَ سان هلندا آهيون. ٽامسن ۽ سندس اسٽاف جو ڪم خطرناڪ آهي. هاڻ آڻون اوهانکي ٽامسن جي باري ۾ٻڌايان تہ هو جنهن شئي کي صحيح سمجهندو آهي، ان لاءِ تن من ۽ ڌن سان ڪم ڪندو آهي. هو گهٽو مستقل مزاج بہ آهي. اوهين آئين جي 35هين ترميم جو ئي ڪٽي مثال ونو جيڪا هاڻ پاس ٿيڻ جي مرحلي ۾ آهي، ٽامسن ان ترميم جي منظوريءَ جي لاءِ..."

ينگ هن جي ڳالهہ ڪٽيندي چي، "مسٽر ڪولنس! ان جو مطلب آهي تہ 35هين ترميم آمريڪي صدر جي نہ پر مسٽر ٽامسن جي آئيڊيا آهي؟"

ڪرسٽوفر چرڪي پيو. هن گهوسٽ رائيٽر کي گهوري ڏٺو "اوهانکي اهو خيال ڪيئن آيو؟"

"ڊئريڪٽر ٽامسن جو طور طريقو تہ اهوئي ٽو ٻڌائي. هو 35هين ترميم جو ذڪر ايڏي تہ محبت سان ٽوڪري ٿو جڙ اها سندس اولاد هجي."

"ان سان ڪو بہ فرق نٿو پوي. 35هين ترميم آمريڪي صدر جي ئي آئيڊيا آهي... مون چيو نہ تہ هو جنهن ڳالهہ جي حق ۾ هوندو آهي. ان جي لاءِ سخت محنت سان ڪم ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو هو 35 هين ترميم جي سلسلي ۾ ايترو پُرجوش آهي. هو پاڻ کي ان ترميم جو ڪريڊٽ ڏي ٿو."

"پر مسٽر ڪولنس! اڄا تائين ترميم منظور تہ نہ ٿي آهي. 75 سيڪڙو رياستن اڄا اها ترميم منظور نہ ڪئي آهي."

"ٽي ويندي" ڪرسٽوفر نڪولس بي چينيءَ سان چيو "هاڻ باقي هن رياستن جي ئي تہ منظوري ڪپي."

"۽ فقط ٽي رياستون باقي رهيون آهن."

"انهن مان بہ تہ اڄ فيصلو ڪرڻ واريون آهن. منهنجو خيال آهي تہ 35هين ترميم اڄ رات آئين جو حصو بڻجي ويندي" ڪرسٽو فرگهڙي تي نظر وڌي، "در اصل مونکي ڪجهہ ڪم....."

"آڻون اوهان کان هڪ ٻي ڳالهہ پڇڻ ٿو چاهيان. جيتوڻيڪ ان جو واسطو هن انٽرويو سان بلڪل ڪونهي. مسٽر ڪولنس اهو تہ ٻڌايو.....ڇا اوهين ان 35هين ترميم جي حق ۾ آهيو؟"

سوال بنهه غير متوقع هو هڪ گهڙي جي لاءِ تہ ڪرسٽوفر هڏي ويو. هونئن بہ ان مخصوص سوال جو جواب هن ڪليل طور تي ڪڏهن بہ نہ ڏنو هو. پنهنجي زال ڪيرن کي بہ نہ. هن هيڪندي هيڪندي چيو "مون ان سلسلي ۾ ڪڏهن گهٽو ناهي سوچيو... منهنجو خيال آهي تہ صدر ۾ ايف بي آءِ جي ڊئريڪٽر سوچي سمجهي اها ترميم پيش ڪئي هوندي"

"پر سائين، ان جو واسطو تہ سنئون سڌو اوهان جي ڪاتي سان آهي."

ڪرسٽوفر سوچ ۾ پئجي ويو "هائو آهي تہ سهي... پر مون اهو معاملو آمريڪي صدر تي چڏي ڏنو آهي... آئون ڪجهه پين ڪمن ۾ رڌل آهيان. "هن چيو ڪجهه گهڙين کانپوءِ چيائين. "چا مسٽر ينگ اوهين ان ترميم جي حق ۾ آهيو؟"

گهوسٽ رائيٽر جي هيڪ ڏسي هن جلدي ڪيس يقين ڏياريو "ڪوبہ اُلڪو نہ ڪريو..... اها ڳالهه پاڻ تائين ئي محدود رهندي"

"سچ تہ اهو آهي تہ مونکي ان ترميم کان سخت نفرت آهي. ان جي ڪري بنيادي انساني حق معطل ٿي ويندا."

"خير! اها ڳالهه بہ ڪونهي. اها ترميم فقط ان وقت ڪم ايندي. جڏهن ملڪي سالميت کي خطرو هوندو. ان جي مدد سان غنڊه گردي ۾ لاقانونيت تي قابو پائي سگهبو..... امن امان جي صورتحال....."

"آئون شخصي آزاديءَ جي بنياد تي امن ۾ امان قبولي نٿو سگهان." ينگ چيو.

ڪرسٽوفر ڪولنس کي ڪاوڙ اچڻ لڳي. ايئن ٿي لڳو تہ هر شخص سوچڻ ۾ سمجهڻ کانسواءِ هر مسئلي تي راءِ جو اظهار ڪرڻ ضروري ٿي سمجهيو. "مسٽر ينگ! توکي خبر آهي تہ رستن تي چا پيو ٿئي. هن ملڪ جي تاريخ ۾ ڏوهہ ۾ تشدد اڳ ۾ ايترو عام نہ هو. ياد اٿئي تہ ٻہ مهينا اڳ بمن ۾ مشين گنن سان هٿياربند غنڊن "وائيٽ هائوس" تي حملو ڪيو هو. جنهن ۾ 13 گارڊ ۾ ست سياح بہ مارجي ويا هئا. جيڪي وائٽ هائوس ڏسڻ جي شوق ۾ آيا هئا. هاڻ ٻڌايو تہ ڪو بہ شخص، ڪٿي بہ محفوظ ڪونهي. اوهان ٿي وي تي اڄ صبح جو خبرون ڏٺيون؟ اڄوڪيون اخبارون پڙهيون اٿئي؟ اڄ الي نوائس ۾ پوليس هيڊ ڪوارٽر تي حملو ٿيو. اڏ ڪان وڌيڪ پوليس فورس يا تہ قبرستان پيڙي ٿي وئي يا وري اسپتال پهتي. اوهان وٽ ان رجحان جو ڪو توڙ آهي؟ اوهانجي ذهن ۾ ان مسئلي جو ڪو حل آهي؟"

ينگ شايد ان مسئلي تي اڳ ۾ ئي خيالن جو اظهار ڪندو رهيو هو. تنهن

جواب ڏيڻ ۾ دير ئي نه لڳائي. "جي بلڪل آهي، غربت، معاشي ناانصافي ان برابري ۾ ناانصافيءَ کان چوٽڪارو حاصل ڪيو ويڄي ته ڏوهن جو رجحان پاڻ مرادو ختم ٿي ويندو."

"اهو ڪم ڏينهن ٻن ۾ ته ٿيڻ جو ڪونهي ..... هونئن آئون تنهنجي ڳالهه سان متفق آهيان، پر سڌارن جي لاءِ وقت ڪپي. جڏهن ته اسانکي فوري طور تي ڏوهن جي پاڙ پٽڻي آهي." ڪرسٽوفر چيو.

"35هي ترميم جي منظوريءَ کانپوءِ سڌارن جي لاءِ وقت نه ملندو. سڌارن جو نوبت ئي کانه ايندي"

ڪرسٽوفر بحث جي موڊ ۾ نه هو. هن تيزيءَ سان موضوع بدلايو. "مسٽر ينگ! تون ته مسٽر ٽامسن سان ملندو رهندو آهي تنهنجي ته ساڻس ان موضوع تي ڳالهه ٻولهه ٿي هوندي"

ينگ ڪلها لوڏيا ۽ چيو "جيڪڏهن ساڻس ڳالهه ٻولهه ٿئي ها ته آئون هينئر هت نه هجان ها. اوهان سان مون ان لاءِ ڳالهه ڪئي جو منهنجي خيال ۾ اوهين هڪ سٺا ماڻهو آهيو."

"اهو ته آئون آهيان."

"منهنجي ڳالهه کي دل ۾ نه ڪجو. ۽ آئون اهو سوچي حيران پيو ٿيان ته نيٽ اوهين انهيءَ ٽولي ۾ڪيئن شامل ٿيا."

ڪرسٽوفر حيران ٿي ويو. مهينو اڳ جڏهن هن اتارني جنرل جو عهدو قبول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ته سندس زال ڪيرن به انهيءَ قسم جي رد عمل جو اظهار ڪيو هو. ان وقت هن ڪيرن کي جوابي دليل ڏنا هئا. پر هاڻ هڪ اوپري ماڻهوءَ جي سامهون انهن کي ورجائڻ مناسب نه هو ۽ نه ئي وري وٺس ايترو وقت هو. هن مرڪندي چيو "مون اهو عهدو فقط ان ڪري قبوليو ته جيڪڏهن سٺا ماڻهو اڳيان نه ايندا ته اهو قومي نقصان هوندو." پر ان وقت ان کان وڌيڪ مناسب نه هو هو گهڙيءَ تي نظر وجهي اُٿي بيٺو "مسٽر ينگ آءِ ايم سوري" هن چيو "هن مهل آئون بي حد گهٽو مصروف آهيان. ڪم به گهڻو اٿم ۽ پيو ته مونکي وائٽ هائوس به ويڙهو آهي. ڪجهه مهينن کانپوءِ آئون شايد تنهنجي گهڻي مدد ڪري سگهان. مونکي سيٽ اپ مان واقف ٿيڻ جي لاءِ ايترو وقت ته ضرور لڳندو. ان وقت اوهين مونکي فون ڪري ونجو. آئون هر سهڪار جي لاءِ حاضر هوندس."

ينگ اُٿي ڪڙو ٿيو "جيڪڏهن ان وقت تائين اوهين هتي هوندا ته آئون

ضرور اوهانکي فون ڪندس. اوهانجي تمام وڏي مهرباني."

ڪرسٽوفر ساٿس هٿ ملايو. پوءِ اوچتو کيس کوخيال آيو. "مسٽر ينگ! تو مونکي ٻڌايو هو ته تون گذريل ڇهن مهينن کان ان ڪتاب جي سلسلي ۾ ڊائريڪٽر ٽامسن سان هفتي ۾ هڪ ڏينهن ملندو رهندو آهين. تنهنجي ٽامسن جي باري ڪهڙي راءِ آهي؟"

ينگ جي چپن تي هڪ وسامیل مرڪ نظر آئي. "مسٽر ڪولنس! اها ڳالهه منهنجي روزي بابت آهي ۽ اهو به ٻڌي ونو ته آئون اهو ڪم ڪرڻ جي لاءِ راضي نه هئس. مونتي ڏهاءُ وجهي مونکي مجبور ڪيو ويو آهي."

هن جي وڃڻ کانپوءِ ڪجهه دير ڪرسٽو فر ڪولنس سوچيندو رهيو. هو ڊائريڪٽر ٽامسن جي ان ڳالهه سان متفق هو ته 35هين ترميم ڏوهه ۽ تشدد جو خاتمو ڪري ڇڏيندي. ڪجهه گهڙين کانپوءِ کيس احساس ٿيو ته هو پنهنجو نهايت قيمتي وقت زيان پيو ڪري. ڪم تمام گهٽو هو. هن جو ڏيان ميز تي رکيل فائيلن ڏانهن ٿي ويو.

ڇهه لڳي ويهن منٽن تي هن جي سيڪريٽري ماريان هڪ لفافو آڻي هن جي سامهون رکيو. لفافي تي "بي حد اهم ۽ ڇجهو" لکيل هو. ماريان ٻڌايس ته لفافو رستي جي پرين پاسي واري "ايڊگر هوور بلڊنگ" مان آيو آهي "ايڊگرهوور بلڊنگ" ايف بي آئي جي هيڊ ڪوارٽر جي حيثيت ٿي رکي. ڪرسٽو فرنڪولس متو جهلي ويهي رهيو. ڪم..... ڪم ۽ ڪم..... ۽ وقت گهٽ هئس.

هن لفافو کولي ڏوهن جي تازن انگن اکرن جي رپورٽ ڪيڙي. اهي انگ اکر پريس کي ڏيڻا هئا. هن انگن اکرن جو جائزو ورتو. قتل ۽ تشدد جي واقعن ۾ ارڙهن سيڪڙو جنسي ڏوهن ۾ پندرنهن سيڪڙو ڦر جي وارداتن ۾ ٽيهه سيڪڙو ۽ هنگامن جي وارداتن ۾ ويهه سيڪڙو وڌارو ٿي ويو هو. فقط هڪ مهيني ۾ ايترو واڌارو.

ڏوهن ۾ واڌاري جي اها رفتار کيس ڊيڄاري رهي هئي. هاڻ ته هو پنهنجي حاملہ زال کان موڪلائڻ مهل اهو سوچي ڊڄندو هو ته واپسيءَ تي کيس جيئرو ڏسي سگهندو يا نه. هاڻ ڪٽي به ڪو به شخص محفوظ نه هو. زندگي جو ڪو به پروسو نه هو. ان لحاظ کان هن جو ۽ ٽامسن جو ڪم بي حد ڏکيو هو. دنيا جي سيني کان مايوس ڪندڙ ڪم هو.

پوءِ خود کيس پنهنجي خود ترسي ۽ بد دليءَ تي ڪاوڙ اچي ويئي. جيڪڏهن منجهنس ايترو حوصلو نه هو ته پوءِ کيس هو عهدو قبولڻ جي ضرورت

ئي نہ هئي. اهو عهدو مسئلا نبيرڻ جي لاءِ آهي يا ٿڻ ۾ نانگر جي لاءِ..... پنهنجي انا جي تسلي جي لاءِ آهي يا حب الوطني جي فرض نپائڻ جي لاءِ هو؟ انهن مان ڪنهن هڪ سوال جو جواب به وٽس نہ هو. گهٽ ۾ گهٽ اڄ ته نہ هو.

ٽيليفون جو گهنٽيءَ ڪيس چرڪائي ڇڏيو. هن ڪيبينٽ تي رکيل بٽن بورڊ کي ڏٺو. بٽڻ مان خبر پيس ته ذاتي انسٽرومينٽ جي گهنٽي وڳي آهي. هن رسيور کنيو. ٻي پاسي "ڪيرن" هئي. هن ڪيرن کي تيار رهڻ جي هدايت ڪئي ۽ پروگرام ٻڌايو. "پوٽي ستين بجي ڊرائيور توکي کڻڻ ايندو. اسانکي ٽيڪ سوا ستين بجي "وائٽ هائوس" پهچڻو آهي. اسين ٽي وي ٽي نيو يارڪ ۾ اوهو جي ڪلپ سنون سڏو ڏسنداسين ۽..... ٻڌاءِ تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟"

"طبيعت ته ٽيڪ اٿم پر مونکي اهي پروٽوڪول واريون پارٽيون بلڪل سٽيون نہ لڳنديون آهن. آئون وائٽ هائوس فقط هڪ پيرو ويئي آهيان. ان ڪري اسٽيٽ ڊائننگ روم جي دعوت هئي. بهرحال اڄوڪي دعوت ۾ ته ڪي گهٽا ماڻهو نہ هوندا..... ۽ وري مصيبت اها آهي ته گهٽو سوچي سمجهي ڳالهائڻو پوندو..... مونکي ته هينئر کان ئي ڊپ پيو لڳي."

"ڪجهہ ڳالهائڻ ۾ چوڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي اسين خاموشيءَ سان ٽي وي ڏسندا رهنداسين." ڪرسٽوفر ڪيس دلاسو ڏنو.

"اسانجي اُت ضرورت ئي ڪهڙي آهي، اڄ اهڙي ڪهڙي ڳالهہ ٽي رهي آهي."

"ڏس! پهرين ڳالهہ هيءَ آهي ته صدر صاحب مونکي گهرايو آهي ۽ اٽارني جنرل جي حيثيت سان منهنجو اهو فرض آهي ته آئون حڪم جي تعميل ڪريان. تنهن ڪانسواءِ اڄ نيو يارڪ ۾ اوهيو جي هيٺين ايوانن ۾ 35هين ترميم جي سلسلي ۾ ووٽنگ پئي ٿئي. اها ڳالهہ اهم آهي. چو ته ترميم جي منظوري جي لاءِ ٽن مان ٻن رياستن جي منظوري ضروري آهي..... هاڻ سمجهئي!"

"هاڻ سمجهي ويس، مون کان ناراض نہ ٿي ڪرس. پلا تون به اهو چاهين ٿو ته اها ترميم پاس ٿي وڃي؟ مون اُن ترميم جي حمايت ۽ مخالفت ۾ گهٽو ڪجهہ ٻڌو ۽ پڙهيو آهي."

"پڙهيو ۽ ٻڌو ته مون به تمام گهٽو آهي پياري، پر آئون کو فيصلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ ناهيان. جيڪڏهن سڀ ماڻهون حڪومت ٻيا ڪن ته ملڪ ۽ قوم کي فائدو پهچي سگهي ٿو ۽ حڪمران خراب هجن ته اها ترميم ابتڙ نتيجا ڪيندي

آئون تہ فقط ايترو چوندس تہ جي اها ترميم پاس ٿي ويئي تہ منهنجو ڪم سولو ٿي پوندو."

"تہ پوءِ منهنجي اها ئي دعا آهي تہ اها ترميم پاس ٿي وڃي." ڪيرن چيو پر هن جي لهجي ۾ اعتماد ۽ پروسي جي ڪوٽ هئي.

"ٺيڪ آهي پياري ڪيرن. ستين بجي ملنداسين." اهو چئي ڪرسٽوفر رسيور رکي ڇڏيو. پوءِ هو ڪيرن جي باري سوچڻ لڳو. ڪيرن ان وقت بہ مخالفت ڪئي هئي. جڏهن هو پنهنجي پرئڪٽس ڇڏي ڊپٽي اٽارني جنرل جو عهدو قبولڻ جي باري ۾ سوچي رهيو هو. پوءِ جڏهن اٽارني جنرل جو عهدو قبولڻ جو موقعو آيو تہ ڪيرن ان جي مخالفت ايڏا بہ وڌي ويئي. حالانڪہ اهو گهٽو اهم عهدو هو. ان حيثيت سان هو ڪابينا ۾ شامل هو.

هوننئن بہ ڪيرن گهٽ ڳالهائو هئي ۽ ظاهر اهو ئي ڪندي هئي تہ ڪيس سياست سان ڪابہ دلچسپي ڪونهي. پر ڪرسٽوفر هن جي خيالن کان چڱي طرح واقف هو. ڪيرن "انصاف جي ڪاتي" ۾ وڃڻ جي مخالفت ان ڪري ڪئي هئي تہ هوءَ صدر گلبرٽ کان وٺي ڊائريڪٽر ٽامسن تائين سڀني کي ناپسند ڪندي هئي. ڪيرن ڪيس سمجهايو تہ اهو عهدو هن جي لاءِ سراسر گهاٽي جو سودو ثابت ٿيندو. عهدي جي اهميت پنهنجي جاءِ تي، پر هر خرابي هن جي مٿان ٽاڪي ويندي. هن جي خيال ۾ ملڪ بحران مان لنگهي رهيو هو. اهڙي حالت ۾ اهو عهدو ڪنهن جي سيج ئي تہ هو.

هنن ڏنهي جي شاديءَ کي ٿورو وقت گذريو هو. جيتوڻيڪ اها ڏنهي جي پي شادي هئي. پوءِ ان عهدي جي مصروفيت قبوليت جوگي ٿي نٿي سگهي.

•

دعوت ڪيبينٽ روم ۾ هئي. ڪرسٽوفر هن کان اڳ پنج پيرا ان ڪمري ۾ اچي چڪو هو. پوءِ بہ ڪمرو ڪيس اوپرو اوپرو پي لڳو. صدر گلبرٽ گرمجوشيءَ سان سنڊس آڏر ياءِ ڪيو ۽ معذرت ڪئي تہ خاتون اول طبيعت جي خرابيءَ سبب اچي نہ سگهي آهي.

دعوت ۾ صدر کان سواءِ نائب صدر ۽ سنڊس زال، صدر جي سيڪريٽري مس ليجر، صدر جو پولنگ سيڪريٽري رونالڊ، داخلا وارو سيڪريٽري مارٽن ۽ ان کانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي جوڙا شريڪ هئا.

"اڄ نيو يارڪ ۾ اوهيو جون رياستون 35هين ترميم جي سلسلي ۾ آخري فيصلو ڪري رهيون آهن." صدر ڪرسٽوفر کي ٻڌايو. "منهنجي پولنگ سيڪريٽري ان سلسلي ۾ جيڪي انگ اکر پيش ڪيا آهن، اهي ڪافي متاثر ڪندڙ آهن. اهو ته طئي آهي ته اوهيو جي سينٽ ترميم جي حق ۾ فيصلو ڏيندي البته نيو يارڪ ۾ مقابلو سخت آهي. ڪيترن ئي دستور ساز ميمبرن اڃان تائين ڪو به فيصلو نه ڪيو آهي، بهرحال صورتحال اميدواري آهي."

ان مهل ايف بي آئي جو ڊائريڪٽر ٽامسن هنن ڏانهن هليو آهي. هن صدر ۽ ڪرسٽوفر سان هٿ ملايو.

صدر پنهنجي ڳالهه جاري رکي، "ٽامسن! ايجا هڪ ڪلاڪ اڳ جيڪي تو انگ اکر موڪليا آهن، اهي بروقت آهن. اهي اڄ جي ووٽنگ تي اثر انداز ٿي سگهن ٿا."

"رونالڊ اوهيو جي سلسلي ۾ پر اعتماد آهي، پر هو نيويارڪ جي سلسلي ۾ مطمئن ڪونهي." ڊائريڪٽر ٽامسن چيو.

"آئون بهرحال مطمئن آهيان،" صدر چيو. "هن ڪلاڪن جي اندر اندر پنجاهه مان اٺيهه رياستون ترميم جي حق ۾ فيصلو ڏيئي. ان کي آئين جو حصو بڻائي چڪيون هونديون."

ڪرسٽوفر ٽي وي سيٽ ڏانهن اشارو ڪندي صدر کان پڇيو "نشريات جي شروعات ڪيڏي مهل ٿيندي"

"ڏهن پندرنهن منٽن کانپوءِ" صدر جواب ڏنو "هينئر پس منظر تي روشني تي روشني وڌي پئي وڃي."

"آئون هڪ جام کڻي اچان،" ڪرسٽوفر چيو ۽ ڪيرن جو هٿ جهلي ڪيس هڪ پاسي وٺي ويو.

"جام جي ضرورت ته مونکي به ٿئي پئي." ورنن ٽامسن چيو.هو به انهن سان گڏ هلڻ لڳو. هو ٽيئي ڪيبينٽ ٽيبل طرف وڌڻ لڳا. ٽيبل تي هر قسم جي ڪاڏي پيتي جي شيءَ موجود هئي. ٽامسن، ڪيرن کي ڏيان سان ڏسندي چيو "اڇڪلهه تنهنجي طبيعت ڪيئن آهي؟"

ڪيرن چرڪي ڏانهنس ڏنو "آئون ته بلڪل ٺيڪ ٺاڪ آهيان." هن جو هٿ پاڻ مرادو پنهنجي چيلهه سان هڏل زنجير انهن ڪجي ويو. "اهو هڏي مونکي گهٽي خوشي ٿي." ٽامسن چيو.

ڪرسٽوفر پنهنجي ڀ ڪيرن لاءِ گلاس ٺاهيان ڀ ٽي وي سيٽ جي سامهون رکيل خالي ڪرسين طرف وڌيو. هو اڃا ويٺو ئي مس ته ڪيرن پٽڪات ڪندي چيس، "تو ڪجهه ٻڌو؟"

"چا ٻڌمر!"

"ٽامسن جو معنيٰ خيز جملو..... هو اهو باور ڪرائي رهيو هو ته ڪيس خبر آهي ته آئون ماڻ بٽجرڻ واري آهيان."

ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ مونجهارو هو "اهو ڪيئن ممڪن آهي، ان سلسلي ۾ ته ڪنهن کي به خبر ڪونهي."

"نه! ڪيس خبر آهي؟ هو باور ڪرائي رهيو هو." ڪيرن زور ڀريو "هو اهو باور ڪرائي رهيو هو ته ڪائنس ڪاب ڳالهه لڪيل ڪونهي. تنهنجي ڀ ٻين جي پلائي انهيءَ ۾ آهي ته هن جي ٻڌايل رستي تي هلندا رهو."

"تون ضرورت کان وڌيڪ بدگماني ڪري رهي آهين..... هو ايئن ڪونهي."

"مونکي ته هو ڪو بگهڙ ٿو لڳي."

"هونهه! ايتري زور سان نه ڳالهائي." ڪرسٽوفر زال کي چيو.

هو ٻيئي خاموشيءَ سان پنهنجا پنهنجا جام ڪٽي سرڪون پرڻ لڳا. ڪرسٽوفر پنهنجو ڌيان ٽي وي اسڪرين تي ڌرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. اناؤنسر ترميم جي طريقي ڪار جي سلسلي ۾ وضاحت ڪري رهيو هو. "آمريڪي آئين ۾ ترميم ڪرڻ جا به طريقا آهن. هڪ ۾ ترميم ڪانگريس ۾ تجويز ڪئي ويندي آهي ڀ پي طريقي موجب ان تي به ياگي ٽي رياستن جي دستور ساز ميمبرن جي درخواست تي ڪانگريس جي گهرايل قومي ڪنوينشن ۾ غور ڪيو ويندو آهي. سينٽ يا ايوان نمائندگان ۾ منظور ڪيل ترميمي قرار داد جي شنوائي ضابطه ڪميٽي ڀ آئين ڪميٽي جي سامهون ٿيندي آهي. انهن ڪميٽين جي منظوري ڪانپوءِ ترميم هر رياست جي دستور ساز اسيمبلي ڀ سينيٽ ۾ پيش ڪئي ويندي آهي. ٽي ياگي چار رياستون منظوري ڏيئي چڏين ته رٽيل ترميم آئين جو حصو بٽجي ويندي آهي....."

ڪرسٽوفر رک وٽيءَ ۾ سگريٽ مروڙي اڇليو ڀ گلاس ڏانهن هٿ وڌايو. هن جون نظرون هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به اسڪرين کان نه هٽيون.

مبصر جو تبصرو جاري هو. "ڏهن بنيادي ترميمن جو آئين جو حصو بٽجرڻ

کانپوءِ 1789ع کان وٺي اڄ تائين ترميمن جي سلسلي ۾ پنج هزار ست سئو رٿون ڪانگريس جي سامهون پيش ٿي چڪيون آهن. انهن ۾ هر قسم جون ترميمون شامل آهن. جهڙوڪ صدارت جي جاءِ تي نه رکڻي حڪمران ڪائونسل جو قيام، نائب صدر جي عهدي کي ختم ڪرڻ جي رٿ. يونائٽڈ اسٽيٽس آف آمريڪا جو نالو بدلائي "يونائٽيڊ اسٽيٽس آف ارٿ" رکڻ جي رٿ. چونڊن جي طريقي ڪار ۾ تبديلي ۽ اهڙيون ٻڌ ٻڪيون رٿون. پر هيستائين پنج هزار ست سئو تجويز ڪيل ترميمن مان فقط چوٽيهه ترميمون آئين جو حصو بڻجي سگهيون. ڪنهن به ترميم جي سلسلي ۾ ووٽنگ جي لاءِ ڪا مهلت مقرر نه ڪئي وئي آهي. آمريڪا جي تاريخ ۾ سڀني کان جلدي منظور ٿيندڙ ترميم 26 هين ترميم آهي. جنهن جي آڌار تي، ارڙهن سالن جي عمر ٿيڻ تي ووٽ ڏيڻ جو حق مڃيو ويو هو. اها ترميم ڪانگريس جي منظوريءَ کان پوءِ فقط ٽن مهينن ۾ ستن ڏينهن جي اندر منظور ڪئي ويئي."

"هاڻ اچو 35 ترميم ڏانهن. اڄوڪي رات ان ترميم جي لاءِ فيصلو ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿي. اها ترميم مخصوص هنگامي صورتحال ۾ پهرين ڏهن ترميمن کي معطل ڪري سگهي ٿي. جن کي انساني حقن جي قرار داد چئي سگهجي ٿو. ڪانگريس جا اڳواڻ ۽ صدر گلبرٽ ضرروت پوڻ تي ان ترميم کي قانون لاڳو ڪندڙ هٿيار طور استعمال ڪرڻ چاهين ٿا...."

"هٿيار!" صدر گلبرٽ جو آواز آواز اُپريو. هن جي لهجي ۾ احتجاج هو. "هيءَ ڪهڙي بڪواس آهي؟" هن مبصر کي لفظن جي تباهي جو ٿورو به احساس ڪونهي. ڪيس اندازو ڪونهي ته هو ناظرين کي هڪ بحث هيٺ مسئلي تي ڪهڙو تاثر ڏيئي رهيو آهي. ڪاش! اهڙي ترميم منظور ٿي سگهي، جو هن جهڙن مبصرن کان چوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي."

"اوهين فڪر نه ڪريو." ٽامسن چيو "35هين ترميم هن جهڙن ماڻهن جي لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي"

ڪرسٽوفر کي ڪيرن جون تيز نظرون ڪجهه چوندڙيون محسوس ٿيون، هن نظرون چورايون ۽ اسڪرين ڏانهن متوجه ٿي ويو.

".... آئين ڪميٽين جي منظوري ڪانپوءِ رٿيل 35هين ترميم رياستن جي ايوانن ۾ آخري فيصلي جي لاءِ پيش ٿي. ترقي پسند حلقن پاران ان جي محدود پئماني تي مخالفت ٿي. چار مهينا ۽ به ڏينهن اڳ اهو مرحلو شروع ٿيو. شروع ۾ ته

اها ترميم سولائيءَ سان رياستي ايوانن مان منظوري حاصل ڪندي ويئي. پر پوءِ ان جي رستي ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ٽيڙ لڳيون. هن مهل تائين پنجاهه مان ستيتاليهه رياستون هن ترميم جي سلسلي ۾ فيصلو ڪري چڪيون آهن. يارهن رياستن انکي رد ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن ته 36 رياستن ان جي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي. آخري منظوريءَ جي لاءِ 38 رياستن جي تائيد ضروري آهي. گويا پن رياستن جي تائيد اڃا گهربل آهي. باقي ٽي رياستون وڃي بچيون آهن. انهن مان ٻه رياستون نيو يارڪ ۽ اوهيو جا ايوان ان ترميم جي سلسلي ۾ اڄ ووٽنگ ڪري رهيا آهن. اهو هڪ تاريخي مرحلو آهي. جنهن کي اوهين ڪجهه دير کانپوءِ نيٽ ورڪ جي ذريعي سنڌو اسڪرين تي ڏسي سگهندا. ڪيلي فورنيا جو ايوان پنهنجو فيصلو هڪ مهينو کان پوءِ ٻڌائيندو. سوال اهو آهي ته ڇا ڪيلفورنيا جي فيصلي جي ڪا اهميت هوندي؟ جيڪڏهن اڄ انهن ٻنهي رياستن 35هين ترميم کي رد ڪري ڇڏيو ته پوءِ اها ترميم مئل قرار ڏني ويندي ۽ جيڪڏهن هنن ٻنهي رياستن اها منظور ڪري ورتي ته پوءِ اها ڪيليفورنيا جي فيصلي کانسواءِ ٽي آئين جو حصو ٻڌجي ويندي ۽ صدر گلبرٽ کي وڏندڙ لاقانونيت کي منهن ڏيڻ جي لاءِ هڪ اثرائتو هٿيار ملي ويندو. اڄوڪي اهم ووٽنگ آمريڪا جي تاريخ جو رخ صدين تائين موڙي سگهي ٿي..... هاڻ اڇو ته اسين اوهانکي نيو يارڪ اسيمبليءَ ۾ وٺي هلون. ووٽنگ جو عمل شروع ٿيڻ وارو آهي. بحث لڳ ڀڳ پُڄاڻي تي پهچڻ وارو آهي....."

اسڪرين تي منظر بدلجي ويو. نيو يارڪ اسيمبليءَ ۾ ترميم جي حق ۾ آخري تقرير ٿي رهي هئي. "اوهانکي ياد ڏيارڻ ٿو چاهيان ته آمريڪا جو لکيل آئين ڪو آسماني ڪتاب ڪونهي." مقرر چئي رهيو هو "اهولڇڪدار آهي. ان ۾ ترميم جي گنجائش آهي. اوهانکي ياد هوندو ته اهو آئين آزاد خيال جوانن لکيو هو. جيڪي اسان جا ابا ڏاڏا هئا. هو گهوڙا گاڏين ۾ سفر ڪندا هئا. ڪنين وارن قلمن سان لکندا هئا. هنن ڪڏهن بال پوائنٽ جو نالو به نه ٻڌو هو. ٽائپ رائيٽر، ٽيليويزن سيٽ، هوائي جهاز، ايٽم بم ۽ مواصلاتي سيارن جو نالو به نه ٻڌو هو؟ انهن کان اڳ جاڳ هئا. پر هنن هن ملڪ ۾ قانون جي بالادستيءَ جي لاءِ اسانکي اهو لڇڪدار قانون ڏنو جنهن کي اسين آئين ٿا چئون. کين احساس هو ته مستقبل ۾ انساني زندگيءَ جون تقاضائون بدلجي وڃڻ جي ڪري ترميم جي گهرج پوندي. اسانجي بزرگن بنيادي انساني حقن جي قرار داد منظور ڪئي هئي. پر هاڻ اهي

حق امن امان جي صورتحال ۽ اسان جي جمهوري ڍانچي کي تباهه پيا ڪن. اهڙي حالت ۾ 35هين ترميم ئي اسان کي تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿي. آئون اوهانکي اپيل ٿو ڪريان ته اوهين ترميم جي حق ۾ ووٽ ڏيو."

اسيمبلي هال تاڙين سان گونج سان ٻُرائجي اٿيو. ڪيبينٽ روم ۾ آمريڪي صدر ۽ سندس ساٿي به تاڙيون وڄائي رهيا هئا. آمريڪي صدر چيو "هي شخص وڏو جرئت مند آهي. هن بابت ڄاڻ حاصل ڪريو. اسين هن جي صلاحيتن مان "وائٽ هائوس" ۾ فائدو ونڊي سگهون ٿا." هڪ گهڙي ترسي هن چيو "ووٽنگ شروع ٿيڻ واري آهي."

ووٽنگ شروع ٿي چڪي هئي. اسيمبلي جي ميمبرن نالا واري واري سان پڪارجڻ لڳا. "ها" ۽ "نه" جا جواب هال ۾ گونجي رهيا هئا. ميمبرن جو تعداد ڏيڊ سئو هو. ووٽنگ جو مرحلو ڪافي ڊگهو هو. ڪرسٽوفر بي حد ٽڪل هو. هن جو ڏيان اسڪرين تان هٽي ڊائريڪٽر ايف بي آئي جي چهري تي جمي ويو. هو ڪافي بي چين نظر اچي رهيو هو. ڪرسٽوفر آمريڪي صدر ڏانهن ڏٺو. هو به ڪنهن بت جيان خاموش هو هن جو چهرو بي تاثر هو. ڪرسٽوفر سوچيو "ماٺهون چا به چون. پر هي وطن پرست، ديانتدار ۽ ذميوار ماٺهون آهن." ڪيس سڪون جو احساس ٿيڻ لڳو. هو غلط ماٺهن جي وچ ۾ نه هو. ڪيرن ۽ ينگ جهڙن ماٺهن جي بدگماني بي بنياد هئي. ڪيس ڪرنل بيڪسٽر ياد اچي ويو. جنهن ڪيس ڊپٽي اٽارني جنرل بنائي اها ڏاڪن فراهم ڪئي هئي. هاڻ هو اٽارني جنرل هو ۽ ڪرنل بيڪسٽر اسپتال ۾ سڪرات جي حالت ۾ هو.

ڪرسٽوفر شروع کان ئي ڪرنل بيڪسٽر جو ٽورائتو هو. پر هاڻ ڪيس احساس ٿيڻ لڳو هو ته ڪجهه اتفاقن ۽ غلطين ڪيس اٽارني جنرل جي عهدي تائين پهچايو آهي. ڪرنل بيڪسٽر سندس پيءُ جو تمام ويجهو دوست هو ڪرسٽوفر جي پيءُ وڪيل بنجڻ ٿي چاهيو. پر حالتون ڪيس واپار طرف ونڊي ويون. ان جي تلافي هن ڪرسٽوفر کي قانون جي تعليم ڏياري ڪئي. هڪ وڪيل جي حيثيت سان هو پنهنجي پٽ جي ڪاميابين تي نه رڳو فخر ڪندو هو پر پنهنجن دوستن کي پڻ ٻڌائيندو رهندو هو. جن ۾ ڪرنل بيڪسٽر پڻ شامل هو.

ڪجهه سالن جي وقفي کانپوءِ به اهڙا واقعا ٿيا، جو ڪرنل بيڪسٽر جو ڪرسٽوفر ڏانهن وڌيڪ ڏيان ٿيڻ لڳو. انهن مان هڪ يونين جي وڪيل جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ هو. ان حيثيت سان هن انساني حقن جي لاءِ ڪم ڪري

شهرت حاصل ڪئي. فقط ان لاءِ ته هو اظهار جي آزاديءَ جو زبردست حامي هو. ان ڪري ڪرنل ڪي گهٽو متاثر ڪيو.

ڪجهه سالن کانپوءِ آڪليند جي نئين اتارنيءَ جي حيثيت سان هن ٽن شيدين کي پنهنجي انجام تائين پهچايو. انهن تنهي جي ڏوهن جي فهرست گهٽي ڏگهي ۽ پوائتي هئي. ايئن ڪرنل بيڪسٽر، ڪرسٽوفر کان وڌيڪ متاثر ٿيو. هن جي نظر ۾ ڪرسٽوفر انهن ماڻهن مان نه هو جيڪي شيدين سان سندس رنگ جي بنياد تي وڌيڪ همدردي ڪندا هئا. پر ڪرنل کي اها خبر نه ئي ته ڪرسٽوفر جيڪو ڪجهه ڪيو سو هن جو فرض هو. جڏهن ته ذاتي طور هو شيدين کي معاشري جو مظلوم طبقو سمجهندو هو. هو سمجهندو هو ته معاشرو خود کين ڏوهه ڪرڻ تي مجبور ٿو ڪري. تنهنڪري اصل ڏوهاري سماج آهي نه ڪي شيدي. پر بدقسمتيءَ سان قانون کي ڏوهن جي سببن سان ڪابه دلچسپي نه هئي. ڪرنل کي اها خبر نه هئي ته ڪرسٽوفر پنهنجي پريڪٽس جي دوران ڪيترن ئي شيدي ڏوهارين جي لاءِ ڪامياب قانوني ويڙهه وڙهي هئي ۽ ڪيترن ئي شيدين جي زندگي بچائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي.

ڪرنل بيڪسٽر، ڪرسٽوفر کان متاثر هو. ڪرسٽوفر هن جو دوست جو پٽ هو. تنهنڪري هن ڪرسٽو فر کي واشنگٽن گهرايو ۽ ڪيس پنهنجو ڏيڻي بڻايو. پوءِ ڪرنل بيڪسٽر بيمار ٿيو ته هن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪرسٽوفر اتارني جنرل بڻجي ويو. اهو ڪو معمولي عهدو نه هو. هاڻ هو ملڪ جي اهم ماڻهن ۾ شامل هو.

ڪمري ۾ ٽينڊر گوڙ ڪرسٽوفر کي چرڪائي ڇڏيو. هن نظرون ڦيرائي ڏٺو ته صدر صاحب ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي اٿي بيٺو. ڪمري ۾ موجود ماڻهن زور سان نعرو هنيو. ڪرسٽوفر چرڪي ٿي وي جي اسڪرين ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ ڪيرن ڏانهن، ڪيرن تاڙيون نه پي وڄايون.

"نيو يارڪ رياست 35هين ترميم جي منظوري ڏيئي ڇڏي آهي." هن سرهاڻ ڪندي ٻڌايس. ڪمري ۾ موجود هر شخص اٿي ڪڙو ٿيو. سڀ فتح جي احساس سان سرشار هئا.

"مبارڪ هجئي جناب صدر صاحب!" صدر جي پولنگ سيڪريٽري رونالڊ صدر کي مخاطب ٿي چيو. "اهو نهايت حيرت انگيز ۽ خوشگوار اپ سيٽ آهي."

ايف بي آئي جي ڊائريڪٽر ڪرسٽوفر جا ڪلها لوڏي ڪيس چيو "پيارا

ڪيڏي نہ وڏي خبر آهي.... آهي نہ!"

"ٽامسن!" پنيان صدر ايف بي آئي جي ڊائريڪٽر کي سڏيو. ٽامسن مڙي پويان ڏٺو "خبر اٿئي! ڦيرو ڪيئن ڦريو اسيمبليءَ ۾ اسمٿ، جنهن جي آخري تقرير هئي، ڪمال ڪري ڏيکاريو نہ ته نيويارڪ رياست پڪ سان ترميم کي رد ڪري ڇڏي ها..... ايئن ٿي لڳو ته اها تقرير تنهنجي لکيل هجي."

ٽامسن ڏند ٽيڙيندي چيو "ٿي سگهي ٿو سائين اها تقرير منهنجي ئي لکيل هجي."

ڪمري ۾ موجود سڀ ماڻهو کلڻ لڳا. ڪرسٽوفر به کلڻ لڳو. حالانڪ ڪيس پنهنجي کل جو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو هو. پر هن پاڻ کي بد رنگ ثابت ڪرڻ نٿي چاهيو.

ان مهل صدر جي ذاتي سيڪريٽري مس ليجر اعلان ڪيو ته ماني لڳي چڪي آهي. سڀ ماني جي ميزن ڏانهن وڌيا، جلدي جلدي پليٽون پري اڇي پنهنجي سيٽن تي ويٺا. اوهيو جي رياست ۾ ووٽنگ شروع ٿيڻ واري هئي.

ٽيلي ويزن تي هڪ انائونسر 35هين ترميم جو مضمون ٻڌائي رهيو هو. "ڪنهن به اندروني هنگامي صورتحال ۾ آئين جا پهريان اهي ئي فقرا معطل ٿي ويندا." ترميم جو مضمون هن ريت آهي. نمبر 1، قومي سلامتي کي خطرو پيش اچڻ جي صورت ۾ انساني آزادي بابت حق معطل رهندا. 2، اهڙي ڪنهن خطري جي صورت ۾ صدر کي قومي سلامتي ڪميٽي ٺاهڻ جو اختيار هوندو. اها ڪميٽي سلامتي ڪائونسل سان گڏجي ڪم ڪندي. 3، ڪميٽي ۽ ڪائونسل ملڪ ۾ هنگامي حالتن جو اعلان ڪري سگهنديون. 4 ڪميٽي جو چيئرمين ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر هوندو. 5. هنگامي صورتحال جي خاتمي سان گڏ ئي انساني آزاديءَ جا حق بحال ٿي ويندا."

ڪرسٽوفر اهو سڀ ڪجهہ ڪيترائي ڀيرا پڙهي چڪو هو. پر هن مهل اهو سڀ ڪجهہ ٻڌندي ڪيس بد مزگيءَ جو احساس ٿيو. ترميم جو لهجو ۽ لفظ ڀيٽي سخت هئا، هو فڪر مند ٿي ويو.

"ووٽنگ شروع ٿي رهي آهي." صدر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. "اوهيو اسيمبلي يقيني طور تي ترميم جي حق ۾ فيصلو ڏيندي. ايئن اڄ رات 35هين ترميم آئين جو حصو بڻجي ويندي."

ڪرسٽوفر پليٽ هڪ پاسي رکي ۽ اسڪرين ڏانهن متوجہ ٿي ويو. ووٽنگ

شروع ٿي چڪي هئي. شروع ۾ ته "ها" ۽ "نه" جي وچ ۾ توازن هو پوءِ نه جو تعداد وڌڻ لڳو.

"اها حيرت ۾ وجهندڙ ڳالهه آهي." انائونسر جو آواز اُپريو "سياسي پنڌتن جي اڳ ڪٿي اُبتي ٿيندي پئي نظر اچي."

ڏسندي ئي ڏسندي نتيجا سامهون اچي ويا. اوهيو جي اسيمبليءَ ترميم رد ڪري ڇڏي هئي. ڪيبنيٽ روم ۾ غم جي لهر ڇائنجي ويئي. هر شخص مايوس نظر اچي رهيو هو. ڪرسٽوفر اڪ ٽيٽ ڪري ڪيرن کي ڏنو جيڪا هڪ پالٽمراڊو مرڪ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. سڀ همراهه صدر جي چوڌاري گڏ ٿي ويا هئا. هر چهري تي مونجهاري جو تاثر هو.

صدر ڪلها لوڏيا ۽ پنهنجي پولنگ سيڪريٽري کي مخاطب ٿي چيو "هي ڇا ٿيو رونالڊ؟ اسان ته سمجهيو ٿي ته اڄ رات ئي ڪٽي ويندا سين."

"جناب صدر آثار ته اهي ئي هئا ته ترميم اڪثريت راءِ سان منظور ٿي ويندي. اها تبديلي رڳو 36 ڪلاڪن جي اندر ظاهر ٿي آهي." رونالڊ وراٽيو.

"جناب صدر. شايد ان سلسلي ۾ انائونسر وضاحت ڪرڻ وارو آهي." صدر جي ايڊي ٿي وي انهن اشارو ڪيو.

"اجهو هينئر هينئر هڪ اطلاع مليو آهي." انائونسر چئي رهيو هو "جيتوڻيڪ انهيءَ جي فوري طور تصديق ٿي نه سگهي آهي، پر اسانجي نمائندي ڪي ٻڌايو ويو آهي ته گذريل رات ۽ اڄ صبح جو ٽوني هيرس پنهنجي طوفاني مهم جي ذريعي صورتحال کي هڪ ئي ڏڪ سان بدلائي ڇڏيو هو. ٽوني هيرس جيڪو پاڻ کي بنيادي انساني حقن جو محافظ چئي ٿو. هڪ مهينو اڳ 35هين ترميم جي خلاف پنهنجي مهم شروعات ڪئي. هن جي لاءِ اوهيو جو اڀ سيٽ وڏي ڪاميابي آهي. اسانکي ٻڌايو ويو آهي ته عين وقت تي ٽوني هيرس انهن اسيمبلي ميمبرن کي قائل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جيڪي اڃان تائين ڪنهن نتيجي تي نه پهتا هئا. ناظرين کي ياد هوندو ته ٽوني هيرس ڪنهن زماني ۾ ايف بي آئي ۾ ڪم ڪري چڪو آهي. بعد ۾ هو سنو ليڪ ۽ وڪيل ثابت ٿيو. هو بنيادي انساني حقن جي تحفظ جو زبردست حامي آهي. هن جو ريڪارڊ ٻڌائي ٿو ته....."

"اسين هن جي ريڪارڊ کان چڱي پر واقف آهيون...." ٽامسن رڙ ڪندي چيو "اسين ان ذليل شخص جي باري ۾ سڀ ڪجهه ڄاڻون ٿا." پوءِ هو مڙيو ۽

معذرت واري لهجي ۾ صدر کي چيائين، "مونکي ان بدتميزيءَ تي معاف ڪريو. پر اهو ٽوني هيرس لائق ئي ان جي آهي. هو سدائين ڏوهارين جي پٽيرائي ڪندو هو. تنهنڪري مون کيس ايف بي آئي مان ڪڍي ڇڏيو. آئون کيس چگي طرح سڃاڻان ٿو...."

"ڇڏ ڪٽي انهن ڳالهين کي ٽامسن. نانگ تہ نڪري ويو. هاڻ ليکو ڪُٽڻ مان ڪو فائدو ڪونهي." صدر کيس دلاسو ڏنو. "هاڻ اسانکي اهو سوچڻ گهرجي تہ آئنده اهو شخص اسانکي نقصان پهچائي نہ سگهي."

ڪرسٽوفر گهٽو اپ سيٽ هو. ورنن ٽامسن جو ائين ڦاتي پوڻ هن جي سمجهہ کان مٿي هو. هن ورنن ٽامسن جي شخصيت جو اهو رخ اڳ ۾ نہ ڏٺو هو. هن ڪيرن جو هٿ جهليو جيڪا پاڻ بہ گهٽي مونجهاري جو شڪار لڳي رهي هئي. ان مهل صدر کيس اشاري سان سڏيو. هو ڪيرن جو هٿ ڇڏي صدر طرف وڌي ويو. ٽامسن صدر وٽ ئي بيٺو هو.

"حضرات! نيويارڪ ۾ اسانجي ڪاميابي حيرت ۾ وجهندڙ هئي تہ اوهيو ۾ اسانجي شڪست بہ غير متوقع هئي. گويا حساب برابر ٿي ويو. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ راءِ ڪيڏي نہ غير مستحڪم هوندي آهي. هاڻ ڪيليفورنيا جي اهميت وڌي ويئي آهي. ڪيليفورنيا جو ووٽ فيصلو ڪندڙ هوندو. رونالڊ جو چوڻ آهي "هن وقت ڪيليفورنيا ۾ اسان جي پوزيشن سگهاري آهي. پر اها ڳالهہ منهنجي لاءِ ڪافي ڪونهي اسين ڪيليفورنيا جي معاملي ۾ ڪو بہ خطرو ڪٽي نٿا سگهون. اسانکي پنهنجو سڀ ڪجهہ داءُ تي لڳائڻو پوندو. ٽامسن ءِ ڪرس ..... اوهانکي پنهنجا سڀ وسيلا استعمال ڪرڻا پوندا." صدر چيو. ٽامسن ءِ ڪرسٽوفر پنهنجا ڪنڌ هاڪار ۾ ڏوڙيا.

صدر سگار کي ڏندن سان ڪٽيو. ورنن ٽامسن لائٽر ٻاري کيس سگار ڏيکاريو ۽ مدد ڪئي. صدر هڪ ڪش هڻي ڪرسٽوفر کي چيو. "ڪرس ..... تنهنجو واسطو ڪيليفورنيا سان آهي نہ؟"

"هائو! آئون لاس اينجلس ۾ پريڪٽس ڪندو رهيو هئس."

"آئون چاهيان ٿو تہ تون ڪيليفورنيا ۾ ..... ۽ ٽريسي جي ماءُ ۽ ٻار راءِ هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪر." صدر چيو.

ڪرسٽوفر نڪر مند ٿي پيو. "آئون چئي نٿو سگهان تہ آئون ان سلسلي ۾ فائديمند ثابت ٿي سگهندس يا نہ ..... هن چيو. "البتہ چيف جسٽس هاورڊ جو ان

رياست پر اثر رسوخ وڌيڪ آهي."

صدر ناڪار پر ڪنڊ ڏوٽيو "هاورڊ ڪجهه به نٿو ڪري سگهي. مونکي خبر پئي آهي ته هو اُن ترميم جي حق ۾ ڪونهي..... هونئن هڪ جج جو سياسي معاملن تي تبصرو ڪرڻ اثرائتو نٿو ٿئي."

ڪرسٽوفر کي اها آئيڊيا پسند نه آئي. پر منجهس انڪار جي جرئت به نه هئي. "جيڪڏهن اوهين سمجهو ٿا ته اهو معاملو وڌيڪ اهم آهي ته پوءِ جيئن اوهين چوندا، تيئن ڪندس."

"تمام گهڻو اهو اٿئي." ڊائريڪٽر ٽامسن هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو. "آئون اڳ ۾ ئي عرض ڪري چڪو آهيان ۽ ٻيهر ٿو ڪريان ته اها ترميم گهڻي اهم آهي..... ان ڪانسواءِ شايد.... شايد اسين پنهنجي ملڪ کان ئي هٿ ڏوئي ويهون."

"ٽامسن ٺيڪ پيو چيو. صدر تائيد ڪئي." جڏهن وائيٽ هائوس به ڦورن ۽ قاتلن جي حملن کان محفوظ نه رهي ته پوءِ هن ملڪ ۾ ڪو به محفوظ ڪونهي. اسانکي هر قيمت اتي ها ترميم منظور ڪرائڻي آهي."

ان مهل مس ليجر صدر کان معذرت ڪندي ڪرسٽوفر کي ٻڌايو ته سندس بادي گارڊ ڪنهن ارجنٽ ڪم جي سلسلي ۾ ساٽس ڳالهائڻ ٿو چاهي. ڪرسٽوفر اجازت طلب نظرن سان صدر کي ڏٺو. صدر هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو. "ايندڙ هفتي تائين آئون توکي پروگرام ٻڌائي ڇڏيندس. هاڻ تون پلي وڃ!"

ڪرسٽوفر ڪيرن کي ولي ٻاهر نڪتو جتي هن جو بادي گارڊ "ايجنٽ هونگي" هن جو منتظر هو. "ڪهڙو مسئلو آهي هو گن." ڪرسٽوفر پڇيس.

"سائين... ڪرنل بيڪسٽر کي هوش اچي ويو آهي ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي ته هو ڪجهه ئي دير جو مهمان آهي. هن هوش ۾ ايندي ئي اوهان سان ملڻ تي زور پريو. هو چئي ٿو ته اوهان کي ڪا بنهه ضروري ۽ اهم ڳالهه ٻڌائڻ ٿو چاهي. مسز بيڪسٽر روئي مونکي التجا ڪئي آهي ته ڪيئن به ڪري اوهان کي ڪرنل بيڪسٽر تائين پهچايان."

ڪرسٽوفر، ڪيرن جي لاءِ ڪار جو دروازو کوليو. پوءِ پاڻ به ويهي رهيو. "ٺيڪ آهي اسانکي [illegible] ايجنٽ هورگن کي چيو. پوءِ هن ڳالهه کي مڪمل طور ڀلجي ويو. "خدا ڪري ڪرنل بيڪسٽر چڪر آهي."

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

اسپتال پهچي ڪرسٽوفر ڪيرن کي ڪار ۾ ئي ويهڻ جي هدايت ڪئي ۽ خود اسپتال جي عمارت ۾ گهڙيو. هڪ نيول آفيسر ڊانهنس وڌيو.

"اتارني جنرل ڪولنس؟" هن پڇيو ڪرسٽوفر ڪنڊ هاڪار ۾ ڏوٽيو "مون سان گڏ اچو سائين ..... هو پنجين ماڙ تي آهي."

لفٽ ۾ سوار ٿيندي ئي ڪرسٽوفر کان پڇيو. "ڪرنل بيڪسٽر جي حالت ڪيئن آهي؟"

"مونکي افسوس آهي سائين ..... ويهه منٽ اڳ جڏهن آئون هيٺ آيس تہ هو زندگيءَ جي ڪچي تند ۾ ٻڌل محسوس ٿي رهيو هو."

"ڪاش .... ڪاش. آئون ساٿس ملي سگهان.... هونئن وٽس ڪير ڪير موجود آهن؟"

"سندس زال ۽ پوٽو رکي بيڪسٽر. هو ساٿس گڏ ئي رهندو آهي. هن جا ماءُ پيءُ سرڪاري ڪم سان ڪينيا ويل آهن ۽ ها جارج ٽائون چرچ جو پادري فادر ڊوسکي بہ وٽن موجود آهي."

لفٽ مان لهي هو ڪاريڊور ڊانهن وڌيا آفيسر هڪ ڪليل دروازي ڊانهن اشارو ڪيو. "اوهين اندر هليا وڃو. هي ڪمرو انتظار گاهہ طور ڪم ايندو آهي. پرواري ڪمري ۾ ڪرنل بيڪسٽر آهي."

ڪرسٽوفر ڪمري ۾ گهڙيو. پرواري ڪمري مان سڏڪن جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. دروازو اڌ ڪليل هو ۽ ڪرسٽوفر کي بستري جو فقط هڪ حصو نظر اچي رهيو هو. ڪرسٽوفر کي خبر هئي تہ اهي سڏڪا حنا بيڪسٽر جا آهن. جنهن جو هو گهڻو احترام ڪندو هو. ڪرسٽوفر اهو سوچي پريشان ٿي رهيو هو تہ موت جي [redacted] ڪرنل کيس ڪهڙي اهم ڳالهہ ٻڌائڻ جي لاءِ سڏايو هو.

ڪجهہ گهڙين کان پوءِ پرواري ڪمري جو دروازو کليو ۽ فادر ڊوسکي اندران نڪتو. هن دروازو بند ڪري ڪنڊ ڏوٽيو ۽ ڪاريڊور ڊانهن وڌيو. ڪرسٽوفر جي پويان هلڻ لڳو. "ڪرنل بيڪسٽر هوش ۾ آهي؟ هن مونکي گهرايو هو..... آئون ساٿس ملي سگهان ٿو." هن بي تابيءَ مان چيو.

پادريءَ نهڪر ۾ ڪنڊ ڏوٽيو "مونکي افسوس آهي تہ اوهين هن سان ملي نٿا سگهو..... اوهين ڏهہ منٽ دير سان پهتا آهيو."

ڪرسٽوفر جي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هو چا چوي. نيٺ چيائين. "فادر مرڻ کان اڳ ڪرنل بيڪسٽر پورو هوش ۾ هو نہ؟"

"هائو!"

"هن اوهانکي يا مسز بيڪسٽر کي ٻڌايو ته هو مون سان چو ٿو ملڻ چاهي." "نہ، هن پنهنجي زال کي فقط ايترو چيو ته اوهان سان ملڻ تمام ضروري ۽ گهٽو اهم آهي."

"۽ هن ٻيو ڪجهه ته نہ چيو؟"

"هن مون سان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪئي، جيڪا اعتراف جي دائري ۾ اچي ٿي."

"اوهين اها ڳالهه ٻولهه ورجائي سگهندؤ؟ ممڪن آهي ته ان مان مونکي ڪجهه سمجهڻ ۾ مدد ملي ته هن مونسان ڪهڙي ڳالهه ڪرڻ ٿي چاهي."

"اهو ممڪن ڪونهي." پادريءَ جي اکين مان سختي جهلڪڻ لڳي. "اعتراف هڪ سگورو راز هوندو آهي. اهو ڪنهن تي ظاهر نٿو ڪري سگهجي. مونکي بي حد افسوس آهي."

ڪرسٽوفر پادريءَ کان موڪلائي هيٺ هليو آيو ڪار ۾ ويهي هن ڪيرن کي ٻڌايو ته هتي اچڻ بيڪار ثابت ٿيو.

"توکي اندازو ڪونهي ته هن توکي ڇا ٻڌائڻ ٿي چاهيو." ڪيرن پڇيو. "مونکي بلڪل اندازو ڪونهي." ڪرسٽوفر فڪرمنديءَ مان چيو "پر آئون اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪندس ته ڪيس مرڻ مهل، منهنجو خيال چو آيو. جڏهن ته آئون سندس ايترو ويجهو نہ هئس."

"پر آئون اٽارني جنرل جي حيثيت سان ان جو جانشين ته بهرحال آهن."

"اهوئي ته آئون به سوچي رهيو آهيان." ڪرسٽوفر خود ڪلامي جي انداز ۾ چيو "ان معاملي جو واسطو ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان منهنجي ڪم سان آهي ؟ اها ڳالهه بنهه اهم هوندي، جيڪا موت جي ايترو ويجهو هوندي به هن جي ذهن تي سوار رهي، منهنجي لاءِ هو جاڻڻ بي حد ضروري آهي ته هن مونکي ڇا ٿي چوڻ چاهيون آئون اهو ضرور جاڻندس."

ڪيرن هن جو هٿ مضبوطيءَ سان جهلي ورتو. "منا! پاڻ کي ايترو گهٽو ملوث به نہ ڪر. آئون پنهنجي ڳالهه جي وضاحت نٿي ڪري سگهان. پر آئون ڏڃان ٿي ۽ ڏپ جي پاڇن ۾ زندگي گذارڻ مونکي سنوناهي لڳندو."

"۽ مونکي ڳجهارتون سڻيون نہ لڳنديون آهن." ڪرسٽوفر ڪار جي دريءَ مان ٻاهر اونداهه ۾ گهوريندي چيو.

•

ڪرنل بيڪسٽر جي تدفين مئي جي هڪ پنل ڏينهن ٿي. آمريڪي صدر به هن جي تدفين ۾ شرڪت ڪئي. فادر ڊوسڪي آخري دعا گهري هن ڪانپوءِ ڏڪارا، پر بار لاهڻ تي مطمئن شرڪت ڪندڙ ٻيهر زندگي جي هڙ وڙ ڏينهن موٽي ويا. ڊائريڪٽر ورنن ٽامسن، سندس ڊپٽي هيري ايڊورڊ ۽ اٽارني جنرل ڪولنس گڏجي آيا هئا ۽ گڏ ئي واپس موٽيا.

ايف بي آئي جي هڪ ايجنٽ هن جي لاءِ ٽامسن جي ڪار جو دروازو کوليو. هو ٽيئي ڪار ۾ ويهي رهيا. ڪار رواني ٿي. ڪجهه دير خاموشي رهي پوءِ ٽامسن چيو "آئون بيڪسٽر جو وڇوڙو شدت سان محسوس ڪندس، تون تصور به نٿو ڪري سگهين ته اسين پاڻ ۾ ڪيترو نه ويجها هئاسين. هن سان ڪچهري ڪندي مونکي بي حد خوشي ٿيندي هئي."

"هائو! ڪرنل بيڪسٽر سڀ ماڻهو هو." هيري ايڊورڊ چيو هو ڊائريڪٽر جي ها ۾ ها ملائڻ جو عادي هو. ڪيس ٽامسن جو پڙاڏو قرار ڏنو ويندو هو.

"آئون به ڪيس مس ڪندس." ڪرسٽوفر چيو. "هن جي ڪري ئي اڄ آئون هن هنڌ تي آهيان."

"مونکي افسوس ان ڳالهه جو آهي ته هو 35هين ترميم جي منظوري ڏسي نه سگهيو. ان ترميم تي هن وڏي محنت ڪئي هئي. ماڻهون ان جو ڪريڊٽ صدر کي ٿا ڏين. پر حقيقت ۾ ترميم ڪرنل جو ڪارنامو آهي. ڪرنل کي موسٽ ارجنٽ ڪم قرار ڏيندو هو."

لفظ "ارجنٽ" تي ڪرنل چرڪيو. اسپتال ۾ پادريءَ به اهوئي چيو هو ته ڪرنل بيڪسٽر هن سان ملڻ کي اهم ۽ ضروري چيو هو. ان جو مطلب اهو ٿو ته ڳالهه 35هين ترميم بابت به ٿي پي سگهي. ڪرسٽوفر جي لاءِ اهو ڳجهه نهيرڙ بي حد ضروري هو. هن ٽامسن کان شروعات ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ڪيس سڄي ڪهاڻي ٻڌايائين "پر منهنجي پهچڻ کان ڏهه منٽ اڳ ڪرنل گذاري چڪو هو."

"هونهه عجيب ڳالهه آهي." ٽامسن ڪنڌ ڌوڻي چيو "ترڪي خ ر نه پئي ته اها اهم ڳالهه ڪهڙي هئي" "اهوئي ته مسئلو آهي ڪرنل مرڻ کان اڳ فادر ڊوسڪي سان ڳالهايو هو. پر فادر ڊوسڪي مونکي ڪجهه ٻڌائڻ جي لاءِ تيار نه آهي. هن جي خيال ۾ اهو اعتراف جي سگورپ جو مسئلو آهي." ڪرسٽوفر

ٻڌايو. "هاڻ آئون سوچي رهيو آهيان ته ان سلسلي ۾ تون منهنجي مدد ڪري سگهين ٿو. مونکي يقين آهي، ڳالهه منهنجي ڪم بابت ئي هوندي. ممڪن آهي ته ان سلسلي ۾ تنهنجي به ڪرنل سان ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي هجي. آئون وڏي مونجهاري ۾ آهيان."

ٽامسن ڪجهه گهڙيون شوفر جي پٺ کي گهورينڊو رهيو پوءِ چيائين. "مُنجهي ته آئون به پيو آهيان. مونکي ياد نٿو پوي ته ڪرنل بيماريءَ کان اڳ مونسان خاص موضوع تي ڳالهه ٻولهه ڪئي هجي. آئون ته فقط ايترو ڄاڻان ٿو ته هو 35هين ترميم کي جلد منظور ڪرائڻ جو خواهشمند هو. چو ته هن جي خيال ۾ ان ۾ئي ملڪ ۽ قوم جي بقا هئي. ٿي سگهي ٿو ته هو ترميم جي سلسلي ۾ توکي ڪجهه ٻڌائڻ چاهيندو هجي..... مثال طور ترميم جي اهميت."

"ٿي سگهي ٿو ته ائين هجي، پر مرڻ مهل به هن مون سان ڳالهائڻ کي ارجنٽ قرار ڏنو هو. آئون فادر ڊوسکيءَ کان ڳالهه ڪيڻ جي هڪ ٻي ڪوشش ڪرڻ جو سوچي رهيو آهيان."

هيري ايڊورڊ اڳيان جهڪندي چيو. "اجايو وقت وڃائيندين تون پادرين کي نٿو سڃاڻين. انهن کان ته فقط خدا ئي ڪجهه ڪيائي سگهي ٿو. بندي جي ڪهڙي مجال."

"هيري ٺيڪ پيو چوي" ٽامسن تائيد ڪئي. پوءِ دري مان ٻاهر ڏسندي چيو. "واهه! اسين انصاف کاتي پهچي وياسين..... گهر اچي ويو."

ڪرسٽوفر ڪار مان لهندي ٽامسن جو ٿورو مڃيو. هو آفيس ڏانهن وڌيو ئي مس جو ٽامسن کيس سڏيو. ڪرسٽوفر مڙي پرڀان ڏٺو. "تون سامان وغيره ناهي وٺ..... متان ايندڙ هفتي توکي ڪيليفورنيا وڃڻو پوي."

"آئون تيار رهندس." ڪرسٽوفر وراڻيو ۽ اڳيان وڌي ويو. ڊائريڪٽر جي ڪار اڳيان وڌي وئي. رستي جي ٻئي پاسي اينڊ بي آءِ جي "ايڊگر هوور بلڊنگ" هئي. ڪار ۾ ويٺ کانپوءِ ٽامسن هيريءَ کان پڇيو. "تو سنجو ڪهڙو رايو آهي؟ بيڪسٽر، ڪرسٽوفر کي چاڻي ٻڌائڻ چاهيو؟"

"آئون ڄاڻڻ چاهيندس ڪهان چيئه"

"ٿي سگهي ٿو ته آخري وقت ۾ ڪرنل سو ڪجهه ڳالهايو پيو هجي. هو ڏاڍو بيمار هو ڪو ڪرڻ جي چڪر ۾ هجي."

"ٿي سگهي ٿو پر حتمي طور تي ڪجهه به چئي نٿو سگهجي. هونئن اهو

چگو بہ ٹیو. جو هن جي ڪرسٽوفر سان ملاقات ٿي نہ سگهي... هو ڪجهہ چئي نہ سگهيو."

"ٿي سگهي ٿو تہ هن ڪجهہ چيو هجي..... ڪرسٽوفر ٻڌايو تہ هن پادريءَ سان ڳالهايو هو."

"توکي خبر آهي چيف تہ مرڻ واري کي فقط پنهنجي عاقبت جو فڪر هوندو آهي. هو پنهنجي ڪم بابت ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪندو آهي. هن فقط پنهنجي گناهن جو اعتراف ڪيو هوندو."

"آئون فقط ايترو ڄاڻان ٿو ٿو تہ ڪرنل جي دل ۽ دماغ تي ٻوجهہ هو ۽ هو اهو هلڪو ڪرڻ جي لاءِ بي تاب هو. آئون ڄاڻڻ ٿو چاهيان تہ هن پادريءَ کي ڇا چيو آهي."

هيري کنهاڪار ڪندي چيو "اهو تہ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پادرين کان اهڙيون ڳالهيون ڪڍڻ بي حد ڏکيو آهي."

"اسين ڏکين ڪمن جي لاءِ تہ آهيون هيري. اسان ماڻهن جو ڪم ماڻهن کان معلومات ڪڍڻ ئي تہ آهي. خاص ڪري اهڙي صورت ۾ جڏهن ان معلومات مان حڪومت کي خطرو هجي. توکي ديول ويڙهو پوندو. پادري کان دوستاڻي نموني پُڇڻ جي ڪوشش ڪر. پر جيڪڏهن سڌي نموني نڪو ميجي تہ پوءِ اسانکي ڪا اٽڪل سوچڻي پوندي هيري. اهو ڪم فوري طور ٿي ويڙ گهرجي."

"چيف توکي خبر آهي تہ آئون هر ڪم ڪري سگهان ٿو. پر ان ڪم ۾ ڪاميابيءَ جو امڪان ڪونهي."

"نہ ائين ڪونهي! تون فادر سان ملڻ کان اڳ هن بابت جاچ ڪري ڏس..... هر شخص جي زندگي جا ڪجهہ راز هوندا آهن. پادري بہ انسان هوندا آهن. پهرين هن جو راز معلوم ڪر..... ۽ پوءِ ڪائنس خاموشي جي قيمت معلومات جي صورت ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪري.... ناڪاميءَ جو تہ سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي."

"اوڪي چيف..... سمجهو تہ ڪم ٿي ويو." هيريءَ ڪنڌ ڏوڻيندي چيو.

•

تدفين کان واپس موٽڻ کان پوءِ بن ڪلاڪن تائين ٽامسن ڪم ۾ رڌل رهيو. ٽيڪ پوڻين ٻين بجي هن ڪيبينٽ مان ڪجهہ ڳجها فائيل ڪڍيا ۽ آفيس مان ٻاهر نڪري آيو. پنهنجي ڪار ۾ ويهڻ کانپوءِ هن ڊرائيور کي "اليگزينڊريا" هلڻ

جي لاءِ چيو. اهو چنڇر جو ڏينهن هو ۽ ان ڏينهن جي لاءِ اهو سندس معمول هو تہ هو مانجهاندو پنهنجي امڙ سان ڪندو هو. ماءُ جو احترام هن ايف بي آءِ جي اڳوڻي ڊائريڪٽر ايڊگر هورو کان سکيو هو. دنيا جي هر وڏي ماڻهوءَ ۾ ماءُ جي احترام جو قدر ساڳيو هوندو آهي. ٽامسن پنهنجي پر ۾ وڏو ماڻهو هو.

ڪار گهربل عمارت جي سامهون بيٺي. ٽامسن ڪار مان لهڻ کانپوءِ هڪ ڪلاڪ ترسي اچڻ جي هدايت ڪئي ۽ عمارت ۾ داخل ٿي ويو. وٽس فليٽ جي چابي هئي. هن ڳاڙهي رنگ جي سنگل الارم کي دٻائي ڏٺو. الارم بند هو جيتوڻيڪ سدائين ماڻهنس تي زور پريندو هو تہ الارم آن رکي. غنڊه گردي جي موجوده رجحان جي ڪري اهو ايڏا ضروري هو.

هو دروازو کولي اندر گهڙيو. ماڻهنس سدائين جيان آرام ڪرسيءَ تي ويٺي ٿي وي ڏسي رهي هئي. هن اسڪرين تان نظرون هٽائڻ کانسواءِ هٿ جي اشاري سان آڏر ياءُ ڪيس. ٽامسن ماءُ جو نرڙ چميو. ماڻهنس مرڪي. "ماني تيار آهي، هي پروگرام به ختم ٿيڻ وارو آهي. تون جيڪٽ لاهي ويهہ!" اهو چئي هوءَ پروگرام ۾ کوڙجي ويئي.

ٽامسن فائيل هڪ پاسي رکيا؟ جيڪٽ لاهي ڪرسي جي پٺيءَ تي ٽنگيو ۽ کيسي مان سگار ڪڍي دکايو.

پروگرام ختم ٿيڻ کانپوءِ هنن ماني کاڌي. ماني جي دوران ٽامسن ماڻهنس کي ڪرنل بيڪسٽر جي تدفين جي باري ۾ ٻڌايو. ماني کانپوءِ ماڻهنس پڇيو. "پي کا نئين تازي؟"

"پهرين اوهين ٻڌايو." ٽامسن چيو اهو سڀ ڪجهه هفتي جي منجهند جي معمول ۾ شامل هو. جواب ۾ روزا ٽامسن سڀ افواهه کيس ٻڌايا. هاڻ ٽامسن جو وارو هو. هن هيري ايڊورڊ جي فڪر سان شروعات ڪئي.

"هيري ڪيئن آهي؟" ماڻهنس پڇيو.

"خوش آهي ..... اوهان جي باري ۾ پڇندو رهندو آهي." ٽامسن چيو ۽ پوءِ نئين اٽارني جنرل ڪرسٽوفر ڪولنس جو ذڪر ڪيو.

"ورنن..... اهو ڪرسٽوفر سٽو ماڻهو آهي نہ؟" ماڻهنس پڇيو.

"فلحال تہ ڪجهه چئي نٿو سگهجي. اڳتي هلي خبر پوندي." انڪانپوءِ آمريڪي صدر ايف بي آءِ جي ياڇوڪڙ ڏوهارين کان ٽيندي ٽيندي ڳالهه ويڃي 35هين ترميم تائين پهتي. ٽامسن انومان ظاهر ڪيو.

"چو پيو پريشان ٿئين ورنن؟ 35هين ترميم پاس ٿي ويندي" ماٺهنس کيس دلاسو ڏنو.

"اسانکي هڪ رياست جي حمايت گهربل آهي ۽ فقط هڪ ئي رياست وڃي بچي آهي."

"مونکي پڪ آهي ته تون هارائي نٿو سگهين!"

ڊرائيور جي واپسيءَ ۾ ڏهه منٽ باقي هئا. اهو ملاقات جو آخري مرحلو هو. هاڻ فائلن جو وارو هو. روزا ٽامسن کي اهو مرحلو ڪافي سٺو لڳندو هو. ٽامسن وڏن ماٺهن بابت جاچ ڪانپوءِ جيڪا ڄاڻ حاصل ڪندو هو اها هر هفتي کيس ٻڌائيندو هو. افواهه پسند روزا ٽامسن جي لاءِ اها معلومات تسڪين جو سبب هوندي هئي.

ٽامسن ڳجها فائيل کوليا ۽ ماٺهنس جي پسند جا اداڪار جي نجي زندگي جا راز بيان ڪرڻ شروع ڪيائين. ان ڪانپوءِ ڪانگريس جي هڪ عورت ميمبرياٽي جو وارو آيو. روزا ٽامسن جي اکين جي چمڪ هر گهڙي وڌندي ويئي ٽامسن پنجن ڳجهن فائيلن جو متن ماٺهنس کي ٻڌائي ڇڏيو.

"تون ڪيڏو نه سٺو پٽ آهين ورنن.... ماءُ جو خيال رکڻ وارو...."

"مهرباني امان."

روزا کيس ڇڏڻ جي لاءِ دروازي تائين آئي. هن پٽ جي چهري کي ڏيان سان ڏسندي چيو. "اڃڪلهه تنهنجون پريشانيون وڌي ويون آهن نه.....؟"

"هائو امان! وقت ڏاڍو خراب اچي ويو آهي. 35هين ترميم منظور نه ٿي ته خدا ڄاڻي هن ملڪ جو ڪهڙو حشر ٿيندو."

"تون سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪري ونڊين. مونکي پڪ آهي.... تون جي ملڪ جو صدر هجين ها ته به گهڻو ڪامياب ثابت ٿين ها!" روزا ٽامسن محبت واري لهجي ۾ چيو.

"ٿي سگهي ٿو ته ڪنهن ڏينهن آئون صدر کان به وڏو ماٺهو بڻجي وڃان." ٽامسن فليٽ مان ٻاهر نڪرندي چيو.

•

اهو ڏينهن اٽارني جنرل جي لاءِ بيحد ٽڪائيندڙ ڏينهن هو. ڪم ايترو ته گهڻو هو جو ڪيس مانجهاندو ڪرڻ جي مهلت به ملي نه سگهي. اهو ئي ڪارڻ هو

جو 36گھنٽيءَ جي ان هوٽل ۾ پنهنجي زال ۽ ٻن دوستن سان گڏ ڊنر ڪندي هو. هيڪيئن جيان ماني کائي رهيو هو. پال هرلڊ ۽ سندس زال روٿ هلرڊ هنن سان ڊنر ۾ شامل هئا.

هلرڊ سان ڪرسٽوفر جا نهايت پراڻا لاڳاپا هئا. پال هلرڊ هاڻ جونيئر سينيٽر هو. هو نرم طبيعت وارو هو ۽ سندس طبيعت ڪافي متاثر ڪندڙ هئي. ڪرسٽوفر ڪيليفورنيا وائين جو آرڊر ڏيڻ جو ارادو ظاهر ڪيو تہ پال هلرڊ خوشدليءَ مان چيو "جيتوڻيڪ ڪيلفيورنيا وائين مان منهنجي دل پرجي چڪي آهي، پر ڪيليفورنيا مان نہ پري آهي. آئون ڪيلفورنيا جي سلسلي ۾ توسان ڳالهائڻ ٿو چاهيان..... چو تہ هاڻ جيڪو ٿيندو سو ڪيليفورنيا ۾ ئي ٿيندو."

"تنهنجو اشارو شايد 35هين ترميم طرف آهي." ڪرسٽوفر پڇيو "هائو! اوهيو جي ووٽنگ ڪانپوءِ مونکي لڳاتار ڪيليفورنيا مان فونون اچي رهيون آهن."

"ڪيليفورنيا جي ڪهڙي رپورٽ آهي؟"

هلرڊ پائپ ڪائيندي چيو "آثار تہ اهي ئي آهن تہ ترميم جي حق ۾ ووٽ ايندو. ٻڏو اٽم تہ ڪيليفورنيا جو گورنر ايندڙ هفتي ترميم جي حق ۾ هٿ جو اعلان ڪندو."

"صدر ڪلبرٽ کي گهٽي خوشي ٿيندي"

"ڪنهن سان ذڪر نہ ڪج، پر حقيقت اها آئي تہ صدر ۽ گورنر جي وچ ۾ ناهہ ٿي چڪو آهي. تہ گورنر پنهنجو مدو پورو ڪرڻ ڪانپوءِ سينٽ جي چونڊ وڙهندو ۽ صدر صاحب سندس مدد ڪندو. افسوس بي حد افسوس." ڪرسٽوفر چرڪيو "چو پال! ان ۾ ڪهڙي خرابي آهي."

"وڏا ماڻهو 35هين ترميم جي حق ۾ سهمت ٿي چڪا آهن."

"منهنجو خيال آهي تہ تون پاڻ بہ ترميم جي حق ۾ آهين"

"آئون نہ ان جي خلاف هئس ۽ نہ حمايت ۾. آئون تہ رڳو تماشائي هئس. منهنجو خيال هو تہ تون بہ تماشو ڏسندڙن مان آهين. پر هاڻ ڳالهہ اسانجي گهر تائين اچي پهتي آهي. هاڻ آئون ان ۾ ملوث ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان."

"تہ تون ان ترميم جي خلاف آهين؟"

پال هاڪار ۾ ڪنڌ ڌڻيو. هن جي زال روٿ چيو "پال تڪڙ نہ ڪر. پهرين اهو ڏس تہ ماڻهن جي ان سلسلي ۾ ڪهڙي راءِ آهي."

"جيستائين اسين پنهنجي محسوسات کي نہ سمجهنداسين. ماڻهن جا

احساس ۽ سمجهي نہ سگهنداسين. ماڻهو صحيح يا غلط فيصلو ڪرڻ جي لاءِ پنهنجن اڳواڻن طرف ڏسي رهيا آهن. ڏسو نہ! اسان ماڻهن جي ذميداري..."

"۽ توکي صحيح يا غلط جي باري ۾ يقين ٿي چڪو آهي؟" ڪرسٽوفر پُڇيس.

"آئون يقين طرف وڌي رهيو آهيان. ڪيليفورنيا مان ملندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ 35هين ترميم مونکي اهڙي اينٽي ايئرڪرافٽ (جهاز مار توپ) معلوم ٿي ٿئي. جنهن سان پکين جو شڪار ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيو پيو وڃي. ٽوني هيرس جو ۽ اهو ئي خيال آهي. هو ترميم جي خلاف جنگ جي لاءِ ڪيليفورنيا پهچي رهيو آهي."

ڪرسٽوفر کي ٽوني هيرس جي باري ۾ ڊائريڪٽر ٽامسن جو رد عمل ياد آيو هن چوڻ شروع ڪيو "ٽوني هيرس اعتبار جوگو ماڻهو ڪونهي. هن 35هين ترميم جي مخالفت کي انتقام جو ذريعو بنائي ورتو آهي. هن جي اصل ويڑهه ترميم جي خلاف ڪونهي. پر ورنن ٽامسن جي خلاف آهي. فقط ان لاءِ ته ٽامسن ڪيس ايف بي آءِ مان ڪڍيو هو."

"تنهنجي خيال ۾ اها حقيقت آهي؟"

"مون ته اهوئي ڪجهه ٻڌو آهي. پر مون ان سلسلي ۾ چنڊ چاڙ نہ ڪئي آهي."

"ته پوءِ چنڊچاڙ ڪر. چو ته مون ٻيو ڪجهه ٻڌو آهي. ٽوني هيرس ايف بي آئي کان بد دل ٿي ٻيو هو. هو ڪجهه اهڙن اسپيشل ايجنٽن جي مدد ڪري رهيو هو جن جي پويان ذاتي سببن جي ڪري ٽامسن لڳل هو. ان ڏوهه جي ڪري ٽامسن، ٽوني جي بدلي ڪرڻ چاهي. پر ٽوني استعفيٰ ڏيئي ڇڏي ته جيئن ايف بي آئي جي سڌاري ۾ انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪليل نموني ڪم ڪري سگهي. اهو افواهه ٽامسن پکيڙيو آهي ته ٽوني هيرس کي ايف بي آئي مان ڪڍيو ويو آهي."

"ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي" ڪرسٽوفو چيو. "اصل ڳالهه ته اها آهي ته تون ترميم جي مخالفن سان مليل آهين."

"هائو ڪرس! مونکي اها ترميم بي حد خطرناڪ ٿي لڳي. آئون ان جي مقصدن کان واقف آهيان. مونکي ڊپ آهي ته ان جو غلط استعمال ڪيو ويندو. مونکي اهو خدشو پريشان ڪري رهيو آهي."

"ان جو هاڪاري پهلو به آهي پال! اها ڏوهن جي پاڙ پٽڻ ۾ ڪم ايندي. ڪيليفورنيا کي ئي ڪٿي وٺ هن وقت ڏوهن جو تعداد ڪيترو نہ وڌي ويو آهي."

"واقعي!"

"واقعي مان چا مطلب؟ تو ايف بي آئي جي فراهم ڪيل انگ اکر ڏنا هوندا."

"انگ اکر؟ ان سلسلي ۾ تہ آئون توسان ڳالهائڻ ٿو چاهيان. آئون هيڪي رهيو هئس. چو تہ اهو تنهن جي ڪاتي جو معاملو آهي. مونکي ڊپ هو تہ متان تون ناراض نہ ٿي پئين!"

"آئون چو ناراض ٿيان. ۽ ٻيو تہ پال اسين سڀ دوست پڙ آهيون. تون مون سان ڪلي ڳالهائي سگهين ٿو."

"ٺيڪ آهي تہ پوءِ ٻڌاءِ! ڪلهہ مونکي اولن ڪيف فون ڪئي هئي. هن جيڪو ڪجهہ ٻڌايو اهو منهنجي لاءِ پريشان ڪندڙ آهي. اولن ڪيف، سان فرانسسڪو مان ڪيليفورنيا جي دستور ساز اسيمبلي جي لاءِ چونڊيو آهي. ڏاڍو پلو ماڻهو آهي. توکي ساڻس ملي گهڻي خوشي ٿيندي. بهرحال هو هڪ ڪميشن جو ميمبر آهي. ڪميٽي جي ڪم جي سلسلي ۾ مقامي پوليس جي ڪجهہ آفيسرن جي هن سان ملاقات ٿي. انهن مان ٻن شڪايت ڪئي تہ ايف بي آئي سندن پوزيشن خراب پئي ڪري. سندن چوڻ آهي تہ ڏوهن جي سلسلي ۾ هو ٽامسن کي جيڪي انگ اکر ڏين ٿا. اخبارن ۾ چيڀندڙ انگ اکر انهن کان مختلف ۽ وڌيڪ هوندا آهن. يعني اوهين انهن کي بدلايو ٿا."

"هرگز نہ! انگ اکر ٽامسن گڏ ڪندو آهي. منهنجو ڪم فقط هن جي ڏنل انگن اکرن کي پريس ۾ ڏيڻ آهي." ڪرسٽوفر چڙي چيو. "هونئن تون چوڻ چاٿو چاهين؟"

"آئون توکي ٻڌائي رهيو آهيان تہ اولن ڪيف جي خيال ۾ ٽامسن ڏوهن جي انگن اکرن کي گهٽو وڌائي چڙهائي پيو پيش ڪري. خاص ڪري ڪيليفورنيا ۾ ٽيندڙ ڏوهن کي!"

"هو ايئن چو ڪندو؟ اها ڳالهہ منهنجي نڙيءَ کان هيٺ نٿي لهي!"

"ڳالهہ سڏي پئي آهي. ٽامسن انهن انگن اکرن جي ذريعي ڪيليفورنيا جي اسيمبلي ميمبرن کي ڊيڄاري رهيو آهي تہ هو ترميم جي حق ۾ ووٽ ڏين."

"ڏس! مونکي خبر آهي تہ ٽامسن ان ترميم جو وڏو حامي آهي. پر هو ايترو خطرو ڪٽي نٿو سگهي. پلا ڪيس 35 هين ترميم مان چا ملندو؟"

"طاقت."

"اها ڪيس هينئر ۾ حاصل آهي."

"ايتري ڪونهي، جيتري ترميم تي عمل ڪرڻ جي صورت ۾ قومي سلامتي جي چيئرمين جي حيثيت سان ڪيس حاصل ٿيندي."

ڪرسٽوفر نهڪار ۾ ڪنڌ ڏوٽيو. "آئون يقين نٿو ڪري سگهان پال ..... آئون گذريل ارڙهن مهينن کان انصاف ڪاتي ۾ آهيان. آئون اندرين ڳالهه ڄاڻان ٿو. تون ۽ تنهنجو اولن ڪيف بي خبر آهيو..... اندرين حال کان اڻ ڄاڻ....."

"منهنجي ڳالهه چڏ پر اولن ڪيف گهٽو ڪجهه ڄاڻي ٿو ڪرس! تون ڪيليفورنيا وڃڻ وارو آهين، اتي خود اولن ڪيف سان ملي ونج..... هو توکي حقيقتون ٻڌائيندو..... اها بي ڳالهه آهي ته تون هن سان ملڻ ئي نه چاهين."

"توکي خبر آهي ته آئون حقيقت کان منهن نه موڙيندو آهيان." ڪرسٽوفر تکي لهجي ۾ چيو. "تون منهنجي ساڻس ملاقات طئي ڪرائي چڏ..... آئون هن سان ضرور ملندس."

"۽ ڪليل ذهن سان هن جون ڳالهيون ٻڌج ڪرس! هن ملڪ جي قسمت جو فيصلو هاڻ ڪيلفورنيا جي هٿ ۾ آهي. تون هن جون ڳالهيون ٻڌج ۽ پوءِ فيصلو پاڻ ئي ڪري ونج!"

•

ينگ ٻنپهرن ڏاري "ايڊگرهوور بلڊنگ" ۾ داخل ٿيو. گذريل ڇهن مهينن کان هفتي ۾ هڪ ڏينهن ورنن ٽامسن سان ملڻ هن جي پروگرام ۾ شامل هو. هن جي ويهڙ ڪانپوءِ ٽامسن فون تي ڪنهن کي ٻڌايو ته هو هاڻ آمريڪي صدر ڪانسواءِ بي ڪنهن جي به فون رسيو نه ڪندو. پوءِ اتي هن پنهنجي آفيس جي ٻنهي دروازن کي بند ڪيو. هو پنهنجي آتم ڪٿا جي سلسلي ۾ ٽيندڙ ان ملاقات مان گهٽو لطف اندوز ٿيندو هو. فقط ان ڪري ته ڳالهه ٻولهه جو مرڪز هو پاڻ هوندو هو.

ينگ کي انهن ملاقاتين ۽ خود ورنن ٽامسن کان نفرت هئي. ينگ کي ايف بي آئي سان محبت هئي. چاڪاڻ ته اهو هڪ ڏرت ۽ اثرائتو ادارو هو. ايف بي آئي جي ريڪارڊ روم ۾ پنجويهن ڪروڙ ماڻهن جون فنگر پرنٽس موجود هيون. ايف بي آئي هڪ ادارو نه پر هڪ راڪاس هو جنهن جي پهچ تمام پري پري تائين هئي. پر ورنن ٽامسن سان هن جي پهرين نظر جي نفرت جو رشتو هو. ٽامسن خود پنهنجي سوانخمري لکرائڻ جو خواشمند هو. ۽ الائجي ڪنهن ان سلسلي ۾ ينگ جي نالي جي رٽ ڏني هئي. ٽامسن ينگ جا به ڪتاب پڙهيا هئا ۽ ڪيس سندس

لکڻ جو انداز بي حد وڻيو هو. پر ينگ انڪار ڪري ڇڏيو. پر ٿوري مزاحمت کانپوءِ جيڪا ٽامسن جي بليڪ ميلنگ جي اڳيان دم ٽوڙي ويئي. هو ٽامسن جي سوانح عمري لکڻ تي مجبور ٿي پيو. هان ان قبوليت کي ڇهه مهينا ٿي چڪا هئا.

ينگ پورٽيبل ريڪارڊر ميز تي رکيو. پوءِ نوٽس ڪڍي هنج ۾ رکيائين. هو ان سيشن جي تياري ڪري آيو هو. اڳوڪو موضوع ڪيس گذريل ملاقات ۾ ٻڌايو ويو هو. هن ٽيپ ريڪارڊ جي ريڪارڊنگ وارو بٽڻ دٻايو.

"اسين ايڊگر هوور جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين." ٽامسن استارٽ ورتو "آئون جيڪو ڪجهه آهيان ان جي ڪري ئي آهيان 1972ع ۾ هن جي چالاڪي کانپوءِ مون گري، ريڪل ۽ ڪيلي مان ڪنهن سان به گڏ ڪم ڪرڻ پسند نه ڪيو هو سپ چڱا ماڻهو هئا. پر جنهن ايڊ گر هوور سان گڏ ڪم ڪيو هوندو. اهو ڪنهن پي سان گڏ هلي نٿو سگهي. تنهنڪري مون استعفيٰ ڏيئي، پنهنجي جاسوسي ايجنسي کولي. پر پوءِ صدر صاحب، مونکي ايجنسي بند ڪرڻ ۽ بيورو جي سربراهي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. منهنجو خيال آهي ته اهو سپ ڪجهه آئون توکي اڳ ۾ئي ٻڌائي چڪو آهيان."

"هائو! مون اهو ايڊٽ ڪري اسڪرپٽ تيار ڪري ورتو آهي." ينگ ٻڌايو.

"ان وقت جي حالتن موجب صدر کي اولڊ مين جي ضرورت هئي، اسين بيورو وارا ايڊگر هوور کي اولڊ مين چوندا هئاسين.... ته آئون چئي رهيو هئس. اولڊ مين جي ضرورت هئي. پر مرڻ وارو ڪڏهن ڪنهن جي ضرورت پوري ڪندو آهي. متبادل صورت اها هئي ته ايڊگر هوور جي نقش قدم ٿي هلندڙ ڪنهن شخص کي موقعو ڏنو وڃي. چونڊ جي نظر مون تي پئي ۽ يقين ڪريو ته صدر کي پنهنجي فيصلي تي پڇتائڻو نه پيو. پر حقيقت اها آهي ته مهينو ڪن اڳ صدر منهنجو هٿ جهلي چيو "ٽامسن جيڪو ڪجهه ڪيو آهي اهو ڪڏهن ايڊگر هوور به ڪري نه سگهيو. يقين ڪر ته آمريڪي صدر لفظ به لفظ اهوئي چيو هو."

"مونکي ياد آهي." ينگ چيو "اهوتمام وڏو خراج تحسين آهي." "پر ينگ آئون اهو نٿو چاهيان ته ڪتاب ۾ اها منهنجي تعريف لڳي. پر اها اولڊ مين جي واکاڻ ٿئي گهرجي ته جيئن پڙهندڙن کي خبر پوي ته آئون اولڊ مين جو ڪيترو نه احترام ٿو ڪريان. ۽ مون کانئس ڪيترو نه سکيو هو."

"ٺيڪ آهي سائين! آئون هونئن به سڄو هفتو ايڊگر هوور جي باري ۾ پڙهندو رهيو آهيان."

"جيڪڏهن ڪجهه پڙهيو اٿئي اهو وساري ڇڏ! ظالم صحافين اولاد مين سان ڪڏهن به انصاف نه ڪيو. خاص ڪري پوئين دور ۾ منهنجون ڳالهيون ڏيان سان ٻڌڻ ۽ هر ڳالهه احتياط سان لک ته جيئن ڪا غلطي وغيره نه رهي."

"اوهين اُلڪو نه ڪريو سائين! ٽيپ ريڪارڊ ڪڏهن به غلطي نه ڪندو آهي."

"واهه! اهوته آئون هر هر وساري ٿو ويهان. خير! ته اهو ايڊگر هوور ئي هو جنهن قانون لاڳو ڪرڻ وارن ادارن ۾ پروفيشنلزم متعارف ڪرايو. هن روايتي پوليس مين جي تصور کي غلط ثابت ڪيو ۽ اسان کي عزت ڏياري. هن کان اڳ ايف بي آئي کي حڪومتي ايوان ۾ ڏوهارين جو نمائندو سمجهيو ويندو هو. جڏهن ايڊگر هوور ايف بي آئي جوائن ڪئي ته هن جي عمر 29 سال هئي. ان وقت ايف بي آئي جي ملازمن جو تعداد 657 هو. جڏهن ته هن جي چالاڪي وقت اهو تعداد ويهن هزارن جي لڳ ڀڳ هو. ڪرائيم ليبارٽري ۽ فنگر پرنٽس جو نظام هن ئي قائم ڪيو. سکيا جي لا اڪيڈمي به هن ئي قائم ڪئي. سينٽرل ڪمپيوٽر به هن جو ئي ڪارنامو آهي. جنهن وٽ لڳ ڀڳ ٽيهن لکن ماڻهن جو ريڪارڊ موجود آهي. اهي سڀ اولاد مين جا ڪارناما آهن. هن جي ۽ منهنجي عهد ۾ ايف بي آئي جو ڪو ايجنٽ نه ڪنهن ڏوهه ۾ ملوث ٽيو نه ئي ڏوهارين جي مدد ڪئي هئي. اها ڪا معمولي ڳالهه ڪونهي. پوءِ انهن خطرناڪ ڏوهارين جا نالا ياد ڪر، جن کي اولاد سين سزا ڏياري. انهن جا نالا ياد ايندي ئي هاڻ به تنهنجا وار ڪانڊارجي ويندا. جيتوڻيڪ اهي هاڻي مري چڪا آهن. انهن ڏوهارين جي فهرست هڪ ڪلوميٽر ته ضرور ڊگهي هوندي."

"اڙ ڪلوميٽر ڇئو!" ينگ دل ئي دل ۾ چيو. ٽامسن سڀ کان وڏي سوپ کي ته چڏي ڏنو هو. ايڊگر هوور پنهنجي ڊگهي ڪيريئر ۾ مافيا کي نظر انداز ڪري چڏيو هو. هو ته مافيا جي وجود کان به نابري واريندو هو. 1963ع ۾ ويلاچيءَ زبان کولي ته هوور پهريون پيرو تنظيم جي وجود کي مڃيو. اولاد مين جا حامي ان سلسلي ۾ اها وضاحت پيش ڪن ٿا ته ايڊگرهوور کي ڊپ هو ته مافيا سان الجهڻ جي صورت ۾ مافيا وارا سندس ايجنٽن کي به مقامي پوليس جيان خراب ڪري چڏيندا. رشوت جو عادي بڻائي چڏيندا. ايئن سندس ريڪارڊ خراب ٽيندو ويندو. مخالفن جو چوڻ آهي ته مافياسان مهاڏو اٽڪائڻ جي صورت ۾ ايڊگرهوور جي ڪاميابي جا انگ اکر گهٽجي وڃن ها ۽ ڪاميابي جو گراف هيٺ اچي وڃي ها.

ينگ کي ايڊگر هوور جا کجهه ٻيا کارنامہ پڙ ياد هئا. جن جو ٿامسن ذکر نہ کيو هو. هوور ڊاڪٽر مارٽن لوٿر ڪنگ جو نيئر کي ڪوڙو قرار ڏنو هو. هن مارٽن جي فون ٽيپ ڪرائي هئي ته جيئن هن جي جنسي زندگيءَ جو ريڪارڊ حاصل ڪري سگهجي. هن اڳوڻي اٽارني جنرل ڪلارڪ کي ڏوڻو هو. فادر ٻيرگن ۽ جنگ جي مخالف ٻين پادرين کي سازشي ۽ غدار قرار ڏيئي، انهن جي خلاف ڪيس ٺاهيا هئا. هو غير قانوني طور تي ڪانگريس جي ميمبرن جا ڏينهن ۽ راتيون ريڪارڊ ڪندو رهيو هو. جيڪا ڳالهه بنيادي حقن جي توهين برابر هئي. ينگ کي پيٽ هيمل جو هڪ ڪالم ياد اچي ويو. جيڪو هن ايجا ڪالهه پڙهيو هو. پيٽ هيمل لکيو هو "گذريل ڏيهن سالن ۾ ايڊگرهوور کان وڌيڪ ٻيو ڪو اسان کان اسانجو يقين ۽ پروسو کسي نہ سگهيو. هن انساني آزاديءَ کي پامال ڪرڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. هن سياسي اختلافن جي بنياد تي بليڪ ميل ڪيو ۽ ماڻهن جي ذاتي ڪمزورين جي بنياد تي ڪيس قائم ڪيا." پر ينگ اهو سڀ ڪجهه ٿامسن کي نہ ٻڌائي رهيو هو. چو ته سندس چگهائي ان ۾ هئي.

"هاڻ آئون توکي هوور جي باري ۾ هڪ اهڙي ڳالهه ٻيو ٻڌايان جنهن کان فقط ٿورا ماڻهو ئي واقف آهن." ٿامسن چئي رهيو هو. "ڪنهن بہ شخص کي سمجهڻ جي لاءِ هن جو ماءُ پيءُ سان اختيار ڪيل رويو بي حد ڪارائتو ثابت ٿئي ٿو. هوور ٽيتاليهن سالن جي عمر تائين پنهنجي ماءُ سان رهيو هو. ڇا اهو سندس عظمت جو ثبوت ڪونهي." ينگ کي فرائيڊ جو خيال آيو. "هڪ ڳالهه ٻي ٻڌايان۽ ته ماڻهون هوور جي عزت ڇو ڪندا آهن هوور ستر سالن جو هو. انهن ڏينهن صدر جانسن تي زبردست دٻاءُ وڌو ويو ته ايڊگرهوور کي عهدي تان هٽايو وڃي. صدر جانسن جي لڳاتار انڪار تي ڪنهن صدر کان انڪار جو سبب پڇيو. ر وراٽيو "آئون وائٽ هائوس تي ٻاهران اچلايل گندگيءَ کان بچڻ ٿو چاهيان." تون ڪتاب ۾ لک ته صدر اها ڳالهه مونکي چئي هئي. هاڻ جانسن ۽ هوور ٻئي مري چڪا آهن. اسانجي ڳالهه جي تردید ڪرڻ وارو ڪير بہ ڪونهي."

"نيڪ آهي سائين!" ينگ سعادت مندیءَ مان چيو.

"۽ ٻڌ! گذريل هفتي مون هڪ خواب ڏٺو هو اهو بہ ڪتاب ۾ شامل ڪري ڇڏ." ٿامسن چيو "مون ڏٺو ته ايڊگر هوور مون سان ڪجهه ڳالهائي رهيو آهي. ڳالهائي لاءِ ته آمريڪا ۾ ڏوهن جي مسئلي جو اٽرائتو حل مون 35هين ترميم جي شڪل ۾ ڳولي ڪڍيو آهي. هاڻ 35هين ترميم جو ڪريڊٽ ڪنهن ٽمغي جيان سڀائين

منهنجي چاتيءَ تي لڳل هوندو. هوور مونکي چيو "ڪاش! مونکي اهو موقعو ملي ها." مون وراٽيس "منهنجي ڪاميابي اوهانجي ئي ڪاميابي آهي اوهين نہ هجو ها تہ آئون ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر نہ هجان ها." هو مرڪيو "اهو هو منهنجو خواب..... ڪيئن آهي؟"

ينگ جي جواب ڏيڻ کان اڳ ئي بزر رڙ ڪئي. ٽامسن حيران نظر اڇڻ لڳو. هن رسيور کنيو. "چا ڳالهہ آهي بيٽ؟ اوهہ! هيري آهي هو انتظار بہ ڪري ٿي سگهيو." ڪجهہ گهڙيون ٻڌڻ کانپوءِ چيائين. "بيڪسٽر ڪيس..... اوهہ..... چرچ وارو معاملو. ڪرسٽوفر ڪولنس..... ٺيڪ آهي. ٺيڪ آهي.... هيري کي چئو تہ هڪ منٽ پر واندو ٿو ٿيان." هن رسيور ڪريڊل تي رکيو ۽ ڪجهہ گهڙيون سوچيندو رهيو. پوءِ هو مڙيو ۽ ينگ کي سامهون ڏسي چرڪي پيو. "اڙي! مونکان اهو وسري ويو تہ ڪو تون موجود آهين..... تون منهنجي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي؟"

"جي!" ينگ چرڪي سوالن جي فهرست تان نظر ڪنئي. "اوهان چا چيو!؟"

"ڪجهہ بہ نہ!" ٽامسن مطمئن نظر اڇڻ لڳو. "هاڻ تون وڃ! مونکي هڪ ضروري ڪم ڪرڻو آهي. ايندڙ هفتي وقت جي ان ڪوٽ جو پورائو ڪري ونڊاسين."

ينگ پنهنجو ٽيپ رڪارڊر بند ڪيو ۽ جلدي جلدي ڪاغذن کي سنيالي بريف ڪيس ۾ رکيو. ٽامسن جيڪو ڪجهہ هن جي ڪنن تائين پهچائڻ ٿي چاهيو. سو وٽس ريڪارڊ جي شڪل ۾ موجود هو. ڪيس بس فقط ايترو ياد هو تہ ڳالهہ اڳوٽي اٽارني جنرل بيڪسٽر بابت هئي. جنهن کي گذريل ڏينهن دفنايو ويو هو. هو دل ۾ دعا گهري رهيو هو تہ ڪيس ٽامسن جي باري ۾ ڪو جواب ملي وڃي. هن پنهنجو بريف ڪيس ۽ ٽيپ ريڪارڊ ڪنيو ۽ آفيس مان ٻاهر نڪري آيو.

•

"اسان فادر ڊوسڪي جي باري ۾ تحقيق ڪئي آهي." هيريءَ ٽامسن کي ٻڌايو "ڀر ڪو خاص ڪُر پير ملي نہ سگهيو آهي. بس ماضيءَ جو رڳو هن ننڍڙو واقعو ئي معلوم ٿي سگهيو آهي. فادر ٽرينيٽ ۾ هڪ منشيات جي ڪيس ۾ ملوث ٿيو هو. پر پوليس ڪيس واپس وٺي ڇڏيو هو. پوءِ بہ اسان...."

"اهو بہ گهٽو آهي..... فادر جي لاءِ" ٽامسن هيريءَ جي ڳالهہ ڪٽيندي چيو. "تون وڃ ۽ ساٽس ڳالهائي...."

"اهو ڪم آئون اڳ ۾ ڪري چڪو آهيان چيف!" هيريءَ چيو. "مون پادريءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملاقات ڪئي ۽ ڪيس سڄي ڳالهه ٻڌائي. هن مڃيو ته بيڪسٽر ساٿس ڳالهايو هو. پوءِ هن پڇيو اسان کي بيڪسٽر جي اعتراف جي باري ۾ اٽارني جنرل ڪولنس کان خبر پئي هوندي. مون ان جي تردید ڪئي ۽ ڪيس ٻڌايو ته بيڪسٽر جيڪو ڪجهه ٻه چيو. اهو اسانجي ۽ حڪومت جي لاءِ ٻه اهم ٿي سگهي ٿو. چو ته بيڪسٽر ملڪ جي ڪيترن ئي اهم رازن کان واقف هو. ان تهميد کانپوءِ مون ڪائنس بيڪسٽر جو بيان ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي، پر هن سختي سان نابري واري. مون حڪومت جو حوالو ڏنو جواب ۾ هن خدا کي حڪومت کان مٿاهون قرار ڏنو. مون مٿس ان ڪيس جي حوالي سان وار ڪيو پر سهي جون ٽنگون ٽي..... ٽپ انڪار ڪيائين."

"لعنت هجي ان ذليل شخص تي!" ٽامسن ميز تي مُڪ هڻندي چيو. "چيف! در حقيقت پادري خدا جي پئيرائي جي ڪري عام ماڻهن کان وڌيڪ مختلف ۽ سخت هوندا آهن. فادر ڊوسڪي پنهنجي ماضي کان ٻه ڊنل نه هو. هاڻ اسين ڇا ڪريون چيف!"

ٽامسن ڪجهه گهڙيون سوچيندو رهيو، پوءِ چيائين، "ڪجهه ٻه نه! منهنجو خيال آهي ته جيڪڏهن تون ڪائنس ڪجهه ٻه ڪيڙي نٿو سگهين، ته پوءِ ٻي ڪنهن جي جاءِ ٻه ڪونهي. جيڪڏهن ڪيس ڪنهن اهم ڳالهه جي خبر آهي ته ٻه اها سنڊس سيني ۾ ئي دفن رهندي. هٽينس ڪڏ ۾. اهو معاملو وساري ڇڏ." ان مهل بزر رڙڪئي. ٽامسن رسيور کنيو ڪجهه گهڙيون ٻڌڻ کان پوءِ چيائين، "ٺيڪ آهي بيٽ! صدر صاحب کي چئو ته اجهو ٿو پهچان." رسيور رکي هو هيريءَ ڏانهن ڦريو. "بس ايترو ڪر، ته فادر ڊوسڪيءَ تي نظر رک. مهرباني."

•

وائٽ هائوس جي بيضوي ڪمري ۾ صدر گلبرٽ سان گڏ سنڊس پولنگ سيڪريٽري ٻه موجود هو. صدر بنا ڪنهن ٽلهه ٻڌڻ جي ڳالهائڻ شروع ڪيو "ورنن! اسانجا مخالف ته گڏ ٿي چڪا آهن. هو پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن ته اسين آمريڪا کي پوليس اسٽيٽ بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هي نيو يارڪ ٽائمز جو پرچو ڏس." هن ٽامسن ڏانهن اخبار وڌائيندي چيو. "هي ايڊيٽوريل ۾ لکن ٿا ته نيو يارڪ اسيمبليءَ 35هين ترميم جي حق ۾ ووٽ ڏيئي

هن رياست کي بدنام ڪري ڇڏيو آهي. هن ۾ انهن ڪيليفورنيا اسيمبليءَ جي دستور ساز ميمبرن کي اپيل ڪئي آهي ته هو 35هين ترميم کي رد ڪري ملڪ ۽ قوم کي غلاميءَ کان بچائي وٺن."

"ظاهر آهي" رونالڊ چيو "پريس کي پنهنجي آئيندو جو خطري ۾ نظر پيو اچي."

"پيو چا؟ هيءَ جيڪا بکواس چاپين ٿا، ان سان ڏوهن ۾ واڌارو ئي ته ٿئي ٿو. 35هين ترميم ڪانپوءِ صحافت جي هنن تڪرن جي اشاعت ۾ گهٽجي ويندي" ٿامسن زهريلي لهجي ۾ چيو. "پر سائين دشمنن جيان اسانجي دوستن جو تعداد، گهٽ ڪونهي، اهڙيون اخبارون ۽ آهن، جيڪي 35هين ترميم جي حق ۾ مهم هلائي رهيون آهن."

"واهه! مون توکي ان ڪري سڏيو هو. جو مونکي تنهنجي مدد جي گهرج آهي."

"آئون حاضر آهيان سائين!"

صدر گلبرٽ پنهنجي پولنگ سيڪريٽري ڏانهن مڙيو "ڪيليفورنيا جي تازي رپورٽ ٻڌائي."

"اسان 2455 ماڻهن کان ترميم بابت راءِ ورتي." رونالڊگلو صاف ڪندي چيو. "انهن مان 41 سيڪڙو ترميم جي حق ۾ آهن. 27 سيڪڙو خلاف ۽ 32 سيڪڙو ايجا تائين ڪو فيصلو ناهي ڪيو."

"اهو ڪنهن ۽ نتيجي ته نه پهچندڙن جو تعداد آهي، جيڪو مونکي پريشان پيو ڪري" صدر چيو. "بهرحال! اها ته عام راءِ هئي. رونالڊ! هاڻ ڪيليفورنيا اسيمبليءِ سينيٽ بابت ٻڌائي."

رونالڊ سامهون رکيل ڪاغذ هيٺ مٿي ڪيا. اها صورتحال ايجا ۽ خراب آهي سائين! ميمبر ڏاڍا محتاط پيا لڳن. 40 سيڪڙو ميمبرن ڪو ۽ فيصلو نه ڪيو آهي. پوءِ ۽ ان سلسلي ۾ زبان کولڻ کان لنوائين پيا. باقي ست سيڪڙي مان 52 سيڪڙو حق ۾ ۽ 48 سيڪڙو ان جي خلاف آهن."

"اها صورتحال ڪا سٺي ڪونهي. فيصلو نه ڪندڙ ميمبر ڪيڏي مهل ۽ بازي ٽيرائي سگهن ٿا."

"اتان ڪان ئي اسانجي ڪنويسنگ جي شروعات ٿئي ٿي سائين! اهڙن ماڻهن کي سؤلائي سان قائل ڪري سگهجي ٿو." ٿامسن چيو.

"ان لاءِ تہ مون توکي سڏايو آهي. ان سلسلي ۾ آئون حڪمت عملي ٺاهڻ ٿو چاهيان. ٺيڪ آهي رونالڊ تون هاڻ پلي روانو ٿي... ٻيهر توسان ملاقات ڪڏهن ٿيندي؟"

"اوهانجي هدايت موجب، هاڻ هر هفتي ڪيليفورنيا ۾عام راءِ کي جاچڻو آهي، آئون ايندڙ سومر تي تازن انگن اکرن سان حاضر ٿي ويندس." رونالڊ اُٺندي چيو.

رونالڊ جي وڃڻ کان پوءِ صدر چيو "تہ ورنن! اها آهي صورتحال. اسانجي قسمت جو فيصلو انهن ماڻهن جي هٿ ۾ آهي. جن اڃا تائين کو فيصلو نہ ڪيو آهي ۽ ٻڌتر ۾ آهن. اسانکي کين قائل ڪرڻو پوندو. کين ٻڌائڻو پوندو تہ هنن جي ۽ سيني جي چگائي 35هين ترميم جي منظوريءَ ۾ آهي."

"مونکي يقين آهي سائين تہ ڳالهہ ٺهي پوندي."

صدر ايترو پر اعتماد نہ هو "ڏس ورنن! اسين هٿ تي هٿ رکي ويهي انتظار نٿا ڪري سگهون. آئيندہ جو سجو دارومدار اسانجي عمل تي آهي."

"اوهانجو چوڻ صحيح آهي، آئون ان سلسلي ۾ ڪم جي شروعات ڪري چڪو آهيان ۽ ڪيلفورنيا ۾ ڏوهن جي انگن اکرن تي خاص طور تي زور ڏيئي رهيو آهيان. ڪيليفورنيا جا پوليس آفيسر ماهوار رپورٽون موڪلڻ جي بدران هفتي وار رپورٽون موڪلي رهيا آهن. اهي انگ اکر ڪيليفورنيا وارن کي چگي طرح سمجهائي چڏيندا تہ سندن پلائي ڪهڙي ڳالهہ ۾ آهي."

"واهہ! پر ورنن انگ اکر صورتحال جي سنگينيءَ کي صحيح نموني چتو نٿا ڪن. ان جي ابترڻ هڪ سٹي تقرير سٹا نتيجا ڏيئي سگهي ٿي. ان سلسلي ۾ ڪيليفورنيا ۾ ڪيترائي فنڪشن ۽ گڏجاڻيون ٿيڻ واريون آهن. آئون اتي تقرير ڪرڻ جي لاءِ مناسب ماڻهن جي ڳولا ۾ آهيان." صدر چيو.

"فقط هڪ شخص اهڙو آهي، جيڪو تقرير جي ذريعي سخت مخالفن کي بہ ترميم جي حمايت ڪرڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو."

"نہ ورنن! ائين کوڙو ڪو نہ لڳندو" صدر نهڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو.

"ان جو تہ ناڪاري اثر پوندو تون سياستدان نہ آهين، تنهنڪري اها ڳالهہ سمجهي نہ سگهندين. توکي خبر ڪونهي تہ رياستون پنهنجي حقن جي ڪيئن حفاظت ڪنديون آهن. کين پنهنجن معاملن ۾ صدر جي مداخلت بہ سٹي نہ لڳندي آهي. البتہ آئون ڪرسٽوفر ڪولنس جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان."

"آئون به ته ان جي باري ۾ ئي سوچيان پيو سائين! پر آئون کو فيصلو نٽو ڪري سگهان. جيڪڏهن منجهس پروسي جي ڪوٽ آهي ته هو...."

"اها ته اهم ڳالهه آهي." صدر سندس ڳالهه ڪٽيندي چيو. "اها ڳاله ته طئي آهي ته هو اسانجو ساٿاري آهي. هن جو مفاد اسان سان لاڳاپيل آهي. باقي رهي يقين جي ڪوٽ ته اها هن جي اڻ ڏريي هئڻ جو ثبوت هوندي. آئون ڪيس ڪيلفورنيا موڪلڻ لاءِ سوچي رهيو آهيان. پر منهنجو خيال آهي ته ڪائنس وڏو ڪم وٺي سگهجي ٿو. پر ان لاءِ اهو ضروري آهي ته هو اوڏانهن ڪنهن ٻي ڪم سان وڃي. سومر ڪان جمعي تائين ڪيليفورنيا ۾ آمريڪن بار ايسوسيئشن جو سالياني ڪنوينشن پيو ٿئي. چيف جسٽس هاورڊ ڪنوينشن جي صدارت ڪري رهيو آهي. انهر اٽارني جنرل جي شرڪت ۽ تقرير غير فطري هرگز نه هوندي. اتي ڪيليفورنيا دستور ساز اسيمبلي جا به ڪيترا ئي ميمبر موجود هوندا. ٻين لفظن ۾ ڪرس جي تقرير اثرائتي ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪانسواءِ هڪ ٽيليويزن پروگرام "حق جي ڳولا" آهي. ان معاملي ۾ ڪنهن تڪراري مامري تي ٻن ماڻهن جو مناظرو ٿيندو آهي. ان جو ايندڙ پروگرام 35 هين ترميم جي باري ۾ آهي. تي وي وارا ترميم جي حق ۾ ڳالهائڻ جي لاءِ توکي پيش ڪرڻ ٿا چاهين. اهو پروگرام ان ڏينهن ئي پيش ٿيندو جنهن ڏينهن ڪنويشن ۾ ڪرس جي تقرير هوندي. اسانجي لاءِ اهو پروگرام گهڻو اهم ثابت ٿي سگهي ٿو. توکي 35هين ترميم جي وڪالت ڪرڻي پوندي."

"ترميم جي خلاف ڪير ڳالهائيندو؟"

"ٽوني هيرس." صدر جواب ڏنو.

ٽامسن پاڻ سنياليو ۽ چيو. "جناب صدر! آئون معافي ٿو وٺان منهنجي خيال ۾ اهڙي پروگرام ۾ ايف بي آئي جي ڊائريڪٽر جو شريڪ ٿيڻ مناسب ڪونهي. پر آئون ته ان کي ذلت پريو سمجهندس. جنهن ۾ ايف بي آئي جو هڪ غدار اڳوٽو ايجنٽ شريڪ ٿيندڙ هجي."

صدر ڪلها لوڏيا. "جيڪڏهن تون ايتري سختيءَ سان مخالفت ڪرين ٿو ته پوءِ آئون زور نه پريندس. پر منهنجي خيال ۾ اسانجي ڪنهن ماڻهوءَ کي ان پروگرام ۾ ضرور شرڪت ڪرڻ گهرجي."

"ته ڪرسٽوفر مناسب رهندو." ٽامسن تجويز پيش ڪئي. "ان ڏينهن هو ڪيليفورنيا ۾ ئي ته هوندو."

صدر گلبرٽ ٽڙي پيو. "ها! اهو سٺو خيال آهي، مهرباني ورنن." هن ٽامسن سان هٿ ملايو ۽ رسيور کڻندي چيو "آئون هينئر ئي ڪرسٽوفر سان ڳالهائڻ ٿو چاهيان."

•

ڪرسٽو فر رسيور ڪن ۽ ڪلهي جي وچ ۾ دٻائي رکيو هو. هو ساڄي هٿ سان صدر جو هدايتون ڪاغذ تي نوٽ ڪري رهيو هو. بظاهر ته هو تائيدي لفظ ب چئي رهيو هو پر جيڪي ڪجهه چيو پي ويو. اهو هن جي لاءِ ايترو خوش ڪندڙ نه هو. ڪيس ڪيليفورنيا وڃڻ تي کو به اعتراض نه هو. گهر وڃڻ ڪنهن کي سٺو نه لڳندو آهي. ڪيليفورنيا ۾ هو پنهنجي پٽ ۽ وچڙيل دوستن سان ملي سگهيو پئي. پر عوام جي سامهون 35هين ترميم جي وڪالت ڪرڻ نامناسب هو ۽ پوءِ ٽي وي تي ٽوني هيرس جهڙي ماڻهو سان "حق جي ڳولا" ۾ مناظرو ڪرڻ، جيڪو پروگرام هو ڪيترا پيرا ڏسي چڪو هو. پرگرام ڪيس ب سٺو لڳو هو. پر ڪيس خبر هئي ته پروگرام ۾ مهمان جي حيثيت سان شرڪت ڪرڻ گلن جي سيج هرگز نه هئي.

ٻي طرف چيف جسٽس هاورڊ سان هڪئي اسٽيج تي ويهڻ جو تصور ب کو خوش ڪندڙ نه هو. هاورڊ اهو شخص هو جنهن جي فيصلن کي هن سدائين واڪاٽيو هو. ان جي موجودگيءَ ۾ 35هين ترميم جي حق ۾ ڳالهائڻ ڪيئن سٺو لڳي ها. هيستائين هن انتظاميه سان هڪ رسمي لڳ لاڳاپو رکيو هو. پر هڪ پبلڪ گڏجاڻيءَ ۾ 35هين ترميم جي وڪالت ڪرڻ جي معنيٰ اها هئي ته هو صدر جي لائوڊ اسپيڪر جي حيثيت سان استعمال ٿي رهيو آهي؟ وري هاورڊ جي سامهون وڪالت ڪرڻ! پر انڪار جي گنجائش ب ته نه هئي.

"ته اهو آهي تفصيلي پروگرام." ٻئي پاسان صدر جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. "سمجهي ويئين نه؟"

"ٺيڪ آهي سائين! ايندڙ جمع تي مونکي لاس اينجلس پهچڻو آهي. منجهند جو هڪ بجي "حق جي ڳولا" پروگرام ۾ شرڪت ۽ ٽپهري جو ٽين بجي آمريڪن بار ايسوسئيشن کي خطاب ڪرڻو اٿم."

"انهن ٻنهي سلسلن جي لاءِ ڇگيءَ طرح تياري ڪري وڃ. ٽوني هيرس کي 35هين ترميم کي لتاڙڻ جو موقعو نه ڏج. پر ان کان اڳ ڪيس لتاڙي ڇڏج."

"آئون پوري ڪوشش ڪندس سائين!"

"بار ايسوسيئشن جي لاءِ ٿوس بنيادن تي تقرير ڪج. اتي موجود ميڙ ٿي وي ڏسندڙن کان مختلف هوندو. اسانجو سڄو مدار توتي آهي. اهو ياد رکج، ۽ ها ويڙ کان اڳ مون سان ملج."

رسيور رکڻ کانپوءِ ڪرسٽوفر دريءَ وٽ وڃي بيٺو. هن جي دل ڌڙڪ لڳي هئي. ڪجهه دير کان پوءِ هو واپس آيو ۽ پنهنجي ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. ٽيليفون جي گهنٽي لڳاتار وڄندي رهي، پر ڪيس رسيور کڻڻ جي گهرج محسوس نه ٿي. ماريان پاڻ ئي فون جي ڪالن کي منهن ڏيئي رهي هئي.

ڪرسٽوفر کنڊ مٿي کنيو ته ڪيس احساس ٿيو ته ڪمري ۾ اونداهه سري آئي هئي. هن گهڙي ڏٺي. موڪل جو وقت ٿي ويو هو. گذريل ڪيترن ئي مهينن کان هو صحيح وقت تي آفيس مان نڪري نه سگهيو هو. هن سوچيو اڄ چو نه مناسب وقت تي پهچي ڪيرن کي حيران ڪري ڇڏيان. هن باقي ڪاغذ بريف ڪيس ۾ رکڻ شروع ڪيا، جو فون جي گهنٽي وڳي، پر هن نظر انداز ڪري ڇڏي. پوءِ انٽر ڪام وڄيو. ماريان ٻڌايس ته ڪو فادر ڊوسڪي ساٿس ضروري ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ٿو چاهي. هو گهٽو زور پيو پري.

ڪرسٽوفر کي هڪدم فادر ڊوسڪي ياد اچي ويو. ان سان گڏ هن جو تجسس به وڌي ويو. "مهرباني ماريان. آئون ساٿس ڳالهايان ٿو. تون پلي وڃ، سياڻي ملنداسين." پوءِ هن رسيور کنيو ۽ مائوٿ پيس وات تي رکي چيائين. "جي فادر! آئون ڪرسٽوفر ڪولنس پيو ڳالهايان."

"آئون سوچي رهيو هئس ته شايد تون مون سان نه ڳالهائين، شايد آئون توکي ياد به نه هجان. اسين ڪرنل بيڪسٽر جي حوالي سان اسپتال ۾ مليا هئاسين."

"مونکي ياد آهي فادر مون خود اوهان سان ملڻ پئي چاهيو."

"آئون توسان ملڻ ٿو چاهيان. جيترو جلد ٿي سگهي اوترو چڱو. تنهنجي دلچسپي جي معاملي تي ڳالهائڻو اٿم ۽ ٽيليفون تي ڳالهائڻ صحيح ڪونهي. جيڪڏهن اڄ نٿا اچي سگهو ته سياڻي...."

ڪرسٽوفر چرڪي پيو. "آئون..... اجهو اڏ ڪلاڪ ۾ ٿو پهچان."

"مونکي خوشي ٿيندي" فادر جي آواز مان اطمينان محسوس ٿيو.

"تون چرچ هليو اڄ..... ۽ سامهون واري گيٽ وٽان متان اچين..... 35هين رستي جي ڪابي پاسي مڙي وڃج. ڪابي هٽ تي ريڪٽري بلڊنگ آهي. اهو به ٻڌائي ٿو ڇڏيان ته مکيه دروازي جي نگراني ڪئي پئي وڃي ۽ اسان جي ان ڳالهه ۾

چگائي آهي تہ ان ملاقات جي ڪنهن کي بہ خبر نہ پئي. مون سا ڳالهائڻ ڪانپوءِ ان جي اهميت پاڻهي سمجهي ويندين."

"ٺيڪ آهي فادر! آئون اڏ ڪلاڪ ۾ پهچي ٿو وڃان. خدا حافظ!"

•

پنهنجي سرڪاري ۽ ڪيبلڪ ڪار ۾ "جارج ٽائون" ويندي ڪرسٽوفر سوچي رهيو هو تہ فادر ساٽس چا ٿو ڳالهائڻ چاهي. گذريل ملاقات ۾ هن ڪرنل بيڪسٽر جي آخري لفظن جي سلسلي ۾ سهڪار کان صاف نابري واري هئي. اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچڻ واري نہ هئي تہ هاڻ فادر پنهنجي فيصلي ۾ ترميم آندي هئي. يا پي اهڙي ڳالهہ هئي، جنهن جي لاءِ فادر ايترو بي تاب آهي ۽ عجب جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ فادر ڪيس چرچ جي مکيہ دروازي جي نگرانيءَ بابت ٻڌايو. اها نگراني ڪير پيو ڪري؟ ۽ ڪنهن جي لاءِ؟

هن جي ذهن جو وهڪرو اڳين سيٽ تي ويٺل ٻنهي جڻن ڏانهن مڙي ويو. پگانو اڳوڻو پرائز فائٽر هو. جنهن کي هو پنهنجي ڊرائيور جي حيثيت سان ڪيلفورنيا مان پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو. پگانو سندس ٽورائتو هو. چو تہ هن پگانوءَ کي يقيني سزا کان بچايو هو. ان ڏينهن کان وٺي پگانو هن جو غلام بڻجي ويو هو. هو مڪمل طور - ۽ اعتبار جي لائق هو. ٻيو شخص سندس باڊي گارڊ ايف بي آئي جو ايجنٽ گوگن هو. جنهن کي خود ڪرسٽوفر وڏي چنڊ چاڻ ڪانپوءِ چونڊيو هو. هو بہ اعتبار جوڳو هو.

هاڻ هو 35هين رستي تي پهچي رهيا هئا. "پگانو! گاڏي 35هين رستي او اسٽريٽ جي موڙ تي روڪ!" هن هدايت ڏني. "مونکي اتي لاهي ڇڏ. آئون نٽو چاهيان تہ ڪار ڪنهن کي نظر اچي."

ڪار ڪارنر تي ٻيٽي تہ ڪرسٽوفر جلدي دروازو کولي لٽو. "هاڻ ڪار ڪٽي ٻيهاري ڇڏ! آئون توکي پاڻ ئي ڳولهي لهندس. اهو چوڻ ڏکيو آهي تہ منهنجي واپسي ڪيتري دير ۾ ٿيندي" اهو چئي هو او اسٽريٽ ڏانهن وڌي ويو. هوگن بہ لهي آيو ۽ ساٽس گڏ پنڌ هلڻ لڳو. "ٺيڪ آهي، تون ريڪٽر تائين مون سان گڏ هل، اندر آئون اڪيلو ويندس..... تون ٻاهر منهنجو اوسيئڙو ڪج." هن هوگن کي چيو.

هو دروازي تائين پهتو ئي مس، جو اڻ ڏٺل هٿ دروازو کولي ڇڏيو. پوءِ جاتل

سجاتل آواز ٻڌائين. "اندر اچو مسٽر ڪولنس."

ڪرسٽوفر اندر گهڙيو. فادر ڪاري لباس ۾ بيٺو هو. هو ڪرسٽوفر کي اتان وٽي پارلر ۾ آيو. "هي پارلر سائونڈ پروف آهي." هن ڪرسٽوفر کي ٻڌايو.

"اهو ته ٻڌايو ته چرچ جي مکيه دروازي جي نگراني ڪير ڪيو" ڪرسٽوفر کان رهيو نه ٿيو.

"ايف بي آئي." فادر وراڻيو.

"ايف بي آئي!" ڪرسٽوفر حيرت مان پڇيو "پر ڇو؟"

"اوهين ويهو! آئون اوهانکي سمجهايان ٿو..... پر پهرين اهو ٻڌايو ته اوهين چانهن پيئندا يا ڪافي؟"

ڪرسٽوفر شائستگيءَ سان انڪار ڪيو ۽ ڪرسيءَ تي ٽي ويٺو. فادر به سندس پرسان ٽي ويٺو ۽ بنان ڪنهن ڏيگهه جي چوڻ لڳو. "اڄ صبح جو هڪ همراهه مون سان گڏجڻ جي لاءِ آيو هو. سچاٽپ ڪارڊ ۾ سندس نالو هيري ايڊورڊ هو ۽ عهدو ايف بي آئي جو ڊپٽي ڊائريڪٽر لکيل هيس. هن مون کان ڪرنل بيڪسٽر جي آخري ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ پڇيو. مون انڪار ڪندي چيو ته اها منهنجي سيني ۾ هڪ امانت آهي، جيڪا آئون ڪنهن کي ٻڌائي نٿو سگهان. ايستائين ته ڪا خاص ڳالهه ڪونهي..... پر پوءِ مسٽر ايڊورڊ انڪار تي مونکي دڙڪو ڏنو."

"هائو! پر آئون تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ اهو ڄاڻڻ چاهيندس ته مسٽر ايڊورڊ کي ڪرنل بيڪسٽر سان منهنجي ڳالهه ٻولهه جي باري ۾ ڪيئن خبر پئي؟"

ڪرسٽوفر ڪجهه ديرِ ذهن تي زور ڏيندو رهيو. پوءِ کيس ياد آيو ته "ها اهو ته مون ئي کيس ۽ ڊائريڪٽر کي ٻڌايو هو. مون سوچيو هو ته ٽي سگهي ٿو ته ٽامسن ان سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪري سگهي. چو ته هو ڪرنل بيڪسٽر جي گهٽو ويجهو رهيو هو. پر هن کان مونکي ڪابه مدد ملي نه سگهي." پوءِ هو سوچ ۾ پئجي ويو. "هيري ايڊورڊ! ٽامسن جو ڪلهو آهي، هو ٽامسن جي چوڻ تي ئي اوهان سان ملڻ جي لاءِ آيو هوندو. پر هڪ ڳالهه اعتبار جوڳي ڪونهي ته اوهانجي انڪار تي هن اوهانکي دڙڪو ڏنو."

"دڙڪو ڇا! آئون ته انهيءَ کي بليڪ ميلنگ چوندس." پادريءَ ٽڏو ساهه کڻي چيو. "ائين ٿو لڳي ته بيورو وارا هر شخص جي ماضيءَ کي ڦلهورين ٿا، ته جيئن ڪنهن ڪمزوريءَ جي حوالي سان بليڪ ميل ڪري ڪيس پنهنجن اشارن

تي نچائي سگھن ٿا ان جي لاءِ معصوم ماڻھن کي بہ نٽا بخشين."

"جيتوڻيڪ ظاھري طور تي ايف بي آئي جو اھو طريقو ڪونھي." ڪرسٽوفر جلدي صفائي پيش ڪئي.

"بھرحال! منھنجي معاملي ۾ تہ ائين ئي ٿيو آھي." پادريءَ ٽڏي لھجي ۾ چيو. ھنن مون بابت چنڊ چاڙ ڪئي ۽ معلوم ڪري ورتو تہ ٽرينٽين ۾ مونکي منشيات جي اسمگلنگ ۾ ڦاسايو ويو ھو. حقيقت اھا آھي تہ مون اتي منشيات فروشن جي خلاف مھم ھلائي ھئي. ھنن ديول ۾ ھيروئن رکي پوليس کي اطلاع ڏنو. پوليس چرچ مان ھيروئن برآمد ڪئي. جاچ ٿي بشپ صاحب جي مداخلت مونکي اسڪينڈل کان بچائي ورتو. ھونئن بہ آئون بي گناھ ھئس. پوليس ڪيس ختم ڪري چڏيو. ھاڻ مسٽر ايڊورڊ دڙڪو ڏنو آھي تہ ڪيس ٻيھر کولي سگھجي ٿو ۽ ان سان پادريءَ جي حيثيت سان منھنجي ساک کي نقصان رسندو. تنھنڪري ڇگائي ان ۾ آھي تہ آئون ڪرنل بيڪسٽر سان پنھنجي ڳالھ ٻولھ ورجايان. مون چيو "آئون ڪنھن بہ اسڪينڈل کان نٽو ڊجان ۽ حقيقت ۾ مونکي ڊجڻ جي ضرورت بہ ڪھڙي آھي چو تہ آئون ڏوھاري نہ آھيان. پوءِ بہ سڄو ڏينھن سوچيندو رھيس تہ گورنمنٽ جي اھا ايجنسي انھن ماڻھن خلاف ڪم پئي ڪري، جن کي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ قائم ڪئي ويئي آھي. اھا ڪرپشن ڪونھي تہ ٻيو ڇا آھي؟"

"مونکي يقين نہ پيو اچي." ڪرسٽو فر ھيڪيو. "ڪرنل بيڪسٽر جي آخري ڳالھ ايتري اھم ٿي سگھي ٿي. جو اھا ڪيڻ جي لاءِ ٽامسن واھيات طريقن تي لھي آيو آھي."

"مونکي خبر ڪونھي، ان جو جواب تون ئي ڏينديں. چو تہ ان لاءِ مون ئي توکي گھرايو آھي تہ جيئن ڪرنل بيڪسٽر سان ٽيل آخري ڳالھ ٻولھ توکي ٻڌائي چڏيان."

ڪرسٽوفر کي پنھنجي ڪنن تي يقين ئي نہ پئي آيو. ھن جي جسم ۾ سنسني ڊوڙڻ لڳي.

"مون ڪافي سوچيو ۽ ويچاريو آھي." پادريءَ چيو. "ڇ ان نتيجي تي پھتو آھيان تہ ڪرنل مونکي جيڪو ڪجھ چيو اھو حقيقت ۾ تنھنجي لاءِ ھو. ان ڪري اھو منھنجو روحاني فرض آھي تہ آئون امانت تنھنجي حوالي ڪري چڏيان. ھاڻ ڏيان سان ٻڌ. آئون ڪرنل بيڪسٽر جا آخري لفظ ورجائي رھيو آھيان." ڪرسٽوفر جي دل جي ڌڙڪن بي ربط ٿي ويئي ھڪ ڳجھ حل ٿيڻ وارو

هو. "مون اهي لفظ ڪاغذ تي لکي ورتا هئا." پادريءَ ڪاغذ ڪڍي سامهون رکيو. "آئون لفظ بہ لفظ پڙائي رهيو آهيان. ڪرنل چيو هو". ها فادر! آئون گناهہ گار آهيان. مون وڏو گناهہ ڪيو آهي. پر هاڻ مونکي اعتراف ڪري وٺڻ گهرجي. هاڻ هو مونکي تابع ڪري نٿا سگهن. هاڻ آئون آزاد آهيان. مونکي ڪائنڊ ڏهڻ جي گهرج ڪونهي. ڳالهہ 35هين ترميم جي آهي."

"35هين ترميم!" ڪرسٽوفر چپن ۾ پڙڪ ڪئي.

"35هين ترميم جي ذڪر ڪانپوءِ ڪرنل جو آواز ٻڏڻ لڳو. مون فقط ايترو ٻڌو. آر دستاويز ..... خطرو..... خطرناڪ ٽرڪ ..... ڪي بي نقاب ڪرڻ بي حد ضروري آهي..... هڪدم آر دستاويز ..... اهو..." پوءِ ڪرنل جو آواز ٻڏي ويو. آئون اهي لفظ ٻڌي نہ سگهيس. هڪ گهڙي ڪانپوءِ ٻيهر آواز ايريو. "مون ڏنو..... ٽرڪ..... وچ..... ملينس." پوءِ ڪرنل جي ساهہ جي ڏوري ٽٽي پئي."

ڪرسٽوفر چرڪي پيو. ڪيس ايئن لڳو جڻ خود قبر ڪرنل بيڪسٽر جا لفظ ورجايا آهن. "ڪرنل آر دستاويز چيو هو؟" هن پڇيو.

"هائو! مون چٽي طرح ٻڌو هو..... هن بہ پيرا آر دستاويز جو ذڪر ڪيو هو."

"۽ ڪرنل وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ چيو... اوهان کي يقين آهي؟"

"چيو هوندو. پر لفظ آئون سمجهي نہ سگهيس. اندازو ڪري نہ سگهيس."

"فادر! اوهانکي اندازو ڪونهي تہ آر دستاويز ڪهڙي شيءِ آهي؟"

"منهنجي خيال ۾ تہ ان جي توکي خبر هوندي."

"مونکي خبر ڪونهي." ڪرسٽوفر سوچ ۾ پئجي ويو. اهو ئي پيغام هو. جيڪو ڪرنل بيڪسٽر جي نظر ۾ ارجنٽ هو. ايترو ارجنٽ جو اهو پهچائڻ ڪانسواءِ هن مرڻ بہ نٿي چاهيو. هڪ ڳجهارت حل ٿي هئي. پر پيغام خود ڪنهن ڳجهارت کان گهٽ نہ هو. هو ڪڙيون ملائڻ لڳو. 35هين ترميم، آر دستاويز، هڪ ٽرڪ جيڪا خطرناڪ هئي، جنهن کي هڪدم ظاهر ٿيڻ کپي. "اهو پيغام هن مونکي چو ڏنو؟" هن پڇيو. "پيغام صدر کي چو نہ ڏنو؟ پنهنجي زال کي ان ۾ شريڪ چو نہ ڪيائين فقط مونکي ..... چو؟ چا ان لاءِ تہ آئون سندس جانشين هئس؟"

"۽ شايد ان لاءِ تہ هن صدر صاحب ۽ ٽامسن جي پيٽ ۾ توکي وڌيڪ اعتبار جوگو سمجهيو." پادريءَ راءِ ڏني.

"پر آئون تہ اهو پيغام سمجهڻ کان لاچار آهيان. اهو آر دستاويز ڪهڙي بلا

آهي؟" ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ مايوسي ۽ چڙ هئي. "بهرحال! مون پنهنجو فرض پورو ڪري ڇڏيو." فادر اُٿي بيٺو. "هاڻ آئون تنهنجي لاءِ دعا ڪري سگهان ٿو."

•

ان رات ماني کائڻ جي دوران، ڪرسٽوفر ڪيترا ڀيرا سوچيو ته ڪيرن کي فادر ڊوسڪيءَ سان ملاقات جي باري ۾ ٻڌائي، پر ڪا اڻ ڄاڻ حس کيس روڪيندي رهي. هونئن به هن ڪيرن کي پريشان ڪرڻ نٿي چاهيو. پاڻ ته پريشان ٿو ڇڪو هو. البته هن ڪيرن کي صدر جي هدايتن جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌايو. هن ڪيرن کي به ڪيليفورنيا هلڻ جي لاءِ چيو پر ڪيرن ٽڪاوٽ ۽ طبيعت خراب هئڻ جو عذر پيش ڪيو.

ڪرسٽوفر پروگرام ناهيو ته ڪيليفورنيا ۾ رهڻ جي دوران پنهنجي پٽ جون سان به ملندو. تنهن کانسواءِ ڪيس اسيمبلي جي ميمبر اولن ڪيف سان به ملڻو هو جنهن سان ملڻ جي پال هلرڊ سفارش ڪئي هئي. اولن ڪيف جي دعوي هئي ته ٽامسن ڏوهن جا انگ اکر وڌائي پيو پيش ڪري. فادر سان ملاقات کانپوءِ هو پاڻ به ايف بي آئي جي ڪردار کان مشڪوڪ ٿي ويو هو.

صبح جو اٺيو ته مٽي تي آر دستاويز جو بار هئس. آفيس جي لاءِ ڊرائيونگ ڪندي هن ڪرنل بيڪسٽر جي خواهش بابت سوچيو. جنهن موجب ڪيس آر دستاويز جي باري ۾ جاڻڻ ۽ ان کي بي نقاب ڪرڻو هو. پوءِ هو مُنجهڻ لڳو. ڪرنل ڪهڙي ترڪ ڏني هئي. ان بابت ڪيئن معلوم ڪجي. هن منطقي انداز ۾ سوچڻ جي ڪوشش ڪئي. سڀ کان پهرين هن ڪرنل جا فائيل ۽ ڪاغذ ڦلهورڻ ٿي چاهيا. ڪرنل جو سڀ شيون ماريان وٽ محفوظ هيون. بظاهر ته اهو ڪم سولو هو. پر ڏکيائي اها هئي ته ڪيس آر دستاويز جي باري ۾ ڪا به خبر نه هئي. آر لفظ کان شروع ڪجي. 35هين ترميم جي حوالي سان لفظ ٿي سان شروع ڪجي. سيڪرٽ جي حوالي سان لفظ ايس سان يا خطرناڪ جي حوالي سان لفظ ڊي کان شروع ڪجي. پوءِ به ڪيس اندازو هو ته فائلن مان مدد ملڻ مُشڪل هئي. ته پوءِ ڪرنل جون ذاتي شيون ڦلهوريون وڃن. سندس ويجهن دوستن يا ويجهن ماڻهن کان پڇيو وڃي. شايد هنن مان ڪنهن 'آر دستاويز' جو ذڪر ٻڌو هجي. سوال اهو آهي ته پهرين ڪنهن سان ملجي. ان سلسلي ۾ ورنن ٽامسن بي حد مناسب ماڻهو هو. ڪرنل جي آخري لفظن مان اهڙي ڳالهه جي چٽائي نه پي ٿي نه ڪو ٽائيسن

شڪي ماڻهو آهي. البته هڪ دليل هو ته ڪرنل هن جي بدران ٽامسن کي چو نه گهرايو؟ چا ان لاءِ ته هن جي نظر ۾ ٽامسن اعتبار جوگو ماڻهو نه هو. ٻيو دليل اهو هو ۽ وڌيڪ اثرائتو هو ته هن ٽامسن کي ٻڌايو هو ته ڪرنل بيڪسٽر مرڻ مهل فادر ڊوسڪي کي ڪجهه چيو هو. ان تي ٽامسن جو ردعمل غير معمولي هو. هن هڪدم هيري ايڊ ورڊ کي پڇا ڳاڇا لاءِ موڪليو. فادر مان ڳالهه ڪيڻ جي ڪوشش ۾ بليڪ ميلنگ تي لهي آيو. چو؟ چا ان لاءِ ته ڪرنل بيڪسٽر جيڪي ڪجهه چيو ٽامسن جي خلاف ۾ واڌارو ڪري ٿي سگهيو؟ يا ان لاءِ ته هن جي خيال ۾ ڪرنل ڪو اهڙو راز فاش ڪيو هو جيڪو هن جي ۽ ڪرنل جي وچ ۾ هو؟

پوءِ ڪيس ڪرنل بيڪسٽر جي ٻيوه حنا بيڪسٽر جو خيال آيو جنهن تي اعتبار ڪري ٿي سگهجيو. هو ڪرسٽوفر سان سدائين مهرباني ۽ سان پيش ايندي هئي. اها مدد ٻه ڪري ٿي سگهي. پر هتي سوچڻون ٿي پيو ته ڪرنل دل جو بار هن جي سامهون هلڪو ڪيو. جيتوڻيڪ ڪرنل ڪيس پنهنجي زال جي وسيلي ئي گهرايو هو. ٿي سگهي ٿو ته ان ڪري ٻه ته ڪرنل پنهنجي ڪم بابت ڪڏهن ٻه نه ڳالهائيندو هو.

پنهنجي آفيس ۾ پهچي هن ماريان کان ڪرنل بيڪسٽر جا فائيل گهريا. "ڪرنل جا فائيل ٻن قسمن جا آهن." ماريان وضاحت ڪئي. "سرڪاري فائيل ته مون وٽ آهن. باقي ذاتي فائيل هن جي فائر پروف ڪيبينٽ ۾ هوندا هئا. هو اسپتال ۾ داخل ٿيو ته اها ڪيبينٽ سندس گهر موڪلي ويئي."

"ته ذاتي فائيل هن جي گهر ۾ آهن؟" ڪرسٽوفر پڇيو.

"هائو! مونکي گهربل فائيل بابت ٻڌايو. آئون سندس گهر وڃي فائيل کڻي ايندس."

"نا! تون تڪليف نه ڪر. اهو ڪم آئون پاڻهي ڪري وٺندس."

"ٺيڪ آهي. آئون مسز بيڪسٽر کي فون ڪري وقت مقرر ڪري ٿي ونان."

ڪرسٽوفر کي احساس ٿي ويو ته اها 'آر دستاويز' جي سلسلي ۾ سندس پهرين انٽرويو جي ڳالهه پئي ٿي. "ٺيڪ آهي ماريان، اڄ شام جو وقت مناسب رهندو ۽ ها ماريان مونکي آر دستاويز جي ڪوٽا آهي. تو اهو نالو ٻڌو آهي؟"

ماريان کجهه گهڙيون ذهن تي زور ڏنو. پوءِ چيائين. "گهٽ ۾ گهٽ مون ان نالي جو ڪو به دستاويز ڪڏهن فائيل نه ڪيو هو."

"اهو شايد 35هين ترميم بابت ڪو ميمورنڈم هو. تون پنهنجا فائيل ڏسي

وٺ!" ڪرسٽوفر چيو ۽ پنهنجن ڪمن ۾ مصروف ٿي ويو. هن ڊائريڪٽر انفارميشن سان به ڳالهايو جيڪو تقرير تيار ڪرائي رهيو هو. جيڪا ڪيس آمريڪن بار ايسوسيئيشن جي ڪنوينشن ۾ ڪرڻي هئي. پوءِ هن پنهنجي ڊپٽي سان هڪ سرڪاري ڪم جي سلسلي ۾ ڳالهايو.

ٻنهڑن جو ماريان ڪيس اطلاع ڏنو ته 'آر دستاويز' ڪرنل جي سرڪاري فائيلن ۾ موجود ڪونهي. هن اهو به ٻڌائيس ته مسز بيڪسٽر ساٺس ٻين ٻجي ملي سگهندي.

مانجهاندي ڪانپوءِ ڪرسٽوفر آر دستاويز جي پهرين ڳولا جي مهم جي لاءِ روانو ٿي ويو. پگانو گاڏي هلائي رهيو هو. هوگن ساٺس گڏ ويٺل هو. ٻن ٽيڻ ۾ ايڪا پنج منٽ هئا جو آنجهاني ڪرنل بيڪسٽر جي گهر سامهون لٿو ۽ اطلاعي گهنٽي ۽ جو بٽڻ دٻايو. پگانو ۽ هوگن ڪار ۾ ئي ويٺا رهيا. شيڊ ٽ نوڪرياڻي ڪرسٽوفر کي اندر وٺي ويئي.

ڊرائنگ روم ۾ پهچي ڪرنل سگريٽ ڪڍايو. ان گهڙيءَ حنا بيڪسٽر جو پوٽو رڪي ڪمري ۾ گهڙيو. هن جي هٿ ۾ هڪ ڪيسٽ ريڪارڊ هو.

"هيلو مسٽر ڪولنس!" هن چيو.

"ڇا ڳالهه آهي رڪي، تون اڄ اسڪول نه ويو آهين؟" ڪرسٽوفر پڇيو.

"ڊرائيور بيمار هو. تنهنڪري اڄ موڪل ملي ويم." رڪي خوش ٿي ٻڌايو ۽ ان دوران هو پنهنجي ڪيسٽ ريڪارڊ تي ٽڇ ٽڇ ڪندو رهيو.

"هن ۾ ڪا خرابي ٿي پئي آهي ڇا؟"

"هائو! ... مونکي هڪ پروگرام ريڪارڊ ڪرڻو آهي."

"هيڏانهن مونکي ڏي!" ڪرسٽوفر هٿ وڌائيندي چيو. ٻارنهن سالن جي رڪي ڪيسٽ ريڪارڊ هن جي حوالي ڪري ڇڏيو. هن پهرين بٽڻ چيڪ ڪيا پوءِ ريڪارڊ کولي ڏنو. ان ۾ ننڍڙي خرابي هئي. جيڪا هن ٺيڪ ڪري ڇڏي. پوءِ هن پلي ۽ ريڪارڊ جو بٽڻ دٻائي چيڪ ڪيو. هاڻ ڪيسٽ ريڪارڊ ڪري رهيو هو.

رڪي مهرباني مڃي. "هيءَ منهنجي هابي آهي سائين! آئون ريڊيو ۽ ٽي وي تان نشر ٿيندڙ سيئي سڀ انٽرويو ريڪارڊ ڪندو آهيان. اسڪول ۾ ڪنهن وٽ به مون جيترو ذخيرو ڪونهي."

"هائو! ۽ هڪ ڏينهن ان ذخيري جي وڏي اهميت ٿيندي" ڪرسٽوفر چيو. هو

دل ئي دل ۾ سوچي رهيو هو ته هي ٽيپ ريڪارڊ جو دور آهي. اهو ئي حال رهيو ته مستقبل ۾ ماڻهو لکڻ وساري ويهندا ۽ 35هين ترميم منظور ٿي ويئي ته ايڏا به خراب ٿيندو. جاسوسيءَ جا اليڪٽرانڪ اوزار عام ٿي ويندا.

"هيلو ڏاڏي!" رڪي جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ڪرسٽوفر تيزيءَ سان اٿي بيٺو. هن حنا بيڪسٽر کان طبيعت پڇي ۽ احترام واري لهجي ۾ سندس مڙس جي وفات تي ڏک جو اظهار ڪيو. حنا رڪي کي پنهنجي ڪمري ۾ موڪلي ڇڏيو. هن ايڏا هوم ورڪ نه ڪيو هو. رڪي جي وڃڻ کانپوءِ هن ڪرسٽوفر کي ويهڻ جو اشارو ڪيو ۽ پاڻ به ويهي رهي. ڪجهه دير هوءَ پنهنجي مڙس جي گذريل وقت جون ڳالهيون ڪندي رهي ۽ پوءِ ٽڏو ساهه ڪڍندي چيائين. "ڇڏ ڪڍي انهن ڳالهين کي.... ٻڌاءِ تنهنجو ڪم ڪار ڪيئن پيو هلي؟"

"ڪم سولو ڪونهي. هاڻ مونکي اندازو ٿئي ٿو ته ڪرنل ڪيترو نه ذهين ۽ ڏاڍ هو."

"هو سدائين اهو ئي چوندو هو ته اهو ڪم پُرڪڻي متي تي ڊوڙڻ وانگر آهي. پر ڪرس! ڪرنل کي توتي وڏو پروسو هو. هن جو چوڻ هو ته تون ان عهدي جي لاءِ بي حد مناسب ماڻهو آهين."

"ان رات هن مونکي ڪم جي سلسلي ۾ ئي گهرايو هو؟"

"بلڪل!"

"هن اوهانکي چا چيو هو؟"

"هوءُ هوش ۾ آيو ته آئون وٽس ئي ويٺي هيس. هو بي حد ڪمزور ٿي ويو هو. مونکي ڏسي هن جي اکين ۾ شناسائي جي چمڪ ايري. پوءِ هن جهيڻي آواز ۾ ڪجهه چيو. پوءِ هن مونسان ذاتي نوعيت جون ڳالهيون ڪيون. پوءِ چيائين "ڪرسٽوفر کي گهرائي." اهو بي حد ضروري آهي. مونکي ساڻس ضروري ڳالهائڻو آهي. اهو ارجنٽ آهي. مون هڪدم توکي گهرائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر افسوس جو تون وقت تي پهچي نه سگهين."

"هڪ ڳالهه ته ٻڌايو هن جيڪو ڪجهه مونکي ٻڌائڻ ٿي چاهيو اهو اوهانکي چو نه ٻڌايو."

حنا بيڪسٽر چرڪي. شايد هن ان انداز ۾ سوچيو ئي نه هو. "هو ايئن نٿي ڪري سگهيو." هن ۾ پروسي واري لهجي ۾ چيو "مونکي يقين آهي ته اها ڳالهه هن جي ڪم بابت هئي ۽ هو مون سان اهڙي ڪا ڳالهه بلڪل نه ڪندو هو. هو نجي

زندگيءَ کي آفيس جي زندگيءَ کان بلڪل ڌار رکندو هو."

ڪرسٽوفر ڪيس ٻڌائڻ ٿي چاهيو تہ ڪرنل پادري ڏوسڪيءَ سان اها ڳالهہ ٻولهہ ڪئي هئي، پر ڪجهہ سوچي هو ماڻ ٿي ويو. حنا بيڪسٽر کي انهن معاملن ۾ ملوث ڪرڻ مناسب نہ هو جنهن کان مڙسهينس ڪيس ڌار رکيو هئس. "ڪاش! منهنجي ساٿس ڳالهہ ٻولهہ ٿئي ها." هن چيو. "ڪجهہ ضروري فائيل مونکي نہ ڏيا ملن. آفيس ۾ منهنجي سيڪريٽري چگيءَ طرح ڏسي ورتو آهي. هن ٻڌايو تہ ڪرنل جي ذاتي ڪيبينٽ گهر موڪلي ويئي هئي."

"اهو صحيح آهي."

"اوهين مونکي ڏيکاريو. ٿي سگهي ٿو گهربل فائيل ان ۾ موجود هجن."

"اها ڪيبينٽ هاڻ هتي تہ ڪونهي." حنا جواب ڏنو. "جنهن ڏينهن ڪرنل لاڏاٽو ڪيو ورنن ٽامسن اها ڪيبينٽ مون کان ٽن مهينن جي لاءِ گهرائي ورتي هئي. هن جو چوڻ هو تہ ان ۾ ڪي ڳجهيون شيون آهن. توکي جيڪڏهن فائيلن جي گهرج آهي تہ ٽامسن سان ڳالهائي. هو توسان سهڪار ڪندو."

ڪرسٽوفر کي اها ڳالهہ عجب جهڙي لڳي. ٽامسن جو ڪاغذن سان ڪهڙو واسطو ٿي پيو سگهيو. پر هن اها ڳالهہ حنا بيڪسٽر کي چوڻ نٿي چاهي. تنهنڪري هن چيو. "حنا! مونکي 35هين ترميم بابت ڪجهہ ڪاغذن جي ڳولا آهي. جن کي ڪرنل آر دستاويز جو نالو ڏنو آهي. ڪڏهن اهو دستاويز اوهان جي نظر مان تہ نہ گذريو آهي؟"

"مونکي انهن فائيلن سان ڪابہ دلچسپي نہ هئي. اهو ئي سبب آهي جو مون ڪڏهن بہ انهن ڪاغذن کي هٿ بہ نہ لڳايو."

"هونهہ. ممڪن آهي تہ ڪرنل ڪڏهن اوهان سان آر دستاويز جو ذڪر ڪيو هجي؟"

حنا نهڪر ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. "نہ مونکي ياد ڪونهي، مون توکي ٻڌايو نہ تہ هو مونسان آفيس جي معاملن تي ڪڏهن بہ نہ ڳالهائيندو هو."

ڪرسٽوفر جي مايوسي هر گهڙي وڌندي ويئي. "اوهين ڪنهن اهڙي شخص کي سڃاڻو جيڪو ڪرنل جي ويجهو رهيو هجي. ٿي سگهي ٿو تہ ڪرنل ڪنهن اهڙي شخص کي آر دستاويز جي باري ۾ ٻڌايو هجي."

"بيڪسٽر تنهائي پسند شخص هو." حنا جواب ڏنو هن جا ويجها دوست گهٽا نہ هئا. آفيس ۾ هيري ايڊورڊ ۽ ورنن ٽامسن سان ويجهو هو. پر نجي زندگيءَ

ہر....." هو کجھ دير هن کي زور ڏيندي رهي. پوءِ چيائين "هائو! هڪ شخص اهڙو هو جيڪو نجي زندگيءَ ۾ هن جو دوست هو. ڊونالڊ ڪريڊن ۽ اهو گھٽو ويجھو هئس. اهو ئي سبب آهي جو ويچاري ڊونالڊ تي خراب وقت آيو تہ بيڪسٽر کي گھٽو افسوس ٿيو. پوءِ هن جو رونالڊ سان ڪو رابطو نہ رهيو."

ڪرسٽوفر کي نالو بدّل محسوس ٿيو. هو ڏهن تي زور ڏيندو رهيو. نيٽ اخبار جي سرخين جي حوالي سان کيس اهو نالو ياد اچي ويو.

"ڊونالڊ تي کيس هليو ۽ کيس سزا ملي. هن وقت هو لوئس برگ جيل ۾ آهي." حنا بڌايو "هن جي جيل وڃڻ کانپوءِ بيڪسٽر هڪ ويجھي دوست کان محروم ٿي ويو. پنهنجي پوزيشن کي نظر ۾ رکندي هو جيل وڃي ساٿس ملي نٿي سگھيو. پر بيڪسٽر کي يقين هو تہ ڊونالڊ بي ڏوهي آهي. هن جي نظر ۾ ڊونالڊ جي معاملي ۾ قانون جون تقاضائون تہ پوريون ٿي ويون هيون، پر انصاف جون تقاضائون پوريون نہ ٿيون هيون."

"ڊونالڊ ڪريڊن، ها، مونکي ياد اچي ويو" ڪرسٽوفر چيو. "ہ ٿي سال اڳ جي ڳالھ آهي نہ! ان مالياتي اسڪينڈل جي وڏي شهرت ٿي هئي. تفصيل البتہ ياد نہ اٿم."

"مڪمل تفصيل تہ مونکي بہ ياد ڪونهي، بهرحال ڊونالڊ وڪيل هو. گذريل صدارتي انتظاميہ ۾ هو صدر جو صلاحڪار هو. مٿس رشوت وٺڻ يا سرڪاري رقمن ۾ گھوپيون هڻڻ جو الزام هو. ان سلسلي ۾ ايف بي آئي هالينڊ نالي هڪ شخص کي جھليو هو. جيڪو پوءِ سلطاني گواھ بڻجي ويو هو. هن مان ڏهہ لک ڊالرن جي اها رقم نہ نڪتي. جيڪا هالينڊ جي الزام موجب هو ٽرڊ پارٽيءَ کي پهچائڻ پي ويو. ڊونالڊ جو چوڻ هو تہ رقم وٽس نہ هئي. بهرحال هالينڊ جي شاهديءَ جي ڪري هو سزا کان بچي نہ سگھيو."

"هائو! هاڻ مونکي ڪجھ ياد پيو اچي. منهنجو خيال آهي تہ کيس ڪا وڏي سزا ملي هئي."

"پندرنهن سال ٽيپا" حنا بڌايو بيڪسٽر ان ڳالھ تي گھٽو ڏکارو هو ۽ هن جو چوڻ هو تہ صدارتي انتظاميہ پنهنجا پلئہ آجا رکڻ جي لاءِ ڊونالڊ کي قاسايو آهي. هو کيس جي دوران فقط ايترو ڪري ٿي سگھيو تہ سزا گھٽائڻ جي ڪوشش ڪري، پر ان ۾ بہ کيس ڪاميابي نہ ٿي. بيڪسٽر جو ارادو هو تہ ڊونالڊ پنج سال سزا ڪاٽي وٺي تہ کيس پيرول تي آزاد ڪرائي وٺي. پر هاڻ بيڪسٽر ٿي

ڪونهي. هاڻ ڊونالڊ کي ڪنهن به شيءِ سان دلچسپي ڪونهي. خير ته آئون اهو چئي رهي هيس ته ڊونالڊ ئي اهو اڪيلو شخص هو جنهن کان توکي مدد ملي ٿي سگهي."

"اوهانجو مطلب آهي ته ڊونالڊ کي آر دستاويز جي باري ۾ ڪا نه ڪا خبر هوندي."

"آئون پڪ سان ته ڪجهه به چئي نٿي سگهان. جيڪڏهن اهو دستاويز ايترو ئي اهم هو ته پڪ سان ڊونالڊ سان ڳالهه ٻولهه ٿي هوندي. هو ڏکين معاملن ۾ سدائين ڊونالڊ کان راءِ ونڊندو هو. تون اٽارني جنرل جي حيثيت سان "لوئس برگ" وڃي ڊونالڊ سان ملي سگهين ٿو. تون کيس ٻڌائي سگهين ٿو ته هاڻ بيڪسٽر جي جاءِ تي تون هن جي مدد ڪندين ۽ڪيس پيرول تي چڏائيندين. ائين هو توسان سهڪار ڪندو ۽ توکي گهربل جاڻ مهيا ڪندو. آئون به کيس خط لکي چڏيندس ته تون بيڪسٽر جو سٺو دوست آهن ۽ توتي اعتبار ڪري سگهجي ٿو."

"آئون اوهانجو ٿورائتو رهندس." ڪرسٽوفر احسان مندیءَ مان چيو. "آئون واقعي به کيس پيرول تي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندس."

"ٺيڪ آهي.... آئون کيس خط لکي چڏيندس. خط ته مونکي هونئن به لکڻو ئي هو. تون وٽس ڪڏهن ويندين."

"هڪ هفتي جي اندر اندر." ڪرسٽوفر اٺندي چيو. "توهانجي وڏي مهرباني حنا! جيڪڏهن توکي ڪنهن ڪمر منهن جي مدد جي گهرج پوي ته بنا هڀڪ جي فون ڪري ونج. خدا حافظ"

اتان نڪرندي هو ڪافي مطمئن هو. ڊونالڊ ڪريبن جي روپ ۾ هڪ نئون امڪان سامهون آيو هو. پر هو وسامي ويو هو. آر دستاويز جي سلسلي ۾ کيس ورنن ٽامسن سان مُنهان منهن ٽيڙو هو. کيس سوچڻو هو ته ان سلسلي کهڙي حڪمت عملي اختيار ڪئي وڃي. اهو به طئي هو ته جيترو جلد سامهون ٿي وڃجي اوترو سٺو آهي.

•

ٻي ڏينهن صبح جو سوا ڏهين بجي ڪرسٽوفر. ايڊگرهوور بلڊنگ پهتو. کيس توقع هئي تہ ٽامسن سان سندس آفيس ۾ ئي ملاقات ٽيندي ۽ هو ڏسي

سگھندو تہ ڪرنل بيڪسٽر جي ڪيبينٽ اتي موجود آهي يا نہ. پر ٽامسن ڪيس ڪانفرنس روم ۾ وٺي ويو ۽ ڪيس صدراتي ڪرسيءَ تي ويهاري پاڻ سندس پر ۾ ويهي رهيو.

پنهنجي بريف ڪيس مان انگن اکرن جو لفافو ڪڍندي ڪرسٽوفر، ٽامسن کي پنهنجي سيڪريٽري بيٽ سان ڪل پوگ ڪندي ڏٺو. جيڪا ڪافي ڪٽي آئي هئي. ڊائريڪٽر جي اها خوشدلي ڏسي ڪرسٽوفر جا شڪ ۽ شبها ڏوپجڻ لڳا. جيڪي فادر ڊوسڪيءَ سان ملاقات ڪانپوءِ هن جي دل ۾ ٽامسن جي لاءِ اُپريا هئا. هن سوچيو، فادر ڊوسڪيءَ کي غلط فهمي ٻہ ٽي سگهي ٽي.

"ها بيٽا!" ٽامسن ٻاهر ويندڙ سيڪريٽري کي مخاطب ٿي چيو "هاڻ اسان کي ڊسٽرب نہ ڪج." دروازو بند ٿيندي ئي هو ڪرسٽوفر ڏانهن مڙيو. "ها ڪرس! هاڻ ٻڌاءِ آئون تنهنجي لاءِ ڇاٿو ڪري سگهان."

"آئون لاس اينجلس جي لاءِ پنهنجي تقرير تي ڪم پيو ڪريان. ان تقرير ۾ آئون ڪيليفورنيا ۾ ڏوهن جي باري ۾ تنهنجا تازا انگ اکر شامل ڪرڻ ٿو چاهيان."

"هائي، ڪيليفورنيا تي تہ اسين خاص محنت پيا ڪريون. اهو اسانجي جنگ جو آخري ميدان آهي. مون ڪلهہ توکي ڏوهن جا تازا انگ اکر موڪليا هئا."

"اهي تہ هيءَ آهن." ڪرسٽوفر لفافو ڪڍندي چيو. "آئون چاڻڻ ٿو چاهيان تہ ڪا نئين ڳالهہ تہ ناهي...."

"اهي بنهہ تازا آهن." ٽامسن سندس ڳالهہ ڪٽيندي چيو. "تنهنجي تقرير ۾ گهٽو اثر ائتا ثابت ٿيندا. ۽ ڪيلي فورنيا وارن کي ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ويندي تہ ڪين آئيني مدد جي گهرج آهي" ڪرسٽوفر انگن اکرن جو جائزو ورتو ۽ چيو "اها ڳالهہ ڇئي آهي تہ ڪيليفورنيا ۾ ڏوهن جي واڌ ٻين رياستن جي مقابلي ۾ وڌي ويئي آهي. اهي انگ اکر صحيح آهن نہ؟"

"ظاهر آهي... هي اتي جي پوليس جو فراهم ڪيل ريڪارڊ آهي."

ڪرسٽوفر ڪافيءَ جو ڊڪ پريندي چيو. "تي وي مناظري واري آئيڊيا مونکي سٺي نہ لڳي. ان جو سبب اهو آهي تہ مون ترميم جي نفس مضمون تي وڌيڪ غور نہ ڪيو آهي."

"اڙي ڪجهہ بہ ڪونهي." ٽامسن لاپرواهيءَ مان هٿ هلايو. "تون ڪامياب

رهندين. هونئن بہ توکي ترميم بابت سموري ڄاڻ آهي."

"ٽي سگهي ٿو..... ٽي سگهي ٿو مونکي خبر نہ هجي." ڪرسٽوفر هيڪندي چيو.

"چا پيو چوين....؟" ٽامسن حيرت ظاهر ڪئي. "توکي سڀ ته خبر آهي...."

ڪجهہ ڪرڻ جي گهڙي اچي پهتي هئي. "ان سلسلي ۾ هڪ شيءِ آر دستاويز بہ ته آهي.... مونکي ٻڌائي ته ان جو 35هين ترميم سان ڪهڙو واسطو آهي؟"

ٽامسن جي منهن تي معصوم حيرت ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ تاثر نہ هو. يا ته هو اداڪار هو. يا ڪيس واقعي، آر دستاويز جي باري ۾ ڪجهہ بہ خبر نہ هئي. "آر دستاويز ڪهڙي بلا آهي؟ ان جي باري ۾ توکي ڪٽان پتو پيو. مون ته اهو نالو پهريون ڀيرو ٻڌو آهي." هن چيو.

"آئون اڄ ڪرنل جا ڪاغذ ڏسي رهيو هئس جو منهنجي هڪ ڪاغذ تي نظر پئي. اهو 35هين ترميم بابت هو. ان ۾ آر دستاويز جي باري ۾ ذڪر ڪيل هو."

"اهو ميمو ڪٿي آهي. مونکي ٽورو ڏيکار."

"اهو ته مون وٽ ڪونهي. شايد ڦاڙڻ وارن ڪاغذن ۾ هليو ويو. بهرحال اهو دستاويز منهنجي ذهن ۾ اٽڪي بيهي رهيو آهي. مون سوچيو ته ٽي سگهي ٿو توکي ان جي باري ۾ ڪا ڄاڻ هجي."

"مون ڪڏهن بہ آر دستاويز جو نالو نہ ٻڌو آهي." ٽامسن پراعتماد لهجي ۾ چيو. "ٽي سگهي ٿو اهو 35هين ترميم جي لاءِ ڪرنل بيڪسٽر جو ڪوڊ ورڊ هجي. ٻي ڪا وضاحت ته منهنجي سمجهہ ۾ نٿي اچي. بهرحال! توکي يقين هئڻ گهرجي ته توکي 35هين ترميم جي باري ۾ هر ڳالهہ جي ڄاڻ آهي. تون پنهنجو ڪم ڪر. اسين پنهنجو ڪم ڪنداسين ۽ ايئن ترميم پاس ٽي ويندي. ڪرس! توکي اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي ته ان معاملي ۾ اسين شڪست جي ست سهي نہ سگهنداسين."

"ٺيڪ آهي. آئون هلان ٿو." ڪرسٽوفر چيو ۽ لفافو بريف ڪيس ۾ رکڻ کانپوءِ اُٿي ڪڙو ٿيو.

واپسيءَ جي سفر ۾ هو سوچيندو ۽ منجهندو رهيو. ڪرنل بيڪسٽر موت جي بستري تي آر دستاويز کي خطرناڪ قرار ڏنو هو. پر ايف بي آئي جي ڊائريڪٽر ان کان اڳ ڄاڻائي جو اظهار ڪيو هو. ڳالهہ نڙيءَ کان هيٺ نٿي لٿي. هن

سوچيو ڪيليفورنيا ۾ رهڻ جي دوران ايف بي آئي ۽ ڊائريڪٽر ٽامسن جي باري ۾ گهڻو ڪجهه معلوم ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ پوءِ لوئس برگ جيل ۾ ڏونالڊ ڪريڊن سان ملاقات ۾ آر دستاويز جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ڪولي سگهي ٿي. ڪرنل بيڪسٽر مرڻ مهل ڪيس تاڪيد ڪئي هئي ته ان خطرناڪ ٽڪ کي هر حالت ۾ بي نقاب ڪرڻ گهرجي. جنهن جو نالو آر دستاويز آهي. شايد ڪرنل کي احساس نه هو ته هن جو نياپو هڪ اهڙي ڪمري وانگر آهي، جنهن جو نه ڪو دروازو نه ئي وري ڪا دري آهي. پهريون ڪم ته ڳجهو دروازو ڳولڻ جو هو.

ڪرسٽوفر فيصلو ڪيو ته هو اهو ڪم جلد کان جلد ڪندو.

•

ڊائريڪٽر ٽامسن پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هيري ايڊورڊ جو اوسيئڙو ڪري رهيو هو. هيري آفيس ۾ گهڙيو ته ٽامسن اکيون کڻڻ کانسواءِ ئي چيو. "هو اجهو هينئر ئي ويو آهي."

"چا جي لاءِ آيو هو؟" هيريءَ پڇيو.

"بهانو ته ڪو پيو هو پر حقيقت ۾ هو آر دستاويز جي باري ۾ پڇي رهيو هو."

"اوهان ڪڏهن ان دستاويز جو نالو ٻڌو آهي؟"

"سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. منهنجي سمجهه ۾ هن جي ڪابه ڳالهه نه آئي."

"ته پوءِ ڪيس ڪٿان خبر پئي؟"

"چئي رهيو هو ته ڪرنل بيڪسٽر جي هڪ ميموءَ ۾ ان جو ذڪر آهي. پر مونکي خبر آهي ته هو ڪوڙ پيو ڳالهائي." ٽامسن هيريءَ جي اکين ۾ ڏسندي چيو. "هي ڪرسٽوفر هر معاملي ۾ ٽنگ اڙائڻ وارو ٿو لڳي. منهنجو خيال آهي ته هو اسانجي لاءِ ڏکيائون پيدا ڪندو رهندو."

"ڪهڙيون ڏکيائون چيف!"

"اهوئي ته هو سمجهي ٿو ته ورنن ٽامسن کي بيوقوف بنائي سگهي ٿو." ٽامسن چيو. "خبر اٿئي هيري! ايڊگر هوور بلڊنگ "هوور جي" لاءِ تمغي جي حيثيت ٿي رکي. اها مونکي ملي نٿي سگهي. پر 35هين ترميم منهنجو تمغو آهي. مونکي خبر آهي ته اها ترميم آئين جو حصو بڻجي ويئي ته آئون سڀائين ان حوالي سان ياد رکيو ويندس."

"بيشڪ چيف." هيري پرجوش لهجي ۾ تائيد ڪئي.

"ڀ ان جي لاءِ ضروري آهي ته ڪرسٽوفر تي نظر رکي وڃي. رڳو هتي ئي نه پر ڪيليفورنيا ۾ به آئون ان سلسلي ۾ تفصيلي پروگرام طئي ڪرڻ ٿو چاهيان. تنهنڪري ڏيان سان ٻڌ."

•

ٽي وي مذاڪري ۾ بار ايسوسئيشن جي سامهون تقرير ڪرڻ جي جهنجٽ جي باوجود ڪرسٽوفر کي ڪيليفورنيا جي دوري جو خيال ڏاڍو سٺو لڳي رهيو هو. پروگرام موجب خميس جي ڏينهن ڪيس منجهند ڏاري سان فرانسسڪو پهچڻون هو. سان فرانسسڪو هوٽل ۾ هڪ سوئيٽ بڪ هو. اتي ڪيس ۾ سرڪاري وڪيلن سان ملاقات ڪرڻي هئي. پوءِ ڪيس پنهنجي اوٽيهن سالن جي پٽ جوش سان ملاقات ڪرڻي هئي. جيڪو برڪلي مان ساٺس ملڻ جي لاءِ اچڻو هو. جوش سان ملندي اٺ مهينا ٿي چڪا هئا.

پر هن جو پروگرام اڻ پورو رهجي ويو. رواني ٽيڻ کان اڳ هن پروگرام پڪو ڪرڻ جي لاءِ جوش کي فون ڪئي. ڪجهه دير هتان هتان جي ڳالهين کانپوءِ جوش ٻڌايس ته هو گهٽو مصروف آهي.

"خميس واري ڏينهن آئون سان فرانسسڪو اچي رهيو آهيان. توسان ملاقات ٿي سگهي ٿي؟" ڪرسٽوفر پڇيس. پوءِ پنهنجي دوري ڪرڻ جي مقصد بابت به ٻڌايس.

ڪجهه گهڙيون خاموشي رهي. پوءِ رسيور مان جوش جو آواز اُپريو. "اوهين 35هين ترميم جي حق ۾ ڪم پيا ڪريو نا؟"

ڪرسٽوفر هيڪيو ڪيس طوفان جي اچڻ جا آثار نظر اچڻ لڳا. نيٺ هن جواب ڏنس. "هائو! اهائي ڳالهه آهي."

"پر ڇو؟"

"ڇاڪاڻ ته اهو منهنجي فرض ۾ شامل آهي. آئون انتظاميا جو هڪ پرزو آهيان."

"اهو نه ڪو مناسب سبب ڪونهي ڊيڊي"

"ڀ ٻيا به سبب آهن. 35هين ترميم جا ڪجهه هاڪاري پاسا به آهن."

"آئون پوري ديانتداريءَ سان چوان ٿيو ته مونکي ڪو به هاڪاري پاسو نظر نٿو اچي. ان ترميم جي خلاف جنگ ۾ شامل آهيان. آئون ڏرني هيرس گروپ ۾

شامل آهيان. اسين ڪيليفورنيا ۾ بنيادي حقن جي تحفظ لاءِ ان ترميم خلاف پرپور جنگ وڙهنداسين."

"آئون توکي ڪاميابي جي دعا ئي ڏيئي سگهان ٿو. پر مونکي ڊپ آهي ته اوهين پنهنجي جنگ هارائي ويندا. صدر صاحب ترميم کي منظور ڪرائڻ جي لاءِ هڙئي وسيلا استعمال ڪري رهيو آهي."

"صدر صاحب!" جوش جي لهجي ۾ ڪاوڙ هئي. "هن جو مٿو به فتبال جيان خالي آهي. پر اسانکي سندس فکر ڪونهي. اسانکي ته ورنن ٽامسن جو فکر آهي، جيڪو هن دور جو هٽلر آهي."

"منهنجي خيال ۾ تون مبالغي کان ڪم پيو وٺين. ٽامسن ته هڪ پوليس وارو آهي. جنهن جا فرض سولا ڪونهن، ڪيس هٽلر سان گڏڻ زيادتي آهي."

"آئون ثابت ڪري سگهان ٿوته اوهين غلطيءَ تي آهيو." جوش جو لهجو تکو ٿي ويو.

"تنهنجو مطلب ڪهڙو آهي؟"

"35هين ترميم جا حامي اهو دليل ڏين ٿا ته 35هين ترميم کي هنگامي حالتن ۾ استعمال ڪيو ويندو. پر ٽامسن ۽ سندس ساٿين جا ارادا ڪجهه ٻيا آهن. ترميم هڪ پيرو منظور ٿي وئي ته پوءِ هو فوري طور تي ان مان فائدو وٺندا."

"ڇا مطلب؟"

"آئون فون تي تفصيلي ڳالهائي نٿو سگهان. پر پنهنجي ڳالهه ثابت ڪري سگهان ٿو. اسين ان سلسلي ۾ تحقيق ڪري چڪا آهيون ۽ ووٽنگ کان ڪجهه ڏينهن اڳ ان کي ماٺهن جي سامهو پڌرو ڪرڻ جو ارادو رکون ٿا. اوهانجي پوزيشن جي ڪري منهنجي ساٿين کي ان تي اعتراض نه ٿيندو. تي سگهي ٿو ته اوهين قائل ٿي وڃو."

"آئون هر مناسب ڳالهه ٻڌڻ جي لاءِ تيار آهيان. پر توڻي ان ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو ته مون وٽ گهڻو وقت ڪونهي."

"آئون اوهانکي وٺي هلندس. اوهانجو وقت به ڏيان نه ٿيندو. ڊيڊي! منهنجي هڪ ڳالهه بس رڳو ڳالهه ميو."

ڪرسٽوفر چرڪي پيو. جوش زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ائين منٽ نه ڪئي هئي. "ٺيڪ آهي. آئون تنهنجي لاءِ وقت ڪيڊي وٺندس. تون چا ٿو چاهين؟" هن پڇيو.

"اوهين خميس جي منجهند جو مونکي سڪرا منٽو ۾ ملو. اتان اسين ڪار جي وسيلي نيويل ويندا سين."

ڪرسٽوفر پروگرام بدلائي چڏيو. هو رڳو اتارني جنرل نه پر ان پٽ جو پيءُ به هو. جنهن سان ڪيس محبت هئي. هي سان فرانسسڪو جي بدران سڪرانٽو جي اڏام ۾ چڙهيو. ايئرپورٽ تي جوش هن جي اوسيڑي ۾ هو. هو ڪرسٽوفر سان ڀڪجي ويو. محبت جي ان مظاهري کانپوءِ هو ٻيئي پاڙي جي هڪ ڪار ۾ ويڻا. ايجنٽ هوگن به ساڻن گڏ هو.

ڪار جو سفر ٽڪائيندڙ هو. جوش بار بار ٻڌايو ٿي ته بس ڇاڻ پهتاسين. پر هن منزل جي سلسلي ۾ ڪنهن وضاحت ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو. "اوهين پاڻ ئي ڏسي ونجو" ڪرسٽوفر زور پرڻ تي هن اهوئي جواب ٿي ڏنو. ڪرسٽوفر کي افسوس ٿي رهيو هو ته هن هرو پرو جوش جي ڳالهين تي ڌيان ڏريو. نوجوان چوڪرا هونئن ئي ڳالهه کي ڳالهوڙو بنائي چڏيندا آهن. پر هو خوشگوار لهجي ۾ هتان هتان جون ڳالهيون ڪندو رهيو.

"ڊيڊيڊ بنيادي انساني حقن جو دستاويز آمريڪا لاءِ عظمت جي نشان جي حيثيت رکي ٿو." جوش چيو ڪرسٽوفر تلخيءَ سان سوچيو الائجي چو سڀ پٽ پنهنجي پيئرن جي باري ۾ اهو گمان رکن ٿا ته کين ڪا به خبر ڪونهي. "۽ هاڻ 35هين ترميم آمريڪا کي انهن عظمتن کان محروم ڪرڻ واري آهي." جوش وڌيڪ چيو.

"ايمرسن آئين جي باري ۾ چيو آهي ته هر آئين انسان جي قد کان وڏو پاڇو هوندو آهي. انسانن پاڻ کي هڪڙئي جي مقابلي ۾ تحفظ ڏيڻ جي لاءِ اهي جوڙيا آهن ۽ جيڪڏهن اهو تحفظ کسجي وڃي ته پوءِ سخت قدم کڻڻ ضروري ٿيو پون."

"آئون نٿو مڃيان." جوش ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو. "ڪنهن شئيءِ کي جاچڻ جو هڪڙئي اثرائتو طريقو هوندو آهي. دنيا کي ڏسو هر اها مملڪت، جيڪا حقيقي معنيٰ ۾ آزاد آهي، ان بنيادي حقن ۾ جنهن معطلي يا ترميم جي گنجائش نه ڇڏي آهي ، باقي جتي ڊڪٽيٽرشپ آهي، اتي جي ڳالهه ٻي آهي. پر هو به بنيادي حقن جو ڊونگ رچايو ويڻا آهن. اها ٻي ڳالهه آهي ته ان کي، جيئن ته، چاڪاڻ ۽ پر جهڙن لفظن جي ذريعي غير موثر ڪيو ويو آهي. اسانجي آئين جي سڀ کان وڏي خوبي اهي ترميمون آهن. جيڪي بنيادي انساني حقن جي دستاويز جي حيثيت رکن ٿيون ۽ اوهان جو صدر صاحب ۽ ايف بي آئي اُن کي پائمال ڪرڻ ٿا چاهيو.

يقين ڪريو تہ جيڪڏهن ڪيليفورنيا اسيمبليءَ ان ترميم کي پاس ڪري ڇڏيو تہ اسين سڀ هميشہ جي لاءِ انصافءِ آزادي جي تصور کان محروم ٿي ويندا سين. تنهن ڪري ان کي آئون آمريڪا جي تاريخ جي اهم ترين جنگ قرار ڏيئي رهيو آهيان."

ڪرسٽوفر کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌندي ٽڪاوٽ جو احساس پي ٿيو. هن ڳالهايو تہ سندس لهجي ۾ ٽڪاوٽ هئي. "جوش! تون جيڪو ڪجهہ چئي رهيو آهين. اهو ڪڏهن بہ نہ ٿيندو. 35هين ترميم اوهانکي تحفظ ڏيندي. پر حقيقت اها آٿئي تہ اها ڪڏهن استعمال ڪرڻ جي نوبت ئي نہ ايندي."

"اڃهو پندرهن منٽن کانپوءِ اوهين جيڪي ڪجهہ ڏسندا، اهو اوهانجي ان ڳالهہ جي تردید جي لاءِ گهٽو ڪجهہ آهي. هون! بس هاڻ اسين اتي پهچڻ وارا آهيون."

ڪرسٽوفر دريءَ مان ٻاهر ڏٺو. جنهن رستي تي هو سفر ڪري رهيا هئا، اهو آمريڪا جو حصو تہ لڳو ئي نہ ٿي. اتي هڪ سڪل ڍنڍ ۽ هنڌ هنڌ تي لوڻ جي ڏڳن کانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هو. اتي زندگيءَ جا آثار بہ نہ هئا.

پر هاڻ هڪ اسٽور ۽ هڪ گيسولين پمپ نظر آيو. ٻنهي هنڌن تي ڪجهہ ماڻهو گڏ ٻيٺل هئا. هڪ سائن بروڊ لڳل هو. جنهن تي نيويل لکيل هو. جوش ڊرائيور کي هدايتون ڏيندو رهيو. نيٽ کيس گاڏي روڪڻ جي لاءِ چيائين. ڪرسٽوفر حيران ٿي ويو. "ڪٿي وٺي آيو آهين؟"

"هيءَ نيول ڍنڍ آهي." جوش فاتحانہ لهجي ۾ جڙ اعلان ڪيو. ڪرسٽوفر ڏهن تي زور ڏيندو رهيو. نالو ڪجهہ ٻڌل سڌل پي لڳس.

"اها 1942ع جي ڳالهہ آهي. پرل هاربر تي حملي کان اٺ هفتا پوءِ صدر روز ويلٽ جي حڪم نمبر 9066 جي ذريعي هيءَ ڪيمپ قائم ڪئي وئي." جوش وضاحت ڪئي. "هن جاپاني نسل جي آمريڪين کي قومي سلامتيءَ جي لاءِ خطرو قرار ڏنو. تنهنڪري هڪ لک ڏهن هزارن جاپانين کي، جن ۾ بہ ياگي ٿي آمريڪا جي قوميت رکندڙ هئا، ڏهن مختلف ڪيمپن ۾ نظر بند ڪيو ويو." نيويل ڍنڍ واري ڪيمپ بہ انهن ۾ شامل هئي. ان کي آمريڪا جو بدترين عقوبت خانو قرار ڏنو وڃي ٿو. هتي اڙهن هزار ماڻهو قيد هئا."

"تو جيان مونکي بہ آمريڪا جي پاڻ تي اهو داغ سٺو نہ ٿو لڳي." ڪرسٽوفر چيو "پر ان جو حال يا 35هين ترميم سان ڪهڙو واسطو؟"

"اوهين پاڻ ڏسي ونو." جوش چيو ۽ پويون دروازو کولي ٻاهر نڪتو.

ڪرستوفر بہ ائين ڪيو. گرم ۽ خشڪ هوا جا جهوٽا ڪيس سٽي رهيا هئا. هن ڪيمپ جو جائزو ورتو. لوهي تارن جي واڑجي پويان سرن جون عمارتون هيون. هن هڪ پاسي اشارو ڪندي جوش کان پڇيو. "هي نيويل ڊنڊ آهي.؟"

"هئي! هاڻ ڪونهي." جوش هڪ هڪ لفظ کي زور ڏيئي چيو. "هي۽ اسانجو سخت ترين عقوبت گهر هو. سڪل ڊنڊ جي چوڌاري هزار ايڪڙن تي پٽل. پر هاڻ ٻيو ڪجهه آهي ۽ آئون اوهانکي اهو ئي ڏيکارڻ جي لاءِ هت وٺي آيو آهيان."

"ڪم جي ڳالهه ڪر جوش!"

"ٺيڪ آهي ڊيڊي! پر ان کان اڳ هڪ شئي۽ ڏسي وٺو ته جيئن سپ ڪجهه چٽو ٿي وڃي." جوش لفافي مان ڇهه ست تصويرون ڪڍي ڪرستوفر ڏانهن وڌايون. "پهرين هي تصويرون ڏسي وٺو. اهي اسانکي جاپاني نسل جي ايسوسيئشن وٽان مليون آهن. هي۽ هن هنڌ تي موجود ڪئمپ جون هڪ سال پراڻيون تصويرون آهن. اوهان کي فرق صاف پيو نظر اچي."

ڪرستوفر تصويرن کي ڌيان سان ڏٺو. انهن ۾ لوهي ڪنڊيدار تارن جو جنگلو مختلف هنڌن تان ڦٽل ڦٽل پي نظر آيو. جنگلي جي پويان ڪجهه پراڻين بيرڪن جون تصويرون پي نظر آيون. هڪ ڦٽل مينار به هو. جيڪو چوڪيدارن جي لاءِ ٺاهيل هوندو.

ڪرستوفر، تصويرون جوش کي واپس ڪندي چيو. "هنن تصويرن مان تون چا ٿو ثابت ڪرڻ چاهين؟ هنن ۾ ته ڪجهه به ڪونهي."

"اهو ته ٻڌائي رهيو آهيان." جوش چيو. "هڪ سال اڳ هت ڪجهه به نه هو سواءِ هنن ڪنڊرن جي!" هن تصويرن ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "هاڻ ٿورو هن علائقي کي ته ڏسو..... هي ڪنڊيدار تارن جو نئون جنگلو تارن ۾ بجلي ڊوڙي رهي آهي. بلڪل نئون واڇ تاور. گڏو گڏ سرچ لائيٽون. هي ٽي نيون عمارتون. اوهانکي ڪيئن پيو لڳي؟"

"اهو ئي ته هتي اڏاوتي ڪم پيو ٿئي. ٻيو چا ٿو سمجهي سگهجي." ڪرستوفر بي پرواهي۽ مان چيو.

"ڪهڙي قسم جو اڏاوتي ڪم. آئون ان جي نوعيت ٻڌايان. هي هڪ ڳجهو سرڪاري پراجيڪٽ آهي. اهو نئون عقوبت خانو آهي. مستقل عقوبتي ڪيمپ. 35هين ترميم جي منظوري ڪانپوءِ هتي ٻڌي جي حساب سان قيدي آندا ويندا."

ڪرستوفر کي ڏهني ڏڪ لڳو. پوءِ ڪيس ڪاوڙ لڳي. هن هرو پرو سجو

ڏينهن ڏيان ڪري چڏيو. تڪليف وارو سفر ڪيو ۽ ڪجھ ھڙ حاصل نہ ڪئي.

"ڏس جوش! تون اھا توقع نٹو ڪري سگھين تہ آئون تنھنجي ڳالھ مڃي، ھن ھنڌ کي عقوبتي ڪيمپ تسليم ڪري وٺندس. ھي سڀ تنھنجو وھم آھي ۽ آئون ان وھم جو بنياد بہ سمجھڻ کان قاصر آھيان. سيڪورٽي جي نقط نظر سان ملڪ ۾ اھڙيون ڪيتريون ئي رٹائون مڪمل ٹيڙ جي مرحلي ۾ ھونديون."

"ڪنھن بہ رٹا جي نوعيت اھڙي نہ ھوندي"

"بھرحال! آئون ھن کي عقوبت گھر مڃي نٹو سگھان. ھن ملڪ ۾ نہ عقوبتي ڪيمپن جي گھرج آھي ۽ نہ وري آئنده ڪڏھن ھوندي. 1971ع ۾ صدر نڪسن ۽ اٹارني جنرل مچل جي باري ۾ اخبارن اھائي خبر ڇپي ھئي تہ ھو پٹنھنجن مخالفن کي دبائڻ جي لاءِ پراٹيون جاپاني ڪيمپون ٻيھر قائم ڪري رھيا آھن. پر اھا ڳالھ صحيح ثابت ٿي نہ سگھي ھئي."

"صحيح ثابت نہ ٿي سگھي ھئي تہ غلط بہ ثابت ٿي نہ سگھي ھئي." جوش ٹھھ پھ وراٹيو.

ڪرسٹوفر آڏيءَ اک سان جنگلي جي اندرين پاسي کان ٻن ڇڻن کي مڪيہ دروازي ڏانھن ايندي ڏٹو." آئون اجھو تو تنھنجي دعويٰ کي غلط ٹو ثابت ڪريان." ڪرسٹوفر چيس. "تون ھتي ٻيھ." اھو چئي ھو دروازي ڏانھن وڌي ويو. گيٽ ڏانھن ايندڙ ٻنھي ھمراھن مان ھڪ ملٹري يونيفارم ۾ ھو. گيٽ تي ھنن ھٹ ملايو. يونيفارم وارو گيٽ تي ئي موجود رھيو ۽ سويلين لباس وارو ڪنسٹرڪشن سائيڊ طرف موٹي ويو ۽ يونيفارم وارو ڪرسٹوفر کي تيز نظرن سان ڏسڻ لڳو."

"تون ھتي گارڊ جي حيثيت سان ڪم ڪيو ڪرين."

"ھائو!"

"ھي نجي ملڪيت آھي يا سرڪاري؟"

"سرڪاري ملڪيت آھي سائين! فرمايو آئون اوھان جي ڪھڑي خدمت ڪري سگھان ٿو؟"

"آئون گورنمنٹ جو ماڻھو آھيان. تون مونکي ھيءَ جاءِ ڏيکاري سگھين ٿو؟"

گارڊ سرسري طور تي ڪرسٹوفر کي ڏٹو ۽ ڪنڌ ڏوٹيندي چيو. "جيڪڏھن اوھين گورنمنٹ جا ماڻھو آھيو تہ پوءِ ....." اھو چئي ھن مڙي سويلين لباس واري کي سڏ ڪيو. "اي ٹم....." سويلين لباس واري مڙي پويان ڏٹو. "ھي صاحب گورنمنٹ جو ماڻھو آھي. بھتر آھي سائين تہ توھان ھن سان ڳالھايو." گارڊ

ڪرسٽوفر ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

ٻيو شخص سري گيت تائين آيو. "آئون ڪنسٽرڪيشن ڪمپنيءَ جو فورمين آهيان. حڪم ڪريون آئون اوهان جي ڪهڙي خدمت ڪري سگهان ٿو." هن ڪرسٽوفر کان پڇيو.

"آئون هن پراجيڪٽ جو جائزو ونڊ ٽو چاهيان." ڪرسٽوفر وراڻيو. هن اٽارني جنرل جي حيثيت سان پنهنجو تعارف ڪرائڻ ٿي چاهيو. پر ڪجهه سوچي چيائين. "منهنجو واسطو انصاف واري ڪاتي سان آهي."

"پينٽاگون يا نيوي جي ڪليئرنس ڪانسواءِ اهو ممڪن ڪونهي." فورمين وراڻيو. "حقيقت ۾ هي ممنوعه علاقو آهي."

"هن جو واسطو نيويءَ سان آهي."

"هائو! اها ڪا راز جي ڳالهه نه آهي. هتي آبدوزن سان رابطي جي لاءِ مواصلاتي سسٽم تيار ڪيو پيو وڃي."

"هونهه بہ دراصل آئون ڪافي ڏينهن کان اخبارون پڙهي نه سگهيو آهيان. منهنجو خيال آهي تہ مونکي غلط هنڌ تي آندو ويو آهي. بهرحال تڪليف ڏيڻ تي معذرت ٿو ونان. مهرباني!" اهو چئي ڪرسٽوفر واپس وريو. ڪيس ڪائي بہ محسوس ٿي رهي هئي تہ پنهنجي بيوقوف ٽيڙ جو احساس بہ. جوش ڪار وٽ سندس اوسئيڙي ۾ بيٺو هو. هن ڪوشش ڪئي تہ هو پنهنجي ڪاوڙ کي قابو رکي هن هلڪي ڦلڪي نموني جوش جي سامهون صورتحال جي وضاحت ڪئي. پوءِ چيائين. "هاڻ تون ٽوني هيرس ۽ پنهنجن بين ساٿين کي اهو ٻڌائي سگهين ٿو تہ هو ڪيڏي وڏي غلط فهميءَ جو شڪار آهن."

جوش پنهنجي ڳالهه تي قائم رهيو. "چا اوهين اها توقع ڪريو ٿا تہ اهو مڃي ونندا. هي عقوبتي ڪيمپ آهي. هي ڪولين.... هي ڪونڊيون جيل ڪونهي تہ ٻيو چا آهي؟"

"اهو تہ تون ٿو چوين نہ!؟"

"نيوي وارن کي هن قسم جي سيٽ اپ جي گهرج نہ هوندي آهي." جوش هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو. هي واچ ٽاور چاجي لاءِ؟ هي بجلي واريون تارون چاجي لاءِ..... هي رازداري ڇو؟"

"هن جو چوڻ آهي تہ هي پروجيڪٽ ڪو راز ڪونهي هن بابت اخبارن ۾ گهڻو ڪجهه ڇپجي چڪو آهي."

"بابا! آئون اوهان سان شرط هٽڻ جي لاءِ تيار آهيان. اسانجي گڏ ڪيل معلومات تصديق ٿيل هوندي آهي. اوهين جيڪڏهن آمريڪي صدر ۽ ايف بي آئي جي منصوبن بابت ٻڌو ته اوهين حيران ٿي ويندا. اوهانکي استعمال ڪيو پيو وڃي."

ڪرسٽوفر ڪار طرف وڌي ويو. "منهنجو خيال آهي ته توکي استعمال ڪيو پيو وڃي. هاڻ اڃ! اسانکي واپس سڌريل دنيا ڏانهن واپس هلڻ گهرجي." هن مڙي پٺ کي للڪاريو.

واپسي جو سفر خاموشيءَ ۾ گذريو. سڪرامنٽو ايئرپورٽ تان ڪرسٽوفر کي لاس اينجلس جي فلائيٽ ۾ چڙهڻو هو. ڪرسٽوفر مرڪندي جوش جي ڪلهي کي ٽڪي ڏني. "ڏس پٺ مونکي توتي فخر آهي ته تون باشعور آهين ۽ هڪ مقصد جي لاءِ جدو جهد پيو ڪرين. پر توکي الزام هٽندي محتاط رهڻ گهرجي. ڪا ڳالهه چوڻ آکڙ کان اڳ سيٺي حقيقتون گڏ ڪرڻ ضروري هونديون آهن."

"مون جيڪو ڪجهه چيو آهي اهو پوري پڪ ۽ اطمينان کان پوءِ چيو آهي."

پٺ جو ضد چريو ڪرڻ جهڙو هو. ڪرسٽوفر ڏاڍي ڏکيائي مان پنهنجي خوشدلي برقرار رکي. "نيڪ آهي پٺ! جيڪڏهن آئون اهو ثابت ڪري ڏيکاريان ته تو مونکي جيڪو ڪجهه ڏيکاريو آئون پاڻ کي غلط آهي پوءِ ته مڃيندي نه!؟"

جوش جي چپن تي پهريون پيرو مرڪ نظر آئي. "اها ڳالهه مناسب آهي بابا. اوهين اهو ثابت ڪري ڏيکاريو. آئون پاڻ کي غلط مڃي ونندس."

"منهنجو واعدو آهي ته آئون اهو ثابت ڪري ڏيکاريندس. هاڻ هلان ٿو. مونکي هڪ اهڙي ميمبر سان ملڻو آهي. جيڪو تنهنجو ساٿاري آهي. پر ڪيس بہ پنهنجي ڳالهه ثابت ڪرڻي پوندي."

•

لاس اينجلس پهچي ڪيس ايترو وقت مس ملي سگهيو جو هو پنهنجي ٽن ڪمرن واري بنگلي ۾ پنهنجو سامان ڇڏي سگهو. سامان رکي هن "بيورلي هلز" هوٽل جورخ ڪيو. جتي ڏهين بجي اسيمبلي ميمبر اولن ڪيف سان ملاقات طئي ٿيل هئس. هو هوٽل پهتو ته ڏهه لڳي پنج منٽ ٿي چڪا هئا.

هوٽل جي آپريٽر هن جي فرمائش تي چوٽين ماڙ تي اولن ڪيف جي

ڪمري ۾ فون ڪئي، پي گهڙي اولن ڪيف ڪرستوفر کي مخاطب هو.

"اوهان ماني کاڌي آهي؟" ڪيف پڇيو.

"سجو ڏينهن ٽي ويو آهي. هڪ گروهہ ۾ پيٽ ۾ نہ وڌو اٿم. چا اوهين ان سلسلي ۾ ڪا آڇ پيا ڪريو." ڪرستوفر بي تڪلفيءَ مان پڇيو.

"هائو! اوهين متي هليا اچو آئون ماني گهرايان ٿو." پي پاسان جواب ملیو. "اسين تنهنجي اوسيڙي ۾ آهيون".

"اسين" تي ڪرستوفر ڇرڪيو هو فقط ڪيف سان ملڻ جي لاءِ آيو هو. هاڻ خبر پئي تہ اڪيلو ڪونهي. پوءِ ڪرستوفر چيو ٽي سگهي ٿو تہ ڪيف جي زال ۽ ٻارڙا ۾ هجن. پر ڪمري ۾ پهچي خبر پيس تہ ڪيف کان سواءِ ۾ ٻيا همراهہ ۾ ڪمري ۾ موجود آهن. ڪيف جي چپن تي دوستانہ مرڪ هئي، هن گرم جوشي سان ۽ جوش سان هٿ ملايو. پوءِ هن پنهنجي ٻنهي ساٿين جو تعارف ڪرايو. اهي ٻئي اسيمبلي ميمبر هئا. هڪ جو نالو ٽوبي ۽ پي جو باڪر هو.

رسمي ڳالهہ ٻولهہ کانپوءِ ڪيف چيو "مونکي اوهانجي ٽڪاوٽ جو احساس آهي، تنهن ڪري وقت نہ وڃائيندس تہ جيئن جلد ئي اوهانجي جند ڇٽي سگهي."

"آئون ٽورائتو رهندس. مون ڏاڍو مصروف ڏينهن گذاريو آهي. هاڻ ٽڪ سبب چري ۾ نٽو سگهان."

" جيڪو ڪجهہ چوندس، اهو اوهان سميت ڪمري ۾ موجود سڀني ماڻهن جي لاءِ اهم هوندو." اولن ڪيف چيو سينٽر پال هلرڊ، ڪنهن حد تائين اوهانکي ٻڌايو هوندو. پر آئون جيڪو ڪجهہ چوندس، اهو منهنجو خيال آهي تہ اوهانجون اکيون کولڻ لاءِ ڪافي نہ هوندو."

"هائو! پال هلرڊ ڪجهہ ٻڌايو تہ هو "ڪرستوفر چيو ۽ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين پر بک ۽ ٽڪاوٽ هن جي دماغ جي ڦرهيءَ تان سڀ ڪجهہ ڌاهي ڇڏيو هو.

"پال مونکي يقين ڏياريو هو تہ اوهان سان ڪلي ڳالهائي سگهجي ٿو." ڪيف چيو. ڪرستوفرهاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. ڪيف چيس. "مسٽر ڪولنس! اوهين جيڪو ڪجهہ ٻڌندا اهو خوشگوار ڪونهي."

ڪرستوفر جي لاءِ اهو واڌارو غير متوقع هو. "اوهين جيڪو چوڻ ٿا چاهيو اهو ڪلي چئو."

"آئون اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسين ٽيئي.... هن پنهنجي ساٿين ڏانهن اشارو ڪري چيو "اسيمبلي جا گهڻا ٽڪا ميمبر وات کولڻ کان لنوائين ٿا. ان جو سبب اهي هٿڪنڊا آهن. جيڪي اوهانجو ڪاتو ڪيليفورنيا ۾ 35هين ترميم منظور ڪرائڻ جي لاءِ اختيار ڪري رهيو آهي."

"ڪهڙا هٿڪنڊا؟" ڪرسٽوفر پڇيو. "مون ايڏا تائين ڪنهن به اسيمبلي ميمبر تي ڪو به دٻاءَ نه وڌو آهي. اوهانکي منهنجي ڳالهه تي يقين ڪرڻ گهرجي."

"تي سگهي ٿو اوهانکي خبر نه هجي." ٽوبيءَ مداخلت ڪئي. "پر اوهانجي ڪاتي جو ڪو فرد اسيمبلي جي ميمبرن کي ڊيڄارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي."

"مون چيو ته مونکي اهڙي ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪونهي. هونئن به مبهم الزامن مان ڪهڙو فائدو. اوهانکي جيڪو ڪجهه چوڻو آهي اهو ڪلي ڪري چئو." ڪرسٽوفر جو لهجو خراب ٿي ويو.

ڪيف پنهنجي ساٿين ڏانهن تائيد طلب نظرن سان ڏٺو ۽ چيو.

"ٺيڪ آهي. هاڻ اسين ڪلي ڳالهايون ٿا. شروعات اوهانجي ڏوهن جي انگن اکرن واري رپورٽ کان ٿا ڪريون. ايف بي آئي حقيقي انگن اکرن کي وڌائي چڙهائي پئي پيش ڪري ته جيئن ڪيليفورنيا جا ماڻهو ۽ اسيمبلي ميمبر ڏوهن جي وڌندڙ رجحان کان ڊڄي 35هين ترميم کي قبول ڪري وٺن. آئون هيستائين چوڏهن پوليس چيفس سان ڳالهائي چڪو آهيان. هو سڀ حيران آهن ته ايف بي آءِ انگ اکر وڌائي چڙهائي چو پئي پيش ڪري. ايئن هو سندن ساک خراب پئي ڪري."

ڪرسٽوفر کي. ڪيف جي لهجي ڪنبائي چڏيو. "اهو بي حد سخت الزام آهي." هن ڪنڌ ڏوٽيندي چيو. "اوهان وٽ انهن پوليس چيفس جو لکت ۾ بيان آهي؟"

"ڪونهي. هو ان حد تائين وڃڻ جي لاءِ تيار ڪونهن. هو ايف بي آئي سان مهاڏو اٽڪائڻ نٿا گهرن. هنن مون سان اها ڳالهه اڳوات ئي ڪئي ته ڪين پنهنجو پاڻ کي ائين نااهل ثابت ڪرڻ سنو نه لڳو. پر هو ايف بي آئي جي خلاف وڃڻ نٿا چاهين. نه مسٽر ڪولنس! لکت ۾ بيان ملڻ ممڪن ڪونهي. اوهانکي اسانتي پروسو ڪرڻو پوندو. جيئن اسان اوهان تي ڪيو آهي."

"آئون پروسو ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيان. پر ڊائريڪٽر ٽامسن اها ڳالهه نه

مڃيندو. اوهين منهنجي پوزيشن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. بنا ڪنهن ثبوت جي آئون ٽامسن ۽ هن جي سڃي ڪاتي کي للڪاري نٿو سگهان."

"آئون لکت ۾ بيان وٺڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري چڪو آهيان." ڪيف چيو. "اهو ناممڪن آهي."

"ٽي سگهي ٿو ته منهنجي ڪوشش ڪامياب وڃي. آئون بهرحال اتارني جنرل آهيان، اوهين مونکي هنن جا نالا ڏيو آئون پاڻ سان ڳالهائيندس." ڪرسٽوفر چيو.

"هيئنر ئي وئو!" ڪيف پنهنجو بريف ڪيس کوليو. ان گهڙي دروازي تي ٽڪ ٽڪ ٽي ويٽر ڪرسٽوفر جي لاءِ ماني کڻي آيو هو. ڪرسٽوفر جي بک ختم ٿي چڪي هئي. پر پوءِ به وڌيڪ ڪمزوري کان بچڻ جي لاءِ ۽ ٽي گهڙ ڪڙ مناسب سمجهيائين. ڪيف بريف ڪيس مان نوٽ بوڪ ڪڍيو ۽ ان مان ٽي صفا ڦاڙي ڪرسٽوفر ڏانهن وڌايائين "هي انهن جا نالا، فون نمبر ۽ ايڊريسون آهن. منهنجو خيال آهي ته هو لکت ۾ بيان اوهانکي به نه ڏيندا. بهرحال، آئون اوهانجي ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان."

"آئون ڪوشش ڪندس." ڪرسٽوفر گهڙ ڪڙندي چيو.

"مسئلو هي آهي ته اوهانجي ڪاتي جا ڪجهه ماڻهو ڪيلفورنيا ۾ دهشت پکيڙڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. هنن اهو پڪو پهه ڪري ورتو آهي ته هو 35هين ترميم ضرور اسانجي نڙيءَ کان هيٺ لاهيندا. پوءِ پلي ڪين شرافت ۽ ديانت جو خون چو نه ڪرٽو پوي" ڪرسٽوفر چرڪيو. پر ڪيف پنهنجي ڳالهه جاري رکي. "هاڻ اوهانکي جيڪو ڪجهه ٻڌائڻ وارو آهيان، اها بي حد مڪروهه پر سچي حقيقت آهي. ڳالهه فقط انگن اکرن ۾ گڙ ٻر ڪرڻ تائين ڪونهي. هو اسانجي زندگيءَ ۾ گڙ ٻڑ ڪري رهيا آهن. هو اسانجي لاءِ بحران پيدا ڪري رهيا آهن."

ڪرسٽوفر پاڻ سنياليو. "اوهانجو مطلب ڇا آهي؟"

"ايف بي آئي وارا اسانکي بليڪ ميل ڪرڻ کان به نٿا مڙن."

لفظ "بليڪ ميل" ڪرسٽوفر کي ڏڪائي ڇڏيو. ڪيس فادر ڊوسکي سان پنهنجي ملاقات ياد اچي وئي. هن به اهائي شڪايت ڪئي هئي. هاڻ ڪيليفورنيا اسيمبلي جا ميمبر به اهوئي چئي رهيا آهن.

"هو ڏاڍي هوشياريءَ سان بليڪ ميل ڪري رهيا آهن. هنن جي

نشاني تي اهي اسيمبلي ميمبر آهن، جيڪي 35هين ترميم جي سلسلي ۾ بڏتر جو شڪار آهن. ۽ ايجا تائين فيصلو ڪري نه سگهيا آهن ۽ جيڪي سولو نشانو آهن."

"سولو نشانو؟"

"هائو! اهڙا ميمبر جن جي زندگي ڪليل ڪتاب ۽ آهي ۽ جيڪي ان کي ڪليل ڪتاب بنائڻ ۾ نه ٿا چاهين. هو ويچارا نه احتجاج ڪن ٿا ۽ نه وري ڪو فرياد. بار ڪر ۽ ٽوبي جو مثال اوهانجي سامهون آهي. هي ايف بي آئي تي ڪو الزام به ناهي. فقط ان ڪري ته بليڪ ميلنگ چٽي ڪونهي. اسين ان سلسلي ۾ شڪايت ڪريون ته اها ثابت نٿا ڪري سگهون." ٽوبي چيو.

"هائو! منهنجا هي ٻئي ساٿي سرڪاري طور تي احتجاج ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نه آهن. ان ڪري ذاتي طور تي اوهان سان احتجاج ڪري رهيا آهن. پهرين ته هي ڏنل هئا، هنن جي خيال ۾ اوهين به ان راند ۾ شريڪ ٿي سگهو ٿا. پر سينٽر پال هلرڊ مونکي اوهانجي باري ۾ يقين ڏياريو هو. منهنجي پڪ ڏيارڻ تي هن کي ايتري همت ٿي آهي."

ڪرسٽوفر پاڪيٽ مان سگريٽ ڪڍيو هن جا هٿ ڏڪي رهيا هئا. ڪيس ان ڳالهه تي ڪابه مٽيان نه لڳي. ان ڏينهن هڪ ٻئي جي پويان ڪيترن ئي ڏهني جهٽڪن سان واسطو پيو هئس. هن سگريٽ دکايو ۽ چيو. "آئون اهو سمجهي نه پيو سگهان ته منهنجي بي خبريءَ ۾ منهنجي ڪاتي ۾ ڇا پيو ٿئي."

هن پيري بارڪ وراٽيو "آئون اوهانکي تفصيل ٻڌايان ٿو مسٽر ڪولنس! ڪنهن زماني ۾ آئون شراب جو عادي رهيو هئس. پوءِ سيني ٽوريم ۾ ان عادت کان جند ڇڏائڻ جي لاءِ داخل ٿيو هئس. اها اٺ سال اڳ جي ڳالهه آهي جتان آئون چاڪ چگو پلو ٿي نڪتس ۽ اڄ سوڌي ان لعنت کان محفوظ آهيان. اها ڳالهه منهنجي گهر واريءَ کانسواءِ ٻيو ڪنهن کي خبر ڪونهي. هڪ هفتو اڳ نيوٽن ۽ بارڪ هل نالي ٻه ايف بي آئي جا ايجنٽ سڪرامنٽو ۾ منهنجي آفيس ۾ آيا، هنن هڪ انڪوائري جي سلسلي ۾ مون کان مدد گهري. هنن چٽو ڪيو ته اهو هڪ ڏکيو ڪيس آهي. 35هين ترميم جي منظوري کانپوءِ ته ان قسم جي جاچ ۾ سهولت ٿي پوندي، پر في الحال کين وک وک سنيالي ڪٽڻي پئي پوي. هنن سيني ٽوريم جو حوالو ڏيئي ٻڌايو ته هو ڪيلفورنيا اسيمبلي جي هڪ ميمبر جي باري ۾ جاچ پيا ڪن. جيڪو ڪنهن زماني ۾ شراب جو عادي رهيو هو. هنن مون کان

سيني ٿوريم جي پروپرائيٽر جي باري ۾ سوال پڇيا. "بارڪر بي يقينيءَ مان ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيندي چيو. "هنن مونکي فقط ٻڌائڻ ٽي چاهيو ته اسيمبلي ميمبر جي عزت هاڻ هنن جي رحم ۽ ڪرم تي آهي. منهنجو راز هنن جي هٿن ۾ هو. سچ پچو ته منهنجي طبيعت بگڙڻ لڳي هئي."

طبيعت ته ڪرسٽوفر جي به بگڙي رهي هئي، "اوهان انهن کي ڪهڙو جواب ڏنو؟"

"آئون چاڻي چئي سگهيس. مون مڃيو ته آئون ئي مذڪوره سيني ٿوريم ۾ رهي چڪو آهيان. آئون ان فرضي ڪيس ۾ هر ممڪن طريقي سان هنن جو هٿ وٺائيندو رهيس. مون ڪائنس پڇيو ته ڇا هو پنهنجي معلومات کي راز ۾ رکندا. هنن وراٽيو ان سلسلي ۾ اسانجي ڊائريڪٽر سان ڳالهايو. چو ته اوهانکي شاهديءَ جي سلسلي ۾ عدالت ۾ به گهرائي سگهجي ٿو. پوءِ هو هليا ويا. مون ڊائريڪٽر ٽامسن سان فون تي ڳالهايو. هن فقط ايترو چيو ته 35هين ترميم ملڪ ۽ قوم جي حق ۾ سڀ آهي. ايئن پيغام مڪمل ٿي ويو. هاڻ آئون ڪنهن جي اڳيان دانهيان."

"هاڻ اوهين ڇا ڪندا؟"

"آئون وڏي جدو جهد ڪانپوءِ هن هنڌ تي پهتو آهيان. آئون جنهن تڪ مان چونڊيو ويو آهيان. اتي شرابي نمائندي کي سڀ نظر سان نٽوڏئو ويجي. آئون ڇا ٿو ڪري سگهان. 35هين ترميم جي حق ۾ ئي ووٽ ڏيندس."

"اوهانکي يقين آهي ته اها انڪوائري هٽ ٿوڪي هئي. اصل مقصد فقط اوهانکي ڊيڄارڻ هو."

"منهنجي جاءِ تي پاڻ کي رکي ڏسو ۽ پوءِ کو فيصلو ڪريو. آئون کو به خطرو ڪٽڻ جي پوزيشن ۾ نه آهيان."

"منهنجو به اهوئي حال آهي." ٽوبيءَ چيو.

"يعني! اوهان سان به اهوئي ڪجهه ٿيو آهي." ڪرسٽوفر پڇيو.

"لڳ ڀڳ اهڙو ئي!" ٽوبي وراٽيو "فرق رڳو ايترو آهي ته هون مون وٽ نه آيا. پر منهنجي گرل فرينڊ سان مليا. آئون اهل ۽ عيال وارو آهيان ۽ بظاهر پرسڪون گهرو زندگي گذاري رهيو آهيان. پر حقيقت اها آهي ته زال سان منهنجا اختلاف ڪافي پراڻا آهن. فقط پارٽن جي ڪري اسان ڌار ٿيڻ کان پاسو ڪيو آهي. ان جا فائدا به آهن. منهنجي ڪري منهنجي زال کي سوشل لائف ملي رهي آهي ۽ اسڪينڊل نه بنجڻ جي ڪري منهنجو ڪيريئر محفوظ هو. ان سڄي عرصي ۾

منهنجا هڪ عورت سان لاڳاپا رهيا. مون ڪيس ڊار فليٽ ۾ وڃي ڏٺو هو. گذريل هفتي ايف بي آئي جا ۽ ايجنٽ ان فليٽ تي منهنجي گرل فرينڊ سان ملڻ جي لاءِ پهچي ويا. هوءَ ڊڄي پئي. پر هنن جي ساٿس رويو شريفاڻو هو. ڪجهه دير ته هو هتان هتان جو ڳالهيون ڪندا رهيا. هنن 35هين ترميم جي سلسلي ۾ ۽ هن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. پوءِ هوريان هوريان هنن رخ بدلايو. هتي اهو ۽ ٻڌائي ڇڏيان ته ڪجهه وقت اڳ آئون سرڪاري ٽيڪن بابت هڪ ڪميٽي ۾ هئس. ايف بي آئي وارن منهنجي گرل فرينڊ کي چيو ته هو ڪيمٽي جي هڪ ميمبر جي خلاف جاچ ڪري رهيا آهن. هنن ڪائنس پچيو ته ڇا آئون سرڪاري ٽيڪن بابت ساٿس ڪا ڳالهه ٻولهه ته نه ڪندو هئس. هن جو جواب ناڪار ۾ هو. بلڪ منهنجي گرل فرينڊ کين چيو هو ته هوءَ مونکي چڱي طرح سڃاڻي نه ٿي. پر هو اسان جي لاڳاپن جي تفصيلن کان مڪمل واقف هئا. هنن وڃڻ مهل درڪو ڏنو ته منهنجي گرل فرينڊ کي حلفيه بيان جي سلسلي ۾ عدالت ۾ ۽ گهرائي سگهجي ٿو."

ڪرسٽوفر هڪ ڊگهو ساهه کنيو ۽ چيو. "مونکي يقين نه پيو اچي!"

"پر مونکي يقين آهي." ٽوبيءَ چيو. "پر آئون اهو ثابت نٿو ڪري سگهان ته اهو سڀ ڪجهه سوچيل سمجهيل رٿا تحت مونکي جهڪائڻ جي لاءِ ڪيو ويو آهي. پر پنهنجي زال ۽ گرل فرينڊ، پنهي کي تحفظ ڏيڻ منهنجي ذميداري آهي. مونکي پنهنجي ڪيرئر جو به خيال رکڻو آهي. تنهن ڪري مون ترميم جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مونکي ان ترميم کان نفرت آهي. پر ايوان ۾ آئون وڏي واڪي ان جي حمايت جو اعلان ڪندس.... اوهين منهنجي ڳالهه سمجهو پيا نه مسٽر ڪولنس؟"

ڪرسٽوفر ڪولنس شڏر ٽيو ويٺو هو. ڪيس پنهنجي طبيعت خراب ٽيندي محسوس ٿي. "ڇا اسيمبليءَ جي ٻين ميمبرن سان به ايئن ٽيو آهي؟" هن پڇيو.

"مونکي خبر ڪونهي. نجي نوعيت جي معاملن ۾ ڪير به هڪ ٻئي سان نه ٽو ڳالهائي؟" ٽوبيءَ چيو.

ڪرسٽوفر اولن ڪيف ڏانهن ڏسي. "۽ تنهنجي پوزيشن ڪهڙي آهي."

"مون وٽ ڪير به نه آيو آهي. ڪيس خبر آهي ته آئون ڪنهن به قسم جو دٻاءُ قبول نه ڪندس. هو مونکي بليڪ ميل نٿا ڪري سگهن." اولن ڪيف چيو. "۽

اهي جن ماڻهن جو اوهين ذڪر پيا ڪريو اهي ڪير آهن!؟"

"مونکي خبر ڪونهي."

"مونکي ب خبر ڪونهي. بس ايترو چئي سگهان ٿو ت منهنجي آفيس ان معاملي ۾ ملوث ڪونهي." ڪرسٽوفر وراڻيو. "جيڪڏهن اها مهم ايڈي وڏي پئماني تي هلائي پئي وڃي ت ان جي پويان آمريڪي صدر کان وٺي ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر تائين، ڪير ب ٽي سگهي ٿو."

"اوهين ان سلسلي ۾ ڪجهه ڪري سگهو ٿا." اولن ڪيف پڇيو.

ڪرسٽوفر اٿي ڪڙو ٿيو "يقين سان ڪجهه چئي نٿو سگهان. اصل ۾ پاڻ وٽ نه ت بليڪ ميلنگ جا ڪي ثبوت آهن ۽ نه ئي وري انگن اکرن ۾ گڙٻڙ جو ڪو ثبوت. ٽي سگهي ٿو ت واسطيدار انڪوائريون حقيقي هجن."

"اوهين انهيءَ جو فيصلو ڪيئن ڪندا؟"

"جاچ ڪرڻ کان پوءِ." ڪرسٽوفر وراڻيو.

•

ڪرسٽوفر هيٺ پهتو ت جوش جو پيغام هن جي اوسيئڙي ۾ هو. جوش لکيو هئس ت اسان گذريل هڪ سال جون اخبارون جانچيون آهن. نيول ڊنڊ پراجيڪٽ جي باري ۾ اڄ سوڌي ڪابه خبر نه ڇپي آهي. هاڻ اوهانجو ڪهڙو خيال آهي. پني جو چوٽائي پڙهي ڪرسٽوفر کي ياد آيو ت هن پنهنجي پٽ سان ان پراجيڪٽ بابت تصديق ڪرڻ جي لاءِ واعدو ڪيو هو. پر هتي ت رهگو مسئلا ئي مسئلا هئا. نيول ڊنڊ جو پراجيڪٽ، ڏوهن جا ڪوڙا انگ اکر ۽ هاڻ ايف بي آئي جي بليڪ ميلنگ آر دستاويز جو حصول. ڪيس هر ڪم ترتيب سان ڪرڻو هو.

هن ويجهي ٽيليفون بوٿ تان ڊپٽي اٽارني جنرل ايڊشيرو جو نمبر ملايو. ڪيس خبر هئي ت هو ايڊ جي نند خراب ڪري رهيو آهي. ورجينا ۾ ان مهل صبح جا ٽي ٽي رهيا هوندا.

ٻي پاسي کان نند ۾ ٻڏل آواز آيو. "ڪير آهي پائو سوري!"

رانگ نمبر، لهجي ۾ بيزاري هئي.

"رانگ نمبر ڪونهي آئون ڪرس پيو ڳالهايان. فون متان رکين. مونکي ڪجهه معلومات گهربل آهي. صبح ٽيڻ کان اڳ توکي اهو ڪم ڪرڻو آهي. پينسل کڻ!" پوءِ هن ايڈ کي نيول ڊنڊ جي نيول پراجيڪٽ جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌايو جيڪو اتر ڪيليفورنيا ۾ تياري هيٺ هو. ان جي باري ۾ جيڪا

معلومات گڏ ڪري سگھين، سا گڏ ڪر." هن چيس، "آئون سوا ٻارنھن بجي تائين انتظار ڪندس، ھاڻ سمھي پئو."

بوٽ مان ٻاھر اچي ھو ٻاڊي گارڊ سان گڏ پنھنجي بنگلي ۾ آيو. ٻاڊي گارڊ کان موڪلائي ھو اندر گھڙيو. ٽڪاوٽ سبب سنڈ سنڈ ۾ سور ھئس. اسيمبلي جي ٽن ميمبرن سان ملاقات ھن جي ذھن تي ڏار بار بڻجي پئي ھئي. ھو انھن ڳالھين تي ويچار ڪندو رھيو. اھو ممڪن نہ ٿو ھو جو ھنن ڪھاڻيون گھڙي ٻڌايون ھجن. انھن سان ڪيس ڪو فائدو پھچي نہ ٿي سگھيو. پر بھرحال ڪو ثبوت نہ ھو.

ھن ڪپڑا لاٽا ۽ ڪمري جو بلب کولڻ کانسواءِ ئي باٿ روم ۾ ھليو ويو. لائٽ کولي ھو وھنجيو. آرسيءَ ۾ پنھنجي چھري جو عڪس ڏسي کيس ڪا به حيرت نہ ٿي. ڪپڑا پائڻ جي لاءِ مڙيو تہ حيران ٿي ويو. ٽنگٽي تان ھن جا رات وارا ڪپڑا غائب ھئا. ھن سوچيو ٿي سگھي ٿو نوڪرياڻي رات جو پائڻ وارا ڪپڑا بستري تي رکي ڇڏيا ھجن. باٿ روم جي بتي بند ڪري ھو ٻاھر نڪتو ۽ ھٿوراڙيون ڏيندو استري طرف وڌيو. ٻاھرين بيڊ ڪ جي بند دروازي مان روشنيءَ جي ليڪ ڪمري ۾ اچي رھي آھي. ان جي ھلڪي روشنيءَ ۾ ڪيس پنھنجا ڪپڑا ھنڌ تي پيل نظر آيا. ھن جي تابيءَ مان ھٿ ڪپڑن ڏانھن وڌايو ھن جلدي ڪپڑا پائي سمھڻ ٿي چاھيو. اوچتو ھڪ نرم ھٿ ھن جي جسم کي ڇھيو. ھن کان ھلڪي رڙ نڪري وئي. دل ڌڑڪڻ لڳيس. "ڪير آھي..... "ڪ.... ڪ ڪير آھي؟" ھن گھبرائيندي پڇيو.

"آئون آھيان منھنجا منا!" ھڪ زناني آواز چيو "بستري تي ھليو اچ نا!"

ھن پٽڪندڙ زناني ھٿ کي پاسي جھٽڪيو ۽ بي تابيءَ کان سوئچ ڳولھڻ لڳو. نيٽ ھيڊ ليمپ روشن ٿي ويو. ھلڪي روشنيءَ ۾ ھو سچ پچ تہ ان چوڪريءَ کي ڏسي حيران ٿي ويو.

"منھنجو نالو ڪيٽي آھي. مون سمجھيوتہ تون واپس ئي نہ ايندين." چوريءَ وڌي ناز مان چيو.

"ڪير آھين، آئون توکي تہ نٿو سڃاڻان." ڪرسٽوفر سخت لجھي ۾ چيو.

"بنگلي جو نمبر تہ صحيح آھي..... مونکي ٻڌايو ويو ھو تہ ھتي مسٽر ڪولنس ملندو."

ڪرسٽوفر چڪرائجي ويو. گويا ڳالھ غلط فھمي جي نہ ھئي. "اھو کھڙو مذاق آھي." توکي ھتي اڇڻ جي لاءِ ڪنھن چيو. ھن سخت لھجي ۾

چيو.

"آئون تنهنجي دوست جو تحفو آهيان." چوڪري نخرا ڪندي چيو.

"ڪهڙو دوست!؟"

"اهو ته تون ئي ٻڌائي هن مونکي پنهنجو نالو نه ٻڌايو آهي. ادائيگي روڪڙي ٿي آهي. هن مونکي چيو ته هو توکي سرپرائيز ڏيڻ ٿو چاهي. هاڻ اڇ به ڪٽي."

تون هينئر ئي ..... پج هتان ..... نڪر ٻاهر. آئون اهڙو واهيات مذاق سهڻ جو عادي نه آهيان." ڪرسٽوفر رڙ ڪري چيو ۽ چوڪريءَ کي دروزاي ڏانهن ڌڪڻ لڳو.

"مون سان اڳ ڪنهن به ڪنهن ائين نه ڪيو آهي." چوڪري روٺڙهار کي ٿي ويئي.

"پر آئون ڪريان پيو تنهنجي چڱائي ان ۾ ئي آهي ته شرافت سان هتان نڪري وڃ!"

چوڪريءَ مزاحمت نه پي ڪئي. پر هن چپن تي جبري مرڪ آڻيندي چيو. "تنهنجي دوست چيو هو ته پهرين تنهنجو اهو ئي رد عمل هوندو پر ڪجهه گهڙين کانپوءِ راضي ٿي ويندين."

ڪرسٽوفر صفا سڙي ويو. "هرگز راضي نه ٿيندس. تون نڪر هتان."

هو چوڪريءَ کي ڌڪيندو ٻاهرين بينڪ تائين آيو. پوءِ ٻاهرين دروازي تي پهچي هن معذرت ڪئي. "اها غلط فهمي هئي، جنهن جو افسوس اٿم."

"منهنجو ڪو به نقصان نه ٿيو آهي. پر منهنجو خيال آهي ته تون رڳو نالي ۾ مرد آهين." چوڪريءَ کيس تاڻ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي.

ڪرسٽوفر خاموشيءَ سان دروازو کوليو. چوڪري ٻاهر نڪتي. ڪرسٽوفر کي اوچتو پٺ ڪ چر پر ڪندڙ پاڇو نظر آيو. ٻي گهڙي هن پاڇي جي هٿ ۾ ڪئميرا ڏٺي. ڪرسٽوفر تيزيءَ سان پٺ تي ويهي رهيو. ان گهڙيءَ فليش لڳي. ڪرسٽوفر ڪئميرا جي رينج کان ٻاهر هو. پوءِ هن دروازو بند ڪري ڪنڊي ڏني. هو بيڊ روم ۾ واپس آيو ته هن جا هٿ ڏکي رهيا هئا.

هو حيران ۽ پريشان سوچي رهيو هو ته ڪهڙو نه عجيب ڏينهن هو ۽ ان ڏينهن جي پڄاڻي ڪيڏي نه عجيب انداز سان ٿي هئي. ڪيس احساس ٿيو ته ڪجهه گهڙيون اڳ جيڪو ڪجهه ٿيو هو اهو ڪو دوستاڻو مذاق نه هو. اهو ته سوچيل سمجهيل منصوبو هو. ڪيس مزاج جي ابتڙ ڳالهين تي ناهه ڪرڻ تي

مجبور ڪرڻ جي ڪوشش هئي. سوال اهو هو ته ڪوشش ڪرڻ وارو ڪير هو؟ ترميم جو خالق؟ پر هو ائين ڇو پيو ڪري. جڏهن ته هو سندن ساٿاري هو. ترميم جا مخالف اها حرڪت ڪري نٿا سگهن ۽ نه ئي وري انهيءَ مان ڪين ڪو فائدو رسڻ جو امڪان هو. پوءِ چڪر ڪهڙو هو؟.

ان ڏهني انتشار جي باوجود به هو هنڌ تي ليٽڻ شرط سمهي پيو. سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جو هئي.

•

صبح جو هو دير سان اٿيو. ننڊ به سٺي نه ڪئي هئائين. ناشتي ڪانپوءِ هن ڪجهه ملاقاتين ۽ هڪ انٽرويو جي خواهشمند عورت صحافڻ سان مليو. انٽرويو جي دوران هو 35هين ترميم جي ڪليل حمايت ڪرڻ ڪان پاسو ڪندو رهيو. ان ڪانپوءِ مقامي پوليس چيفس جا فون نمبر ڪٽي ويٺو. پر ٽي ڪالون ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس وڌيڪ فونون ڪرڻ جي همٽ ئي نه ٿي. پوليس چيفس ڪي جيئن ئي خبر پئي ته اٽارني جنرل ساٿن مخاطب آهي ته هو بي حد محتاط ٿي ويا. ٽن مان فقط هڪ جڻي اهو ميجيو ته انگن اکرن ۾ ٿوري تبديلي ٿي رهي آهي. پر هن اهو به چيو ته شايد اها ڪمپيوٽر جي غلطي هجي. ٽنهي ڪي ايف بي آئي ڪان ڪابه شڪايت نه هئي. هنن جو چوڻ هو ته اولن ڪيف ڪي ٻڌڻ ۾ غلطي ٿي هوندي.

هاڻ هن وٽ هڪ ٻيو به ڪوڇ هو. يعني ايف بي آئي جي انهن ايجنٽن جا نالا. جن انڪوائري جي ٻهاني اسيمبلي ميمبرن ڪي بليڪ ميل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪرسٽوفر سوچيو. هيري ايڊورڊ يا ورنن ٽامسن سان ڳالهايو ويچي. پر صورتحال کي نظر ۾ رکندي ڪيس اهو مناسب نه لڳو. ٽنهنڪري هن پنهنجي سيڪريٽري ماريان کي فون ڪئي.

"ماريان. ٽي نالا لک. نيوٽن. پارڪ هل ۽ هارورڊ... اهي ٽيئي ايف بي آئي جا اسپيشل ايجنٽ آهن. خبر وٺ ته اهي ٽيئي اڄ ڪلهه ڪيليفورنيا ۾ ٻن ڪيسن جي سلسلي ۾ جاچ ڪري رهيا آهن يا نه... اهو معلوم ڪري فون تي مون کي ٻڌاءِ."

رسيور رکي هو ڪمري ۾ هلڻ لڳو ۽ پنهنجي تقرير جو تنقيدي جائزو وٺندو رهيو. جيڪا ڪيس بار ايسوسيئيشن جي ڪنوينشن ۾ ڪرڻي هئي. پندرهن منٽن ڪانپوءِ گهنٽي وڳي. ٻي طرف ماريان هئي. "مسٽر ڪولنس! عجيب جهڙي ڳالهه آهي ته ايف بي آئي ۾ اوهانجي جي ڏنل نالن وارا ايجنٽ ئي ڪوٺهن..... سڄي

ملڪ ۾ رکڻي نه ڏنو."

ڪرسٽوفر وڏيڪ چڪرائجي ويو. نالن ۾ غلطي جو امڪان نه هو. پي طرف اسيمبليءَ ميمبر بنا سيڙاڻپ ڪارڊ جي ٽنهي کي ايف بي آءِ جو ايجنٽ به نه ڪيو هوندو. ان مان فقط هڪ ڳالهه ثابت ٿي ته ايف بي آئي ۾ ڪجهه ايجنٽ اهڙا به آهن. جن جا نالا ريڪارڊ ۾ موجود ڪونهن ۽ اهڙا ايجنٽ اسيمبليءَ ميمبر کي ڏيڇاري رهيا آهن.

شڪ جا پاڇا اڃا به گهرا ٿيندا ويا. فادر ڊوسڪي جو بليڪ ميلنگ ڪيس اڳ ۾ئي موجود هو. هو سوچڻ تي مجبور ٿي پيو ته 35هين ترميم جي منظوري کان اڳ ايف بي آئي جو اهو حال آهي ته ترميم جي منظوريءَ کانپوءِ ڪهڙا حال ٿيندا. ڪيس ان ڳالهه تي ڪاوڙ به هئيُ ته اٽارني جنرل هئڻ جي باوجود ڪيس انهن ڳالهين کان بي خبر رکيو پي ويو.

هاڻ ڪيس ٽي وي پروگرام جي تياري ڪرڻي هئي. هو ڪپڙا پائي واندو ٿيو ته فون جي گهنٽي وڳي. هن پيري ڊپٽي اٽارني جنرل ايڊشيرو‌ڊ هڪ بي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو هو. "ڪرس! مون پينٽاگون وارن سان ڳالهايو آهي..... تنهنجي ٻڌايل پروجيڪٽ جو نيوي وارن سان ڪو به واسطو ڪونهي. هت اهڙو ڪو پروجيڪٽ زير تعمير ڪو نه اٿن."

ڪرسٽوفر کي پنهنجي ڪنن تي يقين ئي نه پيو آيو. "چا پيو چوين! اڏاوتي ڪمپني جي فورمين اها ڳالهه پاڻ ئي مونکي..... خير لعنت وجهين. مون پاڻ ڏٺو آهي... اتي ڪجهه نه ڪجهه ٻيو ضرور پيو. مهرباني ايڊا!"

رسيور رکڻ کانپوءِ پهريون پيرو هن دل ئي دل ۾ اعتراف ڪيو ته هن جي پٽ جي دعويٰ درست به ٿي سگهي ٿي. نه رڳو اهو پر اولن ڪيف ٽوني ۽ بارکر به صحيح چئي رهيا هوندا.

استوڊيو ويندي هو انهيءَ مونجهاري ۾ ڦاٿل هو. آر دستاويز جنهن کي ڪرنل بيڪستر مرڻ مهل خطرناڪ ترڪ قرار ڏني هئي ۽ ان کي بي نقاب ڪرڻ جي گذارش ڪئي هئي. ڪيلفورنيا ۾ ڏوهن کي وڌائي چڙهائي پيش ڪيو پي ويو. نيول ڊنڊ جي علائقي ۾ هڪ عقوبتي ڪئمپ اڏجي رهي هئي. گذريل رات هڪ فوٽو گرافر هڪ بازاري رن سان گڏ هن جي تصوير ڪڍڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، ۽ اها ڳالهه ته ٻڌل سڌل نه هئي، پر هن جي متان گذري هئي. هن جي ڪهاڻي جو هڪ حصو هئي.

هو پنهنجي آسپاس کان، آسپاس جي ماڻهن کان، 35هين ترميم جي حامين کان ۽ خود ترميم کان ڊپ محسوس ڪري رهيو هو. ڊپ ۽ بي اعتباري اهڙي حالت ۾ هو تي وي تي قوم جي سامهون 35هين ترميم جي حامين کان ۽ خود ترميم کان ڊپ محسوس ڪري رهيو هو. ڊپ ۽ بي اعتباري اهڙي حالت ۾ هو تي وي تي قوم جي سامهون 35هين ترميم جي حمايت ڪيئن ٿي ڪري سگهيو. اهو تصور هن جي لاءِ روح رنجائيندڙ هو. پر هاڻ واپسيءَ جي گنجائش نه هئي. هو استوديو پهچي چڪو هو.

•

ميڪ اپ جي مرحلي مان لنگهي هو اسٽيج تي پهتو. جتي هن جو مد مقابل ٽوني هيرس اڳ ۾ ئي موجود هو. هو ايڏا به سوچن جي گهيري ۾ هو. هو هتي ان بم جي حمايت ڪرڻ آيو هو جيڪو بنيادي انساني حقن کي ليڙون ليڙون ڪرڻ وارو هو. صدر گلبرٽ ۽ ورنن ٽامسن جهڙن آزادي دشمنن جو ساٿاري هو. چو؟ ڪيئن؟ هو هن مقام تائين ڪيئن پهتو؟ ڪيئن؟ ڪيئن؟ لعنت هجي! هر سوال جو جواب ته موجود هو. هو اڃيان وڌڻ جي حوس ۾ هن حال تي پهتو. ڪاميابي ۽ ڪامراني جي جوف هن جي آڏر کي جلهي هن هنڌ تي پهچايو هو.

هن ٽوني هيرس کي ڏٺو. هو ڪڏهن به ٽوني هيرس سان نه مليو هو. پر تصويرن جي حوالي سان ڪيس سڃاڻڻ ۾ ڪابه تڪليف نه ٿي. ٽوني سان ملي ڪيس وڌيڪ مايوسي ٿي. ڪاش! هو بدمعاش هجي ها. پر هو بدمعاش نه هو. هن جي شخصيت دل لياڻيندڙ هئي. هو خوش لباس، خوش گفتار ۽ خوش اخلاق هو. هو ته هيرو هو. ڪرسٽوفر جي دل ڀڄڻ لڳي. ڪيس بدمعاش جي گهرج هئي. هڪ اهڙي شخص جي گهرج هئي، جنهن کي پهرين ئي نظر ۾ دشمن سمجهي سگهجي. پر هتي جيڪڏهن ڪو دشمن هو ڪو بدمعاش هو ته هو پاڻ هو.

"نيٽ اوهان سان ملاقات ٿي وئي. مسٽر ڪولنس ۽ مونکي اوهان سان ملي خوشي ٿي آهي." ٽوني هيرس گرمجوشيءَ مان چيو. "اوهانجو پٽ جوش ڏاڍو لائق چوڪرو آهي. هو اوهان بابت اسانکي ٻڌائيندو رهندو آهي."

"مونکي به خوشي ٿي آهي مسٽر هيرس، جوش اوهانجو ذڪر ڏاڍي احترام سان ڪندو آهي." ڪرسٽوفر مئل لهجي ۾ چيو.

"جينٽلمين!" ڪمپيئر مداخلت ڪئي. "وقت بنهه گهٽ آهي. ٻن منٽن

کانپوءِ اسين آن ايئر هونداسين. آئون اوهانکي تفصيل سمجهائي ڇڏيان. ڪمرشلز جي لاءِ ۾ وقفا ٿيندا. آئون سوال اٽارينڊس ته ڇا ڪيليفورنيا اسيمبلي کي 35هين ترميم منظور ڪرڻ کپي يا نه. ائين پروگرام جي شروعات ٿيندي. آئون ترميم جو تعارف ڪرائيندس. پوءِ مسٽر ڪولنس! ڪئميرا اوهان ڏانهن ايندي. اسين ناظرين سان اوهان جو مختصر تعارف ڪرائينداسين. پوءِ ڪئميرا مسٽر هيرس کي فوڪس ڪندو. هن جو تعارف ايف بي آئي جي اڳوڻي ايجنٽ، هاڻوڪي وڪيل ۽ انساني حقن جي تحفظ جي حوالي سان ڪرايو ويندو. پوءِ آئون اوهانکي سڌيندس اوهان وٽ ۾ منٽ هوندا مسٽر ڪولنس، انهن ۾ اوهانکي ٻڌائڻو پوندو ته اوهين 35 ترميم جي حمايت ڇوپيا ڪريو. پوءِ مسٽر هيرس کي ۾ منٽ ملندا، انهيءَ ڪانپوءِ اوهان ۾ مناظرو شروع ٿيندو. هاڻ تيار رهو. ڪئميرا جي مٿان ڳاڙهو بٽڻ هڻ شرط ئي اوهين سمجهي ويجو ته پروگرام شروع ٿي ڇڪو آهي. گڊ لڪ جينٽليمن!"

ڪجهه گهڙين کان پوءِ ڪئيمرا جي مٿان ڳاڙهو بلب روشن ٿي ويو. ڪرسٽوفر جي طبيعت خراب ٿيڻ لڳي. هن ڪمپيئر جو شروعاتي تعارف ۾ صحيح نموني نه ٻڌو. پوءِ هن پنهنجو نالو ٻڌو. گويا هن جو تعارف ڪرايو پئي ويو. هو هوشيار ٿي ويٺو. وڏي مشڪل سان هن جي چپن تي مرڪ ظاهر ٿي ۽ پوءِ هيرس جو نالو سڌيو ويو. تعارف جي دوران هيرس جي چپن تي خوبصورت مرڪ هئي.

هن ٻيهر پنهنجو نالو ٻڌو. ڏکيو مرحلو شروع ٿي چڪو هو. هن متين انداز ۾ شروعات ڪئي. گهرو ويڑهه ڪانپوءِ هيسٽائين اسانجي ملڪ ۽ ادارن کي ڪڏهن به اهڙو خطرو لاڳو نه ٿيو. جهڙو هينئر آهي. 1975ع هڪ لک آمريڪين ۾ ڏهه قتل ٿيندا هئا. اڄ اهو تعداد ٻاويهه تائين وڃي پهتو آهي. 35 هين ترميم جي گنجائش جو سبب ڏوهن جو وڌندڙ رجحان آهي." هوءَ ڏهه سال اڳ جي صورتحال سان پيٽ ڪندي انگ اکر ٻڌائيندو رهيو. ايستائين جو "پندرنهن سيڪنڊ باقي هئا." جو ڪارڊ هن جي سامهون اڇي ويو. هن سڪون جو ساهه ڪڍندي پنهنجو شروعاتي بيان مڪمل ڪيو.

هاڻ ٽوني هيرس ڳالهائي رهيو هو. هن جو هر جملو هڪ چهبڪ هو. جيڪو ڪرسٽوفر کي پنهنجي اندر ۾ ويڑهجڻ ۽ سمٽ تي مجبور ڪري رهيو هو. هو ڪوشش ڪري رهيو هو ته ٻڌڻ جا دروازا بند ڪري ڇڏي. هاڻ فقط به منٽ باقي هئا ۽ ان ڪانپوءِ ڏکيو مرحلو..... يعني بحث مباحثو.

"انسان گذريل ايڻائي هزار سالن کان آزادي جي لاءِ جدو جهد پيو ڪري. 35هين ترميم منظور ٿي وڃڻ سان رات وچ ۾ آمريڪا ۾ ان جدوجهد جو خاتمو ٿي ويندو. بنيادي حق اٽڪاتل مدي تائين معطل ٿي سگهن ٿا. ايف بي آئي جو ڊائريڪٽر ۽ ان جي قومي سلامتي ڪيمٽي جو هن ملڪ تي راج...."

"اٽڪاتل مدي لاءِ نه پر هنگامي حالتن ۾ ٿوري وقت جي لاءِ..." ڪرسٽوفر مداخلت ڪئي. "وڌ ۾ وڌ ڪجهه مهينن جي لاءِ....."

"1962ع ۾ انڊيا ۾ به اهو ئي چيو ويو هو." ٽوني هيرس جواب ڏنو. "هنن هنگامي حالتون نافذ ڪيون ۽ بنيادي حق معطل ڪري ڇڏيا هئا جيڪي ڇهه سال معطل رهيا. پوءِ ٻيهر 1975ع ۾ بنيادي حق معطل ڪيا ويا. ڪير اها گارنٽي ڏيئي ٿو سگهي ته هتي ايئن نه ٿيندو ۽ شخصي آزادي ختم نه ڪئي ويندي. اسان وٽ ان دعويٰ جو ثبوت به آهي. آمريڪا ۾ اڄ ۾ به ائين ٿي چڪو آهي ۽ ان جا نتيجا تباهه ڪندڙ....."

"چا پيا چئو مسٽر هيرس! ڪمپيئر ٽوني هيرس کي ٽوڪيو "اوهين اهو چوڻ ٿا چاهيو ته آمريڪا جي تاريخ ۾ اڄ ۾ به بنيادي حق معطل ٿي چڪا آهن."

"هائو! ..... پر غير سرڪاري طور تي. اوهين انهن کي معطل چئو يا نظر انداز ڪرڻ چئو. ڳالهه ساڳي آهي. ائين ڪيترائي ڀيرا ٿي چڪو آهي. هر ڀيري قومي سطح تي نقصان ٿيو آهي."

"ايئن ڪڏهن ٿيو آهي. ٿوري وضاحت ڪريو..؟" ڪمپيئر پڇيو.

"هائو. 1798ع ۾ انقلاب فرانس کي نظر ۾ رکندي آمريڪا کي اهو خدشو ٿيو هو ته ڪٿي فرانسيسي انتها پسند هتي گهڙي نه اچن ۽ حڪومت جو تختو نه اونڌو ڪري ڇڏين. هسٽريا جي ان ڪيفيت ۾ ڪانگريس بنيادي حقن کي نظر انداز ڪيو جن ايڊيٽرن ان جي خلاف اداريا لکيا، تن کي جيلن ۾ وڌو ويو. صدر جون آدم جي خلاف ٽامسن جيفرسن مهم هلائي ۽ ماڻهن ان جي بنياد تي ڪيس ملڪ جو ايندڙ صدر چونڊيو."

"تنهن ڪانسواءِ سول وار جي دوران ماڻهن کي ڪليل عدالتن ۾ ڪيسن جي حقن کان محروم ڪري فوجي عدالتن ۾ متن ڪيس هلايا ويا. پهرين مهاپاري جنگ ڪانپوءِ اتارني جنرل مچل 'سرخ خطري' جي نالي تي بنا وارنٽ جي گرفتارين جو سلسلو عام ڪيو ۽ سادا تي هزار ماڻهو گرفتار ڪيا ويا ۽ ست سئو

ڇٽن کي ملڪ نيڪالي ڏني وئي. ان عمل کي چيف جسٽس چارلس هيوز بدترين ۽ آمرانہ قرار ڏنو. ٻي مهاڀاري لڙائي ۾ انهن آمريڪي شهرين کي جن جا وڏڙا جاپاني هئا نہ رڳو پنهنجي ملڪيتن کان محروم ڪيو ويو پر کين عقوبتي ڪئمپن ۾ وڌو ويو. پوءِ 1954ع ۾ سينيٽر جوزف ميڪارٿي استيٽ ڊپارٽمنٽ جي 305 ملازمن کي ڪميونسٽ پارٽي جو ميمبر قرار ڏيئي. "سرخ خطري" جو پرچار ڪيو. ميڪارٿي اهو بد بخت شخص هو جنهن اختلاف ڪندڙ آمريڪي شهرين کي غدار قرار ڏنو نيٽ هوپاڻ فوجي عدالت جي هٿان پنهنجي انجام کي رسيو.

تازو مثال 1969ع جو آهي. جڏهن صدر نڪسن ۽ اٽارني جنرل جان مچل، ڪرائم ڪنٽرول ايڪٽ تحت بنيادي حقن کي معطل ڪيو. ان ايڪٽ تحت شخصي آزادي کي ڏڪ رسيو. جوابدارن کي بنا وارنٽن جي سندن گهرن ۾ گهڙي گرفتار ڪيو ويو. سياسي مخالفت ۽ عوام جي نجي ڳالهه ٻولهه ٽيپ ڪئي ويئي."

"پر جمهوريت پوءِ بہ زنده رهي." ڪرسٽوفر چيو.

"هائو مسٽر ڪولنس! پر جمهوريت هاڻ وڌيڪ اهڙن حملن جي سگهه ساري نٿي سگهي. هڪ مفڪر چيو هر پابندي آزادي کان وڌيڪ منظم هوندي آهي. مون جيڪي پوائنٽا مثال ڏنا آهن، انهن ۾ بنيادي حقن جي قرارداد مڪمل طور تي غير موثر نٿي ٿئي. جڏهن تہ 35هين ترميم جي نتيجي ۾ قرارداد مڪمل طور تي، معطل ٿي ويندي. مسٽر ڪولنس اسانجو بنيادي انساني حقن جي آئين ۽ بنيادي حقن جي قرارداد دنيا ۾ ڏاڍي عرصي تائين جيئرو رهڻ وارو دستاويز آهي. اسانکي اهو پنهنجي هٿن سان تباهہ نہ ڪرڻ گهرجي."

"مسٽر هيرس! اوهين آئين جو ذڪر ايئن پيا ڪريو جڙ اهو پٿر تي ليکو هجي..... لچڪدار نہ هجي. مسٽر هيرس، آئين کو آسماني دستاويز ڪونهي حقيقت اها آهي تہ وقت سان گڏو گڏ آئين جي شڪل بہ بدلجندي رهندي آهي."

"ڳالهہ اها ڪونهي."

هن پيري ڪمپيئر مداخلت ڪئي، "حضرات! هڪ سيڪنڊ آئون چاهيان ٿو تہ مسٽر اٽارني جنرل پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري وڃي."

"آئون چئي رهيو هئس تہ آئين ۽ بنيادي حقن جي قرار داد جا ڪيترائي پهلو آهن. آئون اهو ثابت پيو ڪريان تہ آئين ۾ ترميم جو مطلب اهو ڪونهي تہ آئين بدلايو پيو وڃي. ان جو ثبوت اهو آهي تہ آئين ۾ ترميمون ٿيندیون رهنديون آهن. پر آئين اڄ بہ موجود آهي. ترميم جو لفظ لاطيني زبان مان ورتو ويو آهي. جنهن جو

مطلب "درستي" آهي. آئين ۾ ترميم جو مطلب آهي ان کي صحيح ڪرڻ. آمريڪا جو تحريري دستور 1787ع ۾ لکيو ويو. جنهن تحت تيرنهن رياستون هڪ جهنڊي هيٺ گڏ ٿيون. اهو به هڏي ونو ته جنهن صدارت کي اوهين سڳورو سمجهو ٿا، اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن جي ان جي باري ۾ ڪهڙي راءِ هئي. هملٽن تاحيات صدر چونڊجڻ جي حق ۾ هو. ايڈمنڊ ۽ جارج ميسن جو خيال هو ته ٽن ڇٽن تي هڏل صدارتي ڪائونسل جوڙي وڃي. جڏهن ته بنجامن فرينڪلن حڪمران ڪائونسل جي حق ۾ هو. ان نڪتي تي ته صدر جي چونڊ جو حق ڪانگريس کي ملڻ گهرجي، پنج پيرا ووٽنگ ٿي. ورجينا جي وفد هڪ سربراهه جو تصور پيش ڪيو هو. ايڈمنڊ ان کي آمرن جي شروعات قرار ڏنو هو." اهو چئي ڪرسٽوفر ڪمپيئر ڏانهن سوالياً نظرن سان ڏٺو. ڪمپيئر ڪنڌ ڏوٽي ڪيس ڳالهه جاري رکڻ جي موڪل ڏني. "ڪيترا ماڻهو سينٽ کي به سڳورو ادارو سمجهندا آهن. جيتوڻيڪ پهرين ڪنويشن ۾ ان تي به خوب بحث مباحثو ٿيو هو. ڪجهه ميمبر ان جي حق ۾ هئا ۽ سينيٽرن کي دستور ساز اسيمبلي چونڊي. هملٽن تاحيات سينيٽر چونڊڻ جي حق ۾ هو. ميڊيسن نون سالن جو عرصو مقرر ڪرڻ جي رٽ ڏني. جڏهن ته اهو طئي ٿيو ته سينيٽر جي چونڊ عوام ڪندو ته شرڪت ڪندڙن جو چوڻ هو ته اهو حق فقط مضبوط مالي ۽ اقتصادي پوزيشن رکندڙن کي ڏنو وڃي. 'جون جي' چيو هو جيڪي ماڻهو ملڪ جا مالڪ آهن، ملڪ تي حڪومت به انهن کي ڪرڻ گهرجي. ان تي مباحثي ڪانپوءِ سينيٽ جي هاڻوڪي شڪل ميڙي ويئي. ۽ اهو طئي ٿيو ته سينيٽر جي عهدي جو عرصو ڇهه سال هوندو. 1913ع ۾ 17 ترميم جي ذريعي اهو عرصو بدلايو ويو. جيسيتائين بنيادي حقن جي دستاويز جو واسطو آهي ته آئين لکجڻ ڪانپوءِ به ان جو تصور نه هو. آئين لکندڙن جي نظر ۾ آئين خود بنيادي انساني حقن جي ضمانت هو. آئون انهن ماڻهن کي آمريڪا جو ڏهين ترين شخص شمار ڪريان ٿو ۽ ورجائيندس ته انهن ماڻهن جي نظر ۾ بنيادي انساني حقن جو دستاويز غير ضروري هو. تنهنڪري ان کي آئين جو حصو نه ڪيو. منهنجي سمجهه ۾ اها ڳالهه نٿي اچي ته 35هين ترميم کي آئين ٽوڙڻ جوڳو قرار ڏنو پيو وڃي. جڏهن ته ان جو مقصد ملڪ ۾ وڌندڙ لاقانونيت کان بچڻ آهي. بنيادي حق رڳو وقتي طور تي ئي معطل ٿيندا."

"مسٽر هيرس!.... اوهان ان جي باري ۾ چا ٿا چئو." ڪمپيئر وان برگ ٽوني هيريس کي چيو.

"مسٽر ڪولنس! اوهين چا ٻه چئو پر هاڻ بنيادي حقن جي قرارداد آئين جو حصو آهي." ٽوني هيرس چيو "اها قرارداد هن قوم کي ڪيئن ملي. اهو اوهان چاڻي واڻي نه ٻڌايو. ماڻهن جي خواهش جي بنياد تي ئي اها قرارداد جوڙي ويئي. رياستن چاهيو ٿي ته ماڻهن جا حق ۽ رياست جي حقن جي ڏار ڏار وضاحت ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ ويهه ترميمون تجويز ڪيون ويون. انهن مان پهريون آڏه منظور ڪيون ويون. اها 1791ع جي ڳالهه آهي."

"اوهان اهو چو ڪونه ٻڌايو ته انهن ترميمن تي سڀ رياستون سهمت نه هيون." ڪرسٽوفر اعتراض واريو. "تيرهين مان ٽن رياستن انهن کي رد ڪري ڇڏيو هو. در حقيقت انهن 1939ع کان اڳ انهن کي قبول نه ڪيو هو. يعني ڏيڍ سئو سال کانپوءِ قبول ڪيو هو."

"اهم ڳالهه هيءَ آهي ته بنيادي حقن جي قرار داد شروع کان ونئي آئين ۾ شامل هئي. جنهن موجب ماڻهن کي ٽن بنيادي آزادين جي ضمانت ڏني وئي هئي. مذهب جي آزادي، تقرير جي آزادي ۽ الزام لڳڻ تي عدالت ۾ ڪيس جو حق. جنهن کي ٽامس جيفرسن سڄي دنيا ۾ ڪنهن به حڪومت جي مقابلي ۾ عوام جو واحد بچاءُ قرار ڏنو هو. اڄ ٽامسن جيفرسن موجود هجي ها ته چئي ها ڇه سان 35هين جي مخالفت ڪري ها. جيئن آئون پيو ڪريان.... ۽ اهو ان ڪري پيو ڪريان ته اها ترميم تهذيب کي، بنيادي انساني حقن کي ڳڙڪائي ويندي."

هاڻ ڪرسٽوفر پاڻ کي گهيريل ۽ بي وس محسوس ڪيو. پر هن مدافعت جاري رکڻ جي ڪوشش ڪئي. "مسٽر هيرس! آئون جمهوريت جي تحفظ لاءِ 35هين ترميم جي حمايت ٿو ڪريان." هن ڏڪاري لهجي ۾ چيو. اسانجي ملڪ ۾ ڏوهه ۽ انارڪي جي وبا جنهن رفتار سان پکڙجي رهي آهي، اها جمهوريت کي ڳڙڪائڻ بلڪ ملڪ کي ختم ڪرڻ ۾ گهڻي دير نه لڳائيندي جيڪڏهن اهوئي حال رهيو ته ڪجهه سالن جي اندر ئي جمهوريت ته پنهنجي جاءِ تي ملڪ ئي نه رهندو ته پوءِ اوهين بنيادي حق ڪنهن کي ڏيندا."

"مونکي ان ملڪ جي پيٽ ۾ جنهن ۾ آزادي نه هجي، ملڪ کان محروم ٿيڻ قبول هوندو." ٽوني هيرس جو لهجو ٽڏو هو. "پر اوهانجو مفروضو غلط آهي. هر اهو هنڌ ملڪ سڏيو آهي. جتي آزاد ماڻهو رهندا هجن. جتي غلامي نه هجي. انهن تي قابو پائڻ جا بهتر طريقا موجود هجن. اها ڳالهه به ڪونهي ته ڪو انهن جي ڪري ملڪ کي آمريت جي حوالي ڪيو وڃي. تنهنڪري اسانکي عوام کي انصاف

سميت سيڻي ضرورتون ۽ مساوات فراهم ڪرڻ ڪپي."

"مسٽر هيرس، آئون به انهن سيني ڳالهين تي يقين رکان ٿو. پر ان جي لاءِ پهرين رتوچاڙ کي روڪڻو پوندو. تنهن کانپوءِ امن جي حالت ۾ اسانکي ٻين اهم معاملن ڏانهن ڌيان ڏرڻو پوندو."

ٽوني هيرس هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو "بنيادي حق کسجڻ کانپوءِ ڪير ڪجهه به ڪري سگهندو. ڪو به جبري پرتي کي روڪي نه سگهندو. شاگردن کي تعليم کان فارغ ٿيڻ کانپوءِ ڪنهن به انڊسٽري ۾ زبردستي پرتي ڪيو ويندو. جنهن به شخص کي بنا ڪو سبب جي قيد ڪري سگهبو....."

ٽوني هيرس چوندو پي ويو ۽ ڪرسٽوفر پنهنجي ڪرسي ۾ گهڙندو پي ويو. پنهنجو پاڻ ۾ سسندو پي ويو. هن پنهنجو پاڻ کي جنهن جنگ جي لاءِ تيار ڪيو هو، هاڻ منجهس اها سگهه نه رهي هئي. هاڻ ته هو سوچي رهيو هو ته ڪيس هت هئڻ ئي نه ڪپندو هو. هن جو هتي ڪو به ڪم نه هو. هو ظلم ۽ زيادتي جو ساڻاري ڪيئن ٿي ٿي سگهيو. پر ڪيس اڇيان وڃڻ جي لالچ ئي هتي وٺي آئي هئي.

هو خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو. هڪ ٻه پيرا هن پڳل دل سان ترميم جي بچاءَ ۾ مداخلت ڪئي. هاڻ هو فقط پنهنجو فرض نياڻي رهيو هو. وقت جونءَ جي رفتار سان وڌندو رهيو. نيٺ منٽ پورا ٿيا ته هن سڪ جو ساهه ڪنيو. هاڻ گپ شپ جو وقت هو. پر وٽس وقت نه هو. هن هيرس ۽ وان برگ کان معذرت گهري ۽ توالٽ ڏانهن پڳو.

هٽ منهن ڏوئي، هن پنهنجو پاڻ کي آئيني ۾ ڏٺو. پهريون پيرو ڪيس احساس ٿيو ته هو بنيادي انساني حقن جي بقا جي حق ۾ هو.

•

هڪ ڪلاڪ کانپوءِ هو پنهنجو لائحہ عمل طئي ڪري چڪو هو. هن جيڪو ڪجهه ڪرڻ ٿي چاهيو. اهو سڀ سندس وس ۾ نه هو. پر هو پنهنجي مرضي سان شروعات ته ڪري سگهيو پئي.

پنهنجي بادي گارڊن جي گهيري ۾ هو اخباري نمائندن ۽ فوٽو گرافرن کان بچندو پلازه هوٽل جي لابي ۾ پهتو. جتي آمريڪن بار ايسوسيئشن جو ڪنوينشن ٿي رهيو هو. شرڪت ڪندڙن جو وڏو تعداد ڏسي هو ڏڪي ويو. پنهنجي تقرير وارو فائيل هٽ ۾ ڪٽي هو جڳ

مگائيندڙ اسٽيج تي پهتو هو. هال تاڙين سان ٻرائجي ويو. اها ڳالهه هن لاءِ حيرت ۽ وجهندڙ هئي، جو هو ايڏا عوامي مقبوليت جي ان درجي تي نه پهتو هو. هن مهمان خاص چيف جسٽس هاورڊ سان هٿ ملايو. هاورڊ ننڍي هوندي کان ئي سندس آئيڊيل رهيو هو. اڇن وارن، مضبوط جاڙين ۽ چمڪندڙ اکين وارو اهو شخص ديانت ۽ انصاف جي علامت جي حيثيت رکندو هو. ان وقت هن جي عمر 70 سال هئي. پر هن جي شخصيت جو وقار قائم هو.

ڪرسٽوفر جي لاءِ ٻيو مرحلو ڏکيو هو. هن جي هاورڊ سان گهري شناسائي نه هئي. هو فقط ٻه ٽي ڀيرا اهڙين تقريبن ۾ پاڻ ۾ گڏ ٿيا هئا. هنن جي وچ ۾ رسمي دعا سلام کان وڌيڪ ڪڏهن به ڳالهه ٻولهه نه ٿي هئي. آمريڪن بار جو صدر اسٽيج تي اچي چڪو هو. جڳ تقريب شروع ٿيڻ واري هئي. ڪرسٽوفر کي جيڪو به ڪرڻو هو تيزي سان ڪرڻو هو. هن جسٽس کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪندي چيو.

"مسٽر چيف جسٽس! آئون اوهان سان اڪيلائي ۾ ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهيان. اوهين مونکي پنج منٽ ڏيئي سگهندا."

"چو نه مسٽر ڪولنس! ٽيئين ماڙ تي منهنجو ڪمرو آهي. منهنجي زال کي شاپنگ جي لاءِ وڃڻو آهي. ايئن اسانکي اڪيلائي ملي ويندي" هاورڊ جواب ڏنس.

ڪرسٽوفر مطمئن ٿي ويو. ايسوسيئشن بار جو صدر هن جو تعارف ڪرائي رهيو هو. جيڪو هو بي ڊياني سان ٻڌندو رهيو. هو 35هين ترميم جي باري ۾ سوچي ڊپريشن جو شڪار ٿيڻ لڳو هو. هن پنهنجي تقرير ڪيي ۽ ان جي ڪاٽ ڪوٽ ۾ لڳي ويو. هاڻ اها تقرير خود هن جي لاءِ قبوليت جوگي نه رهي هئي. هن تقرير کي نهايت بي دردي سان ڪٽيو. ان کان وڌيڪ هو ٻيو ڪجهه ڪري به نٿي سگهيو.

نيٺ تقرير جي لاءِ هن جو نالو سڏيو ويو. تاڙين جي گونج ۾ هو اٿيو ۽ پوءِ مائيڪ ڏانهن وڌي ويو.

ٻن ڪلاڪن کان پوءِ هو چيف جسٽس هاورڊ جي سوئٽ ۾ ويٺو هو. هاورڊ جي شاندار تقرير ايڏا به هن جي ڪنن تي ٻري رهي هئي.

"آئون تمهيد ۾ وقت نه وڃائيندس.... چيف جسٽس...." هن ڳالهه شروع ڪئي. "آئون 35هين ترميم بابت اوهان جو نقطه نظر ڄاڻڻ ٿو چاهيان..... ان سلسلي ۾ اوهانجي ڪهڙي راءِ آهي."

هاورڊ پائپ پر تماڪ پريندو رهيو. پوءِ هن چيو "اهو سوال تون ذاتي طور پيو ڪرين يا اٽارني جنرل جي حيثيت ۾."

"اهو منهنجو ذاتي تجسس آهي. ان سلسلي ۾ مونکي ڪنهن به هدايتون نه ڏنيون آهن."

"هونهه.....!"

"اوهانجو نقطه نظر منهنجي لاءِ ڏاڍو اهم آهي. اوهين منهنجي لاءِ بي حد محترم آهيو ۽ اها تڪراري ترميم ۽ بي حد دورس نتيجن جي حامل بنجي سگهي ٿي."

هاورڊ پنهنجو پائپ ڏکايو ۽ گهرو ساهه کنيو ۽ چيو "تون اندازو لڳائي سگهين ٿو. آئون ان ترميم جو مخالف آهيان. ان کي آئون تباهه ڪندڙ سمجهان ٿو. اها ترميم اسانجي جمهوريت جي خاتمو ڪري ڪيس آمريت ۾ بدلائي سگهي ٿي. ڏوهن جو وڌندڙ رجحان پنهنجي جاءِ تي. ۽ آزادي کسڻ ان مسئلي جو نبيرو ڪونهي. ان سان امن ۽ امان بحال ٿي سگهي ٿو. ۽ امن امان ته قوت سان به بحال ٿي سگهي ٿو. اسانکي خبر آهي ته غربت ڏوهن جي ماءُ آهي. غربت ختم ڪريو پوءِ ڏوهه پاڻمرادو ختم ٿي ويندا. آئون فرينڪلن جي ان ڳالهه سان سهمت آهيان ته آزادي جي بدلي ۾ تحفظ خريد ڪندڙن کي نه تحفظ مليو ۽ نه ئي وري آزادي. هو ٻنهي مان ڪنهن به شيءِ جا حقدار ناهن. 35هين ترميم تحفظ ته فراهم ڪري سگهي ٿي. ۽ شخصي آزاديءَ جي عيوض. منهنجي نظر ۾ اهو سودو مهانگو آهي. آئون ان جو مخالف آهيان."

"ته اوهان اهو سڀ ڪجهه ڪليل نموني چونه ٿا چئو...؟ عوام کي اهو سڀ ڪجهه چو نٿا ٻڌايو؟"

هاورڊ پائپ جو ڊگهو ڪش هٽندي ڪرسٽوفر کي ڏيان سان ڏسندي چيو." تون اٽارني جنرل آهي. تون ان ترميم جي مخالفت چو نٿو ڪرين" هن جوابي سوال ڪيو.

"چاڪاڻ ته پوءِ آئون اٽارني جنرل نه رهندس" ڪرسٽوفر سادگيءَ مان چيو.

"ته تنهنجي لاءِ اها ڳالهه اهميت واري آهي ته تنهنجو عهدو برقرار رهي؟"

"هائو چو ته ان عهدي تي رهي آئون ڪيترائي هاڪاري ڪم ڪري سگهان ٿو." ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ سچائي هئي. "۽ ٻيو ته منهنجي ڳالهه ايتري اثرائتي ٿي نٿي سگهي. جيتري اوهانجي هوندي. منهنجي عهدي کانپوءِ کابه

حيثيت نہ آهي. جڏهن تہ مقبوليت جي تازي سروي ۾ اوهانکي 75 سيڪڙو ووٽ ووٽ مليا آهن. ماٹهوءِ اسيمبلي جا ميمبر اوهان جي ڳالهہ کي نظر انداز نٿا ڪري سگهن."

"هڪ منٽ، مسٽر ڪولنس. تو تہ مونکي منجهائي ڇڏيو آهي." هاورڊ چيو "مون تنهنجي سوال جي جواب ۾ سوال ڪيو هو ۽ منهنجو خيال هو تہ تون چوندين تہ تون ترميم کي سڌو ٹو سمجهين. پر تنهنجو جواب ثابت ٹو ڪري تہ تون منهنجو هم خيال آهين..... منهنجي لاءِ اها ڳالهہ حيران ڪندڙ آهي."

"جيڪا تقرير مون اڄ ڪئي هئي، اها اڳ جي لکيل هئي." ڪرسٹوفر وضاحت ڪئي، "پر پوءِ آئون ترميم جي حوالي سان مشڪوڪ ٹيندو ويس. ترميم جو غلط استعمال بہ ٹي سگهي ٹو. هاڻ آئون ترميم جو وڪيل بچا ڪرڻ جي پيٹ ۾ استعفيٰ ڏيڻ کي ترجيح ڏيندس. پر آئون پنهنجو عهدو برقرار رکڻ ٹو چاهيان. اٹارني جنرل جي حيثيت سان منهنجا ڪي ڪم اڃ ۾ رهيل آهن. آئون ترميم جي مخالفت ڪرڻ کان اڳ اهي پورا ڪرڻ ٹو چاهيان. هيڏانهن وقت بہ ڪونهي. تنهنڪري اوهانکي عرض ٹو ڪريان تہ اوهين ان ترميم کي فنا ڪري سگهو تا."

"ترميم منهنجي مداخلت کانسواءِ بہ فنا ٹي سگهي ٹي."

"مونکي ان ۾ شڪ آهي. راءِ عامہ جي تجويز ڪجهہ ٻيو پئي چوي."

"ٹيڪ آهي، هاڻ آئون توکي ٻڌايان ٹو تہ آئون ان ترميم جي ڪليل مخالفت چو نٿو ڪري سگهان. شايد توکي خبر ڪونهي تہ ڏيڍ سال اڳ عدالتن جي ججن هڪ اخلاقي ضابطي تي اتفاق ڪيو هو. جنهن موجب اسين ڪنهن اهڙي معاملي زباني يا لکت ۾ خيالن جو اظهار ڪري نٿا سگهون. جيڪي ڪنهن ڏينهن عدالتن ۾ پيش ٹي سگهن تا. ترميم بہ اهڙوئي معاملو آهي." تنهنڪري آئون چيف جسٹس هوندي ان تي ڪليل راءِ نٿو ڏيئي سگهان. آئون ان ضابطي جو پابند آهيان."

"هونهہ تہ اها ڳالهہ آهي" ڪرسٹوفر جي لهجي ۾ مايوسي هئي.

"تہ اوهين ماٹهن تائين پنهنجي راءِ ڪنهن بہ نموني پهچائي نٿا سگهو"

"هائڙا البتہ هڪ صورت آهي. آئون استعفيٰ ڏيئي ترميم جي مخالفت ڪري سگهان ٹو. پر موجوده حالتن ۾ اهو انتهائي قدم کڻڻ منهنجي لاءِ ممڪن ڪونهي!"

"پر اوهين سوچيو ته مستقبل ۾ کهڙيون حالتون وڃي ٻيهنديون." هاورڊ ڪجهه دير سوچيندو رهيو. "تون ٺيڪ ٿو چوين." ڳهڙي ڪن ترسي هن چيو "پهرين اهو مڃڻ جي لاءِ ٻوس سبب ته هجن ته 35 هين ترميم ملڪ ۾ قوم جي لاءِ تباهه ڪندڙ ثابت ٿي سگهي ٿي. ان صورت ۾ آئون عهدو چڏي ترميم جي خلاف جنگ ۾ شامل ٿي ويندس. پر رڳو خدشن جي بنياد تي نه....."

ڪرسٽوفر کي اوچتو آر دستاويز ياد اچي ويو ۽ ان سان گڏ ڪرنل بيڪسٽر جي موت کان وٺي پادري جي سهڪار تائين هر ڳالهه ورجائي چڏي "ڪرنل ان کي خطرناڪ قرار ڏنو هو. ٿي سگهي ٿو ته اهو دستاويز 35هين ترميم جو اصل روپ سامهون آڻي چڏي. جيڪو نظرن کان پاسيرو هجي."

"ٿي سگهي ٿو."

"جيڪڏهن مون آر دستاويز ڳولهي ورتو ۽ ان سان ملڪ ۽ قوم کي پيش آيل خطري جي نشاندهي ٿي. پوءِ ته اوهين خاموش تماشائي ٿي نه ويهندا نه؟"

"هائو! پر دليل مناسب ۽ ثبوتن سان هجي." چيف جسٽس محتاط لهجي ۾ چيو.

"مناسب ڳالهه آهي." اهو چئي ڪرسٽوفر اُٺي ڪڙو ٽيو "هاڻ آئون آر دستاويز جي ڳولها ڪندس ۽ جيئن ئي ڪا اهم ڳالهه سامهون آئي ته سڀ کان پهرين اوهانکي ان جو اطلاع ڏيندس."

جسٽس هاورڊ به اٺي ڪڙو ٽيو "آئون تنهنجي ڪال جي اوسيڙي ۾ رهندس. تون ٻوس ثبوت فراهم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وين ته آئون فوري طور تي ڪو فيصلو ۽ عمل ڪري سگهندس."

ڪرسٽوفر چيف جسٽس جو سوئٽ مان نڪتو ته هن جو ذهن پهرين جي پيٽ ۾ گهٽو صاف ٿي چڪو هو. ان جو هڪ سبب هيءَ به هو ته هاڻ هو 35هين ترميم بابت پنهنجون ڪيفيتون ۽ محسوسات مڪمل طور تي سمجهي چڪو هو. هاڻ ڪيس اها به خبر هئي ته ترميم کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ هڪ ساٿي به موجود آهي. ڳالهه آر دستاويز جي ملڻ جي هئي. ڪيس اها گم ٿيل ڪڙي ڳولهڻي هئي.

هاڻي ڪيس واشنگٽن وڃڻو هو. ٻي هفتي ڪيس لوئس برگ جيل ۾ ڪنهن سان ملڻ لاءِ وڃڻو هو.

•

ٻي ڏينهن صبح جو "ايڊگر هوور" بلڊنگ ۾ در ۾ ڏيون بند ڪريو ورنن ٽامسن ۾ هيري ايڊورڊ ٽيپ ريڪارڊ سامهون رکيون ڳالهه ٻولهه ٻڌي رهيا هئا. پندرنهن منٽن تائين هو مائڪ ڪريو ڳالهه ٻولهه ٻڌندا رهيا. آر دستاويز جي ذڪر تي ٽامسن جي منهن جو پنو ئي لهي ويو. پوءِ هن جسٽس هاورڊ کي ڪرسٽوفر سان واعدو ڪندي ٻڌو.

"ڏليل، ڪمينو حرامي!" ٽامسن چيو "هيري! ٽيپ بند ڪري ڇڏي"

هيري ٽيپ ريڪارڊ بند ڪري ڇڏيو. پوءِ هوءِ پنهنجي باس کي بي چيني مان اڇ وچ ڪندي ڏسڻ لڳو. ٽامسن پنهنجي هٿ تي ٽڪ هڻئي ۾ چيو "خبيث! سوئر جو ڦر! غدار. اسانکي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش پيو ڪري پر اسين ڪيس ترت ئي رستي تان هٽائي ڇڏينداسين. البته مونکي ان هاورڊ جو فڪر آهي. هن ڪميونسٽ جيڪڏهن ڪيليفورنيا ۾ 35 ترميم جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو ته اسانجي لاءِ گهٽيون ڏکيائون پيدا ٿي پونديون."

"بنا ڪنهن ثبوت جي هو ائين نه ڪندو. هن پاڻ به اها ڳالهه ڪئي هئي." هيري ڪيس دلاسو ڏنو.

"مونکي مٽس اعتبار ڪونهي. آئون ڪو خطرو کڻي نٿو سگهان. آئون انهن ٻنهي کي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ شڪست ڏيڻ ٿو چاهيان."

"ڪرسٽوفر سؤلو نشانو آهي. اوهين هي ٽيپ صدر صاحب کي ٻڌايو. هو هڪ منٽ ۾ ئي اٽارني جنرل کي چلتو ڪري ڇڏيندو." هيري چيو.

ٽامسن هٿ ڪٽندي چيو "نه هيري! تنهنجي ماٺهن لاس اينجلس ۾ زبردست ڪم ڏيکاريو آهي. هي ٽيپ بي حد قيمتي آهي. پر آئون هي طريقيڪار صدر صاحب جي سامهو آڻڻ نٿو چاهيان. صدر کي اسانتي پروسو آهي. هن اسانکي سپ اختيار ڏيئي ڇڏيا آهن. پر هو پاڻ کي گهٽو ملوث ڪرڻ نٿو چاهي. اسانکي اٽارني جنرل ۾ چيف جسٽس سان پنهنجي سر منهن ڏيٽو پوندو."

"ان سلسلي ۾ ڪا آئيڊيا آهي چيف!" هيري پڇيو.

ٽامسن هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. "هائو! ڪجهه آئيڊياز آهن. ڪرسٽوفر جو طريقو ٻڌائي ٿو ته هو هاڻ بيهندو ڪونه. پر مونکي اميد آهي ته هو ڪجهه به حاصل ڪري نه سگهندو. بهرحال ڪرسٽوفر ۾ هاورڊ ٻيئي ملڪ جي لاءِ خطرناڪ آهن. اهو چگو ٽيو جو اسين وقت کا اڳ پنهي جي ارادن کان واقف

ٽي وياسين. ايئن اسين تياري ڪري سگھنداسين. پر اسين هٿيار رکو ان مھل کٽنداسين. جڏھن ائين ڪرڻ اڻ ٽر ٽي پوندو..."

"آئون اوھان سان سھمت آھيان چيف."

"اسانکي شروعات اٽارني جنرل ڪرسٽوفر ڪولنس کان ڪرڻ گھرجي. ھن جو ماضيءَ جو سڄو ريڪارڊ کولي ڇڏ."

"پر سائين! ھن جي مقرري مھل تہ اسين ھن جي باري ۾ ڇڪيءَ طرح چند ڇاڻ ڪري چڪا آھيون."

ٽامسن ھٽ ھوا ۾ لھرائيندي چيو. "اھا تہ سرسري جاچ پڙتال ھئي. آئون تفصيلي چند ڇاڻ جي ڳالھ پيو ڪريان. ان ڪم جي لاءِ تون پنھنجا بھترين ماڻھو لڳائي ڇڏ. ڪرسٽوفر جي زندگيءَ جو ڪو بہ پھلو ڪنڌائتو رھڻ نہ گھرجي. جاچ فقط ھن جي ذات تائين محدود نہ رھي پر ھن جي دوستن يارن، مٽن مائٽن ۽ ھن جي زال جي مائٽن بابت بہ خبر چار لھ. ڪٽي نہ ڪٽي ڪجھ نہ ڪجھ ضرور ملي ويندئي."

ھيري ھاڻ اٽينشن ٽيو بيٺو ھو. "بس اوھين سمجھو تہ اھو ڪم ٽي ويو چيف!

"آئون اھو ڪم ھڪ ھفتي جي اندر مڪمل ڏسڻ ٿو چاھيان."

"ھڪ ھفتي ۾ ئي ٽي ويندو چيف."

"ان کانپوءِ ھاورڊ تي ڏيان ڏج. چيڪنگ تہ ھن جي بہ ٽي چڪي آھي، پر تفصيلي چيڪنگ بي حد ضروري آھي."

"ھائو! گذريل چيڪنگ تہ پندرھن سال اڳ ٽي ھئي."

"۽ اھو ياد رک، تہ ڪيليفورنيا ۾ ڪرسٽوفر اسانکي ٿورو ٽڪو نقصان پھچائي سگھي ٿو پر ھاورڊ وڏيڪ خطرناڪ آھي. ھو اسانکي مڪمل طور تي تباھ ڪري سگھي ٿو. اسانکي ان ڳالھ جي لاءِ تيار رھڻ گھرجي."

ھيري اڳيان جھڪي آيو. "چيف! ھڪ ڳالھ آئون بہ ٻڌائڻ ٿو چاھيان تہ اسانکي ھاورڊ جي خلاف ڪجھ مواد ملي ويو تہ بہ اسين ڪيس 35ھين ترميم جي خلاف ڪلم ڪلا مخالفت کان روڪي نٿا سگھون."

"پر ان سان ھن جو ماڻھن مان اعتبار تہ گھٽجي سگھي ٿو."

"ٽي سگھي ٿو اوھين عام راءِ جا نتيجا بہ سامھون رکو. ماڻھو تہ ھن جي پوڄا ٿا ڪن."

"مونکي خبر آهي.... بهرحال تون هن جي باري ۾ سپ ڪجهه هٿ ڪري رک." ٽامسن چيو ۽ پوءِ ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڏي ويو. "تون ٺيڪ پيو چوين هيريا ڪرسٽوفر کي ته سولائي سان ڏکي سگهجي ٿو پر هاورڊ جو معاملو مختلف آهي. اسين ڪيس سندس ڪمزوري جي حوالي سان روکي نٿا سگهون. جيڪڏهن هن استعفيٰ ڏيئي ترميم جي مخالفت تي سندرو ٻڏي بيهي رهيو ته پوءِ اسانکي آخري حد تائين وڃڻو پوندو. پوءِ يا ته هو رهندو يا اسين ان سلسلي ۾ منهنجي ذهن ۾ هڪ خيال آيو آهي پر سوچ ويچار کانسواءِ چڱي پلي رقم جي به گهرج پوندي."

"رقم ته صدارتي فنڊ مان به....." هيريءَ چيو.

"نا!" ٽامسن هن جي ڳالهه ڪٽيندي چيو. "مون چيو نه ته صدر کي اهڙن معاملن ۾ ملوث ڪرڻ ٺيڪ ڪونهي. اهو اسانجو ڪم آهي ۽ اسين پوکينداسين ۽ فصل هو لڻندو. اسانکي رقم ائين حاصل ڪرڻ پوندي جو ان جي ڳولا ڪندڙ اسان تائين پهچي نه سگهن." پوءِ اوچتو هن پنهنجي هٿ جي تري تي مُڪ هڻين. "خدا جو قسم..... واهه..... ائين ئي ٿيندو." هن هڪدم انٽر ڪام ڪنيو ۽ پنهنجي سيڪريٽري کي چيائين. "ڊونالڊ ڪريڊن جو فائيل ڪڍ ۽ هڪدم مون وٽ ڪٽي اچ." پوءِ هي مرڪندي هيري کي ڏسڻ لڳو.

هيري جي چهري تي مونجهارو برقرار هو. "ڪريڊن اهوئي آهي ته جيڪو لوئس برگ جيل ۾ قيد پيو ڪاٽي."

"هائو... اهوئي."

"۽ اوهين هينئر هڪ وڏي رقم حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ڪري رهيا هئا؟"

ٽامسن ڏند ٽيڙيندي چيو "۽ مونکي ياد اچي ويو اها رقم ڪٿان ملي سگهي ٿي. بس هيري هاڻ رڳو ويٺو تماشو ڏس. پنهنجي باس تي مڪمل پروسو رک!"

هن منٽن ڪانپوءِ گيريل فائيل ڪٽي آيو. ٽامسن هن جي مهرباني مڃي ۽ فائيل جا پنا اٿلائي ڏسڻ لڳو. ڪنهن ڪنهن مهل هو پڙهڻ ٿي لڳو. نيٺ هن فائيل بند ڪيو. هن جي چهري تي اطمينان هو. "واقعي آئون هڪ جينئس ماڻهو آهيان. هاڻ هاورڊ گڙبڙ ڪندو ته اسين به ڪيس منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار

هونداسين."

"مون ڳالهه نه سمجهي چيف!"

"اچي ويندئي! في الحال منهنجي ڳالهه تي عمل ڪندو وڃ! ڪرسٽوفر جي سلسلي ۾ پوءِ ڪم ڪج. پهرين لوئس برگ جيل جي وارڊن بروس سان ڳالهائي ڪيس چئو ته معاملو بيحد ڳجهو آهي. بروس پروسي جوگو ماڻهو آهي. ڪيس چئو ته هو اڄ رات جو ٻين بجي ڊونالڊ ڪريڊن کي جيل مان ٻاهر وٺي اچي. آئون ساڻس اڪيلائي ۾ ملڻ ٿو گهران. اهو ڏاڍو اهم آهي هيري..."

•

سوا ٻه ٿيا هئا. چنڊ آسمان تان غائب هو. تنهنڪري رات بنهه اونداهي هئي. هيري ڏاڍي سست رفتاريءَ سان گاڏي هلائي رهيو هو. ٽامسن هن سان گڏ اڳين سيٽ تي ويٺو هو. هن تشويش واري لهجي ۾ پڇيو. "هيري! ڪنهن اسانجي شهر مان ٻاهر هئڻ جي خبر ته ڪونهي؟"

"اوهين بي فڪر رهو. ريڪارڊ موجب هينئر اسين واشنگٽن ۾ آهيون."

"واهه! هيري." ٽامسن ڪنڌ ڏوڙيندي چيو. "پر مونکي ڪجهه ٻه نظر نٿو اچي. توکي پڪ آهي ته اسين صحيح رستي تي پيا وڃون."

"چيف! آئون وارڊ بروس جي هدايتن تي مڪمل عمل پيو ڪريان. بس هاڻ منزل تي پهچڻ وارا آهيون."

هو واشنگٽن مان هڪ اهڙي بحري جهاز جي ذريعي پينلوانيا پهتا هئا، جنهن ۾ هنن ٻنهي کانسواءِ ٻيو ڪير ٻه نه هو. ايئرپورٽ تي ڪار هنن جي اوسيڙ ۾ هئي. ايئن اهو سفر شروع ٿيو هو. ٽامسن سموري رستي ۾ گهٽو بيچين رهيو هو. پنجاهه ڪلو ميٽرن جو فاصلو طئي ٿي چڪو هو. لوئس برگ، رات جو چادر اوڍي گهري ننڊ سمهي پيو هو. سڀي اسڪول پرسان لنگهندي، هيري ڪار جي رفتار گهٽائي چڏي. هاڻ ڪار سري رهي هئي. هيڊ لائٽس جي روشني ۾ سامهو گهاٽو جهنگ نظر اچي رهيو هو. ايئن پي لڳو ته اها رستي جي پچاڙي آهي. پوءِ ڪار وٽن جي وچ ۾ هڪ خالي زمين جي ٽڪري تي پهچي ويئي.

"اجهو! اسين پهچي وياسين." هيري بريڪ هڻندي چيو. پوءِ هن هيڊ لائيٽون وسائي چڏيون. "هتي آمريڪا جا سخت خطرناڪ ڏوهاري رهن ٿا." هن جيل جي پوئين حصي ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

"تون ٺيڪ ٿو چوين! پر ڏونالڊ ڪريڊن خطرناڪ ڏوهاري نه پر هو ته سياسي قيدي آهي."

"واهه!... مونکي ان ڳالهه جي خبر نه هئي." هيري جي لهجي ۾ حيرت هئي.

"ٽيڪنيڪي طور تي هو سياسي قيدي ڪونهي. پر حقيقت ۾ هو سياسي قيدي ئي آهي." ٽامسن وراڻيو. "هو اندر جون ڳالهيون ڄاڻي ٿو.... ۽ اندر جون ڳالهيون ڄاڻڻ به ڏوهه ئي هوندو آهي."

ٿوري دير ڪانپوءِ ڪيس ٻئي پاسان هڪ ڪار ايندي نظر آئي. ٽامسن ڪار مان لٿو ۽ پوئين سيٽ تي وڃي ويٺو. "آئون هن سان ڳالهائيندس." هن هيريءَ کي چيو "تو ماڻ ڪريو ويٺو ٻڌج..... ڪيس هينڊل ڪرڻ ۾ منهنجو ڪم آهي."

هيريءَ هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. ٻي ڪار هنن ڪان ڪجهه پرپرو بيٺي. دروازو کليو..... ۽ بند ٿيو. پيرن جو ڪڙڪو ٿيو پوءِ ڪيس وارڊن بروس جو منهن نظر آيو. ٽامسن دريءَ جي ويجهو کسڪي آيو. "هيلو بروس! ڪهڙا حال اٿئي؟" ٽامسن پڇيو.

"اوهان سان ملي خوشي ٿي ڊائريڪٽر.... اوهانجو ڊرمائشي تحفو منهنجي ڪار ۾ موجود آهي." بروس چيو. "پر هن اوهان سان ملڻ نه ٿي چاهيو."

"پوءِ به تجسس جي ڪري انڪار ڪري نه سگهيو."

"هائو بلڪل!"

"هاڻ ڪيس هتي ڇڏي وڃ ۽ جڏهن هو منهنجي ڪار مان لهي ته ڪيس پنهنجي ڪار ۾ ويهاري واپس مون وٽ اچج.... مونکي توکان هڪ ڪم ونڊو آهي."

"آئون حاضر آهيان سائين!"

"۽ ياد رکج ته هيءَ اها ملاقات آهي. جيڪا ڪڏهن ٿي ئي نه هئي."

"ڪهڙي ملاقات. ڪڏهن ٿي هئي." بروس پرون تاٽيندي چيو.

"گڊ! هاڻ ڪيس وڃي موڪل!"

کجھ گھڑين کانپوءِ کار جو پويون دروزاو کليو. ڊونالڊ ڪريڊن جي هٿن ۾ هٿ ڪڑي هئي. "هٿڪڑي کولي چڏ بروس! هيءَ نجي نوعيت جي ملاقات آهي." ٽامسن چيو.

بروس هٿڪڑي کولي چڏي. ڊونالڊ ڪريڊن پوئين سيٽ تي ٽامسن سان گڏ اچي ويٺو. هو اڳ جي مقابلي ۾ گھٽو ڪمزور لڳي رهيو هو. اکيون بہ ڏرا ڏيئي ويون هيس.

"سگريٽ پيئندين!" ٽامسن، ڊونالڊن کان پڇيو. پوءِ جواب جو انتظار ڪرڻ کانسواءِ ئي هيري کي چيائين. "هن کي سگريٽ ۾ لائيٽر ڏي." ڊونالڊ سگريٽ جا بہ وڏا ڪش هنيا ۽ پوءِ اطمينان سان مرڪيو.

"ڪھڙا حال اٿئي ڊونالڊ!" ٽامسن پڇيو.

"ڪھڙو نہ ذليل سوال ڪيو اٿئي."

"اوھ..... تہ تون تڪليف ۾ آهين. منهنجو خيال هو تہ تنهنجي ڊيوٽي جيل جي لئبريري ۾ لڳائي ويئي هوندي."

"ان سان ڪھڙو فرق ٿو پوي. چا اهو گھٽ آهي تہ آئون بہ ڏوهي هئڻ جي باوجود بہ جيل ۾ آهيان ۽ جانورن جيان رهان پيو."

"هائو! آئون اندازو لڳائي سگھان ٿو..... جيل ڪڏهن بہ پاڻ کي نٿو پوي."

ڊونالڊ چڙ جي ڪيفيت ۾ سگريٽ کي ٽوڪيندو رهيو.

"مونکي افسوس آهي....." ٽامسن همدردانہ لهجي ۾ چيو. "بيڪستر جو موت تنهنجي لاءِ وڏو ڏک هوندو. هو دنيا ۾ ٻيو ماڻهو هو جيڪو توکي وقت کان اڳ آزادي ڏياري سگھيو ٿي."

ڊونالڊ چرڪي ٽامسن کي ڏٺو. "ٻيو!؟" هن جي لهجي ۾ حيرت هئي.

"هائو! آئون پهريون آهيان." ٽامسن مرڪندي چيو. "آئون تو لاءِ هڪ آڇ کڻي آيو آهيان. اهو واپار آهي. آئون توکي آزادي ڏياري سگھان ٿو ۽ تون مونکي رقم فراهم ڪري سگھين ٿو. آئون مختصر ڳالهائيندس تو فلوريڊا ۾ ڪٿي ڏهہ لک ڊالر لڪائي رکيا آهن. تردید جي ضرورت ڪونهي. آئون ريڪارڊ مان تصديق ڪري چڪو آهيان. توکي اها رقم ميامي ۾ ڪنهن کي پهچائڻي هئي. پر تو نہ پهچائي. رقم بہ توکان نہ نڪتي پوءِ ان سلسلي ۾ تو چپ سُبي چڏيا. پارنهن سالن کانپوءِ اها رقم تنهنجي لاءِ ايتري اهم

ڪونهي. آئون توڪي فوري طور تي آزادي ڏيارڻ سگهان ٿو. ان جي بدلي ۾ توڪي سڄي رقم نه پر فقط هڪ حصو ڏيڻو پوندو. توڪي آزاد ٿيندي ئي ميامي ويڙهون پوندو ۽ ڏهن لکن ڊالرن مان سادا ست لک ڊالر منهنجي ماڻهوءَ کي ڏيڻا پوندا. تون ايڏائي لک ڊالرن جي مدد سان نئين سر زندگي جي شروعات ڪري سگهين ٿو..... چئو چا ٿو چوين....“

ڊونالڊ سگريٽ جو ٽوٽو ٻاهر اڇليو. هو هيڪڙ لڳو هو.

ٽامسن هن جو هيڪڙ سمجهي ورتو. ”آئون سمجهي ويس. تون جزئيات ڄاڻڻ ٿو چاهين. ڏس! تنهنجي سزا معاف ڪرائڻ يا پيرول تي آزادي ڏيارڻ منهنجي وس ۾ ڪونهي. پر آئون توڪي آزادي ڏيارڻ سگهان ٿو. اسانکي چالاڪيءَ کان ڪم وٺڻو پوندو. جيل مان نڪرندي ئي توڪي هڪ ٻي شخصيت جو روپ اختيار ڪرڻو پوندو. آئون تنهنجي لاءِ نوان ڪاغذ تيار ڪرائي ونڊس. اسانکي سڀ کان پهرين ڊونالڊ ڪريڊن مان چوڻڪارو حاصل ڪرڻو پوندو. وارڊن بروس تنهنجي سرڪاري موت جو اعلان ڪندو. پوءِ اسين توڪي آزاد ڪنداسين. توڪي تنهنجي فنگر پرنٽس کان چوڻڪارو ڏيارڻو ويندو. پلاسٽڪ سرجري جي ذريعي تنهنجي شخصيت بدلجي ويندي. تون جيئرو ۽ آزاد هوندين. پر ڊونالڊ ڪريڊن مري چڪو هوندو. ٽامسن رونالڊ جي رد عمل کي جاچڻ لاءِ هن جي چهري تي نظر وڌي. پر ڪو به رد عمل سامهون نه آيو. تنهنڪري ٽامسن پنهنجي ڳالهه جاري رکي. ”اسانکي خبر آهي.“ تنهنجي هڪ ڏيءَ آهي. جيڪا ڊونالڊ ڪريڊن جو سوڳ ملهائيندي. ڏکيو مرحلو اهو آهي ته تون پنهنجي ڏيءَ سان ڪڏهن به ملي نه سگهندين. ڪيس حقيقت جي خبر پوڻ نه گهرجي. اها اڻئي صورتحال، مون وٽ ڪو گهٽو وقت ڪونهي منهنجي اها آڇ آخري اڻئي. مونکي ها يا نه ۾ جواب گهرجي نه جي صورت ۾ توڪي وڌيڪ ٻارنهن سال جيل ۾ گذارڻا پوندا ۽ اهو ان شرط تي به ته تنهنجي حياتي هجي. جيل ۾ ڪو توڪي چرو به هٽي سگهي ٿو.“ هن جي لهجي ۾ ڏمڪي اچي ويئي. ”جيڪڏهن تون ٻارنهن سال پوڳي وئين ته ڏهه لک ڊالر به تنهنجا هوندا ۽ تنهنجو اصل نالو به برقرار رهندو. ها چوڻ جي صورت ۾ ايڏائي لک ڊالرن سميت توڪي آزادي ملندي. پر تون پنهنجي نالي ۽ پنهنجي ڏيءَ ۽ پنهنجي دوستن کان محروم ٿي ويندين. فيصلو تنهنجي اختيار ۾ آهي.“

ڊونالڊ ڪريڊن ڪنهن اونهي سوچ ۾ ٻڏل هو. هن جي اکين مان چڪتاڻ جو اظهار پي ٿيو.

•

لاس اينجلس مان واپس ورندي ئي ڪرسٽوفر، صدر ڪلبرٽ کي پنهنجي دوري جي رپورٽ پيش ڪئي. رپورٽ مختصر هئي. ڇو ته ڪرسٽوفر، صدر کي ڪيليفورنيا ۾ پنهنجي سيني سرگرمين جي باري ۾ ته ٻڌائي نه نٿي سگهيو. ايڏا هو يقين سان چئي نٿي سگهيو ته ان سيٽ اپ ۾ صدر جو ڪردار هيري جو آهي يا ولين جو. هن پنهنجي تي وي مناظري ۽ بار ايسوسيئيشن جي ڪنوينش ۾ پنهنجي تقرير جو ذڪر ائين ڪيو. جڙ اهي سندس وڏيون فتحون رهيون هيون. پر شايد صدر صاحب کي ڄاڻ هئي، هن ڪرسٽوفر جي ڪارڪردگي کي بيحد مايوس ڪندڙ قرار ڏنو.

"تو 35هين ترميم جي لاءِ ڪليل طور تي نه ڳالهايو." صدر چيو "بهرحال صورتحال قابو ۾ آهي. ڪجهه نيون خبرون به آهن."

انهن مان پهرين سڀني خبر صدر جي پولنگ ايجنٽ رونالڊ ڏني جنهن موجب تازي ڪيل سروي موجب 65 سيڪڙو اسيمبلي ميمبر ترميم جي حق ۾ ٿي چڪا آهن. ڪرسٽوفر ڏاڍي ڏکيائي سان پنهنجي مايوسيءَ کي لڪايو. جنهن جو مطلب اهو هو ته ڪيس تيزيءَ سان ڪم ڪرڻو آهي.

نيٽ پنجين ڏينهن ڪرسٽوفر کي لوئس برگ جيل وڃڻ جو موقعو ملي ويو. ڪيس خبر هئي ته هن جو بنا ڪنهن سبب جي جيل جو دورو ڪرڻ مناسب نه ٿيندو. تنهنڪري پهرين هن هڪ جواز گهڙيو. انهن ڏينهن هو جيلن ۾ سڌارن بابت هڪ ايڪٽ جي سلسلي ۾ رٿون گڏ ڪري رهيو هو. ان لحاظ کان هن جو لوئس برگ جيل جو دورو غير معمولي نه هو.

هن وارڊن بروس سان گڏ جيل جي مختلف حصن جو معائنو ڪيو. هن ڪولين ۾ موجود قيدين سان به ڳالهه ٻولهه ڪئي. هاڻ اهو اهم معاملي جي لاءِ پاڻ کي تيار ڪري رهيو هو. تنهنڪري هن سرسري لهجي ۾ وارڊن کي چيو "اڙي ها... هڪ ڳالهه ياد اچي ويم. اڇڪلهه هڪ قيدي جو خيال پيو اچي... ڇا مونکي هن سان پنج ست منٽ اڪيلائي ۾ ملڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو."

"بلڪل سائين! اوهين مونکي رڳو ان جو نالو ٻڌايو."

"آئون ڊونالڊ ڪريڊن سان ملڻ ٿو چاهيان؟"

واردن بروس پنهنجي حيرت لڪائي نه سگهيو. "ان جو مطلب اهو آهي ته اوهان اڄوڪيون صبح واريون اخبارون نه پڙهيون آهن. نه ئي وري اوهان ٽي وي ڏٺي آهي؟"

"بلڪل! آئون انهن نعمتن کان اڄ محروم رهيو آهيان."

"مونکي افسوس آهي ته تي ڏينهن اڳ ڊونالڊ ڪريڊن وفات ڪري ويو. دل جو دورو هن جي موت جو سبب ٿيو. هن جي وارثن جي خبر چار لهڻ تائين اسان هن جي چالاڻي جي خبر جاري نه ڪئي."

"ڊونالڊ ڪريڊن مري چڪو آهي!" ڪرسٽوفر ڪوڪلي لهجي ۾ چيو. گويا آر دستاويز جي سلسلي ۾ هن جي آخري اميد به ختم ٿي وئي.

"اوهان ٽي ڏينهن اڳ اچو ها ته هن سان ملي ونو ها..... بيڊ لڪ!"

ڪرسٽوفر واپسي جي لاءِ مڙي ئي رهيو هو جو هڪ خيال کيس چرڪائي ڇڏيو. هن واردن کان پڇيو. "اوهانکي هن جي وارثن جي خبر پئجي ويئي."

"هائو! هن جي ڏيءَ فلاڊليفيا ۾ رهي ٿي. هو شهر کان ٻاهر ويل هئي.. هن جي موڪل ڏيڻ تي اسان هن کي هتي ئي دفنائي ڇڏيو."

"چوڪري جو رد عمل ڪهڙو هو؟"

"فطري ڳالهه آهي..... هن جي لاءِ پيءُ جي موت جي خبر وڏو صدمو هو. اڳوٽي اٽارني جنرل بيڪسٽر ڪانپوءِ هوءَ اڪيلي هستي هئي، جيڪا ڊونالڊ کي خط لکندي هئي."

"اوهين مونکي هن جو پتو ڏيئي سگهو ٿا."

"هائو! پوسٽ باڪس جي ذريعي اسان اها خبر هن تائين پهچائي هئي. واردن بروس چيو ۽ پتو لکي ڪرسٽوفر جي حوالي ڪري ڇڏيو.

ڪرسٽوفر واپس روانو ٿيو. هاڻ هن وٽ بس هڪ ننڍو امڪان ئي وڃي بچيو هو ته هن شايد پنهنجي ڏيءَ سان آر دستاويز جي باري ۾ ڪا ڳالهه ٻولهه ڪئي هجي.

•

سڀ کجھ ڪنهن ڏکيائي کانسواءِ ٿيو هو. هاڻ هو موٽر بوٽ جي ڪيبن ۾ ويٺو هو. گذريل هفتي جي واقعن کي ذهن ۾ تازو ڪري رهيو هو. اڄ کان ڇهه ڏينهن اڳ هن ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ورنن ٽامسن جي آڇ قبول ڪئي هئي، جيڪا حقيقت ۾ ڪيس ناقابل عمل ۽ بي وقوفي واري لڳي هئي. ٻه راتيون اڳ هو ماڻ مڙيءَ ۾ واردن جي ڪار جي پوئين حصي ۾ ويٺو هو. ان گهڙي کانپوءِ هو ڊونالڊ ڪريبن نه پر هربرٽ ملر هو. هڪ عام شهري. هڪ آزاد انسان.

ٽامسن سان ملاقات کانپوءِ ڪيس هڪ ڪونڊريءَ ۾ اڪيلو بند ڪيو ويو هو. اتي هن جي ملاقات ٽامسن جي ڊپٽي هيري ايڊورڊ سان ٿي. هيري سان گڏ ٽي ماڻهو پيا ٻه هئا، جن جي نالن جي ڪيس خبر پئجي نه سگهي هئي. انهن سان گڏ هڪ اڏرٻوٽ منڊو همراهه ٻه هو. جنهن فنگر پرنٽس بدلائڻ جي لاءِ هن جي آڱرين تي مخصوص قسم جو ٽيزاب استعمال ڪيو هو. اهو مرحلو بي حد تڪليف وارو هو. پوءِ عينڪ جي بدران هن کي اکين ۾ ڪنٽيڪٽ لينس فٽ ڪيا ويا. پوءِ حجام هن جون مڇون صاف ڪري، هن جي سونهري وارن کي ڪارو ڪيو. آخري مرحلو ڪاغذن جو هو. هيريءَ ڪيس برٽ سرٽيفڪيٽ، فوج مان باعزت ڊسچارج سرٽيفڪيٽ، ڊرائيونگ لائسنس ۽ سوشل سيڪيورٽي ڪارڊ فراهم ڪيو هو. جنهن جي بنياد تي هو هاڻ هربرٽ ملر هو. هن جي عمر 59 سال هئي. پوءِ ڪيس پائڻ جي لاءِ پراٽي فيشن جو برائون سوٽ ڏنو ويو هو.

هيري جي هدايت موجب ڪيس ميامي ويڙهو هجي، جتي 'بيامو هوٽل' ۾ هربرٽ ملر جي لاءِ ڪمرو بوڪ ٿيل هو ۽ پي ڏينهن شام جو ڪيس پنهنجا لڪايل ڏهه لک ڊالر ڪيڏا هئا. پوءِ ڪيس مسز ريموس نالي عورت سان ملي پلاسٽڪ سرجري جي سلسلي ۾ سرجن سان رابطي جي صورت معلوم ڪرڻي هئي. ان کانپوءِ ڪيس فائٽر آئي لينڊ ۾ هڪ مخصوص هنڌ تي ان شخص کي ساڏا ست لک ڊالر ڏيڻا هئا. جيڪو ڪيس ملر جي نالي سان سڏي. ڪوڊ ورڊ 'لينڊا لينڊا' هو. رقم ڏيڻ کانپوءِ ٻيهر ٻيڙيءَ ۾ ويهڻو هو. ان کانپوءِ هو مڪمل آزاد هو.

سڀ کجھ پروگرام موجب ٿيو. هن بينڪ جي لاڪر مان ڏهه لک ڊالر ڪڍي سوٽ ڪيس ۾ رکيا ۽ "بيا مو هوٽل" هليو آيو. هن پنهنجي

ڪمري پهچي ايائي لک ڊالر ڪيي ٻي سوٽ ڪيس ۾ رکيا. رات ٽيندي ئي هن ايائي لک ڊالر وارو سوٽ ڪيس ڪٽي ميامي ايئرپورٽ جي هڪ لاکر ۾ رکيو. پوءِ هن اخبار خريد ڪئي پنهنجي يعني ڊونالڊ ڪريڊن جي موت جي خبر پڙهي. پهريون پيرو ڪيس پنهنجي بي حيثيت ٽيڊ جو احساس ٽيو. هن زندگيءَ ۾ ڪجهه به ته نه ڪيو هو. هن جي پلئه تي نه ڪيل گناهن جا داغ هئا. ڪيس ان جي بي انصافيءَ تي سخت ڪاوڙ لڳي. پوءِ هن جي پنهنجي ڏيءَ سوزي جي لاءِ دل ڏکڻ لڳي. هن ويچاريءَ کي ورثي ۾ پنهنجي پيءُ جي مجرم ماضي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه مليو هو. ڪاش هو ساٽس ملي ڪيس ٻڌائي سگهي ته هو بي ڏوهي آهي. پر هن ۾ ايتري همٽ نه هئي. جيڪي ماڻهو هڪ جيئري جاڳندي ماڻهوءَ کي ماري، هڪ ٻيو نئون ماڻهو تخليق ڪري سگهن ٿا. سي معاهدي جي خلاف ورزي ڪرڻ جي صورت ۾ خطرناڪ ثابت ٿي پي سگهيا.

مسز ريموس سان ملاقات به سئي رهيس، "اوهين خوش قسمت آهيو مسٽر ملر." مسز ريموس چيو هو. "اسين پنهنجي پراڻي پلاسٽڪ سرجن کي وڃائي وينا هئاسين. ايجا به ڏينهن اڳ اسانکي انجو متبادل مليو آهي. ان جو نالو گريشيا آهي. هو ڪيوبا مان غير قانوني طور تي هتي آيو آهي. جيسيتائين سندس سچاٽپ جا ڪاغذ نٿا نهن. تيسيتائين هو اسانجو هر ڪم ڪرڻ تي مجبور آهي. بهرحال پروگرام طئي ڪري ٿا ونون. رات جو سوا ڏهين بجي سرجن گريشا اوهانجي ڪمري ۾ اوهانجي انتظار ۾ هوندو. اوهين مهرباني ڪري پنهنجي ڪمري جي چابي مونکي ڏيو. ٺيڪ آهي نه؟"

رات جو مقرر وقت تي هو فشر آئي لينڊ پهتو. هن ٻيڙيءَ واري کي ٻيهڻ جو چيو ۽ ٻيٽ ڏانهن روانو ٿي ويو. ساڍن ستن لک ڊالرن وارو سوٽ ڪيس هن جي هٿ ۾ هو. هو اڌ ميل ڪن اڳتي مس ويو. جو پويان ڪنهن سڏيس. "مسٽر ملر" هن جو آواز ونڊو ۽ لهجو اسپيني هئس.

"لنڊا لنڊا..." ڊونالڊ جواب ڏنس.

"اوهان وٽ جيڪو ڪجهه آهي، اهو هتي چڏي ۽ واپس ٻيڙي طرف هليا وڃو."

ڊونالڊ سوٽ ڪيس زمين تي رکيو ۽ واپس روانو ٿي ويو. پر اونداهي سبب ڪيس رستي جو صحيح اندازو نه پي ٿيو. ڪجهه منٽن کانپوءِ هو

ساهي پٽڻ جي لاءِ ٻيئو. ان مهل ڪيس وٽن جي پويان ٻن جڻن جي ڳالهائڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان سان گڏ هن جو تجسس پڻ جاڳي پيو. شايد ان ڪري ٻه ته هو هاڻ آزاد شخص هو. هن پهريون پيرو ان خيال کان سوچيو ته پلا ٽامسن کي هيڏي وڏي رقم جي گهرج ڇو پئي. هن پنهنجا سرڪاري وسيلا استعمال ڇو نه ڪيا؟ هو نه هٽين خالي هو ۽ نه ئي وري بي اختيار هو. هوريان هوريان ڏهيل قدمن سان اڳيان وڌيو. هن وٽن جي اوٽ مان جانچيو. هو ٻيئي ڪائنس مشڪل سان ٽيهن فوٽن جي فاصلي تي هئا.

لالٽين جي روشنيءَ ۾ هو ڪليل سوٽ ڪيس تي جهڪيا پيا هئا. لالٽين ٽوري ڏگهيرڙي همراهه جي هٿ ۾ هئي. هن چيو. "مسٽر رامن هاڻ ته تون گهٽو امير ماڻهو آهين." هن جو لهجو چٽو هو.

هن جي ساڻيءَ اسپيني لهجي واري انگريزي ۾ چيو. "شٽ اپ فرنانڊس." پوءِ هن ڪنڌ مٽي ڪنيو ۽ اسپيني ۾ ڪجهه چيو. لالٽين جي روشنيءَ ۾ هن جي چهري جو هڪ نقش ڏونالڊ کي صاف نظر آيو. هاڻ آهي ٻيئي اسپيني ۾ ڳالهائي رهيا هئا. ڏونالڊجي لاءِ هاڻي وڌيڪ ٻيهڻ بيڪار هو. جيتوڻيڪ هن جي تجسس جي اڄ ايڏا به نه اجهي هئي. اهو مونجهارو به هئس ته هو انهن اسپيني نسل جي ماڻهن کي ڪڏهن به ايف بي آءِ جو ايجنٽ مڃڻ جي لاءِ تيار نه هو. ان صورتحال ۾ سوال اهو ٿي پيدا ٿيو ته ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ٽامسن جو انهن سان ڪهڙو لاڳاپو هو.

ٽوري ديرِ پٽڪڻ ڪانپوءِ ڪيس رستو ليجي ويو ۽ هو ڪنڌيءَ ڏانهن هلڻ لڳو. ڪيس هاڻ ٻيو سڀ ڪجهه وساري فقط پنهنجي مستقبل جي باري ۾ سوچڻو هو. ٻيڙيءَ ۾ ويهي، ميامي جي ساحل تي لهڻ ڪانپوءِ هن پاڻ کي هوائن جيان آزاد محسوس ڪيو. پر هڪ.م ڪيس خيال آيو ته هڪ مرحلو اڃا رهيل آهي. ڪيس پنهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ ڊاڪٽر گريشيا سان ملي پنهنجو چهرو تبديل ڪرائڻو هو. ان ملاقات جي لاءِ سوا ڏهين بجي جو وقت مقرر ٿيل هو. پر ٻي طرف ڪيس سخت بک به لڳي رهي هئي. ماني کائڻ جي صورت ۾ ڪيس ڪجهه دير ٿي پي سگهي، پر ان سان ڪو به فرق نه ٿي پيو. فرق پوندو به ڪيترو وڏو ۾ وڏو پندرنهن منٽن جو. تنهنڪري هن هڪ سٽي هوٽل جو رخ ڪيو. ٿي سال جيل جي ماني کائڻ کانپوءِ سٽي ماني جو تصور به ڪيس وڏي عياشي محسوس ٿي رهي هئي.

پر ماني کائڻ جي سلسلي ۾ هن جو اندازو غلط ثابت ٿيو. پندرهن منٽن جي

بدران کیس منو کلاڪ لڳي ويو. يارهين بجي هو ٽيڪسي ڪري هو "بيامو" هوٽل واري رستي تي پهتو تہ اتي ميڙ لڳو پيو هو. هن ٽيڪسي روڪائي ۽ لهي پنڌ هوٽل طرف روانو ٿي ويو. هن جي دل ڌڙڪي رهي هئي. هوٽل جي پرسان پهچي هن اندازو لڳايو تہ سيني جو ڌيان بيامو هوٽل طرف آهي. فائر مين هوز پائيپ گهيريندي پي ڦريا. هن کي اهو سوچي جهٽڪو لڳو تہ هن جو پنهنجو ڪمرو بہ ٽئين ماڙ تي هو. هن پنهنجي پر ۾ بيٺل تماشائيءَ کان پڇيو. "چا ٿيو ڪهڙو چڪر آهي."

"اڌ ڪلاڪ اڳ ٽئين ماڙ تي ڌماڪو ٿيو ۽ باهہ لڳي ويئي. چار پنج ڪمرا تباهہ ٿي ويا آهن. ڪنهن ٻڌايو پي تہ هڪ ماڻهو مئو آهي ۽ ڪجهہ زخمي بہ ٿيا آهن." جواب مليو.

ڪجهہ پريرو ڪجهہ صحافي ۽ ڦوٽو گرافر بينا فائر مين سان ڳالهائي رهيا هئا.

ڊونالڊ ميڙ مان جاءِ ٺاهيندو انهن ڏانهن وڌيو.

"هڪ ماڻهو مئو آهي. ڪمري ۾ ڌماڪو ٿيو آهي. ان مان لاش مليو آهي. جيڪو سڙي چڪو آهي. سچاڻپ جو تہ ڪو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي. پر هوٽل جي رجسٽر موجب فوتيءَ جو نالو هر برٽ ملر هو."

ڊونالڊ کي پنهنجي پيرن هيٺان زمين کسڪندي محسوس ٿي. ٻي صحافيءَ سوال ڪيو ڌماڪي جو سبب ڪهڙو هو؟ گيس جو ليڪ ٿيڻ يا بم رکيو ويو هو؟"

"في الحال تہ ڪجهہ چوڻ ڏکيو آهي. سياڻي تائين صورتحال چٽي ٿي سامهون اچي ويندي."

ڊونالڊ تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي. هو تکو تکو هجوم مان ٻاهر نڪتو. هن جي لاءِ سوچڻ ڏکيو ٿي پيو هو. هڪ ئي هفتي ۾ پنهنجي موت جون ٻہ خبرون پڙهڻ کو خوشگوار ڪم تہ نہ هو. ٽامسن، ڊونالڊ ڪرينڊن کي ماري هر برٽ ملر تخليق ڪيو هو. ۽ سادا ست لک ڊالر ملڻ کانپوءِ هربرٽ ملر کي بہ ٺڪاڻي لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ڪوشش چا ڪئي هئائين. سرڪاري طور تي تہ ماري ئي ڇڏيو هئائين. ڊونالڊ دل ئي دل ۾ ڪيس گاريون ڏيندو رهيو. پر ان سلسلي ۾ هو عملي طور تي ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهيو. نہ اڄ نہ ئي وري آئندہ ڪڏهن. هاڻ هو جيئرو هو. پر نالي ۽ شخصيت کان محروم هو. پهريون پيرو ڪيس احساس ٿي رهيو هو فقط وجود. اثبات وجود ڪڏهن بہ نہ هوندو آهي. پوءِ ڪيس خيال آيو تہ

جيڪڏهن هي ڊونالڊ ڪرينڊن ۽ هربرٽ ملر جي حيثيت سان نہ سڃاتو وڃي تہ هو محفوظ رهندو. ان سلسلي ڪيس احتياطي تدبيرن جي گهرج هئي ۽ ان جي لاءِ ڪيس هڪ پلاسٽڪ سرجن جي گهرج هئي. ويچارو ڊاڪٽر گريشيا تہ هن جي حصي جي موت قبولي سڃاڻپ کان ٻاهر ٿي چڪو هو. هونئن بہ آمريڪا ۾ هن ويچاري جي ڪابہ سڃاڻپ نہ هئي.

في الحال ڪيس لڪڻ جي لاءِ جڳهہ گهربل هئي ۽ ڪو اهڙو شخص، جنهن تي مڪمل طور تي پروسو ڪري سگهي. پر اهڙو ڪير هو..... ايڊائي لک ڊالرن ياد اچي ويس. هو ميامي ايئرپورٽ ڏانهن روانو ٿي ويو. ايڊائي لک ڊالرن واري سوٽ ڪيس جي اهميت ويتر وڌي وئي هئي.

•

ٻئي ڏينهن ڪرسٽوفر ڪولنس بي حد خوش اميديءَ مان پنهنجي ڊپٽي ايڊ جي ڪال رسيو ڪندي پڇيو "ڪهڙي خبر آهي ايڊ؟"

"پوسٽ باڪس نمبر 351 مس سوزن ڪريڊن جي نالي آهي."

بي پاسان وراڻي ملي "۽ ايڊريس اٽس 419000 سائوٿ اسٽريٽ.... ٻڌ ڪرس. هي ڪهڙو چڪر آهي."

"پهرين تہ آئون سمجهي وٺان. پوءِ توکي سمجهائيندس." ڪرسٽوفر پٽو نوٽ ڪندي رسيور رکيو ۽ پاڻ کي سمجهايو تہ صورتحال مايوس ڪندڙ ڪونهي. ڊونالڊ ڪريڊن تن ڏينهن کانپوءِ مئو هجي ها تہ اهو مسئلو بہ حل ٿي چڪو هجي ها. پوءِ بہ هن جي ڏيءَ جي روپ ۾ هڪ ڏس ضرور موجود آهي ڊونالڊ ڏهني طور تي ڏيءَ جي گهٽو ويجهو هو. ٿي سگهي ٿو تہ آر دستاويز جي سلسلي ۾ هن پنهنجي ڏيءَ سوزن سان ذڪر ڪيو هجي. امڪان تہ ڪو نہ هو. بهرحال هڪ امڪان هو تہ سهي."

هو اُٿيو ۽ پنهنجي سيڪرٽري جي ڪمري ۾ منهن وجهندي چيائين. "ماريان!.... منهنجو اڄ جو شيڊيول ڪيئن آهي."

"ڪا اهڙي اپائنٽمنٽ جيڪا رد ڪري سگهجي؟"

"نہ سائين! آءِ ايم سوري."

"۽ سياٽي.....؟"

"ڏسان ٿي..... هائو صبح جو واندڪائي ملي سگهي ٿي."

"نيڪ آهي توکي منهنجي هر اپائنٽمنٽ ڪينسل ڪرڻ جو اختيار آهي. سياٽي صبح جو فلاڊلفيا جي فلائٽ ۾ منهنجي سيٽ بوڪ ڪرائي ڇڏ. اهو معاملو گهڻو اهم آهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجو ته اهوئي خيال آهي."

•

روانگي کان اڳ. ڪرسٽوفر سوزن ڪريڊن جي باري ۾ ممڪن حد تائين معلومات حاصل ڪري ورتي هئي. هو ڊونالڊ ڪريڊن جي اڪيلي ڏيءَ هئي. عمر 26 سال هيس ۽ "فلاڊلفيا ٽائمز" ۾ فيچر رائٽر جي حيثيت سان ڪم ڪري رهي هئي. هن اخبار جي آفيس ۾فون ڪري ملاقات جو وقت طئي ڪرڻ چاهيو. پر ڪيس ٻڌايو ويو ته سوزن بيمار آهي ۽ موڪل تي آهي.

ڪرسٽوفر پنهنجي ڪار ۽ باڊي گارڊ کي سوزن جي گهر کان اڌ بلاڪ پويان ڇڏيو ۽ خود گهر ڏانهن وڌيو. هن جي سمجهه ۾نه پئي آيو ته سوزن سان ڪيئن ڳالهائي. بهرحال ڳالهه چا ۽ هجي، سوزن هن جي آخري اميد هئي. هن هر خيال ذهن مان جهٽڪي اطلاعاتي گهنٽي جو بٽڻ دٻايو. ڪجهه گهڙين جو اوسيئڙو. پر ڪو به جواب نه مليو. هن ٻيهر گهنٽي وڄائي هن ڀيري ۾ ڪو جواب نه مليو. هو واپس ورڻ وارو ئي هو جو ٽورودروزاو کليو ۽ جهروڪي مان هڪ جوان چوڪري باهر نهاريو. سونهري وارهن جي ڪلهن تي لڙڪي رهيا هئا. "اوهين سوزن ڪريڊن آهيو؟" ڪرسٽوفر پڇيس. چوڪري جي اکين ۾ فڪرمنديءَ جا آثار جهلڪڻ لڳا. پر هن هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. "آئون واشنگٽن مان آيو آهيان." فقط اوهان سان ملڻ جي لاءِ ڪرسٽوفر ٻڌايو.

"ڳالهه چا آهي؟"

"مونکي اوهانجي پيءُ جي موت جو افسوس آهي. آئون ان سلسلي ۾ اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻ....."

"هيئنر آئون ڪنهن سان به ملي نٿي سگهان." چوڪريءَ سخت لهجي ۾ چيو. "اوهين مونکي وضاحت ته ڪرڻ ڏيو."

"نيٽ به ته اوهين آهيو ڪير.....؟"

"منهنجو نالو ڪرسٽوفر ڪولنس آهي. آئون آمريڪا جو اٽارني جنرل آهيان ڪرنل بيڪسٽر منهنجو ويجهو دوست هو. مونکي اوهان سان ڪجهه ضروري ڳالهيون ڪرڻيون آهن."

"اوهين ڪرنل بيڪسٽر ڪي سڃاڻندا آهيو..."

"هائو! مهرباني ڪري مونکي اندر اچڻ ڏيو. آئون اوهانجا فقط ڪجهه منٽ ئي ونندس."

چوڪري ٽورو هيڪي، پوءِ هن دروازو کولي ڇڏيو "ٺيڪ آهي.... اچو." هن چيو. "پر آئون گهڻو وقت ڏيئي نه سگهنديس."

ڪرسٽوفر اندر گهڙيو. هو ڪمري جي آرائش ڪي واکاڻڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو. سامهون هڪ دروازو هو جيڪو بيڊ روم ۾ ٿي کليو. چوڪريءَ جي اشاري تي هو صوفي تي ويهي رهيو. چوڪري بيٺي رهي. پر هو ڪجهه هيڪيل نظر اچي رهي هئي ۽ بار بار پنهنجي هٿ سان نراڙ تي آيل وارن کي پويان هٽائيندي رهي.

"مونکي اوهانجي پيءُ جي موت جو ڏاڍي افسوس ٿيو آهي." ڪرسٽوفر چيو.

"جي ڇا واقعي اوهين سچي به اتارني جنرل آهيو."

"هائو!"

"۽ اوهان کي ايف بي آئي وارن ته نه موڪليو آهي."

ڪرسٽوفر مرڪيو "هو مونکي نه پر آئون هنن کي موڪلينڈو آهيان. هتي آئون پنهنجي مرضيءَ سان ۽ هڪ ذاتي ڪم جي سلسلي ۾ آيو آهيان."

"اوهان چيو هو ته اوهين ڪرنل بيڪسٽر جا دوست آهيو؟"

"هائو! منهنجو خيال آهي ته اوهانجو پيءُ به ڪرنل جي ويجهن دوستن مان هو."

"هائو! بلڪل ويجهن دوستن مان هو."

"ان ڪري آئون هتي آيو آهيان." ڪرسٽوفر زرو ڏيندي چيو.

"ڪرنل بيڪسٽر مرڻ وقت منهنجي لاءِ هڪ نياپو ڇڏيو هو. آئون ان نياپي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. منهنجو خيال آهي ته اوهانجو بابا ان سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪري سگهندو. ٿي سگهي ٿو ته ڪرنل ان سلسلي ۾ ساڻس ڳالهه ڪئي هجي. مون ٻڌو آهي ته هو ان سلسلي ۾ اوهانجي پيءُ تي گهڻو پروسو ڪندو هو."

"هائو! اها ڳالهه صحيح آهي. پر اوهانکي ڪيئن خبر پئي."

"حنا بيڪسٽر کان." ڪرسٽوفر وراڻيو. "هن ئي مونکي ٻڌايو ته اوهانجو پيءُ لوئس برگ جيل ۾ آهي. آئون به ڏينهن اڳ لوئس برگ جيل ويو هئس. اتي اوهانجي والد جي افسوس ناڪ وفات جي خبر پئي. مون سوچيو ته ٿي سگهي ٿو ته

اوهانجي پيءَ ان سلسلي ۾ اوهان سان کو ذکر کيو هجي. ان سلسلي ۾ آئون اوهان سان ملڻ جي لاءِ آيو آهيان."

"اوهين چا ٿا چاڻڻ چاهيو؟"

ڪرسٽوفر ڏڪو ساهه کنيو. ڳالهه ڪيئن شروع ڪجي اهو به هڪ مسئلو هو. نيٺ هن چيو "آئون آر دستاويز جي باري ۾ چاڻڻ ٿو چاهيان."

چوڪري حيران نظر اڇلي. "اها ڪهڙي شيءِ آهي."

ڪرسٽوفر وساميو. "ان جي ته مونکي به خبر ڪونهي. مون سمجهيو ٿي ته اوهانکي خبر هوندي."

"نه مون ڪڏهن به ان بابت نه ٻڌو آهي."

"اهو ٻڌي مونکي مايوسي ٿي. خير چڏيو ڪٽي مون ته پنهنجي پر ۾ ڪوشش ڪري ڏٺي." اهو چئي هو اُٿي بيٺو. "آئون اوهانکي وڌيڪ تڪليف نه ڏيندس." هن هٻڪندي چيو. "پرائيٽرو ضرور چوندس ته ڪرنل بيڪسٽر کي تنهنجي پيءُ جي بي گناهيءَ جو يقين هو. هو اوهانجي پيءُ کي پيرول تي آزاد ڪرائڻ جي سلسلي ۾ ڪم ڪري رهيو هو. مون پاڻ هن جي تيار ڪيل ڪيس کي پڙهيو آهي ۽ ساڻس سهمت ٿيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيس ته اوهانجي پيءُ کي قاسايو ويو هو. مون مسز بيڪسٽر سان واعدو ڪيو هو ته ڪرنل جي ڪم کي آئون پورو ڪندس ۽ مسٽر ڪريڊن کي پيرول تي آزادي ڏيارينديس. مسز بيڪسٽر واعدو ڪيو هو ته هو مسٽر ڪريڊن کي خط لکي منهنجي اچڻ بابت آگاهه ڪندي ۽ مون سان سهڪار جي اپيل ڪندي. پر افسوس جو آئون دير سان پهتس. خبر ڪونهي چو مونکي سدائين دير ٿي ويندي آهي." هو چرڪيو چو ته هن چوڪريءَ ۾ ڪجهه تبديلي پيدا ٿيندي ڏٺي. چوڪريءَ جون اکيون ڦاٽي ويون. هن جو هٿ بي اختيار وات تي هليو ويس. هوءَ اکيون ڦاڙي هن جي پويان ڏسڻ لڳي.

اوچتو ڪمري ۾ ٽيون آواز اپريو. "هن پيري توکي دير نه ٿي آهي دوست."

آواز ڪرسٽوفر جي پٺيان آيو. ڪرسٽوفر مڙي پويان ڏٺو. بيڊ روم ڏانهن کلندڙ دروازي ۾ هڪ اجنبي بيٺو هو. هن جو چهرو ڇاتل سڃاتل پيو لڳو. پر هو اجنبي هو.

هو ڪرسٽوفر ڏانهن وڌيو ۽ هن جي ويجهو بيهي رهيو. "آئون ڊونالڊ ڪريڊن آهيان." هن چيو. "آر دستاويز...؟ تون آر دستاويز جي باري ۾ ٿو چاڻڻ چاهين ....؟"

پر آر دستاويز جي باري ۾ بامعني ڳالهه ٻولهه اڃ ڪلاڪ ڪانپوءِ ئي ممڪن ٿي سگهي. پهريون مسئلو ته اهو هو ته ڪرسٽوفر کي پڪ ئي نه پئي ٿي. ڏاڍي ڏکيائي سان ڊونالڊ کيس قائل ڪيو ته. "آئون جيئرو آهيان. منهنجو رڳو نالو مري ويو آهي. خير پهرين تون مونکي پنهنجي باري ۾ يقين ڏيار. آئون پنهنجو سڄو تفصيل پوءِ توکي ٻڌائيندس.... اهو ٻڌائي ته تون مون تائين ڪيئن پهتين؟" پر ڪرسٽوفر جي وضاحت کان اڳ کيس پنهنجي ڏيءُ سوزن کي مطمئن ڪرڻو پيو. جيڪا حيران ۽ پريشان بيٺي هئي.

"مٽي!..... مونکي ڪنهن جي مدد جي ضرورت آهي ۽ منهنجو خيال آهي ته آئون مسٽر ڪولنس تي پروسو ڪري سگهان ٿو. کيس منهنجي جيئري هئڻ جي خبر نه هئي. پوءِ به هن جو لهجو همدرديءَ وارو هو."

ڪرسٽوفر، ڪرنل بيڪسٽر جي موت کان وٺي هيسيتائين جا واقعا بنا ڪنهن گهٽ وڌائي جي بيان ڪري ڇڏيا. هن حنا بيڪسٽر سان پنهنجي ملاقات ۾ تفصيل به ٻڌايو:

"هائو! حنا مونکي خط لکيو هو ۽ ان ۾ تنهنجي جيل ۾ اچي مون سان ملڻ بابت لکيو هو."

"آئون ويو هئس! هاڻ اهو چوندي عجيب پيو لڳي ته اتي مونکي اوهانجي موت جي باري ۾ ٻڌايو ويو.... بهرحال ائين آئون هتي پهتس." ڪرسٽوفر ٻڌايو.

"تون ٻڌائي ڇڪين! هاڻ آئون ٻڌايان ته هت ڪيئن پهتس." ڊونالڊ چيو. "اها منهنجي خوش بختيءَ جي ڪهاڻي آهي. ان تي ذرو به شڪ نه ڪج." اهو چئي ڊونالڊ پنهنجي رام ڪهاڻي ٻڌائڻ شروع ڪئي. ڪرسٽوفر جو وات پٽيل هو ۽ هن جي اکين مان بي يقيني جهلڪي رهي هئي. تنهن کانسواءِ ڪجهه سوال به تنگ ڪري رهيا هئا ته اهڙي ڪهڙي ضرورت اچي پئي هئي، جنهن لاءِ ڊوڪٽر جي حصول واسطي ٽامسن کي ايترو خطرناڪ ۽ڏکيو رستو اختيار ڪرڻو پيو. پر مائ ڪيو سپ ڪجهه ٻڌندو رهيو. هن ڊونالڊ جي بيان ۾ مداخلت نه ڪئي.

ڊونالڊ جي ڪهاڻي ٻڌڻ کانپوءِ ڪرسٽوفر جي سڄي خوشفهمي ختم ٿي ويئي. کيس ان ۾ ڪو به شڪ نه رهيو ته ڪيليفورنيا خير ۽ شر جي

جنگ جي ميدان بڻجي چڪو آهي.

"هر رٽ جي پويان ٽامسن آهي." ڊونالڊ پچاڙيءَ ۾ چيو. "ڀ ان جو مناسب سبب به آهي. 35هين ترميم کيس آمريڪا جو بي حد سگهارو ماڻهو بنائي ڇڏيندي. صدر کان به وڌيڪ سگهارو. پر مونکي يقين آهي ته اسين هن جي خلاف هڪ..... رڳو هڪ ٺوس ثبوت به مهيا ڪري نٿا سگهون."

ڪرسٽوفر به ان ئي انداز ۾ سوچي رهيو هو. "تون صحيح ٿو چوين. البته آر دستاويز جو ڳجهارت ڀجي پوي ته ڪو ٺوس ثبوت حاصل ٿي سگهي ٿو. هاڻ اوهين آر دستاويز جي باري ۾ ڳالهايو."

"ان ئي ڳالهائڻ کان اڳ توکي منهنجون ٽي ڳالهيون مڃڻيون پونديون." ڊونالڊ چيو "پهرين اها ته پلاسٽڪ سرجري جي ذريعي منهنجو چهرو بدلرائي چڏ.....؟"

"ٽي ويندو! نيوادا ۾ اسانجو سرجن آهي. جنهن بابت ايف بي آءِ کي به خبر ڪونهي. اهو ڪم سياٽي ئي ٽي ويندو." ڪرسٽوفر پڪ ڏياري.

"بي ڳالهه اها ته مونکي پنهنجي سچاٽپ کپي. ڊونالڊ ڪرينڊن لوئس برگ. جيل ۾ مري چڪو آهي. هر برٽ ملر هوٽل جي ڏماکي ۾ هلي ڇڙيو هاڻ آئون هڪ بي نانءَ ماڻهون آهيان. مونکي هڪ نالي ۾ ضروري ڪاغذن جي گهرج آهي."

"ڪاغذ توکي پنجن ڏينهن ڪانپوءِ ملي ويندا. ٻيو ڪجهه."

"ڀ هڪ ٻيو واعدو ٿو چاهيان ته ٽامسن کي بي نقاب ڪرڻ ڪانپوءِ تون منهنجي پلئه تي لڳل داغ هٽائيندي..... منهنجو نالو ۽ منهنجي شخصيت بحال ڪرائيندين."

"مونکي خبر ڪونهي ته ائين ڪري سگهندس يا نه!"

"منهنجو مطلب آهي ته تون ڪوشش ۾ وسان نه گهٽائيندين."

"ان ڳالهه جو آئون حلفيه اقرار ٿو ڪريان." ڪرسٽوفر پوري سچائي سان چيو.

"هاڻ آئون توکي آر دستاويز جي باري ۾ ٻڌايان ٿو. "ڊونالڊ سگريٽ ڏکائيندي چيو. "منهنجي ڄاڻ مڪمل ته ڪونهي پر ڪجهه نه ڪجهه بهرحال ڄاڻان ٿو. آر دستاويز 35هين ترميم جو اڻ لکيل حصو آهي. ان جي باري ۾ ڪنهن کي به خبر ڪونهي. انهيءَ جي اٽڪل ان وقت ڪئي وئي

جڏهن مونکي ايڏا سزا نه ملي هئي. ان جي ڪري بيڪسٽر گهڻو پريشان هو. هو قدامت پسند ضرور هو پر بي حد شريف ۽ معقول به هو. آئين جي محبت ۽ احترام هن جي نس نس ۾ سمايل هو. دستور سان مذاق ڪرڻ کيس بنهه نه وٺندو هو. پر ملڪ ۾ ڏوهن جي وڌندڙ سيڪڙي جي ڪري مٿس دٻاءُ وڌي رهيو هو. ملڪ ۾ امن ۽ امان قائم رکڻ هن جي ذميداري هئي. ۽ نوبت ايستائين پهتي جو 35هين ترميم ڪانسواءِ ان جو ڪو امڪان نه هو. تنهنڪري نه چاهيندي به هو ان ترميم جي حمايت ڪري وينو. پر ان تي سڏائين پڇتائيندو به رهيو. پر هو ان ۾ اهڙو ته گپجي چڪو هو جو پويان هٽڻ هن جي وس ۾ نه هو."

"اها ڳالهه صحيح آهي ته ڪرنل جا آخري لفظ به ان ڳالهه جي تائيد ڪن ٿا. پر سوال اهو آهي ته هو دٻل ڪنهن کان هو."

"مونکي خبر ڪونهي." ڏونالڊ چيو. "آئون بس ايترو ٿو ڄاڻان ته هو گهڻو اڳتي نڪري ويو هو. هو پريشان به هو ۽ کيس مون کانسواءِ ٻيو ڪنهن تي به پروسو نه هو. جڏهن به دل تي بار وڌندو هئس ته مون سان ڳالهائڻ لڳندو هو. اهڙي ئي هڪ موقعي تي آر دستاويز جو ذڪر نڪتو. ان ڪانپوءِ ڪيترائي ڀيرا ان جو ذڪر ٿيو هو ته ڪاش ٽامسن مونکي 35هين ترميم ۽ آردستاويز جي چڪر ۾ نه قاسائي ها. هاڻ ٻڌا! آر مخفف آهي" ري ڪنسٽرڪشن جو "يعني ترميم جي سلسلي ۾ نئين سر تعمير جو دستاويز" آمريڪا جي نئين سر اڏاوت جو دستاويز. اهو دستاويز 35هين ترميم جو لڪل حصو آهي. ان جي ذريعي آمريڪا کي ڏوهن کان پاڪ ملڪ بنائي سگهجي ٿو. ان دستاويز جا ٻه حصا آهن. ڪرنل بيڪسٽر کي فقط هڪ حصي جي خبر هئي. هن مونکي ٻڌايو هو ته ٻي حصي تي ٽامسن ايڏا ڪم پيو ڪري ..... پهريون حصو هڪ قسم جو پائلٽ پروگرام هو. "ڪرسٽوفر مُنجهي پيو پائلٽ پروگرام؟ ڇا مطلب."

"آئون خود وضاحت ڪرڻ وارو هئس. 35هين ترميم ٽامسن سوچي هئي. هن اها ڪيئن سوچي؟ ان جو اهو جواب آهي ته آمريڪي صدر ۽ ڪانگريس ڏوهن تي ڪنٽرول ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. ان وچ ۾ ٽامسن کي هڪ انوکو مثال نظر آيو. سوچ ته سهي! جيڪڏهن ڪنهن شهر ۾ ڏوهن جو تناسب سڄي ملڪ جي مقابلي ۾ نه هڻڻ جي برابر هجي ته ان جو تجزيو

تہ ڪري سگھجي ٿو نہ؟ ٽامسن سيني شهرن جي ڊيٽا گھرائي ڪمپيوٽر کان مدد ورتي هئي. ڪمپيوٽر ڪجھ علائقا ڌار ڪيا، جيڪي ڏوھن کان پاڪ هئا. اتفاق جي ڳالھ آهي تہ اهڙا سيئي علائقا ڪمپني ٽائون هئا."

"ڪمپني ٽائون؟"

"هائو! آمريڪا ۾ ڪمپني ٽائون پريا پيا آهن. جتي بہ ڪنهن ڏورانهين هنڌ تي ڪا صنعت قائم ٿئي ٿي تہ اتي ڪم ڪندڙن جي لاءِ شهر وسايو وڃي ٿو. اهو ڪمپني ٽائون سڏبو آهي ۽ اتي ڪمپني جي حڪومت هوندي آهي. جيتوڻيڪ ائين بہ ڪونهي تہ ڪو هر ڪمپني ٽائون ڏوھن کان پاڪ هجي، پر ڪجھ اهڙا بہ آهن. جتي ڏوھن جو تناسب نہ هڻڻ جي برابر آهي. اهي ننڍيون ٽائونون آهن، جتي ڪنهن فرد يا ڪمپنيءَ جي حڪمراني آهي."

"يعني ڊڪٽيٽر شپ؟"

"ائين ئي سمجھ. اتي بدمعاشن ۽ سماج تي سخت ڪنٽرول هوندو آهي. اهڙن ئي شهرن مان هڪ شهر ٽامسن کي پسند اچي ويو. انهي جو ريڪارڊ ڏٺهي عرصي کان ڏوھن جي حوالي سان صاف هو ۽ ان جو نالو "آرگوستي آهي ۽ اهو ايريزونا جي آرگو ڪمپني جي انتظام هيٺ آهي. ٽامسن ان بابت مڪمل تحقيق ڪئي. خبر پئي تہ بنيادي حقن جي دستاويز جي اڪثر نڪتن تي اتي عمل نہ ٿو ڪيو وڃي. شهرين کي بہ ان ڳالھ تي ڪو اعتراض نہ هو. چو تہ انهن جي جان ۽ مال کي مڪمل تحفظ حاصل هو. اتان کان ٽامسن کي 35هين ترميم جو خيال آيو. هن سوچيو. جيڪو ڪجھ آرگوستيءَ ۾ ممڪن آهي. اهو سڄي آمريڪا ۾ بہ ممڪن ٿي سگھي ٿو. پر آرگوستي جي شهرين کي ان وقت بہ ڪي حق حاصل هئا. ٽامسن پنهنجن ايجنٽن جي ذريعي انتظاميا تي زور بار وجھرائي بنيادي حقن کي تجرباتي طور تي معطل ڪرائي ڇڏيو. ائين ڪٽي سمجھو تہ ان شهر ۾ 35هين ترميم جو نفاذ ٿي چڪو آهي. ان شهر جي وسيلي سان ڊائريڪٽر ٽامسن عملي طور تي 35هين ترميم جي اثر انگيزي ثابت ڪري رهيو آهي."

"منهنجا خدا ! اهو سڀ يقين کان ٻاهر آهي." ڪرسٽوفر ڪنجھندي چيو. "ان جو مطلب اهو ٿيو تہ آمريڪا ۾ هن وقت بہ هڪ شهر اهڙو آهي، جيڪو بنيادي انساني حقن کان محروم آهي."

"منهنجي چاڻ موجب اهڙو شهر واقعي موجود آهي."

"پر اهو ته جمهوري روح جي ابتڙ ۽ غير قانوني آهي. هڪ جمهوري ملڪ ۾ ائين ٿي نٿو سگهي." اٽارني جنرل جي لهجي ۾ احتجاج هو.

"اهو متان وسارين ته ڪيليفورنيا ۾ 35هين ترميم جي توثيق ڪانپوءِ اهو سڀ ڪجهه قانوني ٿي ويندو." ڊونالڊ چيو. "بهرحال! ڊائريڪٽر ٽامسن جو اهو تجربو آر دستاويز جو پهريون حصو آهي."

"۽ ٻيو حصو؟"

ڊونالڊ ڪلها ڪٽندي وراڻيو. "مونکي خبر ڪونهي."

"مونکي يقين نٿو اچي." ڪرسٽوفر چيو "۽ ها! نتيجن جي باري ۾ به ته ٻڌا ئي ته آرگوسٽي ۾ ان تجربي جا نتيجا ڪيئن رهيا؟"

"اهو ته توکي ڏسڻ گهرجن." ڊونالڊ هن جي اکين ۾ اکيون وجهي چيو.

"چا تون اهو سڀ ڪجهه پنهنجي اکين سان ڏسڻ پسند نه ڪندين؟"

"بلڪل پسند ڪندس. اهو ضروري آهي. آئون ڊائريڪٽر ٽامسن جي رٿا جي تهه تائين پهچڻ ٿو چاهيان. چاڪاڻ ته ملڪ جي سالميت داءَ تي لڳل آهي. هونئن چا اهو ممڪن آهي ته آئون اهو شهر ڏسي سگهان."

"جيستائين مونکي خبر آهي ته ٻاهريان ماڻهو اتي نه ويندا آهن. پر فقط ٻه ماڻهو نمايان به نه لڳندا."

"ٻه نه ٽي چئو."

"ٽي؟ ڊونالڊ چرڪيو" اهو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو."

"اهو اهڙو خطرو آهي. جيڪو بهرحال ڪٽڻون ئي آهي. ٽيون شخص ايترو ته اهم آهي جو هو اڪيلي سر 35هين ترميم کي ڏوڙ ڪري سگهي ٿو."

o

اٽارني جنرل واپس ايندي ئي ڪمپني ٽائونز جي سلسلي ۾ طوفاني ريسرچ شروع ڪرائي ڇڏي. ايريزونا جي آرگوسٽي تي گهڻو زور ڏئي رهيو هو. ريسرچ خاموشي ۽ تيز رفتاري سان وڌندي رهي. چئن ڏينهن ڪانپوءِ رپورٽ هن جي ميز تي موجود هئي.

ان رپورٽ جو جائزو ونڊ ڪانپوءِ پهريون پيرو ڪمپني ٽائونز جي اهميت

مٽس چٽي ٽي. ڏورانهن علائقن ۾ ڪاٽيون ڪوٽيندڙ ڪمپنين کي ڪارڪنن جي گهرج پوندي هئي. ڪين ان ڪري ٽي لڳائڻ لاءِ ڪمپني کي سڄو شهر آباد ڪرڻو پوندو هو. هو اتي گهرن جون اڏاوتون ڪندا هئا. ٻيون ڪارو باري اسڪيمون شروع ڪندا هئا. جن ۾ ڪاڏ خوراڪ جي شين جا دوڪان، جنرل اسٽور ۽ هوٽلون قائم ڪندا هئا. ته جيئن سندن ڪارڪنن کي هر ڪا سهولت ميسر ٽي سگهي. اهڙن شهرن ۾ عام طور تي گهر، دوڪان، مطلب ته هر شيءِ ڪمپني جي ملڪيت هوندي هئي. اتي مزدورن جي نظر ۾ اهو شهر مستقل نه پر وقتي ٺڪاڻو هوندو آهي. هو اتي ڪمپني جي رحم ۽ ڪرم تي هوندا هئا. زبان کولڻ کان هر شخص گهبرائيندو هو. اتي ڪنهن جي راءِ جي ڪابه اهميت نه هئي.

جنرل رپورٽ پڙهڻ کانپوءِ ڪرسٽوفر آرگو سٽي واري تحقيق وارو فائيل کوليو. آرگوسٽيءَ بابت موجود معلومات بنهه گهٽ هئي. پر ٻين ڪمپني ٽائونز جو ان کان مختلف هئڻ بلڪل چٽو هو. آرگو سٽي ۾ هر شيءِ ڪمپني جي ملڪيت هئي. اتي فقط ڪمپنيءَ جا ضابطا هلندا هئا ۽ فقط ڪمپنيءَ جا نوڪر ئي رهندا هئا، گذريل پنجن سالن ۾ اتي ڪو ننڍڙو ڏوهه نه ٿيو هو. اها تمام وڏي خوبي هئي. تمام سٽي ڀالهه هئي..... خوفناڪ ۽ ڊيجاريندڙ حد تائين."

ڪرسٽوفر فائيل بند ڪري ڇڏيو. حقيقت ڄاڻڻ جو هڪئي طريقو هو ۽ اهو هي ته پاڻ وڃي شهر کي ڏسجي. ان صورت ۾ ئي ڪيس اندازو ٽي سگهي ٿو ته 35 هين ترميم هيٺ آمريڪا جو ڪهڙو حال ٿيندو ۽ ان سلسلي ۾ فقط هو ۽ ڊونالڊ ئي ڪافي نه هئا. چيف جسٽس هاورڊ کي اهو سڀ ڪجهه ڏيکارڻ ضروري هو. فيصلو ڪرڻ ۾ ڪيس کا ڏکيائي نه ٽي.

هن رسيور ڪٽي پنهنجي سيڪريٽريءَ کان پڇيو ته. "ماريان ٽيليفون ٽيپ ڪرڻ جو سسٽم غير موثر آهي نا؟" "هان انهيءَ جي گهرج ڪانهي رهي سائين!" ماريان وراڻيو. "اوهانجو گهرايل جديد ترين سسٽم لڳي چڪو آهي. هاڻ ڪنهن به انسٽرومينٽ تي نه ڪا ڀالهه ٻولهه ٻڌي ٽي سگهجي ۽ نه ئي وري ٽيپ ٽي ڪري سگهجي."

ڪرسٽوفر مطمئن ٽي ويو. اوزار هٽندڙن وڏي تيزي ڏيکاري هئي.

هن چيف جسٽس هاورڊ جو نمبر ڊائل ڪرڻ شروع ڪيو.

•

اها جون جي شروعات هئي، جمع جو ڏينهن هو. ٽيئي مختلف هنڌن تان اڏام ڪندا فونيڪس. ايزيزونا پهتا. ڪرسٽوفر سيني ڪان پهرين پهتو هو. بالٽي مور مان آيو هو. رزويشن جي حساب سان هن جو نالو برنارڊ هو. ڪائنس پوءِ ڊونالڊ آيو. جيڪو ڊوور جي نالي سان سُفر ڪري رهيو هو. هو ڪارسن سٽيءَ مان آيو هو. آخر ۾ چيف جسٽس پهتو هن جوزف جي نالي سان سفر ڪيو.

اهو اڳ ۾ طئي هو ته ڪرسٽوفر ۽ ڊونالڊ، هارولڊ جو انتظار نه ڪندا. هنن ٽنهي جو هڪجهڙي وقت آرگوسٽي ۾ داخل ٿيڻ شڪ پيدا ڪري سگهيو ٿي.

ڪرسٽوفر، ڊونالڊ کي ان وقت تائين سڃاڻي نه سگهيو. جيسيتائين هو بلڪل هن جي ويجهو پهچي نه ويو. نيو ڊا جي پلاسٽڪ سرجن واهه جو هٿ ڏيکاريو هو. "مسٽر برنارڊ؟" ڊونالڊ محضوظ ٿيندي چيو.

"مسٽر ڊوور." ڪرسٽوفر جواب ۾ چيو ۽ هڪ لفافو ڊونالڊ ڏانهن وڌايائين، هن ۾ اوهانجي نئين شخصيت جا ڪاغذ ۽ سڀ ڄاڻ موجود آهي."

"آئون تنهنجو ٿورو ڪيئن مڃان. تون منهنجي لاءِ وڏو ڪم ڪيو آهي."

"نه! ڪم ته تو وڏو ڪيو آهي. تو جيڪو ڪجهه ٻڌايو اهو ثابت ٿي ويو ته چيف جسٽس هارولڊ 35هين ترميم کي ابتو ڪري ڇڏيندو. هاڻ اڃ! ويهن منٽن کانپوءِ هارولڊ کي پهچڻو آهي."

ڪرسٽوفر اڳ ۾ ئي هڪ فولڊ پاڙي تي ڪري چڪو هو. هو فولڊ ۾ وينا ۽ ڏکڻ اولهه طرف روانا ٿي ويا. ساين ستابين ٻنين کانپوءِ ريگستاني علائقو شروع ٿي ويو. ميڪسيڪن سرحد طرف وڌي رهيا هئا. نيٽ ڪين سائن بورڊ نظر آيو. "آرگوسٽي، آبادي چوڏهن هزار قائم ڪيل. آرگوريفائننگ ڪمپني."

ڪجهه دير کانپوءِ هو آرگوسٽي جي وچ ۾ هئا. رستي ۾ ڪين پوسٽ آفيس ۽ ڪيترائي جنرل اسٽور نظر آيا. اڳتي ڪين هڪ سئنيما، لائبريري ۽ پارڪ به نظر آيو. شهر بي حد صاف ۽ سٿرو هو. نيشنل هوٽل جي چار ماڙ عمارت اسپيني اڏاوت جو نمونو هئي. هنن ڪار پارڪ ڪئي ۽ هوٽل جي لابي ۾ گهڙيا "هيءَ ته ايڊگر هوور بلڊنگ جي نقل ٿي لڳي." ڪرسٽوفر تبصرو ڪيو. "ٽامسن نهرائي هوندي هيءَ."

ڊونالڊ ڪيس چپن تي آڱر رکي ماٺ ڪرڻ جي لاءِ چيو. "مسٽر ڊونالڊ! گهٽيون ڳالهيون ڪرڻ جو ناهن هونديون." هن چيو.

هنن هوٽل جي رجسٽر ۾ پنهنجا فرضي نالا لکيا. روانگي جو وقت رات جو

لکيو. پوءِ هنن جو سامان ٽئين ماڙ تي هنن جي ڪمري تائين پهچايو. پنهي جا ڪمرا گڏو گڏ هئا. پورٽر وچيون دروازو کوليو. ايئرڪنڊيشنڊ چيڪ ڪيو ۽ ٽپ وٺي موڪلائي هليو ويو.

هاڻ هوءِ ڪرسٽوفر جي ڪمري ۾ اڪيلا هئا. هنن جو وچ ۾ اڃ ئي طئي ٿي چڪو تو ته هاورڊ جي اچڻ کانپوءِ ٻاهر نڪربو. هاورڊ کي ٽئڪسي ۾ اچڻو هو ۽ واپسي جو سفر پنهنجي ساڻين سان گڏ فورڊ ۾ ئي ڪرڻو هو.

"هونئن مونکي ته هي شهر بلڪل نارمل پيو لڳي." ڪرسٽوفر چيو.

"ٻاهر نڪري ڏسندين ته خبر پئجي ويندئي." ڊونالڊ چيس ۽ پنهنجو بريف ڪيس کولي ان مان هڪ فهرست ڪڍي "مون بيڪسٽر جي فراهم ڪيل معلومات جي آڌار ۽ پنهنجي ياداشت جي سهاري ڪلهه رات هيءَ فهرست سهيڙي آهي."

"هڪ فهرست مون وٽ به آهي. جيڪا منهنجي ماتحتن سهيڙي آهي. اسانکي هن فهرست ۾ موجود هنڌن جي جاچ پڙتال ڪرڻي پوندي..... اڄ هارورڊ جي اچڻ کان اڳ ئي ڪو لائحہ عمل جوڙي وٺون."

پنهي فهرستن جي پيٽ ڪري هڪ ماسٽر لسٽ تيار ڪئي ويئي. هنن وٽ فقط چار ڪلاڪ هئا، ڪين جيڪو ڪجهه ڪرڻو هو انهن چئن ڪلاڪن ۾ ئي ڪرڻو هو."

"ڏسڻو اهو آهي ته هتي جا ماڻهو اسانجي ڪور جي باري ۾ مشڪوڪ ته نٿا ٿين." ڊونالڊ چيو. "تو وٽ ليٽر ته آهي نا؟"

ڪرسٽوفر ڪوٽ جي کيسي کي هٿ هڻي ٽڪي ڏني. "ان جو ڪو به اُلڪو نه ڪر. فلپس انڊسٽريز جو ليٽر هيڊ رات ئي ملي ويو هو. منهنجي اسٽاف ان کي مستند بنائڻ ۾ ڪا ڪوتاهي نه ڪئي هوندي."

ڪجهه دير هو پنهنجي فرضي حيثيتن جا باري ۾ جزئيات تي ڳالهائيندا، پاڻ کي پختو ڪندا رهيا. هو هتي فلپس انڊسٽري جي نمائندن جي حيثيت سان آيا هئا ۽ کين ڪجهه شهري سهولتن کي ڏسڻو هو. ته جيئن فلپس انڊسٽري پنهنجي ٽائون ۾ انهن مان فائدو حاصل ڪري جو فيصلو ڪري سگهي.

"هاورڊ جو ڪور ڪهڙو هوندو؟" ڊونالڊ پڇيو.

"ان جو معاملو مختلف آهي." ڪرسٽوفر ٻڌايو ته "هو هوٽل ۾ رات جو رهڻ جي بڪنگ ڪرائيندو. جيتوڻيڪ هن جي روانگي اسان سان گڏ ٿيندي هو هڪ رٽائرڊ

وڪيل جي حيثيت سان ايندو. جيڪو پنهنجي ڏيءَ سان ملڻ جي لاءِ وڃي رهيو آهي ۽ ڏکيي سفر جي ڪري هڪ رات جو هتي ترسڻ تي مجبور ٿي پيو. هو هتي هڪ گهر خريدڻ جي امڪان جو جائزو وٺڻ جي لاءِ نڪرندو ڇو ته هي پرسڪون هنڌ ڪيس وٺي ويو آهي."

"مونکي ته ڊپ پيو لڳي." ڊونالڊ چيو.

"ارڙي! فقط چئن ڪلاڪن جي ڳالهه ته آهي ۽ هتي گهر خريدڻ جي ارادي جي نتيجي ۾ گهٽي قيمتي معلومات حاصل ٿيندي" ڪرسٽوفر ڪيس تسلي ڏني. "آئون آر دستاويز جي بي حصي بابت تشويش ۾ مبتلا آهيان. ڪاش هتي ان جو ڪو اثر ائٽو پتو ملي وڃي."

"ان ڳالهه جو ڪو به امڪان ڪونهي. ان راز کان فقط ڊائريڪٽر ٽامسن ۽ اٽارني جنرل بيڪسٽر با خبر هئا. مونکي اها خبر بيڪسٽر جي ذريعي پئي ۽ مون کان توکي. ٽامسن رازداريءَ سان ڪم ڪرڻ جو عادي آهي."

بهرحال! اسانجي اچوکي جاچ گهٽي اهم آهي. جيڪڏهن هتان اسانکي ڪو ثبوت نه ملیو ته پوءِ اسين 35هين ترميم کي شڪست ڏيئي نه سگهنداسين."

•

ڏهن منٽن ڪانپوءِ چيف جسٽس هاورڊ به ساڻن اچي ملیو. ڪيس عام قسم جا ڪپڙا پاتل هئا. ته جيئن چيف جسٽس جي حيثيت سان سڃاڻجي نه سگهي. ڪرسٽوفر. ڊونالڊ جو هارورڊ سان تعارف ڪرايو.

هاورڊ. ڊونالڊ جي چهري تي نظرون ڪپائيندي چيو. "آرگو سٽي جي باري ۾ تنهنجي اطلاع مونکي ڏکائي ڇڏيو. منهنجي دعا آهي ته هتي گذاريل وقت اجايو نه وڃي."

"مون اهوئي ڪجهه چيو آهي. جيڪو ڪرنل بيڪسٽر کان ٻڌو هئم." ڊونالڊ بچاءَ واري لهجي ۾ چيو. "آر دستاويز جو بنياد آرگو سٽي جي تجربي تي رکيو ويو هو. تجربو ڪندڙ ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر ٽامسن هو."

"هون....! معني اسين خدانخواسته 35هين ترميم جي منظوري ڪانپوءِ جي آمريڪا جي جهلڪ ڏسڻ وارا آهيون. پر ڊونالڊ! مونکي يقين ڪونهي ته تو

جيڪو ٻڌو آهي، اهو ممڪن ٻه آهي."

"ڇڏيو ڪٿي..... اجهو ٿوري دير ۾ پتو پئجي ٿو وڃي."

ڪرسٽوفر پنهنجا نوٽس سنياليا. "مسٽر چيف! اوهانکي سڀ کان پهرين آرگو سٽي اسٽيٽ سان رابطو ڪرڻو پوندو. اوهين ڪين ٻڌائيندا ته اوهانکي علائقي جي سڀڪنهن گهٽو متاثر ڪيو آهي ۽ اوهين باقي زندگي هتي گذارڻ ٿا چاهيو. اوهين هڪ سابق وڪيل جي حيثيت سان هتان جي جج سان ٻه ملي سگهو ٿا. پوءِ اسٽورن ۾ وڃو. سپر مارڪيٽ وڃو. اتي عام ماڻهن سان ملو جلو. ڳالهيون ڪريو سڀ ڪجهه سامهون اچي ويندو."

چيف جسٽس هاورڊ اهو سڀ ڪاغذن تي نوٽ ڪندو رهيو.

"وقت ملي ته آرگو سٽي جي نيوز آفيس ٻه هليا وڃجو. انهن کان پراڻين اخبارن جون ڪاپيون ونڊي پڙهو. اوهان وٽ گهٽو وقت نه هوندو. پر جيڪڏهن رپورٽر ۽ ايڊيٽر سان ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي ته اڃا ٻه سنو ٿيندو."

"وقت ته واقعي گهٽ آهي ۽ ڪم گهڻو." هاورڊ چيو.

"ان کان اڳ جو اسين هن شهر ۾ پڌرا ٿي پئون. اسانکي هي شهر چڏڻو پوندو." ڪرسٽوفر وڌيڪ چيو "آئون ۽ ڊونالڊ پبلڪ لائبريري ۽ پوسٽ آفيس جو جائزو ونڊنداسين. پوءِ سٽي مئنيجر سان ملڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تنهن کاسواءِ اسين عام شهرين سان ڳالهائڻ جي ٻه ڪوشش ڪنداسين. اهڙي ڳالهه ٻولهه ته وات ويندي ئي ٿي سگهي ٿي." هن گهڙي تي نظر وڌي "هن مهل هڪ لڳي ڏهن منٽ ٿيا آهن. پنجين بجي اسين هن ئي ڪمري گڏباسين ۽ پنهنجي حاصل ڪيل ڄاڻ جي ڏي وٺ ڪنداسين. ان وقت تائين سچائي اسانجي اڳيان ظاهر ٿي چڪي هوندي. بس هاڻ اسانکي پنهنجو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. مسٽر چيف جسٽس پهرين اوهين نڪرو."

هاورڊ اٿيو متي تي هيٽ رکيائين ۽ ڪمري مان نڪري ويو. پنجن منٽن کانپوءِ ڪرسٽوفر ۽ ڊونالڊ ٻه نڪري ويا. آرگوسٽي جي ريسرچ جي شروعات ٿي چڪي هئي.

•

سٽي مئنيجر نڪ تي عينڪ ڇمائي. "ها صبح! مونکي افسوس آهي ته آئون اوهانکي وڌيڪ وقت ڏئي نه ٿو سگهان." هن گهڙيال ڏانهن اشارو ڪيو. "سوا ڇهين بجي مونکي هڪ پي ملاقاتي سان ملڻو آهي." پوءِ هو ڪرسٽوفر ۽ ڊونالڊ کي دروازي تائين ڇڏڻ آيو. "مونکي خوشي ٿي آهي ته آئون اوهانجي ڪنهن ڪم

اچي سگهيس. يا رکو ته سنڌ ماحول ۽ پرپاسي جي صورتحال ماڻهن کي پاڻ ڏانهن چڪي ٿي. ايئن علاقو پر امن رهي ٿو. شيرف ۽ اوهانکي اهوئي ٻڌائيندو. هن شهر ۾ ڏوهن جو تعداد نه هئڻ جي برابر آهي. جڏهن ته اسانجي قانون موجب ماڻهن جي گڏ ٿيڻ تي پابندي لڳل آهي. هتي کو به عوامي مظاهرو نه ٿيو آهي. اسان جا ملازم يعني شهري بي حد خوش ۽ مطمئن آهن. هتي فقط هڪ ڪنو بيدو آهي. اها آهي تاريخ جي استادياڻي. اسين ان مان به جلد جند چڏائڻ وارا آهيون. گڊ لڪ دوستو! منهنجي دعا آهي ته اوهين به پنهنجي ڪمپني جي لاءِ اهڙو شهر آباد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو."

کائنئن موڪلائي ستي مئنيجر ٻيهر پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي ويٺو. ڪجهه گهڙين کانپوءِ هن جي سيڪريٽري اندر آئي. هن جي چهري تي پريشاني هئي. "هنن بن شخصن هينئر موڪلايو آهي" هن چيو "مون ڪين فلپس ستي جي نئين سر اڏاوت جي باري ۾ ڳالهائيندي ٻڌو."

"هائو! هو ان ئي غرض سان آيا هئا." ستي مئنيجر وراڻيو.

"پر اهو ته غلط آهي. ان شهر جي اڏاوت ته بند ٿي چڪي آهي. اها ڪجهه سال پراڻي ڳالهه آهي. مون وٽ ان جو فائيل به موجود آهي." سيڪريٽري وراڻيو.

هاڻ ستي مئينجر پريشان نظر اچڻ لڳو. "اهو ڪيئن ممڪن آهي؟"

"آئون اوهانکي فائيل ڏيکاري سگهان ٿي."

ڪجهه منٽن کانپوءِ ستي مئينيجر، نقشن تصويرن ۽ اخباري تراشن تي مشتمل فائيل ڏسي رهيو هو. سندس سيڪريٽري جي دعويٰ صحيح ثابت ٿي هئي. فائيل هڪ پاسي رکي هن فلپس اندسٽريز جي مسٽر هليمين کي فون ڪئي. هلمين سان ڳالهائڻ کانپوءِ هن آرگو ستي جي شيرف جو نمبر ملايو ۽ ڪيس فلپس ڪمپني جي بن جعلي نمائندن جي جاچ بابت واقف ڪيو. "ڪين گرفتار ڪري وڃ" هن چيس.

"اهو ممڪن نه آهي. توکي مٿين جي احڪامات جي ته خبر آهي. اسانکي اڳ ۾ اهو معلوم ڪرڻو پوندو ته اهي ڪير آهي." بي پاسان شيرف چيو.

"پر هڪ."

"تون اهي معاملا مونتي چڏي ڏي. آئون ڪيلي سان ڳالهائي ونندس. هو صحيح فيصلو ڪري سگهي ٿو."

•

آرگو سٽي هاءِ اسڪول جي ٻي ماڙ تي، ملاقاتي ڪمري ۾ تاريخ جي ٽيچر مس واٽڪنس، ڪرسٽوفر ۽ ڊونالڊ جي سامهون ويٺي هئي.

"پرنسيپال مونکي ٻڌايو ته اوهين مون سان ملڻ ٿا چاهيو. فرمايو اوهانجي کهڙي خدمت ڪري ٿي سگهان؟"

"اسان ٻڌو آهي ته توکي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو آهي." ڪرسٽوفر چيو "اسين اوهان کان ڪجهه سوال پڇڻ ٿي چاهيون."

"اوهين ڪير آهيو؟"

"اسين فلپس سٽي جي اسڪول بورڊ سان واڳيل آهيون ۽ آرگو سٽي جي اسڪول سسٽم بابت سروي پيا ڪريون. سٽي مئينجر سان ڳالهين جي دروان اسڪول مان اوهانجي ڪڍڻ جو معاملو اسانجي علم ۾ آيو. سٽي مئنيجر جو چوڻ آهي ته اوهين سسٽم کان هٽي ڪري...."

"سسٽم!" مس واٽڪسن جي لهجي حيرت هئي. "آئون ته پنهنجو فرض نيائي رهي هيس. شاگردن کي آمريڪي تاريخ پڙهائي رهي هيس."

"بهرحال!..... اوهانکي نوٽيس ڏنو ويو؟"

"هائو! اڄوکو ڏينهن اسڪول ۾ منهنجو آخري ڏينهن آهي."

"اوهين ڪجهه تفصيل ٻڌائيندیون ته ڇا ٿيو آهي؟" ڊونالڊ فرمائش ڪئي.

"مونکي ته ٻڌائيندي به شرم پيو اچي." مس واٽڪنس چيو. "عجيب ٿو لڳي. آئون آمريڪا جي ابن ڏاڏن بابت شاگردن کي ٻڌائي رهي هيس. پوءِ مون کين آمريڪي آئين بابت ٻڌايو. جيڪو اسانجي لاءِ فخر جوڳو آهي. ان سلسلي ۾ بنيادي انساني حقن جي قرارداد جو ذڪر آيو. مون شاگردن کي ٻڌايو ته آمريڪا جي جمهوري سر بلنديءَ در حقيقت ان قرار داد جي ڪري ئي آهي." هن گهڙي ڪن ترسي وري چيو. "هارن گهر وڃي مائٽن سان ان قرار داد جي باري ۾ ڳالهايو. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ تعليمي بورڊ جو هڪ نمائندو مون سان مليو ۽ هن چيو ته آئون شهر جي انتظاميا لاءِ مسئلا ڪڙا ڪري رهي آهيان. مون وضاحت ڪئي ته آئون ته فقط تاريخ پڙهائي رهي آهيان. جيڪو منهنجو فرض آهي. ان تي هن منهنجي برطرفي جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا. منهنجي سمجهه ۾ ته ڪجهه به نه پيو اچي."

"ته ان برطرفي تي اوهين احتجاج نه ڪنديون؟"

مس واٽڪنس حيران نظر اچڻ لڳي. "احتجاج! ڪنهن سان ڪريان. هتي

کو به شخص اهڑو کونهي. هجي ها ته به آئون احتجاج نه ڪريان ها."

"چو...؟"

"آئون جيئو ۽ جيئڻ ڏيو جي قول تي عمل ڪندي آهيان. مونکي اهو احساس ته ٿي ويوآهي ته هتي جا ضابطا ڪجهه ٻيا آهن، ۽ مون اڻ ڄاڻائي ۾ ڪنهن اصول جي خلاف ورزي ڪئي آهي."

"ته هاڻ تون ڇا ڪندين؟" ڊونالڊ پڇيو. "ڇا هتي ئي رهندين؟"

"اهو ممڪن ڪونهي. هتي فقط اهي ماڻهو رهي سگهن ٿا، جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حيثيت ۾ هتي ملازم هجن ۽ هاڻ هتي مونکي ٻي ڪا به نوڪري نه ملندي مونکي واپس وڃڻو پوندو. ٻي نوڪري ڳولهڻي پوندي پر منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته مون کان ڪهڙي غلطي ٿي آهي."

ڪرسٽوفر ۽ ڊونالڊ مس واٽڪنس کي وڌيڪ ڪوڙ جي ڪوشش ڪئي، پر هوءَ لنوائڻ لڳي. پوءِ نيٽ معذرت ڪري اُٿي بيٺي.

اسڪول مان ٻاهر نڪرندي ڊونالڊ چيو "ڪرس! الائجي ڪنهن چيو آهي ته آمريڪا ۾ فاشزم فقط ان صورت ۾ اچي سگهي ٿو ته ماڻهون ان جي حق ۾ ووٽ ڏين."

"ڪاش! ائين ئي ٿئي." ڪرسٽوفر چيو. "اڇ، هاڻ هوٽل واپس هلئون. ايڊا اسانکي ڪيترن ئي ڳالهين جي باري ۾ فيصلو ڪرڻون آهي."

•

چار لڳي پنجونجاهه منٽن تي هو ٽيئي ٻيهر ڪرسٽوفر جي ڪمري ۾ گڏيا. "مسٽر چيف جسٽس! پهرين اوهان ٻڌايو ته اوهان ڇا ڏٺو؟" ڪرسٽوفر پڇيو.

"مون وٽ ان لاءِ فقط هڪڙي لفظ آهي. ..."شاڪنگ"... مونکي يقين نه پيو اچي ته اهو سڀ ڪجهه آمريڪا ۾ به ٿي سگهي ٿو."

"جي.... بلڪل! ۽ ماڻهو ان جا ايترا ته عادي ٿي چڪا آهن، جو ڪين پنهنجي حقن جي محرومي ۽ جو احساس به ڪونهي." ڊونالڊ تائيد ڪئي.

"هاڻ اسانکي جلدي هتان نڪري وڃڻ گهرجي." ڪرسٽوفر چيو. "تفصيلي ڪچهري کان پوءِ ٿي سگهي ٿي."

"آئون شيرف سان مليس. اخبار جي ايڊيٽر سان به مليس. انهن سان ڳالهائي احساس ٿيم ته زندگي گهاڙڻ جو اهو طريقو هتن جي لاءِ معمول جي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. هرڪو انسان ڊڄي ڊڄي رهڻ ٿا" هاورڊ چيو.

ڪرسٽوفر اُٿي بيٺو. "هاڻ مون کان ٻه ڪجھ ٻڌي وٺو. هن شهر جو سڄو ڪاروبار ڪمپني جي ملڪيت آهي. ملازمن کي پگهارون ڪوپنن جي صورت ۾ ملن ٿيون. جيڪي فقط ڪمپني جي دوڪانن ۽ ادارن ۾ قابل قبول آهن. تنهن ڪري ڪمپني جي موڙي، ڪمپني وٽ ئي رهي ٿي."

"هن خلائي دور ۾ ٻه ڪهڙي نه چالاڪيءَ سان ٻانهپ کي وڌايو پيو وڃي." ڊونالڊ چيو.

"تنهن کانسواءِ هتان جي لائبريري ۾ سياست ۽ تاريخ جو موضوع تي ڪو ٻه ڪتاب موجود ڪونهي، انهن تي پابندي لڳل آهي. هتي جي ٽپال ٻه سنسر ٿئي ٿي. هوٽل ۾ ڪنهن ڌارين شخصن کي ٻن ڏينهن کان وڌيڪ ترسڻ جي موڪل ڪونهي. ٽن ڏينهن کانپوءِ ڌارين کي رولاڪي جي الزام ۾ جهليو ويندو آهي. پادريءَ جو وعظ ٻه سنسرشپ کان آجو ڪونهي. ذاتي گهر ڪنهن کي ٻه ڪونهي. گهرن جي مسواڙ پگهارن مان ڪٽي ويندي آهي."

"هائوا مون گهر خريدڻ جو ارادو ظاهر ڪيو تہ مونکي اهي سڀ تفصيل ٻڌايا ويا هئا." جسٽس ڪنڈ ڏوٽي چيو. "آئون تصور ٻه نٿي ڪري سگهيس تہ آمريڪا ۾ بنيادي انساني حقن کي ائين پائمال ٻه ڪري سگهجي ٿو."

"هي شهر ڪونهي... هي تہ نظربندن جي ڪيمپ ٿي لڳي."

ڪرسٽوفر کي پنهنجي پٽ جوش جي ڳالهہ ياد اچي وئي.

"هتي آمريڪا جي حڪومت جا سڀ اختيار ۽ حق ڪمپني وٽ آهن." هاورڊ چيو.

"ڪمپني وٽ نہ پر ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ورنن ٽامسن وٽ چئو."

"هائوا، تون صحيح ٿو چوين، پر آئون حيران آهيان تہ وفاقي حڪومت هتي جي معاملن کان بي خبر آهي. پر رياست ايريزونا جي عملدارن کي تہ ان ڳالهہ جي خبر هئڻ گهرجي. هو ان سلسلي ۾ ڪجھ ڪن چو نٿا؟"

"ٽامسن بليڪ ميلنگ جي ذريعي سڀ ڪم ڪري ٿو وڃي. هو جنهن کي چاهي تنهن کي ڪٽ پتليءَ جي حيثيت سان استعمال ڪري سگهي ٿو." ڪرسٽوفر چيو.

"اسين ان صورتحال کان ڪن لاتار نٿا ڪري سگهون. اتارني جنرل جي حيثيت سان آئون ايڪشن ڪٽندس ۽ هتي هڪ جاچ ٽيم موڪليندس."

جسٽس هاورڊ هٿ ڪٽندي چيو. "بنيادي مسئلا اهو ڪونهي. ڳالهہ رڳو ان

جي چوڏهن هزار ماڻهن جي ڪونهي. اهو ته سڄي ملڪ جي مسئلو آهي."

"اوهانجو اشارو 35هين ترميم ڏانهن آهي."

"هائو! هي شهر ته 35هين ترميم جي تجربي گاهه جي حيثيت رکي ٿو. هاڻ اسانکي اندازو ٿي ويو آهي ته 35هين ترميم آئين جو حصو بنجڻ کانپوءِ آمريڪا جو چا حال ٿيندو." هاورڊ پرجوش لهجي ۾ چيو. "مون فيصلو ڪري ورتو آهي. ڪيليفورنيا اسيمبلي ۾ 35 ترميم منظور ٿي نه ٿي سگهي."

"ته مسٽر چيف جسٽس اوهان...!" ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ فتح مندي جا احساس جي جهلڪ هئي.

"هائو! مون جيڪو واعدو ڪيو هو اهو نپائيندس. تو واعدي موجب مونکي آر دستاويز جو هڪ حصو ڏيکاري چڏيو آهي. جمهوريت واقعي خطري ۾ آهي. آئون هتي تحفظ جي نالي ۾ فاشزم کي کنڊ ڪٽندي ڏسي رهيو آهيان. آئون قانون جي پردي ۾ لاقانونيت ٿيڻ نه ڏيندس. آئون پهرين صدر کي تفصيل کان واقف کندس ۽ 35هين ترميم جي سلسلي ۾ موقف بدلائڻ جي لاءِ قائل ڪرڻ جي ڪوشش کندس. ان ۾ ناڪام رهيس ته پوءِ ڪليل طور تي ترميم جي مخالفت کندس. ڪنهن کي به آمريڪا کي آرگو ستي بنائڻ جي اجازت ڏئي نٿي سگهجي." جسٽس جو چهرو ڳاڙهو ٿي ويو.

ڪرسٽوفر گهٽي گرمجوشي سان جسٽس هاورڊ سان هٿ ملايو. ڊونالڊ ٽورائتي انداز ۾ تائيد ۾ کنڊ ڏوٽيندو ويو.

"بس هاڻ هلڻ گهرجي. آئون پنهنجي ڪمري مان سامان کڻي ٿو اچان پن منٽن کانپوءِ هيٺ ملاقات ٿيندي" جسٽس هاورڊ چيو ۽ دروازي ڏانهن وڃڻ لڳو.

"تون فونيڪس کان پوءِ ڪيڏانهن ويندين؟" ڪرسٽوفر ڊونالڊ کان پڇيو.

"واپس فلاڊلفيا ويندس."

"واشنگٽن اڃا مونکي تنهنجي ضرورت آهي. آئون توکي سرڪاري نوڪري ڏيارينديس. اسانجو ڪم اڃا پورو نه ٿيو آهي. 35هين ترميم کان پوءِ اسانکي ڏوهن جي خاتمي لاءِ هڪ سٺو ۽ متبادل پروگرام تيار ڪرڻو پوندو. ان سلسلي ۾ اسين گڏجي ڪم ڪري سگهون ٿا."

ڊونالڊ جو آواز پرجي آيو. "آئون ٽورائتو رهندس... پر...."

"هان نڪرڻ گهرجي. وقت وڃائڻ جي گهرج ڪونهي."

هيٺ لهي. هنن ڏيسڪ تي ڪمرو چڏڻ جو اطلاع ڏنو ۽ هوٽل مان نڪري

آيا. هو کار ڏانهن وڌڻ لڳا. جو جسٽس هاورڊ رستي ۾ ٻيهي مقامي اخبار جو تازو ايڊيشن ورتو. انڊي اخباري هاکر سکن جي جهنکار ٻڌي ڪنڌ مٿي ڪنيو. ڪيس ڪارو چشمو پاتل هو. هن چيف جسٽس کي ٿورائتي مرڪ سان نوازيو.

هڪ منٽ کانپوءِ ٽئيي پاڙي جي فورڊ ۾ ويهي. فونيڪس ڏانهن روانا ٿي ويا. جتان کين آزاد فضائن طرف اڏام ڪرڻي هئي.

•

انڊي اخباري هاکر، سکا کيسي ۾ وڌا ۽ هوٽل ڏانهن روانو ٿيو ويو. پارکنگ لات جي پرسان پيٽرول پمپ هو. جتي ٻه بوٽ موجود هئا. هن هڪ بوٽ ۾ گهڙي دروازو اندارن بند ڪيو. پوءِ عينڪ لاهي کيسي ۾ وڌايائين سالٽ ۾ سکووجهي نمبر ڊائل ڪرڻ ۾ لڳي ويو. ٻي پاسان رابطو ٽيڪ تي هن مائوٿ پيس ۾ چيو. "آئون اسپيشل ايجنٽ ڪيلي پيو ڳالهايان مونکي ڊائريڪٽر ٽامسن سان ڳالهائڻو آهي."

ڪجهه گهڙين کانپوءِ ٻي پاسان آواز آيو چئو ڪيلي.... چا ڳالهه آهي."

"آئون آريو پوائنٽ ٽيا پيو ڳالهايان. هتي ٽي جڙا آيا هئا. انهن مان ٻن کي مون سجاتو آهي. هڪ اتارني جنرل ڪولنس هو ۽ ٻيو چيف جسٽس هاورڊ. بلڪل سائين... آئون پڪ سان ٿو چوان. مونکي سجاڻڻ ۾ ڪابه غلطي نه ٿي آهي."

•

ٻي ڏينهن پندرنهن منٽن جي وقفي سان صدر صاحب، ڊائريڪٽر ٽامسن کي ٻيهر فون ڪئي. اهو پهريون موقعو هو جو ٽامسن، پنهنجي سيڪريٽري جي ذريعي چورايو ته هو موجود ڪونهي، در حقيقت هو بند دروازي جي پويان پنهنجي نائب هيري جو موڪليل تازو ٽيپ ٻڌي رهيو هو. اها صدر ۽ چيف جسٽس هاورڊ جي وچ ۾ ڪلاڪ اڳ ٽيندڙ فون تي ڳالهه ٻولهه جي ڪيست هئي. فون چيف جسٽس ڪئي هئي ۽ ڪال پنجن منٽن تي مشتمل هئي.

صدر صاحب جي پهرين ڪال ان مهل آئي هئي، جڏهن هيري ايڊورڊ ڪيست ڪٽي ٽامسن جي آفيس ۾ گهڙيو هو. ٻي ڪال ان مهل آئي هئي جڏهن اها ڪيست ٻڌي پئي وئي. ٽامسن سيڪريٽري کي چيو ته ڪيس چئو ته آئون موجود نه

آهيان. پر ڪنهن بہ وقت اچي سگهان ٿو. ان ڪانپوءِ هو سڄي ڪيسٽ ٻڌي پوءِ ئي اٿيو.

هيري ٽيپ رڪارڊ آف ڪندي چيو. "ٻيهر ٻڌڻ چاهينءَ ٿو چيف؟"

"نہ هڪ پيرو ٻڌڻ ئي ڪافي آهي." ٽامسن چيو. "مون کي مونڪيءَ ڪيلي ڪلهه ئي آرگو سٽيءَ مان رپورٽ ڏني هئي. جنهن ڪري مونڪي ڪا حيرت ڪانهي. مونڪي خبر هئي تہ اهو ئي ٽيو هاڻ بهتر آهي تہ صدر صاحب کي فون ڪري هن جي واتان بہ ٻڌي ونان."

ان ڪانپوءِ هن پنهنجي سيڪريٽريءَ کي وائٽ هائوس جو نمبر ملائڻ جي لاءِ چيو. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ هو صدر صاحب سان ڳالهائي رهيو هو. "مونڪي افسوس آهي. جو اوهانکي اوسيئڙو ڪرڻو پيو." هن معذرتي لهجي ۾ چيو "آئون اجهو ٿو اچان. ڪا خاص ڳالهہ چا سائين؟"

"هائو! ورنن معاملو بگڙي ويو آهي. هاڻ 35هين ترميم کي مئل ئي سمجهہ." پي پاسان صدر چيو.

ٽامسن تعجب جو اظهار ڪيو. "چا پيا چئو سائين؟"

"چيف جسٽس هاورڊ مونڪي فون کي هئي. هن موڪان پڇيو تہ مونڪي آرگو سٽي جي باري ۾ ڪا خبر آهي. مونڪي نالو ڪجهہ ٻڌل لڳو. پوءِ مونڪي ياد آيو تہ ڪلهہ رات تو بيورو جي تازين سرگرمين جي باري ۾ رپورٽ ڏينديہ آرگوسٽي جو ذڪر ڪيو هو. مون جواب ڏنو هائو! اها هڪ ڪمپني ٽائون آهي. جنهن تي ايف بي آءِ ڪجهہ سالن کان ڏوهن جي روڪ ٽام جي سلسلي ۾ نظر رکيو ويني آهي. مون اهو بہ ٻڌايو تہ اها ريسرچ تون پيو ڪرين ۽ فائنل رپورٽ اٽارني جنرل کي پيش ڪندين."

"اوهان صحيح چيس."

"پر انهن سرگرمين جي باري ۾ هاورڊ جو خيال پيو آهي."

ٽامسن چرڪڻ جو تاثر ڏيندي چيو. "مون سمجهيو ڪو نہ ان سلسلي ۾ هن جو پيو کڻڻو خيال ئي سگهي ٿو."

"هن جيءُ تہ تون آرگوسٽي کي 35هين ترميم جي سلسلي ۾ تجربي طور استعمال پيو ڪرين. هن اهو بہ چيو تہ اهي نتيجا تنهنجي لاءِ پلي خوش ڪندڙ هجن. پر انهن کيس ڏڪائي ڇڏيو آهي."

"عجيب سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ آهي."

"مون بہ اهو ئي چيس. پر هو پنهنجي ڳالهہ تي ڳنڍ ٻڌيو بيٺو رهيو. هاڻ

صورتحال اها آهي تہ هو اسانجي خلاف آهي. هن چيو تہ هو هيستائين ترميم جي مخالفت کان پاسو ڪندو رهيو آهي، پر هاڻ هو ڪلي سامهون ايندو."

"اوهہ..... معنيٰ هن اوهانکي ڏمڪي ڏني آهي."

"هن چيو تہ مونکي پاڻ 35هين ترميم جي خلاف ڳالهائڻو پوندو. ان صورتحال ۾ هو ماڻ ۾ رهندو. پر مون ائين نہ ڪيو تہ پوءِ هو ترميم جي مخالفت ۾ ڳالهائيندو."

"هن جو دماغ خراب ٿي ويو آهي چا؟ هو ڪير ٿيندو آهي آمريڪي صدر کي حڪم ڏيڻ وارو." ٽامسن ڪاوڙمان چيو. "پوءِ اوهان کيس ڪهڙو جواب ڏنو؟"

"مون چيس تہ آئون ترميم جو حامي آهيان ۽ رهندس. چاڪاڻ تہ مونکي ترميم جي خوبين جي خبر آهي. منهنجي خواهش اها ئي رهندي تہ اها ترميم آئين جو حصو بڻجي وڃي."

"پوءِ هن چا چيو؟" ٽامسن تشويش ظاهر ڪئي.

"هن چيو آئون مجبور آهيان استعفيٰ ڏئي. سياسي ميدان ۾ ان ترميم کي شڪست ڏيڻ جي لاءِ لهندس. هو اڄ شام جو لاس اينجلس وڃي رهيو آهي. سياٽي هو پام اسپرنگر واري سندس گهر ۾ گذاريندو. پوءِ هو ايمبسڊر هوٽل ۾ پريس جي سامهون پنهنجي استعفيٰ جو اعلان ڪندو ۽ گڏو گڏ قوم کي 35هين ترميم جي نقصانن کان واقف ڪندو. اهو ڪليل جنگ جو اعلان آهي."

"چا هو سيريس آهي."

"سئو سيڪڙو..... مون کيس سمجهائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر هو مڃڻ جي لاءِ تيار نہ هو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هن جي زبان ڪلندي ئي ترميم پنهنجي موت پاڻ مري ويندي. تنهنڪري کيل ختم سمجهہ ورنہ کيس روڪڻ جي ڪا اٽڪل سوچ."

"آئون پڪ سان سوچيندس." رسيور رکندي ٽامسن پنهنجي نائب کي مرڪ سان نوازيو. "اٽڪل ضرور سوچبي. ڪيئن هيري؟"

•

ان شام جو ڪرسٽوفر گهر خوش هو. ڪينرن ئي هفتن ڪانپوءِ هو پاڻ کي هلڪو ڦلڪو ۽ آزاد محسوس ڪري رهيو هو. هو گهر پهتو تہ چيف جسٽس جو فون آيو. هو پنهنجي زال سان گڏ لاس اينجلس پهچي چڪو هو ۽ پنهنجي پام اسپرنگز واري گهر مان ڳالهائي رهيو هو. هن پڌايو تہ هو صدر کي 35هين ترميم جي قائل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ هن پنهنجي واعدي تي عمل ڪرڻ

وڃي رهيو آهي. يعني استعفيٰ!.

رسيور رکندي ئي ڪرسٽوفر ڪيرن کي سڀ ڪجهه ٻڌايو. هو گهڻو خوش ۽ مطمئن هو. 35هين ترميم پنهنجو موت پاڻ مرڻ واري هئي. اها خبر ٻڌي ڪيرن بہ گهڻي خوش ٿي. ڪرسٽوفر ان خوشيءَ ۾ ڪيرن کي "جوڪي ڪلب" ۾ ڊنر جي دعوت ڏني. هو ڊنر جي لاءِ نڪرڻ وارا ئي هئا تہ فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. ڪرسٽوفر دل ئي دل ۾ اها دعا ڪرڻ لڳو تہ اها آفيس مان نہ هجي. هن جهٽڪو ڪنيو. "آئون اشمائيل ينگ پيو ڳالهيان!" ٻي پاسان آواز آيو. "مونکي سڃاتو؟"

ڪرسٽوفر مرڪيو. اهو نالو وسرڻ وارو نہ هو. "هائو! .... مون سڃاتو..... تون ڊائريڪٽر ٽامسن جو سوانح لکڻ وارو جن آهين."

"ڪاش!..... ڪاش!..... مونکي ان حوالي سان ڪڏهن بہ ياد نہ رکيو وڃي." ٻي پاسان ڳڻپيور لهجي ۾ چيو ويو. "بهرحال! ڳالهہ صحيح آهي. مسٽر ڪولنس! مونکي خبر آهي تہ تون مصروف ماڻهو آهين. پر آئون توسان اڄ ئي ملڻ ٿو چاهيان. آئون تنهنجو گهڻو وقت نہ ونندس."

ڪرسٽوفر سوالیا نظرن سان زال طرف ڏنو ۽ پوءِ مائوٿ پيس ۾ چيائين. "سوري مسٽر ينگ، هن مهل تہ آئون پروگرام ناهي ڇڪو آهيان. سياٽي آفيس ۾ ملاقات جو وقت طئي....."

"مسٽر ڪولنس! يقين ڪريو تہ ڏاڍي اهم ڳالهہ آهي. نہ تہ آئون اوهانکي بلڪل تڪليف نہ ڏيان ها. پليز منهنجو اوهان اڄ ئي ملڻ ضروري آهي."

ينگ جي لهجي ۾ منٽ، ڪرسٽوفر کي ميڙ ڪري چڏيو. "ٺيڪ آهي مسٽر ينگ، آئون "جوڪي ڪلب" ۾ پنهنجي زال سان ڊنر ڪري رهيو آهيان. اوهين ساڍي اٺين وڳي پهچي وجو. ڊنر اسان سان گڏ ڪجو."فون رکي هن زال ڏانهن ڏٺو" مائينڊ نہ ڪج پياري! ٻي حد اهم معاملو ٿي لڳي. جنهن شخص جي مون مداخلت قبول ڪئي آهي. اهو ڊائريڪٽر ٽامسن جي سوانح لکي رهيو آهي."

"ڪا ڳالهہ ڪونهي ڊيئر. هاڻ هلو بہ ڪٽي." ڪيرن مرڪندي چيو. "مون تہ سمجهيو تہ منهنجو ڊنر ئي ڪينسل ٿي ويندو.... اها تہ سستي جن ڇُٽي..."

•

جوڪي ڪلب ۾ ينگ اڳ ئي هنن جي اوسيئڙي ۾ هو. ڪرسٽوفر، ڪيرن سان هن جي واقفيت ڪرائي. هنن جي ميز ريزرو هئي. هوان تي وڃي ويٺا.

"تنهنجي ميزباني ڪندي خوشي پئي ٿي." ڪرسٽوفر. شربت جو آرڊر ڏيڻ کانپوءِ چيو. هو ان مهل خوشگوار موڊ ۾ هو. ڪرسٽوفر پنهنجو جام کڻندي چيو. "35هين ترميم جي موت جي نالي گهڙي کي ترسي چيائين . "توکي خبر نه هوندي ته آئون هاڻ 35هين ترميم جو حامي نه آهيان."

"اهڙي ڳالهه ڪونهي." ينگ جواب ڏنو.

ڪرسٽوفر پنهنجي حيرت لڪائي نه سگهيو. "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي. مون ته اڃان ڪليل طور تي ڪو به اعلان نه ڪيو آهي؟ توکي ڪين خبر پئي؟"

"اوهان کي وسري ويو آهي ته آئون ڊائريڪٽر ٽامسن جي نائب ليڪ جي حيثيت سان ڪم پيو ڪريان. ڊائريڪٽر کي سڀ ڪجهه خبر آهي. آئون به اڃ ڄاڻ ناهيان."

ڪرسٽوفر جو ڪجهه موڊ بدلجي ويو. "هونهه!.... هن کي خبر آهي." ينگ هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو.

"مونکي اڳ ۾ ئي سمجهي ويڙ گهرجي ها." ڪرسٽوفر وڌيڪ چيو. "هن جي باري ۾ منهنجو قائم ڪيل اندازو سڌائين گهٽ ثابت ٿيو آهي. مونکي اها ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته ڪيس هر ڳالهه جي خبر هوندي آهي."

ٿوري دير خاموشي رهي. ينگ پنهنجو جام آڱرين ۾ نچائيندو رهيو. ايئن پي لڳو ڄڻ هو پنهنجي ڳالهه ٻڌائڻ جي لاءِ لفظن جي توڙ تڪ ڪري رهيو هجي. نيٺ هن پنهنجو وات کوليو. "اڄ مون توهان سان ملڻ ڪري ضروري سمجهيو. جو ان جا ٻه سبب هئا. هڪ جو واسطو اوهان سان آهي ۽ ٻي جو مونسان ۾ آئون پهرين کان شروع ڪندس." اهو چئي هو هڪيو.

"چئو چئو.... ڪُلي ڳالهائي." ڪرسٽوفر هن جو حوصلو وڌايو.

"آئون ڊائريڪٽر ٽامسن بابت ڳالهائڻ ٿو چاهيان."

ڪرسٽوفر بيزاري جو اظهار ڪندي چيو. "آئون اڳ ۾ ئي چئي چڪو آهيان ته ٽامسن جي باري ۾ مونکي ڪا گهٽي خبر ڪونهي. هن جي ڪتاب جي سلسلي ۾ آئون تنهنجي ڪا گهٽي مدد نٿو ڪري سگهان."

"اها ڳالهه ڪونهي." ينگ جلدي وراڻيو. "ڪتاب جي ڳالهه هجي ته آئون اوهانجي ڌنر ۾ دخل نه ڏيان ها. آئون خود اوهان کي ٽامسن جي باري ۾ٻڌائڻ چاهيان ٿو."

"مون اڃا به ڪجهه نه سمجهيو ته تون چا ٿو ٻڌائڻ چاهين. ۽ اهو ٻڌائڻ ايترو

ضروري ڇو آهي."

ڪيرن هٿ وڌائي، ڪرسٽوفر جو ڪلهو ڇهيو. "ڊيئر پليز! مسٽر ينگ کي ڳالهائڻ ته ڏي."

ينگ ٽورائٽين نظرن سان ڪيرن کي ڏٺو. ڪرسٽوفر جي بيزاري بدستور قائم هئي. پر زال جي التجا کي نظر انداز ڪرڻ مناسب نه هو.

"ٺيڪ آهي مسٽر ينگ چئو!" هن چيو.

"ڊائريڪٽر ٽامسن اوهانکي بلڪل پسند نٿو ڪري." ينگ چيو. "آئون ڪافي وقت کان هفتي ۾ هڪ پيرو هن سان ملندو رهيو آهيان. پر گذريل ڪجهه قوت کان هو گم سم ۽ ڪويل ڪويل رهندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيس منهنجي موجودگيءَ جو احساس به نه رهندو آهي. هو ڳالهائيندو آهي. فون رسيو ڪندو آهي. منهنجي سامهون پاڻ به فون ڪندو آهي. پنهنجا اهم ڪاغذ ميز تي ڇڏي ڏيندو آهي. جيتوڻيڪ هو گهٽو محتاط رهندو آهي ۽ منهنجي هوندي ڪا ڳالهه به نه ڪندو آهي. هاڻ هو مونکي بلائنگ پيپر کان وڌيڪ اهميت نٿو ڏي. معاملي جو ٻيو پاسو اهو آهي ته آئون هر ان شخص کي پسند ڪريان ٿو جنهن کي ٽامسن ناپسند ڪري ٿو. ٽامسن جي ناپسنديدگي منهنجي نظرن ۾ ان شخص جي سڃائي جو دليل آهي. ان لحاظ کان اوهين منهنجا دوست آهيو. تنهنڪري مون اڃوڪي ملاقات تي زور پريو. جيئن اوهانکي خبردار ڪري سگهان."

ڪيرن پريشان ٿي ويئي. پر ڪرسٽوفر سڪون سان چيو. "وضاحت ڪر."

"ڳالهه هيءَ آهي ته...." ينگ جو آواز هلڪو ٿي ويو. "ته ٽامسن ۽ ايف بي آءِ اوهان بابت چنڊ چاڙ پئي ڪري."

ڪيرن جو رنگ اُڏري ويو. "ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. مون بابت چنڊ چاڙ ته ان وقت ٿي هئي. جڏهن صدر صاحب مونکي اتارني جنرل مقرر ڪيو هو." ڪرسٽوفر بي پرواهي مان وراٽيو.

"هي ڳالهه پي آهي اهو ته معمول موجب هو. گذريل مهيني مون ڪيس فون تي بيڪسٽر ۽ ڪنهن فادر جي حوالي سان اوهان بابت ڳالهائيندي ٻڌو هو. هاڻ هو اوهان بابت جيڪا چنڊ چاڙ ٻيو ڪرائي، اها ڏار نوعيت جي آهي، عام طور تي هو منهنجي موجودگي ۾ فقط آمريڪي صدر يا هيري ايڊورڊ جون فونون رسيو ڪندو آهي. ڪلهه منهنجي هوندي هن هڪ ڪال وصول ڪئي. آئون باٿ روم ۾ هليو ويس. پر دروازو ٿورو ڪليل ڇڏي ڏنم. ڳالهه ٻوليه ۾ ڪنهن حوالي سان اوهانجي

نالو ورتو ويو. مونکي لفظ بہ لفظ تہ ياد ڪونهي، پر هن چيو هو تہ ڪوشش ڪندو رهي ۽ ملندڙن کي بہ چيڪ ڪر. اهو طئي آهي تہ ڳالهہ توهان بابت پي ٿي."

ڪيرن چرڪي پڇيو. "هن ملڻ وارن کي بہ چيڪ ڪرڻ جي هدايت ڏني هئي؟"

"هائو!" ينگ چيو. ڪرسٽوفر ڏانهن ڏسندي چيائين، "ان جو مقصد فقط توهانکي بليڪ ميل ڪرڻ ٿي سگهي ٿو. مون ضروري سمجهيو تہ اوهان کي خبردار ڪري ڇڏيان."

"آئون اواهانجو ٿورائتو آهيان مسٽر ينگ" ڪرسٽوفر پر خلوص لهجي ۾ چيو.

"مون سڄي زندگيءَ ۾ ايترو انا پرست شخص نہ ڏٺو آهي." ينگ جو لهجو تيز هو. "منهنجي خيال ۾ دنيا ۾ فقط هڪئي شخص ڪيس پسند ڪري ٿو ۽ ساٿس محبت ڪري ٿو. تنهن ڪانسواءِ باقي سڀ يا تہ ڊپ سبب هن جو احترام ڪن ٿا، يا هن کان نفرت ڪن ٿا ۽ هن کي پسند ڪندڙ واحد شخص هيري ايڊورڊ آهي. هن جو نائب يا وري هن جي ماءُ هن کي چاهيندي هوندي."

"واهہ! مونکي تہ اها خبر نہ هئي تہ ڪو هن جي ماءُ جيئري آهي." ڪرسٽوفر دلچسپيءَ ڪانسواءِ رهي نہ سگهيو.

"هن جي ماءُ جو نالو روزا ٽامسن آهي. 84 سال عمر اٿس. ٽامسن ڪيس الگزينڊريا ۾ هڪ فليٽ ونڊي ڏنو آهي. هو هر هفتي ساٿس ملڻ جي لاءِ ويندو آهي. هن جو تمام گهڻو خيال رکندو آهي؟"

"ڪمال آهي. ان جو مطلب اهو آهي تہ هن جي سيني ۾ بہ دل آهي" ڪرسٽوفر چيو. "پر توکي هن جي ماءُ جي باري ۾ ڪيئن خبر پئي."

"هڪ ڏينهن ڪا وساريل ڳالهہ ياد ڪرن جي ڪوشش ڪري رهيو هو. ڳالهہ ياد نہ آيس تہ هن بي اختيار چئي ڏنو. امان کان پڇندس. ائين مونکي خبر پئي تہ هن جي ماءُ جيئري آهي. مون کيس ٻڌايو تہ اهو منهنجي لاءِ هڪ انڪشاف آهي. هن چيو تہ احتياط ڪندي هو پنهنجي ماءُ بابت رازداريءَ کان ڪم وٺندو آهي. هن هدايت ڪئي تہ ڪتاب ۾ هن جي امڙ جي جيئري هڻڻ بابت ڪا ڳالهہ نہ هڻڻ گهرجي. البتہ ڪجهہ حوالن سان هن جي واکاڻ ضروري آهي. پوءِ هن ان سلسلي ۾ مونکي ڪجهہ پس منظر بہ ٻڌايو."

"مسٽر ينگ!" ڪيرن چيو "جيڪڏهن تون ٽامسن کي ايترو ئي ناپسند ٿو ڪرين تہ پوءِ هن جي سوانح چو پيو لکين؟"

"ٻي ڳالهه آئون اها ئي ٻڌائڻ ٿو چاهيان." ينگ چيو "مون هن جي لاءِ ڪتاب لکڻ نٽي چاهيو پر هن مونکي مجبور ڪيو. بليڪ ميلنگ جي ذريعي. هاڻ آئون اوهانکي سڄي ڳالهه ٿو ٻڌايان. ڪجهه سال اڳ آئون پنهنجي هڪ ڪتاب جي لاءِ مواد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾پئرس ۾ رهيو آهيان. اتي مونکي برطانوي نسل جي پروفيسر هينبرسن کان گهٽي مدد ملي. پروفيسر کي ڪميونسٽن سان همدردي ۽ ان قسم جي ٻين سرگرمين جي ڪري آمريڪا مان ڪڍيو ويو هو. پئرس ۾ رهڻ جي دوران آئون پروفيسر جي ڏيءَ سان محبت جا پيچ پائي ويٺس. هوءَ منهنجي پهرين ۽ آخري محبت آهي. هوءَ به مونسان محبت ڪندي هئي. تنهنڪري اسان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر مسئلو اهو هو ته آئون اڳ ۾ ئي شادي شده هئس. اها ٻي ڳالهه آهي ته زال کان ڌار رهندو هئس. اسان پاڻ ۾ اهو ئي طئي ڪيو ته آئون نيويارڪ واپس اچي طلاق ونڊس. پوءِ ايميءَ کي گهرائي. هن سان شادي ڪندس. جيتوڻيڪ طلاق جو مسئلو ڏکيو ثابت ٿيو پر جيئن تيئن ڪري منهن ڏيئي ويس. منهنجي اها به خوش بختي آهي ته منهنجي لکيل پهرين سوانح ئي سپر هٽ ثابت ٿي. مون.ايميءَ کي آمريڪا اچڻ جي دعوت ڏني. ان دوران ڊائريڪٽر ٽامسن جي نظر انتخاب مونتي پئي ته آئون سندس سوانح لکان. هن مونسان رابطو ڪيو مون نابري واري ڇڏي. ٽامسن کي انڪار ڪڍهن به قبول ناهي. هن مون بابت جاچ ڪرائي ۽ ايمي ۽ سندس مائٽن بابت سڀ ڪجهه ڄاڻي ورتائين. ان حوالي سان هن مونکي بليڪ ميل ڪيو ته جيڪڏهن مون هن جو ڪتاب نه لکيو ته هو اڻ وٽندڙ شخصيت قرار ڏيئي ايمي جي آمريڪا اچڻ تي پابندي وجهرائي ڇڏيندو. آئون ان شرط تي سندس ڪتاب لکڻ تي راضي ٿيس ته هو ايمي جي آمريڪا آمد جي معاملي ۾ مداخلت نه ڪندو. هاڻ توهان سمجهيو."

"پنهنجي ڳالهه کي مڃرائڻ جو اهو ته ڏاڍو خراب طريقو آهي." ڪيرن چيو.

"ته هاڻ تنهنجو مسئلو ڪهڙو آهي؟"

"مسئلو هي آهي ته ٽامسن مونکي بل ڪراس ڪيو. به هفتا اڳ ڪتاب جي مواد جي سلسلي ۾ ٽامسن مونکي تمام گهڻا ڪاغذ ۽ ڪيسٽون ڏنيون ته انهن جا نقل ٺهرائي ونان. انهن ۾ ڪيترا ڪاغذ اڳوٽي اتارني جنرل بيڪسٽر جا هئا. آئون انهن جا نقل ٺهرائي رهيو هئس ته جيئن اصل واپسي ڪري ڇڏيان. ڪالهه انهن ڪاغذن مان مونکي هڪ ميمو مليو جيڪو ٽامسن پاران بيڪسٽر کي

موڪليو ويو هو. ان ميمو موجب آمريڪا ۾ ايمي هينڊرسن جي داخلا تي پابندي وجهڻ جي سفارش ڪئي وئي هئي. ٽامسن شايد اهو ميمو موڪلڻ وساري ويٺو هو. اهو آهي سوچ چڪر. مون جنهن شرط تي ڪتاب لکڻ قبوليو اهو ان شرط تان به ڦري ويو. هو مونکي انڪار جي سزا ڏيئي رهيو آهي. آئون هن کان ڏنل آهيان ۽ ساٿس اُلجهڻ نٽو چاهيان. اميگريشن جو ڪاتو اوهان وٽ آهي. يقين آهي ته ان ميمو جي ڪاپي اميگريشن آفيس جي ريڪارڊ ۾ به هوندي. هاڻ فقط اوهين ئي منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا."

"هائو! اهو منهنجو ڪاتو آهي. تون درخواست ۾ ٻيا ضروري ڪاغذ پڻ مونکي آڻي ڏي. آئون منظوري ڏيئي چڏيندس." ڪرسٽوفر بنا هڪ جي چيو.

"مسٽر ڪولنس! اوهين اندازو نٿا ڪري سگهو ته اوهان مونکي ڪيڏي وڏي خوشي ڏني آهي. اوهين منهنجي احسان منديءَ جو اندازو به لڳائي نٿا سگهو."

"ان ۾ احسان منديءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي." ڪرسٽوفر مرڪندي چيو. "آئون فقط انصاف جون تقاضائون پوريون ڪري رهيو آهيان ۽ تون اُلڪو نه ڪر. ٽامسن ڪي به خبر نه پوندي... تون پنهنجو ڪم ڪندو رهه."

ڪيرن ايڏا به ٽامسن جي باري ۾ مونجهاري ۾ هئي. "ڪمال آهي هي شخص ماڻهن جي نجي زندگي ۾ ائين مداخلت ڪري رهيو آهي. اها ته بي حيائي جي ڳالهه آهي. مونکي ته يقين ئي نٿو اچي."

ينگ ڪنڈ ڏوڪي چيو. "آئون بدزباني تي معافي ٿو گهران. پر ڊائريڪٽر ٽامسن دنيا جو ذليل ترين ماڻهو آهي. مسٽر ڪولنس! منهنجي يا اوهانجي زندگي جي ڪتاب جو ڪو به صفحو ڪا به سٽ هن کان ڳجهي نه ٿي رهي سگهي. آئون ته ان نتيجي تي پهتو آهيان ته هو هن ملڪ جو سڳهارو شخص آهي ۽ 35هين ترميم ڪانپوءِ ته هو ملڪ جي اڇي ۽ ڪاري جو مالڪ بڻجي ويندو."

"ترميم ڪڏهن به پاس نه ٿيندي" ڪرسٽوفر چيو. "ترميم سياٽي مري ويندي ۽ اسين ٻيهر جي اُٽنداسين.... مسٽر ينگ هاڻ تون ڪو به الڪو نه ڪر."

•

ان رات ڪيرن، نائيٽ ڊريس پائڻ مهل فيصلو ڪري ورتو ته هوءَ ڪرسٽوفر کي سڀ ڪجهه ٻڌائي چڏيندي. پر بيڊ روم ۾ پهتي ته ڪرسٽوفر سمهي چڪو هو. هوءَ ڏاڍي محبت سان کيس ڏسندي رهي. ڪيترن ئي هفتن جي ڏهني بار کان چوٽڪارو حاصل ڪري اڄ هو پرسڪون نند سمهي رهيو هو. تنهنڪري هن جي نند خراب ڪرڻ جو ڪو سبب نه هو. هوءَ بستري تي هن جي پاسي ۾ ليٽي پئي. هو

ديرتائين چت کي گھوريندي ۽ سوچيندي رهي. ٽامسن بابت ينگ جي ڳالھ ٻولھ کيس ڏيڃاري ڇڏيو هو. ينگ چيو هو ..... "اسانجي زندگيءَ جي ڪا بہ ست هن جي نظرن کان لڪيل ڪونهي." هوءِ فورٽ ورٽ ۽ تيڪساس ۾ گذريل پنهنجي ماضي کي ياد ڪندي رهي ۽ سندس وجود تي قابض ٿيندڙ ڏپ جي اوندھ جي چادر تيز ٿيندي ويئي.

"ڪرس ڊارلنگ!" هن ستل ڪرسٽوفر کي ان توقع تي سڏيو تہ هو متان جاڳندو هجي ۽ هن جي ڳالھ ٻڌي وٺي. "آئون توکي ھڪ ڳالھ ياد ڏيارڻ ٿي چاهيان. جيڪا مونکي اڳ ۾ ڪڏهن بہ توکي ٻڌائڻ جو موقعو ملي نہ سگهيو. پر هاڻ محسوس ٿئي ڪريان تہ ان جي توکي خبر هئڻ گهرجي. توسان ملاقات کان ڪجھ اڳ جي تہ ڳالھ آهي اها ڪرس ڊارلنگ!.... پليز.... منهنجي ڳالھ ٻڌ."

پر ڪرس بي خبر سو پيو هو. ڪيرن ٽڏو ساھ ڪنيو ۽ پاسو ورايو. هوءَ ماضي جي باري ۾ سوچي رهي هئي ۽ مستقبل جا خدشا هن جي سامهون هئا. هو ڪافي ديرتائين اوندھ ۾ اڪيون ڪوليو خوش اميديءَ جي روشني ڳولهيندي رهي. پوءِ ننڊ ذهن ۾ وڌيڪ اوندھ لاهي ڇڏيس.

•

ايڊگر هوور بلڊنگ ۾ لنچ مان واندو ٿي هيري پنهنجي آفيس مان نڪري آيو. بلڊنگ جي ڀهرين ماڙ تي ايف بي آءِ جي ڪمپيوٽر ڪمپليڪس هو. سڄو رستو هن جي ذهن ۾ ٽامسن جا چيل لفظ گونجي رهيا هئا. "ڪرسٽوفر ڪولنس جي ماضي جي ڇڱي طرح چنڊ چاڻ ڪرائي، هن جو جنهن بہ شخص سان ڪڏهن بہ ڪو واسطو هيو هجي تہ ان کي ڇڱي طرف چيڪ ڪر." ان هدايت کانپوءِ هيري پنهنجا هٿرئي وسيلا استعمال ڪندي ان ڪم جي شروعات ڪئي. ايجنٽن جو تعداد گهٽ نہ هو. ريگيولر فورس کانسواءِ ڏهہ هزار اسپيشل ايجنٽ اهڙا هئا. جيکي آف دي ريڪارڊ هئا. هو نہ رڳو پنهنجي ڪم ۾ ماهر ۽ تجربيڪار هئا، پر ڊائريڪٽر ٽامسن جي وفادارن مان هئا. ٽامسن ۽ هيري سيني کان وڌيڪ اعتبار انهن ئي ايجنٽن تي ڪندا هئا.

انهن ايجنٽس وڏي محنت سان ڪم شروع ڪيو هو. هيستائين ڪرسٽوفر ڪولنس جي سڄي زندگي ڪليل ڪتاب جيان هن جي سامهون اچي چڪي هئي. هڪ هڪ گهڙي جا تفصيل، ريڪارڊ ۽ ثبوت سميت هن جي سامهون اچي چڪا

هئا. اهوئي حال هن جي دوستن يارن ۾ مٽن مائٽن جو به هو. پر جيڪي نتيجا هن جي سامهون آيا هئا، اهي هيريءَ جي لاءِ بيحد مايوس ڪندر هئا. ماضي جي هر هڪ ڪوڙي جو دروازو کوليو ويو هو. پر ڪنهن به ڪوڙيءَ مان ڪوڙ پارو لاش نه مليو هو. ڪرسٽوفر ڪولنس جي زندگي بي داغ هئي. هن سڄي زندگي ۾ ڪڏهن به قانون جي پيڇڙي نه ڪئي هئي. هو ڪنهن به اخلاقي سطح کان هيٺ نه ڪريو هو. هيري جي لاءِ اها ڳالهه يقين کان ٻاهر هئي. هڪ آزاد سماج ۾ اهو تصور ڪيئن ٿي پي سگهيو ته ڪو شخص، هر گهڙي لڙڻ لمڻ کان بچيو هجي. انسان ڏاڍو گهرو هوندو آهي. گهرائي ۾ جانچيندو وڃ، ڪٽي نه ڪٽي ڪو گند جو ڍڳ ضرور ملي ويندو.

هن ٽامسن کي ان جاچ جي اڳيرائي کان باخبر رکيو هو. هونئن به ٽامسن کي ننڍن ننڍن تفصيلن سان ڪڏهن به دلچسپي نه هوندي هئي. کيس ته فقط نتيجن سان غرض هوندي هئي. هيريءَ ڪڏهن به ٽامسن کي روزاني ناڪامين جا تفصيل نه ٻڌايا. هو روزانو کيس فقط ايتروڪ ٻڌائيندو هو ته جاچ جاري آهي. روزانو هو اهو سوچيندو هو ته اڄوڪو ڏينهن ڪجهه سنو هوندو.

ان ڏينهن به هو وڏي اعتماد سان ڪمپيوٽر ڪمپليڪس پهتو. ڪمپليڪس جو مشيني ماحول سدائين کيس اعتماد بخشيندو هو. اهي انسان نه پر بلدڊ هائوڊ نما مشينون هيون جيڪي پنهنجي شڪار جو تيسيتائين پيڇو ڪنديون هيون، جيسيتائين کيس وڃي نه جهلين. اهي مشينون ڪڏهن به ناڪام نه ٿيندڙيون هيون.

ڪمپليڪس ۾ گهڙندي ئي هن ميري ليپمرٽ کي ڳولهيو. جيڪا اُتي جي انچارج هئي. هڪ آپريٽر کيس ٻڌايو ته ميري ڪيڏانهن ٻاهر ويل آهي. هيري ماڻ کي ڪمپيوٽر نيٽ ورڪ کي ڪم ڪندو ڏسندو رهيو. کيس يقين هو ته جلد ئي هو چيف کي ڪا سڻي ۽ خوش ڪندڙ خبر ڏينندو.

هيريءَ کيس چرڪائي چڏيو. "هيلو هيريا" هيري ڪنڌ مٿي ڪٽي ڏٺو ميري هن جي سامهون بيٺي هئي. "مون توکي گهڻي دير انتظار ته نه ڪرايو." هيريءَ پڇيو.

"نا.... ٻڌاءِ ته اڄ ڪهڙيون خبرون آهن؟" هيريءَ جو لهجو خوشگوار هو.

"منهنجي آفيس ۾ هل."

هو پيئي آفيس ۾ هليا ويا. ميري فائر پروف فائلنگ ڪيبينٽ کي غير مقفل

ڪيو. هيري ڪيس واڪاڻيل نظرن سان ڏسندو رهيو. هو چيف جي حسن جي ذوق کي ساراهڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو. 32هن سالن جي ميري ليمپرٽ ڏاڍي سهڻي هئي. ان ڳالهه جي ڪنهن کي به خبر نه هئي ته هوءَ ڪمپيوٽر ڪمپليڪس جي انچارج هئڻ کانسواءِ چيف جي هفتي ۾ هڪ ڏينهن جي محبوبه به هئي. ان راز جي فقط هيريءَ کي خبر هئي. چيف به انساني ڪمزورين کان خالي نه هو. پر هو عام ماڻهن جي ابتڙ پاڻ کي بليڪ ميلنگ جي ننڍي کان ننڍي امڪان کان به محفوظ رکندو هو.

هيريءَ ڪيبنٽ مان لفافو ڪڍيو ۽ هيريءَ ڏانهن وڌايو. "هي بنهه تازي ڊيٽا آئي."

هيريءَ لفافي مان ڪاغذ ڪڍيا، انهن جو جائزو ورتو ۽ پوءِ بيزاريءَ مان چيائين. "لک لعنت هجيس! ايجا به ڪجهه ناهي مليو."

"هائو! ائين ته آهجي، هي معاملو مايوس ڪندر...." ميري ايجا پنهنجي ڳالهه پوري ٿي نه ڪئي، جو فون جي گهنٽي وڳي. هيريءَ فون کنيو ڪجهه گهڙيون ٻڌندي رهي، پوءِ چيائين. "واقعي.....؟ اجهو آيس." پوءِ هوءَ هيري کي مخاطب ٿي. "سيڪاٽ ڊويزن مڙ کا نئين خبر آئي آهي. هن ڪيس بابت تون منهنجو هٿي اوسيئڙو ڪر." ايئن چئي هوءَ هوا جي جهونڪي جيان ڪمري مان نڪري ويئي.

هيري ڪجهه دير خالي ذهن جي ڪيفيت ۾ ويٺو رهيو. پوءِ هو ڊائريڪٽر ٽامسن جي باري ۾ سوچڻ لڳو. ڪيس ٽامسن سان عشق هو. هو ٽامسن جي خوشي جي لاءِ دنيا جو هر ڪم ڪري ٿي سگهيو. هو ٽامسن جي لاءِ پنهنجي زندگي قربان ڪري سگهي ٿو. ان جو سبب هي هو ته ٽامسن سڀائين هن جو خيال رکيو هو. هيري ننڍي هوندي ئي پيءُ جي پاڇي کان محروم ٿي ويو هو. ٽامسن هن جي لاءِ پيءُ جو متبادل هو. جنهنجي ڪيس ڪڍهن شفقت ميسر نه ٿي سگهي هئي. ٽامسن جي محبت جي نالي ۾ هيري پاڻ کي ايف بي آءِ تان قربان ڪري سگهيو ٿي. هن شادي به نه ڪئي هئي ۽ مڪمل طور تي ڪنواري زندگي گذاري رهيو هو. ٽامسن هن جو آئيڊيل هو ۽ هو پاڻ کي آمريڪا جي ان عظيم ترين پٽ جو وفادار نوڪر سمجهندو هو.

هڪ ڀيرو ٻيهر ميري ليمپرٽ ڪيس چرڪائي ڇڏيو. هن پيري هن جي چپن تي ڏاڍي سهڻي فاتحانه مرڪ هئي. هن ڪجهه ڪاغذ ۽ فنگر پرنٽس جا ڪجهه سيٽ هيري جي هنج ۾ اڇليا. "گڊ نيوز هيري مبارڪ هجئي!."

"هي چا آهي؟" هيريءَ چرڪي پڇيو.

"پاڻ ڏسي وڃ!"

هيريءَ پهرين فنگر پرنٽس جو جائزو ورتو. پوءِ ڪاغذن ڏانهن ڏيان ڏنائين. شروع ۾ هن جي منهن تي مونجهاري جو تاثر هو. پوءِ اهو تاثر ختم ٿي ويو. "مائي گاڊ!" هن چيو ۽ هن جون واچون تڙي ويون.

•

صُبح جو سوا اٺ ٽيا هئا. ڪرسٽوفر شيو ڪري رهيو هو. هن منهن تي گجي پکيڙيندي پنهنجو عڪس ڏٺو. ڪيترن ئي ڏينهن کانپوءِ هو ايترو فريش لڳي رهيو هو. ڪيس احساس ٿيو ته ذهني پريشانين مان چوٽڪارو ماڻهوءَ کي ڪيترو نه بدلائي ٿي ڇڏي. اهو سڀ جسٽس هاورڊ جي فيصلي جي ڪري ٿيو هو. هن جي مٿي تان 35هين ترميم جو بار هٽي ويو هو. ينگ جي تنبيهه ته ايف بي آءِ وارا نهايت باريڪ بينيءَ سان هن جي باري جاچ ڪري رهيا آهن، مٽس کو تاثر ڇڏي نه سگهي هئي. ڪيس خبر هئي ته جاچ جو نتيجو پڙي نڪرندو. هن جي ماضيءَ ۾ ڪابه اهڙي ڳالهه نه هئي، جيڪا هن جي لاءِ ڏکائي جو سبب بڻجي. تنهن ڪانسواءِ ڪيس اهو به يقين هو ته ٽامسن جي ڪڏن هٽڪنڊن جا ڏينهن پورا ٿي چڪا آهن. هن جسٽس هاورڊ جي روپ ۾ ترپ جو سڀ کان وڏو پتو کيڏي ڇڏيو هو.

جسٽس هاورڊ کي قائل ڪرڻ ڪانپوءِ ڪرسٽوفر مطمئن ٿي ويو هو. 35هين ترميم جي موت سان گڏ ئي ٽامسن جي آمريت جو خواب به وکري ويڙون هو. هاڻ ٽامسن کي پرسرار دستاويز "آر" کي به اهميت ڏيڻ جي گهرج نه هئي. جنهن جي ٻي حصي بابت خبر نه هئي. بيڪستر خطرناڪ آر دستاويز کي بي نقاب ڪرڻ تي زور ڀريو هو. پر 35هين ترميم جي موت جي صورت ۾ آر دستاويز جي خطرناڪي پاڻ مرادو ختم ٿي وڃڻي هئي.

شيو مان واندو ٿي، هن گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺو سادا اٺ ٽيا هئا. ان مطلب اهو هو ته ڪيليفورنيا ۾ صبح جا سادا پنج ٽيا هوندا. سائين تن ڪلاڪن کانپوءِ جڏهن هو مانجهاندو ڪري رهيو هوندو ان مهل جسٽس هاورڊ ڪيليفيورنيا ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هوندو. انهيءَ کان ڇهه ڪلاڪ پوءِ هاورڊ، ڪيليفورنيا سينٽ ۽ اسيمبلي جي دستور ساز ڪميٽي سان هم ڪلام ٿيندو.

ايئن 35هين ترميم پنهنجو موت پاڻ مري ويندي. سينٽ پر آخري ووٽنگ ان کانپوءِ ٿيٽي هئي. پر هاڻ اها ڳالهه طئي هئي ته 35هين ترميم فيصلي جي لاءِ سينٽ پر پهچي ئي نه سگهندي. اسيمبلي اها رد ڪري چڏيندي.

باٿ روم جي دروازي تي ٽيل ٽڪ ٽڪ ڪيس چرڪائي چڏيو. هو ڪپڙا بدلائي چڪو هو. هن دروازو کوليو. سامهون ڪيرن بيٺي هئي. توسان هڪ همراهه ملڻ آيو آهي. نالو ڊوور اٿس. هن جو چوڻ آهي ته هو تنهنجو دوست آهي."

"ڊوور؟..... ڪير ڊوور....؟"

"نالو ته منهنجي لاءِ اوپرو آهي. تنهنڪري مون ڪيس اندر نه گهرايو. ٺيڪ آهي ڪيس ڇئي ٽي چڏيان ته...."

اوچتو ڪرسٽوفر کي اهو نالو ياد اچي ويو. "نه ڪيرن! ڪيس واپس نه ورائج. اهو ته ڊونالڊ جو اهو نالو آهي، جيڪو مون ڪيس ڏنو آهي."

"ڪهڙو ڊونالڊ؟"

"توکي خبر ڪونهي.... پوءِ ٻڌائيندوسين..... هو منهنجو دوست آهي. ڪيس اندر ويهار... آئون اجهو آيس."

ڪيرن هلي وئي. ڪوٽ پائيندي ڪرسٽوفر سوچڻ لڳو ته اهڙي ڪهڙي ڳالهه آهي. جو ڊونالڊ ايترو سوير آيو آهي. آرگوستي مان واپس اچڻ کانپوءِ فون تي ڊونالڊ سان ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهندي هئي. ڊونالڊ ميڊيسن هوٽل پر ٽڪيل هوءِ ڏوهن جي روڪٽام جي سلسلي پر 35هين ترميم جي متبادل رٽا تي ڪم ڪري رهيو هو. ڪرسٽوفر چاهيو ٿي ته ترميم جي رد ٿيڻ کان هڪدم پوءِ اها رٽا صدر گلبرٽ جي سامهون رکي وڃي. ان لحاظ کان ڊونالڊ جو اچڻ حيرت پر وجهندڙ هو. چو جو هن ڪيس احتياط طور هوٽل تائين محدود رهڻ جي هدايت ڪئي هئي.

ڪرسٽوفر ڪجهه پريشان ٿي ويو. هو بينڪ پر داخل ٿيو ته توقع جي ابتڙ هن ڊونالڊ کي بي چينيءَ مان هيڏانهن هوڏانهن اڇ وڃ ڪندي ڏٺو. ڪيرن ميز ٽي ناشتو لڳائي چڪي هئي.

"ڊونالڊ! خير ته آهي. سوير اچي نڪتو آهين. هيءَ منهنجي زال ڪيرن آهي."

ڊونالڊ چرڪي بيهي رهيو. ڪيرن ڪمري مان هلي ويئي. "ڏاڍي خراب خبر اٿئي ڪرس.... ڏاڍي خراب خبر.... ڊونالڊ چيو "مون ٽي وي تي صبح ڇهين وارين خبرن پر ٻڌو."

ڪرسٽوفر خاموش بينو رهيو. ڪيس اندازو ٿي رهيو هو ته خبر ڪهڙي به ٿي

سگهي ٿي. پر آهي تباهه ڪندڙ "چا ڳالهه آهي ڊونالڊ! تون ايترو پريشان ڇو آهين؟" هن پڇيو.

"منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته توکي ڪيئن ٻڌايان." ڊونالڊ چيو. "چيف جسٽس هاورڊ ۽ سندس زال کي رات جو سندن گهر ۾ قتل ڪيو ويو آهي. امڪان اهو آهي ته قاتل چوريءَ جي نيت سان گهر ۾ گهڙيو هو."

ڪرسٽوفر کي پنهنجون ٽنگون رڦندي محسوس ٿيون. "چا پيو چوين...؟ مونکي يقين ئي نه پيو اچي."

"اها پڪي خبر آهي، ڪڙڪو ٻڌي شايد هاورڊ جاڳي پيو هو هن اٺڻ جي ڪوشش ڪئي. قاتل نوَملي ميٽر جي روالور سان ٻه فائر ڪيا. هڪ گولي سيني ۾ ۽ ٻي مٿي ۾ لڳس. هو پيو ساهه ٻه ڪٽي نه سگهيو. فائر جي آواز مسز هاورڊ کي جاڳائي ڇڏيو. قاتل ٽي گوليون هن جي جسم ۾ ٻه لاهي ڇڏيون."

"او منهنجا ربا! اُن کان خطرناڪ ٻي ڪا خبر ئي نٿي ٿي سگهي." ڪرسٽوفر ڏڪاري لهجي ۾ چيو. "قوم جي عظيم ترين ماڻهن مان هڪ کي ايئن ماريو ويندو. هو واقعي هن ملڪ جي عظيم ماڻهن مان هڪ هو ۽ پيو ته هو بدترين آمريت جي خلاف اسانجي آخري ۽ يقيني اميد هئي. لعنت هجي. هي سڀ چا پيو ٿئي... هن ملڪ ۾؟"

اهو سوچ ته هاڻ هن ملڪ جو چا ٿيندو؟" ڊونالڊ چيو. "ٿورو ٽي وي ته کول."

ڪرسٽوفر ٽي وي آن ڪئي. هو بيئي ٽي وي جي سامهون پيل صوفن تي ويهي رهيا. اسڪرين تي ان مهل جسٽس هاورڊ جي گهر جو منظر هو. جتي واردات ٿي هئي. سادن ڪپڙن ۾ جاچ ڪندڙ هيڏانهن هوڏانهن اڇ وڇ ڪري رهيا هئا. دروازي جي ٻاهر هاورڊ جا پاڙيسري اکيون ڦاڙيون اهو سڀ ڪجهه ڏسي رهيا هئا. ڪن کي ته اڌا رات وارا ڪپڙا پاتل هئا. پوءِ اسڪرين تي نيٽ ورڪ جي رپورٽر جو ڪلوز اپ نظر آيو. "هي اهو هنڊ آهي جتي ٽي ڪلاڪ اڳ اهو حادثو ٿيو." رپورٽر انائونس ڪيو.

"چيف جسٽس هاورڊ ۽ سندس زال کي ڪنهن اٺ جاتل قاتل گولين جو نشانو ٻڌائي ڇڏيو. لاش ڪلاڪ ڪن اڳ هتان ڪنيا ويا آهن. انهن مان هڪ قاتل جو ٻه لاش هو جيڪو پڪڙ جي ڪوشش ۾ پوليس جي هٿان مارجي ويو. ان جي اڃا سڃاڻپ ٿي نه سگهي آهي. اها ڳالهه واضع آهي ته قاتل گهر جي اندرين نقشي کان چڱي طرح واقف هو. امڪان آهي ته هو بيڊ روم ۾ مسز هاورڊ جا زيور چورائڻ

جي چڪر ۾ گھڙيو هو. خيال ظاهر ڪيو ويو آهي ته جسٽس هاورڊ جي اک ڪلي پئي هئي. پوليس جي نظريي موجب جسٽس هاورڊ اٽي الارم جو بٽن دٻائي چڏيو هو ۽ اهو الارم پوليس اسٽيشن ۾ هو. جنهن جي نتيجي ۾ پوليس حرڪت ۾ اچي ويئي. ان دوران قاتل پهرين جسٽس کي ۽ پوءِ سنڈس زال کي شوٽ ڪيو. هن پڄڻ جي بدران زيورن جي ڳولا جاري رکي. شايد ڪيس احساس نه هو ته جسٽس صاحب الارم جو بٽڻ دٻائي چڪو آهي. زيور ڪٽي هو ٻاهر نڪتو ۽ پنهنجي پلائي موٽ گاڏي طرف وڌيو. جيڪا ٻه بلاڪ پويان پارڪ ڪئي ويئي هئي. اسڪواڊ جي ڪار جي جهلڪ ڏسندي ئي هو ڀڳو. پوليس وارننگ ڪانپوءِ گولي هلائي. جنهن ۾ هو اُڻٽ مري پيو. چوري ڪيل زيور هن جي ڪيسي مان مليا آهن. پر اهڙي ڪا به شئي نه نڪتي آهيم. جنهن مان هن جي سچائپ ٿي سگهي ۽ ناظرين هاڻ اسين اوهانکي ان ڪيس جا تازين خبرن جي لاءِ لاس اينجلس ۾ پنهنجي نيوز روم تا هلئون."

"هاڻي ڪهڙو فائدو؟" ڪرسٽوفر ڪنڊ ڏوٽيندي مايوس لهجي ۾ چيو. هو ٻيئي ڪافي جا ڏڪ پريندي ٻيهر اسڪرين ڏانهن متوجه ٿي ويا. نيوز ڪاسٽر هاڻ ڪجهه ڪاغذن کي اٽلائي پٽلائي ڏسي رهيو هو. پوءِ هن چيو "اها آهي تازي خبر. جسٽس هاورڊ ڪالهه غير متوقع طور تي لاس اينجلس آيو هو. هن جي دوستن ۽ اسٽاف جي ماڻهن کي ٻه هن جي آمد جي خبر نه هئي. ڪنهن کي ٻه هن جي غير متوقع دوري جي سببن جي خبر نه هئي. پر هاڻ هڪ پهلو سامهون آيو آهي. لاس اينجلس پهچندي ئي جسٽس هاورڊ، سڪرامنٽو ۾ پنهنجي پراڻي دوست جيمس گرفٽ سان رابطو ڪيو هو. جيڪو ڪيليفورنيا اسيمبلي جو اسپيڪر ٻه آهي. جسٽس هاورڊ اڄ ٽپهريءَ جو رياست جي گاڏي جي هنڌ پهچڻ جو ارادو ظاهر ڪيو هو. هن دستور ساز اسيمبلي هن اسيمبلي ميمبرن سان 25هين ترميم جي باري ۾ ڳالهائڻ ٿي چاهيو. اسپيڪر ان سلسلي ۾ ڪيس ڪميٽيءَ جو آخري شاهد مڃي ورتو هو. اسپيڪر مسٽر گرفٽ هڪ سوال جي جواب ۾ ٻڌايو ته هو سمجهي نه سگهيو ته جسٽس هاورڊ ترميم جو حامي هو يا مخالف. هو پنهنجي تقرير تيار ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گهر ۾ اچي ترسيو هو. جتي موت ڪيس اچي نهوڙي نيو."

"۽ ناظرين! هاڻ جڏهن ته موت چيف جسٽس کي سڏائين جي لاءِ خاموش ڪري چڏيو آهي. اسين اهو ڪڏهن ٻه ڄاڻي نه سگهنداسين ته جسٽس هاورڊ جي تڪراري 35هين ترميم جي باري ۾ ڪهڙي راءِ هئي يا ڇا ٿي چوڻ چاهيائين. اها

بہ خبر آهي تہ سکرا منٹو پھچڑ کان اڳ چيف جسٽس کي لاس اينجلس جي هڪ هوٽل ۾ هڪ پريس کانفرنس کي بہ خطاب ڪرڻو هو. پريس کانفرنس پاڻ گهرائي هئائين. جيڪڏهن هو جيئرو هجي ها تہ ڪجهہ ڪلاڪن کانپوءِ هو پريس کانفرنس کي خطاب ڪري رهيو هجي ها."

"هينئر هينئر مونکي ٻڌايو ويو آهي تہ صدر گلبرٽ جو پريس سيڪريٽري جسٽس هاورڊ جي ڪمهلي ۾ متشدد موت تي صدر صاحب جو تعزيتي پيغام پڙهي ٻڌائيندو. تنهن ڪري اسين اوهانکي " وائٽ هائوس" وٽي ٿا هلون جتي..."

ڪرسٽوفر ڊونالڊ ڏانهن ڏسندي چيو "ڊونالڊ! تدفين فقط جسٽس جي ئي نہ اسانجي بہ ٿيندي"

ڊونالڊ ڪريڊن ٽڪل انداز ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. ڪرسٽوفر ٽڏو ساهہ کنيو. هاڻ بهرحال هو ابتدائي جهٽڪي کان پاڻ سنيالي چڪو هو. البتہ مايوسي هر گهڙي وڌندي پئي ويس. "يقين ڪر ڊونالڊ! اها منهنجي زندگيءَ جي بدترين خبر آهي." هن مڙل لهجي ۾ چيو. پوءِ اسڪرين ڏانهن اشارو ڪندي چيو. "هاڻ هي ملڪ هنن جو آهي."

"هائو! بدقسمتيءَ سان...!"

هاڻ هنن ٻنهي جو ڌيان اسڪرين ڏانهن هو. صدر جي پريس سيڪريٽريءَ صدر جو تعزيتي پيغام هڪ مڪمل ڪيو. پيغام ۾ ڪيترائي روايتي جملا هئا. خلوص ۽ سچائيءَ کان محروم لهجو. ڇيتوٽيڪ جيڪي ڪجهہ چيو پئي ويو. اهو سڀ سچ هو. جڏهن ڪو عظيم انسان مري ويندو آهي تہ ان سان گڏ انسانيت جو هڪ حصو بہ مري ويندو آهي ۽ جان هاورڊ بلاشڪ دنيا جي عظيم انسانن منجهان هو. تنهنڪري هن ملڪ ۾ انصاف جي مٿيرائپ جا ڏينهن پورا ٿيا. ڪرسٽوفر چيو "شايد جمهوريت بہ پوڙهي ٿي موت جي اونداهي وادي۾ لهڻ واري آهي. هاورڊ ڪانسواءِ 35 هين ترميم جو موت ممڪن ڪونهي. هاڻ 35 هين ترميم جي شڪل ۾ ڊائريڪٽر ٽامسن جي نئين جنميل آمريت شروع ٿيڻ واري آهي ۽ قوم ٽامسن جي ٽاهيل سانچي ۾ سموئجي ويندي"

"هاڻ اسين اوهان کي ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ورنن ٽامسن جي آفيس وٽي ٿا هلئون." انائونسر چيو. پئي گهڙيءَ اسڪرين تي ٽامسن جو ڇاتل سڄاتل چهرو نظر آيو. جنهن جي منهن تي ڏک جو تاثر هو ۽ پنهنجي سامهون رکيل لکت پڙهي رهيو هو.

"جسٽس هاورڊ جو مرتيو ايڏو وڏو نقصان آهي، جو لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ڪونهي. جسٽس هاورڊ قوم جو دوست هو هو منهن جي ذاتي دوست هو. هو سچائي ۽ آزاديءَ جو متوالو هو. اهڙي شخصيت آمريڪا کي ايترو ته سگهارو ڪري چڏيو آهي، جو هي ملڪ ڏوهن، تشدد ۽ لاقانونيت جي پرمار جي باوجود پنهنجي سچاڻپ برقرار رکندو. مونکي يقين آهي ته هن وقت جيڪڏهن جسٽس زندهه هجي ها ته پنهنجي موت جي الميي کي وسيع تناظر ۾ ڏسي ها. آمريڪا جي شهرين ۽ انهن جي اڳواڻن جي تحفظ کي لاڳو خطرن کي هاڻ هميشه جي لاءِ ختم ڪري چڏڻ گهرجي. هن وقت حال اهو آهي ته ماڻهو رستن تي ٿهيو پر پنهنجي گهرن ۾ به محفوظ ناهن. اها اسانجي خوشفهمي آهي ته چيف جسٽس هاورڊ جو قاتل پنهنجي منطقي انجام تائين پهچي چڪو آهي. مونکي ڪجهه گهڻيون اڳ خبر پئي آهي ته قاتل جي سچاڻپ ٿي ويئي آهي. ان جي سچاڻپ جو اعلان ايف بي آءِ ڪجهه دير پوءِ ڪندي. ايترو پڌائي ٿو چڏيان ته قاتل عادي ڏوهاري هو. هن جي ڏوهاري سرگرمين جو رڪارڊ موجود آهي. شرمناڪ ڳالهه اها آهي ته ان جي باوجود به هو ڪُلي عام رستن تي هلندو وتندو هو. ڪاش! 35هين ترميم هڪ مهينو اڳ منظور ٿي وڃي ها ته ان قومي الميي ۽ زيان کان بچي وڃجي ها. 35هين ترميم جي هوندي اها انڊاڏنڊ رتو چاڙ ممڪن نه رهندي. خواتين ۽ حضرات! ان الميي اسانکي اهو سبق ڏنو آهي ته اسانکي گڏجي آمريڪا کي مضبوط بنائڻ جي لاءِ ڪم ڪرڻ گهرجي."

اسڪرين تان ٽامسن جو چهرو هٽيو ۽ رپورٽر جو چهرو اپري آيو. ڪرسٽوفر ڊونالڊ ڏانهن متوجه ٿيو. هن جي اندر ۾ باهه ٻري رهي هئي. "ڪتي جو پُٽ!.. حرامي جي همٽ ته ڏس! جسٽس هاورڊ جي لاش تي 35هين ترميم جي ڪنوينسگ پيو ڪري. جڏهن ته جسٽس ان ترميم کي فنا ڪرڻ وارو هو.... هو هن جي موت مان التو فائدو پيو وٺي."

"بلڪ ظاهر اهو پيو ڪري ته جيڏهن هاورڊ جيئرو هجي ها ته ترميم جي حق ۾ ڳالهائي ها." ڊونالڊ چيو. "شايد هو قاتل بابت پڌائڻ وارا آهن."

اجهو خبر پئي آهي ته جسٽس هاورڊ جي قاتل جو نالو رومن ايسڪوبار آهي ۽ هو ڪيوبن نسل جو آمريڪي شهري هو. هي آهي ان جي تصوير...."

ٽي وي تي قاتل جي چهري جو عڪس ڏسندي ئي ڊونالڊ جي وات مان هلڪي رڙ نڪري وئي. "اڙي هي نه نا!"

ڪرسٽوفر چرڪي ڪيس ڏنو. ڊونالڊ اٽي بيهي رهيو. هن جو منهن ڦڪو ٿي ويو ۽ اکيون نڪري آيس. هن جي آگر اسڪرين ڏانهن اشارو ڪري رهي هئي. هو ڪجهہ چئي رهيو هو پر آواز نہ پي نڪتس. ڪرسٽوفر اُٽيو ۽ هن ڏانهن وڌيو ۽ هن جي ڪلهي تي هٿ رکيائين. هاڻ ڊونالڊ هر هر اسڪرين تي ڪ تاٽي رهيو هو. نيٺ هن جو آواز نڪتو. "هي اهو ئي آهي ڪرس... هي اهو ئي آهي."

ڪرسٽوفر ڪيس لوڏيو. "پاڻ کي سنيال ڊونالڊ! ڳالهہ ڪهڙي آهي...؟"

"آئون هن شخص سان ملي چڪو آهيان." ڊونالڊ اسڪرين تي قاتل جي عڪس ڏانهن اشارو ڪندي هسٽريائي لهجي ۾ چيو. "مون هن جو نالو به ٻڌو آهي. ميامي۽ کان ٻاهرفشر آئي لينڊ ۾ ان رات مون جنهن شخص کي سايا ست لک ڊالر ڏنا هئا. هي اهو ئي شخص هو ۽ هاڻ هي هاورڊ جي قاتل جي روپ ۾ سامهون آيو آهي. تون ان ڳالهہ جو مطلب سمجهين پيو ڪرس!."

هاڻ اسڪرين تان قاتل جو چهرو هٽي چڪو هو ۽ انائونسر سامهون هو. ڪرسٽوفر جلدي ٽي وي بند ڪئي. ڪيس ڊونالڊ جي ٻڌايل سڄي ڪهاڻي ياد اچي ويئي. ڪيئن ۽ ڪهڙن شرطن تي ٽامسن ڪيس لوئس برگ جيل مان ڪيرايو هو. ڪيئن هن ٽامسن جي هدايتن موجب سايا ست لک روپيا ادا ڪيا هئا ۽ جنهن شخص کي ادا ڪيا هئا. ان جسٽس هاورڊ کي قتل ڪري ڇڏيو هو.

"يقين ڪر ڪرس! هي اهو ئي ماڻهو آهي،" ڊونالڊ چيو. "هاڻ مون سمجهيو تہ ٽامسن کي سائين ستن لکن ڊالرن جي گهرج ڇو پئي هئي. هن هاورڊ جي قاتل کي معاوضي جي ادائگي منهنجي هٿان ڪرائي هئي. هيءَ اها رقم آهي، جنهن جو ڪير به اتو پتو نٿو لڳائي سگهي. هي قتل ٽامسن ڪرايو آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ هو 35هين ترميم جي خاطر آخري حد تائين وڃي سگهي ٿو. قتل جي حد تائين به."

"بس ڪر! خاموش ٿي.... تون اهو ثابت نہ ٿو ڪري سگهين!"

"۽ ڪهڙو ثبوت ڪپي توکي؟ ٽامسن مونکي سائين ستن لکن ڊالرن جي ادائيگي جي شرط تي جيل مان ڪيرايو. ڪوڊ ورڊ به هن ئي طئي ڪيو. جنهن موجب مون رومن ايسکو بار کي رقم ادا ڪئي ۽ رومن جسٽس هاورڊ کي قتل ڪيو. اها تہ به واڌو به برابر چار واري ڳالهہ ٿي. ٻيو ڪهڙو ثبوت ڪپئي؟"

ڪرسٽوفر تيزيءَ سان سوچڻ ۽ صورتحال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هن چيو "مونکي تہ وڌيڪ پي ڪنهن ثبوت جي ڪهڙ ڪونهي. پر تون

ٻين کي ڪيئن يقين ڏيارينديون."

"آئون پوليس کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس. ٽامسن پاران قاتل کي اڳواٽ معاوضي جي ادائيگي مون ئي ڪئي هئي. آئون ٽامسن جي نمائندگي ڪري رهيو هئس." ڊونالڊ تيز لهجي ۾ چيو.

"نه يارا! ڳالهہ وزن نه ونندي"

"ڪيئن نه ونندي، هيري ايڊورڊ ان حقيقت کان واقف آهي ۽ واردن بروس ب."

"پر هو زبان نه کوليندا."

ڊونالڊ ڪرسٽوفر کي جنجهوڙيندي چيو. پوليس منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪندي آئون. آئون.... آهيان. فشرز آئي لينڊ ۾ قاتل کي رقم مون ادا ڪئي هئي. ائين اسين ٽامسن کي شڪست ڏيئي سگهون ٿا."

ڪرسٽوفر هن جو هٿ ڇڏيندي چيو. "ڊونالڊ ڪريڊن حقيقت ٻڌائي سگهي ٿو پر هاڻ هن جو ڪو به وجود ڪونهي. تون هڪ نا موجود اکين ڏٺو شاهد آهين."

"پر آئون جيئرو آهيان." ڊونالڊ احتجاج ڪيو.

"سوري دوست! تون ڊوور آهين. ڊونالڊ مري چڪو آهي. هن جي موجودگيءَ جو ڪو به ثبوت ڪونهي. هو موجود ڪونهي."

اوچتو سڄي ڳالهہ ڊونالڊ جي سمجهہ ۾ اچي وئي. هن جو سڄو جوش ۽ خروش ٺڏو ٿي ويو. هن جي بي وسيءَ مان چيو. "هائو ڪرس! تون صحيح ٿو چوين؟"

بي پاسي ڪرسٽوفر کي هڪ بي خيال جڙ جيئرو ڪري ڇڏيو. "پر آئون موجود آهيان ۽ تو جيڪو ڪجهہ چيو آهي، ان تي مونکي مڪمل پروسو آهي. آئون صدر گلبرٽ سان ملي ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏيندس. هي اهي حقيقتون آهن، جن کي هو نظر انداز ڪري نٿو سگهي. حقيقت هيءَ آهي تہ هن ملڪ ۾ ڏوهن ۽ لاقانونيت ۾ جيڪو واڌارو ٿئي. حقيقت هيءَ آهي تہ هن ملڪ ۾ ڏوهن ۽ لاقانونيت ۾ جيڪو واڌارو ٿي رهيو آهي. ان جو سبب ٽامسن آهي. اصل ڏوهاري ٽامسن آهي. صدر کي منهنجي ڳالهہ ٻڌڻي پوندي. ڪيس اهو ئي ڪجهہ ڪرڻو پوندو جيڪو جسٽس هاورڊ ڪرڻ جو ارادو ڪيو هو. ڪيس عوامي سطح تي 35هين ترميم جي خلاف زبان کولڻي پوندي. تون پاڻ کي سنيال ڊونالڊ. پاڻ کي ايڏا گهٽو ڪجهہ ڪرڻو آهي. هن ڊيڄارينڊڙ خ ب مان سڃاڻ ٿي..."

•

صدر صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تي ويني پاسو ورايو. "تنهنجو مطلب آهو آهي تہ آئون ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر کي هٽائي چڏيان؟"

اها ملاقات وائٽ هائوس جي بيضوي ڪمري ۾ گذريل ويهن منٽن کان جاري هئي. ڪرسٽوفر ويهن منٽن تائين لڳاتار ڳالهائيندو رهيو هو. اهو آمريڪي صدر جو پهريون جملو هو. هن ڪرسٽوفر جي گهٽي زرو پرڙ تي. ڏاڍي مشڪل سان ان ملاقات جي لاءِ اڌ ڪلاڪ ڪڍيو هو. ڪرسٽوفر بنا ڪنهن تمهيد جي ڪرنل بيڪسٽر جي آر دستاويز جي تنبهہ کان وٺي جسٽس هاورڊ جي قتل تائين، سڀ واقعا بيان ڪري چڏيا. آخر ۾ هن چيو هو "سائين! قانون لاڳو ڪندڙن جي لاقانونيت سهپ کان ٻاهر آهي. منهنجي پيش ڪيل شاهدين جي روشنيءَ ۾ اوهين ٽامسن کي هڪدم هٽائي سگهو ٿا."

"ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر کي هٽائي چڏيان." صدر ورجايو. "هائو! جيڪڏهن اوهين ڪيس سندس ڏوهن جي سزا ڏيئي نٿا سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ اهو تہ ڪري سگهو ٿا. ائين جمهوريت محفوظ رهندي ۽ آئين جي عزت بہ قائم رهندي پوءِ اسين گڏجي سڏجي ڏوهن جي روڪ ٽام لاءِ 35هين ترميم جي ڪا متبادل رٿا مرتب ڪري سگهنداسين. ان سلسلي ۾ اسانکي معاشي فلاح جي سلسلي ۾ ڪم ڪرڻون پوندو."

صدر گلبرٽ ڪرسٽوفر جي بي · ڪان متاثر نظر نہ آيو. ۾ هو خاموشيءَ سان ٻڌندو رهيو هو. "تہ تنهنجي خيال ۾ ٽامسن کي هٽائي چڏڻ گهرجي." هن شڪ واري لهجي ۾ چيو.

"هائو! هن جي هٽائڻ جي ڪيترائي سبب ۽ جواز آهن. هن هڪ سرڪاري اداري کي هن جي وسيلن سميت غير قانوني طور تي هڪ اهڙي قانون کي منظور ڪرائڻ جي لاءِ استعمال ڪيو جنهن جي منظوريءَ ڪانپوءِ پاڻ ملڪ جي سڀ کان وڏي طاقت بڻجي سگهي ٿو. هن تي بليڪ ميلنگ ۽ هڪ جمهوري عمل ۾ مداخلت جو الزام پڻ آهي. آئون رڳو تڪلف کان ڪم وٺي مٽس قتل جو الزام هٽڻ کان پاسو ڀيو ڪريان. فقط ان لاءِ تہ اهو آئون ثابت نہ ٿو ڪري سگهان. ان الزام کان سواءِ هر الزام يقيني آهي. باقي آئون هر شئي جو ثبوت پيش ڪري سگهان ٿو. اوهانکي ٽامسن کي عهدي تان هٽائي اهو ئي ڪرڻو پوندو جيڪو

جسٽس هاورڊ کي ڪرٽون هو. اوهانکي 35هين ترميم جي مخالفت ڪرڻي پوندي. بهرحال بنيادي ڪم ٽامسن کي هٿائڻ آهي. ائين اوهانجي عزت ۽ مان ۾ واڌارو ٿيندو."

صدر صاحب ڪجهه دير ماٺ ۾ رهيو. پوءِ اُٽيو ۽ باغيچي ڏانهن ڪلندڙ دريءَ ڏانهن وڌي ويو. ڪرسٽوفر جا لڳ ستجي رهيا هئا. پر هو ماٺ ڪيو وينو رهيو. نيٺ صدر صاحب واپس وريو ۽ پنهنجي ڪرسيءَ جي پويان اچي بيٺو. هن ڪرسيءَ جي پٺ کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ ڪرسٽوفر جي چهري تي نظرون کپائي چڏيون. "مون تنهنجي هر ڳالهه ڌيان سان ٻڌي آهي ۽ ان تي غور به ڪيو آهي. آئون نهايت صاف گوئي کان ڪم وٺندس. تون قانون کي اسان سيني کان وڌيڪ ٿو ڄاڻين ۽ ان کان واقف آهين. ٽامسن کي هٿائڻ جا سبب جيڪي تو بيان ڪيا آهن، اهي ثبوت کان محروم آهن، افواهن، نظرين ۽ منطقي تجزين جو نتيجو آهن. تو وٽ ڪو به ٺوس ثبوت ڪو نهن. تو جيڪو بيان ڪيو آهي، اهي فقط ڳالهيون آهن. حقيقتون ڪونهن." صدر صاحب جو لهجو سرد هو. ڪرسٽوفر ڪجهه چوڻ چاهيو. پر صدر کيس هٿ جي اشاري سان روڪي چڏيو. "پهرين مونکي ڳالهه پوري ڪرڻ ڏي. تون ٽامسن تي لڳايل الزمن تي هڪ نظر وجهه. هن ڪيليفورنيا ۾ ٽيندڙ ڏوهن جي انگرن اکرن ۾ گڙٻڙ ڪئي. تون اها ڳالهه ثابت ڪري نٿو سگهين. تو چيو ته ٽامسن ملڪ ۾ عقوبتي ڪيمپون اڏائي رهيو آهي. تون اهو به ثابت ڪري نٿو سگهين. مونکي ٻڌائي هو اهي ڪيمپون ڪٿي پيو اڏرائي ۽ ڪهڙو اداروا هي اڏائي رهيو آهي. تون ڊونالڊ سان ٽامسن جي سودي بازي هن جي جيل مان فرار ۽ ٽامسن پاران ڪيس نئين شخصيت جي فراهميءَ جي جيڪا دعوي ڪئي آهي. تون ان جو به ڪو ٺوس ثبوت پيش نٿو ڪري سگهين. تون اهو به ثابت نٿو ڪري سگهين ته ڊونالڊ جيئرو آهي. تنهنجي چوڻ موجب ته ڊونالڊ جي ذريعي ٽامسن، جسٽس هاورڊ جي قتل جو معاوضو ادا ڪيو. تو وٽ ان جو ڪو ثبوت آهي؟ تو چيو ته ٽامسن آرگوسٽي ۾ 35هين ترميم جي نتيجن تي تجربا پيو ڪري. تون وٽ ان جو ڪو ثبوت آهي؟ آر دستاويز جي سلسلي ۾ به ڪو ثبوت ڪونهي. ڪرنل بيڪسٽر جا لفظ به تو پاڻ نه ٻڌا. پهرين توکي آر دستاويز جي موجودگي ثابت ڪرڻي پوندي. پوءِ اهو ثابت ڪرٽون پوندو ته اهو دستاويز خطرناڪ آهي. هاڻ تون پاڻ ٻڌائي، تنهنجي الزامن جي ڪهڙي قانوني حيثيت آهي ۽ انهن بنيادن تي تون چاهين ٿو ته آئون ٽامسن کي هٿائي چڏيان.

اهو ناممڪن آهي ڪرس؟ مونکي ته پاڻ تنهنجي ڏهني توازن تي شڪ پيو ٿئي."

ان دوران ڪرسٽوفر پنهنجو پاڻ کي سنيالي چڪو هو. شڪست جي احساس سبب ڪيس پنهنجو وجود ننڍو ٿيندي محسوس ٿيو. ڪيس اها اميد نه هئي ته صدر صاحب ڪجهه الزامن تي شڪ جو اظهار ڪندو پر ڪيس ايتري پرپور حملي جي اميد نه هئي. هن مايوس لهجي ۾ چيو "جناب صدر! ثبوت جون ڪيتريون ئي شڪليون هونديون آهن. آئون توهانکي اهي ثبوت به پيش ڪري ٿي سگهيس. جيڪي اوهانکي پوري طرح مطمئن ڪري پي سگهيا. پر اسان وٽ وقت بنهه گهٽ آهي. پهرين ٽامسن کي هٽايو هو بي حد خطرناڪ ماڻهو آهي. اوهين يقين ڪريو ته آئون هن جي خلاف ناقابل شڪست ڪيس تيار ڪندس. پر اها پوءِ جي ڳالهه آهي، پهريون مسئلو ٽامسن جي برطرفيءَ جو آهي. هو بنيادي حقن کي معطل ڪرڻ جي لاءِ ۽ .....35هين ترميم جي منظوري جي لاءِ ڪجهه به ڪري سگهي ٿو..... هو ان به جمهوريت کي قتل....."

صدر جي چهري تي سختي جو تاثر اپري آيو. "آئون خود 35هين ترميم جو حامي آهيان. ان جو مطلب ٿيو ته آئون به جمهوريت جو دشمن آهيان."

"هرگز نه صدر صاحب!" ڪرسٽوفر جلدي چيو. "آئون هر ان شخص جي باري ۾ دعويٰ نه پيو ڪريان. جيڪو 35هين ترميم جو حامي آهي. حقيقت اها آهي ته آئون پاڻ به ڪلم ڪلا ترميم جي حمايت ڪندو رهيو آهيان. ماڻهن جي نظر ۾ ته آئون اڃا به ان جو حامي آهيان. مون ان جي ڪليل مخالفت ته نه ڪئي آهي. نه آئون هن عهدي تي رهي ايئن ڪري ٿو سگهان."

صدر جو لهجو ڪجهه نرم ٿيو. "مونکي اهو ٻڌي خوشي ٿي ان جو مطلب اهو ٿيو ته تون وفاداري جي احساس کان عاري ناهين."

"بلڪل نا!" ڪرسٽوفر چيو. "سوال اهو آهي ته ٽامسن ۾ احساس وفاداري آهي يا نه. اسانکي رڳو ملڪ ۽ قوم سان نه پر جمهوريت سان به وفا ڪرڻي آهي. ان ڳالهه جي اوهانکي به خبر آهي ۽ مونکي به پر ٽامسن نٿو ڇاڻي. اوهين ۽ آئون 35هين ترميم جو غلط استعمال نٿا ڪري سگهون. پر ٽامسن جي هٽان آئون 35هين ترميم...."

"تو وٽ ان جو ڪو به ثبوت ڪونهي."

"مون جيڪو ڪجهه ٻڌايو اوهانکي ٻڌايو آهي ان جي روشنيءَ ۾ اها ڳالهه ثابت آهي. پلي آئون ثبوت فراهم ڪري نه سگهان. پر اوهين اهو مڃيندا ته....."

"بيڪار آهي ڪرس..." صدر صاحب هن جي ڳالهه ڪٽي ڇڏي "آءِ ايم سوري ڪرس" هن پنهنجي ڪرسيءَ تي ويهندي چيو. هن جي لهجي ۾ قطعيت هئي. "آئون حقيقتون ٻڌندو ٻه آهيان ۽ انهن جو احترام ٻه ڪندو آهيان. تو جيڪو ڪجهه بيان ڪيو آهي. اهو منهنجي لاءِ اثرائتي حقيقتن جو تاثر ڇڏي ناهي سگهيو. منهنجي نظر ۾ اهي ٽامسن جي برطرفي واسطي مناسب سبب ڪونهن. منهنجي نظر ۾ ٽامسن محب الوطن هڪ سان گڏ اهليت جي لحاظ کان هن جو ڪو ٻيو مٽ ڪونهي. تنهنجي لڳايل الزامن جي روشني ۾ ڪيس هٽائڻ ايئن آهي. جيئن جارج واشنگٽن کي امن امان ۾ خلل وجهڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪرڻ. ڪيس هٽائي آئون نه رڳو ملڪ کي هڪ سڄي شخص جي خدمتن کان محروم ڪندس. پر اهو منهنجي لاءِ سياسي خودڪشي وانگر هوندو. عوام کي مٿس اعتبار آهي ۽ عوام مٿس پروسو."

"اوهانکي ٻه مٿس پروسو آهي. اوهين ٻه مٿس اعتبار ڪريو ٿا." ڪرسٽوفر زخمي لهجي ۾ چيو.

"بلڪل! هو محنتي ٻه آهي ۽ مستقل مزاج ٻه. هو گهٽو سهڪار ڪرڻ وارو ٻه آهي."

"ان جو مطلب اهو ٿيو ته نه اوهين 35هين ترميم مان جند ڇڏائڻ ٿا چاهيو ۽ نه وري ٽامسن مان هٽ ٿا ڪيو. ان صورت ۾ مون وٽ استعفيٰ ڏيڻ کانسواءِ ٻي ڪا واهه ڪونهي." ڪرسٽوفر ڪڙو ٿيو. "آئون پنهنجي آفيس وڃي استعفيٰ لکندس ۽ ايندڙ 24 ڪلاڪ ڪيليفورنيا اسيمبليءَ ۾ 35هين ترميم جي خلاف جنگ ڪندي گذاريندس ۽ اتي ناڪام ٿيس ته ڪيليفورنيا سينٽ ۾ لڙندس." اهو چئي هن ڪنڌ جي اشاري سان صدر کي سلام ڪيو ۽ دروازي طرف وڌيو. صدر کيس سڏ ڪيو. هن مڙي ڏٺو صدر جي چهري ڏک جا آثار هئا. "ڪرس! تڪڙ نه ڪر..." صدر چيس. "اهو سڀ اسان سڀني جي لاءِ... ملڪ لاءِ ٻه ڏکيو وقت آهي. ائين ٻيڙي کي ٻوڙڻ ڪٿان جي عقلمندي آهي."

"آئون ٻيڙي کي نه ٻيو ٻوڙيان سائين. پر ان مان لهي رهيو آهيان جناب صدر." ڪرسٽوفر وراڻيو. "يا ته ٻڌي ويندس. يا اُڪري ويس ته پنهنجي زور تي اُڪرندس.... خدا حافظ!" اهو چئي هو آفيس مان ٻاهر نڪري ويو.

آمريڪي صدر جون نظرون دير تائين ان دروازي تي ڪٽيون پيون هيون. جنهن مان ڪرسٽوفر روانو ٿيو هو. نيٺ هن هٽ وڌائي رسيور ڪنيو ۽ بٽڻ

ڏياريو. "مس ليجر." هن پنهنجي سيڪريٽري کي چيو "ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ٽامسن کي ڪال ڪر. ڪيس چئو ته آئون ساڻس اڪيلائي ۾ ملڻ ٿو چاهيان."

•

ڪرسٽوفر آفيس پهچي پنهنجي زال کي فون ڪئي. هن زال کي ڪجهه هفتن جي واقعن کان بي خبر رکيو هو. البته اڄ صبح جو جسٽس هاورڊ جي قتل جي خبر ٻڌندي ئي هن ڪيرن کي اختصار سان هر ڳالهه ٻڌائي ڇڏي هئي. هن ڪيرن کي اهو به ٻڌايو هو ته هو صدر گلبرٽ سان ملي ڊائريڪٽر ٽامسن کي هٽرائڻ جي ڪوشش ڪندو. ڪيس يقين هو ته هو پنهنجي ڪوشش ۾ ڪامياب ويندو.

پر هاڻ ڪيس احساس ٿي رهيو هو ته هن جو يقين ڪيترو نه بي بنياد هو. هن رسيور کٽي گهر جو نمبر ملايو. هن جو آواز ٻڌندي ئي بي پاسان ڪيرن آتر ويلائي مان پڇيو. "چا ٿيو ڪرس؟"

"صدر گلبرٽ منهنجي ڳالهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي." هن وراڻيو. "هن چيو ته مون وٽ ٽامسن جي خلاف ڪو به ثبوت ڪونهي.. هو ڪيس نه هٽائيندو."

"اها ته ڏاڍي خراب ڳالهه ٿي. هاڻ تون چا ڪندين؟"

"مون ڪيس ٻڌايو آهي ته آئون استعفيٰ ڏيئي رهيو آهيان. توکي به اهو ٻڌائڻ جي لاءِ فون ڪريو اٿم."

"خدا جو شڪر آهي." ڪيرن جي لهجي ۾ بي پناهه سڪون هو.

"آئون ڪجهه ضروري ڪم اُڪلائي. پوءِ استعفيٰ موڪلي پنهنجي ميز صاف ڪندس. ڊنر تي ڪجهه دير سان پهچندس."

"تون ناخوش پيو لڳين ڪرس."

"هائو! آئون ناخوش آهيان. ٽامسن جي پوزيشن مضبوط آهي. هو 35هين ترميم منظور ڪرائڻ جي لاءِ سپ ڪجهه ڪندو. هيڏانهن اڃا تائين آر دستاويز جو مسئلو به حل نه ٿيو آهي. آئون بي يارو مددگار به آهيان درپيش مسئلن جي مقابلي ۾ نااهل به."

"سپ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو. پريشان ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي. گهر به وڪٽي سگهجي ٿو. ان جو مطلب آهي ته ايندڙ مهيني اسين ڪيليفورنيا

هلنداسين."

"نہ ڪيرن! اسانکي اڄ رات ڪيليفورنيا پهچڻو آهي." ڪرسٽوفر هن جي ڳالهه ڪٽي چيو. سياڻي صبح جو مونکي اسڪرانٽو وپهچڻو آهي. مونکي تيزي سان ڪم ڪرڻو آهي. 35هين ترميم سياڻي منجهند جو اسيمبلي ۾ پيش ٿيندي پلي آئون ناڪام ٿيان. پر وڙهندس ضرور. تون تياري ڪري وٺ. هاڻ مونکي ڪم ڪرڻو آهي. خدا حافظ"

رسيور رکڻ کانپوءِ ڪرسٽوفر پنهنجي سيڪريٽري ماريان کي سڏيو. "ماريان! منهنجون اجوڪيون سڀ اپائنٽمنٽس ڪينسل ڪري ڇڏ... ۽ مستقبل جو به..." هن چيو ماريان کي حيرت مان ڏسندو ڏسي چيائين." وڃ ڪان اڳ آئون هر ڳالهه جي وضاحت ڪندس. ڪو پڇي ته ٻڌائج ته شهر ۾ ڪونهي ۽ ها سڪرانٽو وڃن لاءِ رات واري فلائيٽ ۾ منهنجي ۽ منهنجي گهر واريءَ جون سيٽون ريزرو ڪرائي ڇڏ."

"پر مسٽر ڪولنس! اڄ رات ته اوهين شڪاگو پيا وڃو."

"شڪاگو؟" ڪرسٽوفر بوکلائجي ويو.

"اوهانکان وسري ويو؟" سياڻي اوهانکي شڪاگو ۾ ايف بي آءِ جي اڳوڻن ايجنٽن جي انجمن جي ڪنويش کي خطاب ڪرڻو آهي. اوهين اتي خاص مهمان آهيو. تقرير کانپوءِ اوهانجي ٽوني هيرس سان ملاقات رٽيل آهي."

ڪرسٽوفر کي ياد اچي ويو. ماريان صحيح چئي رهي هئي ٽوني هيرس سان جوش جي وسيلي ملاقات طئي ٿي هئي. "ماريان! شڪاگو پروگرام ڪينسل سمجهه. مونکي سڪرامنٽو پهچڻو آهي."

"اها ڳالهه پسند نه ڪئي ويندي سائين! اوهان ته ڪيس متبادل مهمان خصوصيءَ جو بندوبست ڪرڻ جو به وقت نه ڏنو."

"مهمان خاص چا آهي، ڪو نه ڪو راضي ٿي ويندي" ڪرسٽوفر بي پرواهيءَ مان چيو. "آئون پنهنجي ڪم اڪلائي، پوءِ خود ئي فون ڪري ڪائنن معذرت ڪري ونڊندس. جيسيتائين ٽوني هيرس جو تعلق آهي ته ڪي ٻڌائي ڇڏ ته شڪاگو جو پروگرام ملتوي. آئون ساٺس سڪرامنٽو ۾ ملاقات ڪندس. وقت، آئون صبح جو فون ڪري ساٺهن طئي ڪري ونڊندس. سمجهئي!"

ماريان ڪنڌ ڏوڻي هاڪار ڪئي. پوءِ بي يقينيءَ مان پڇيو. "چا واقعي به اوهانجون سڀئي ملاقاتون رد ڪري ڇڏيان."

"ها رد ڪري ڇڏ ۽ هان مون کان ٻيو ڪو سوال نہ ڪج. مونکي گھٽو ڪر ڪرٽو آهي."

ماريان جي وڃڻ کانپوءِ هن تيزي سان ڪم کي اڪلايو. امگريشن ڊپارٽمنٽ جو اهو ميمو ڏنائين تہ طبيعت خوش ٿي ويس. جيڪو ايم ايندرسن جو آمريڪا ۾ داخل ٿيڻ بابت هو. هن موڪل نامي تي صحيح ڪئي. ۽ ماريان کي اهو فوري طور تي روانو ڪرڻ جي هدايت ڪيائين. ڪم مان واندو ٿي، هو استعفيٰ لکڻ ويٺو. استعفيٰ جو مضمون گھٽو سخت هو.

استعفيٰ لکڻ کانپوءِ هو وڙڪندو ڪانفرنس روم ۾ هليو آيو ۽ الوداعي نظرن سان ڪانفرنس روم جو جائزو ونندو رهيو. هو واپس ورڻ وارو ئي هو جو ماريان تکڙي تکڙي ڪانفرنس روم ۾ آئي "سائين! ڊائريڪٽر ٽامسن اوهان سان ملڻ جي لاءِ آيو آهي."

"ٽامسن ۽ هتي؟" ڪرسٽوفر پڇيو. ماريان هاڪار ۾ ڪنڌ ڏوڻيو. ڪرسٽوفر منجهي پيو. اهو پهريون موقعو هو جو ٽامسن ساٽس ملڻ جي لاءِ هن جي آفيس آيو هو. اها غير معمولي ڳالهہ هئي. نہ چاهيندي بہ هو انڪار ڪري نہ سگھيو. "ٺيڪ آهي، ڪيس اندر موڪلي ڏي."

ڪجھ گھڙين کانپوءِ ٽامسن ڪانفرنس روم ۾ گھڙيو ۽ هن ڏانهن وڏيو "مونکي هيئن ڪمھلو اچڻ تي افسوس آهي، پر معاملو بي حد اهم آهي. مون نٽي چاهيو تہ هي ڳالهہ ٻولهہ ڪنهن ٻي جي ڪن تائين پهچي. تون بہ پڪ سان اها ڳالهہ پسند نہ ڪندين."

"ورنن! هي منهنجي آفيس آهي، تنهنجي نہ. آئون پنهنجي ملاقاتين جي ڳالهہ ٻولهہ ٽيپ ڪرڻ جو قائل ناهيان." ڪرسٽوفر تکي لهجي ۾ چيو.

"اها تہ تنهنجي وڏي محرومي آهي." ٽامسن پنهنجو بريف ڪيس ڪرسيءَ تي رکندي چيو. "ويهي رهہ! هونئن بہ آئون تنهنجو ڪو گھٽو وقت نہ ونندس."

ڪرسٽوفر ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. هن سگريٽ دکائي هڪ ڊگھو ڪش هنيو ۽ ايش ٽري پاڻ ڏانهن ڪسڪائيندي چيائين. "ها ٻڌاءِ ڪھڙي ڳالهہ آهي. هن نوازش جو ڪھڙو سبب آهي."

"آئون ڪا تهميد ڪو نہ ٻڌندس. ڪجھ دير اڳ صدر صاحب مونکي ٻڌايو تہ تون استعفيٰ ڏيڻ جو ارادو ٿو رکين. ان جا سبب بہ ٻڌايائين" ٽامسن چيو هن جي چپن عيارانہ مرڪ هئي. "تو وڏي چريائپ ڪئي ورنن ٽامسن کي برطرف ڪرائڻ

پر. آئون توکي ايترو بيوقوف نہ سمجهندو هئس."

ڪرسٽوفر پاڻ تي قابو پائڻ جي ڪوشش ڪندي چيو. "مون اهو ئي ڪجهہ ڪيو جيڪو مونکي ڪرڻ گهرجي ها."

"ڀ آئون بہ اهو ئي ڪجهہ ڪري رهيو آهيان. جيڪو مونکي ڪرڻ گهرجي." ٽامسن طنزيہ لهجي ۾ چيو. پنهنجي بريف ڪيس جو تالو کوليائين. "آئون تو بابت تحقيقات ڪرائيندو رهيو آهيان."

"مونکي تنهنجي سرگرمين جي خبر آهي."

ٽامسن چرڪي هن ڏانهن ڏٺو. "توکي خبر هئي ڀ پوءِ بہ تو ان سلسلي ۾ ڪجهہ بہ نہ ڪيو. مذاق پيو ڪرين؟"

"مونکي ڪجهہ ڪرڻ جي ضرورت بہ ڪهڙي هئي. منهنجي ڪابہ ڳالهہ لکيل ڪونهي."

"ايتري پڪ سان نہ چئو منهنجا منا." ٽامسن چيو ڀ بريف ڪيس مان هڪ لفافو ڪڍيو. "اسان وڏي عرق ريزي سان محنت ڀ پيار سان هي ڪم ڪيو آهي."

"تنهنجو ٿورائتو آهيان. خير هاڻ مونکي حيران ڪري ڇڏ تہ هن ۾ ڇا آهي ڀ توکي ڪهڙي معلومات ملي آهي."

"ضرور... ضرور ڏيڻ ڏائيندس اها ڳالهہ جيڪا اوهان جاڻي ٻجهي لکائي رکي آهي. يا ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ خود توکي بہ ان جي خبر نہ هجي." ٽامسن چيو ڀ ڪرسٽوفر جي منهن جي سامهون هڪ لفافو لهرايو. "تون ان ترميم جو رستو ڪٽي رهيو آهين، جيڪا ملڪ کي تباهيءَ کان بچائي سگهي ٿي. تون منهنجي معاملن ۾ ٽنگ اٽکائي رهيو آهين، پر پنهنجي گهر ۾ نہ ڏنو اٿئي. صاف ستري ماضيءَ جي دعويٰ ڪرڻ کان اڳ پنهنجي واسطيدارن کان پڇي ونڊ ڪيي ها."

"چا ٿو چوڻ چاهين تون؟"

"تو ان عورت سان شادي ڪئي آهي، جنهن جو ماضي چگو خاصو مشڪوڪ آهي."

ڪرسٽوفر جو رت ٿهڪڻ لڳو. هو ٽامسن تہ هٽ ڪٽي وجهي ها، پر تجسس کيس روڪي وڌو. اهو جاڻڻ بي حد ضروري هو تہ ٽامسن جي صندوق ۾ ڪهڙي بلا آهي. هن صبر کان ڪم وٺندي چيو. "ورنہ! مونکي خبر ڪونهي تہ تون چا ٿو چوڻ چاهين. پر آئون توکي صاف صاف ٻڌائڻ پيو چاهيان تہ آئون توکان پنهنجي زال يا پاڻ سان لاڳاپيل ڪنهن بہ شخص جي باري ۾ ڪا بہ ڳالهہ ٻڌڻ يا ڪرڻ نٿو

چاهيان. منهنجي ذات جي باري ۾ اڳ ۾ ئي چند چاڻ ٿي چڪي آهي. مونکي پاڻ بابت وڌيڪ جاچ تي کوبه اعتراض کونهي باقي سڀ بيڪار آهي."

ٽامسن تي کوبه اثر نه ٿيو. "گالهائڻ ته توکي پوندو ڪرس. تون پاڻ ئي گالهائيندين. پهرين جاچ ۾ هڪ اهم گالهه اسان جي نظرن کان رهجي ويئي هئي."

"آئون تنهنجي ۽ منهنجي جهيڙي ۾ پنهنجي زال کي گهلڻ پسند نه ڪندس."

"ان جو مدار تنهنجي رويي تي آهي. منهنجي گالهه ته ڏيان سان ٻڌ. ۽ ان موجب عمل ڪر. نه ته تنهنجي زال عدالت ۾ جج ۽ جيوري جي سامهون بيان ڏيندي نظر ايندي. وضاحت ڪريان!"

ڪرسٽوفر جي دل ٻڏڻ لڳي. ان ملاقات جي دوران هو پهريون پيرو پريشان ٿيو. "ٺيڪ آهي توکي جيڪو چوٽو آهي. سو چئو" هن ڪوشش ڪئي ته سندس لهجي مان ڪمزوري جو اظهار نه ٿئي.

ٽامسن پنهنجي هٿ ۾ موجود ڪاغذن تي نظر وڌي ۽ چيو. "تون ڪيرن گرانٽ سان شادي ڪئي ته ڪيس بيوهه ٿيندي هڪ سال ٿيو هو سندس مڙس جو نالو ٽامس گرانٽ هو ٺيڪ آهي نا؟"

"بلڪل ٺيڪ آهي."

"غلط آهي." ٽامسن سوپاري لهجي ۾ چيو "گرانٽ، ڪيرن جي پيءُ جو نالو آهي. هن جي مڙس جو نالو ٽامس رائولي هو."

ڪرسٽوفر ڪجهه سمجهيو ڪجهه نه سمجهيو پر ڪيرن جو بچاءِ ڪرڻ بي حد ضروري هو. "ان سان ڪهڙو ٿو فرق پوي. بيواهون اڪثر پنهنجي نالي سان گڏ پيءُ جو نالو استعمال ڪنديون رهنديون آهن." هن بي پرواهيءَ مان وراڻيو.

"خير تون سائٽس لاس اينجلس ۾ ملين. جتي هوءَ ماڊل جي حيثيت سان ڪم ڪندي هئي. ان سان اڳ هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ....."

"ميڊيسن... وسڪونسن ۾ رهندي هئي." ڪرسٽوفر چيو.

"هن توکي غلط ٻڌايو. هن جو مڙس فورٽ وٿ ٽيڪساس ۾ رهندو هو."

"ورنن مونکي انهن گالهين جي ڪهڙي پرواهه ٿي سگهي ٿي."

"هئڻ ڪپي." ٽامسن سرد لهجي ۾ چيو. "توکي خبر آهي ته هن جو مڙس هڪ حادثي ۾ فوت ٿيو هو."

"حادثو! واقعي... ڪهڙو حادثو؟"

"مون ڪڏهن به ان موضوع تي تفصيلي ڳالهه ٻوليه نه ڪئي. منهنجي نظر ۾ اها غير اهم ڳالهه آهي. هونئن منهنجو خيال آهي ته ڪيس ڪنهن ڪار ڏرڻهنيو هو."

"ڪار نه ڪرس نا ڪيس ويجهڙ ڪان گولي هٽي ماريو ويو هو."

ٽامسن سوپاري لهجي ۾ چيو. "ڪيس قتل ڪيو ويو هو."

ڪرسٽوفر ڏهني طور تي ڏچڪي جي لاءِ تيار هو پر هي ڏچڪو هن جي توقع کان وڌيڪ سخت هو.

"واقعن مان ان ڳالهه جو اشارو ملي ٿو ته ڪيرن پنهنجي پهرين مڙس جي قاتل هئي. هوءَ گرفتار به ٿي. مٽس ڪيس به هليو. پر جيوري چئن ڏينهن تائين مُنجهيل رهي. نيٺ جيوري جي عدم اتفاق جي ڪري هوءَ آزاد ٿي ويئي. هن جي پيءُ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪيو هو. عملدارن فيصلو ڪيو ته ڪيس ٻيهر نه هلايو ويندو. ائين ڪيرن کي آزادي ملي."

"آئون يقين نٿو ڪري سگهان." ڪرسٽوفر پاڻ سنياليندي چيو.

ٽامسن ڪاغذ هن ڏانهن وڌايا. "هن ۾ ڪيس جا سيئي تفصيل ۽ اخباري ٽڪرا موجود آهن. جيوري جيڪڏهن تنهنجي زال کي ڏوهاري قرار نه ڏنو ته بي ڏوهي به نه سمجهيو. هوءَ چئن ڏينهن تائين ڪنهن فيصلي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. تنهنڪري مونکي ان ۾ دلچسپي پيدا ٿي. مون کي پنهنجن ايجنٽن کي ان ڪيس جي جانچ تي مقرر ڪيو. هنن شاهدن کان بيان ورتا. ائين هڪ نئين شاهدي سامهون آئي جنهن کي الائجي چو نظر انداز ڪيو ويو هو. بهرحال ايف بي آءِ ڪڏهن به ڪچو ڪم نه ڪندي آهي."

ڪرسٽوفر ڪاغذن ڏانهن هٿ نه وڌايو. هو فڪرمند نگاهن سان پنهنجي حريف کي ڏسندو رهيو.

"اسانکي هڪ نئون شاهد مليو آهي. هڪ عورت جنهن جي اها دعويٰ آهي ته هن ڪيرن کي ٽامس رائولي کي قتل جي ڏمڪي ڏيندي ٻڌو هو. بلڪ ڏٺو هو. ٽامس جي گهر مان نڪرڻ مهل هن ڪيرن کي ريوالر هٿ ۾ ڪڍي پنهنجي مڙس جي لاش جي ويجهو بيٺل ڏٺو هو." ٽامسن ٿورو خاموش رهيو. پوءِ چيائين "ڳالهه اتي پوري نه ٿي مونکي اهو بيان ڪندي ٻڌو نه ٿو لڳي ته جيڪڏهن ان شاهد بيان ڏنو ته چگو خاص گند سامهون اچي ويندو."

ڪرسٽوفر پنهنجي نڙي ۾ ڪا شيءَ اٽڪندي محسوس ڪئي. پر هن جيئن تيئن ڪري پاڻ کي سنياليو.

"تنهنجي زال پنهنجي پهرين مڙس کان پيءُ جي گهر وڃڻ جو بهانو ڪري لڳ پڳ هر هفتي ڪيڏانهن ويندي هئي. نيٺ ٽامس رائولي کي شڪ ٿي پيو. هن زال جو پيڇو ڪيو ته خبر پئي هاڻ ڪيئن بيان ڪريان..... ائين سمجهه ته تنهنجي زال هوسٽن ۾ جنسي بي راهه روي جو شڪار ماڻهن جي هڪ ٽولي ۾ شامل هئي. تفصيل ٻڌائڻ جي مون ۾ همٿ ڪونهي."

"اهو سفيد ۾ ڪنو ڪوڙ آهي. جنهن جي توکي به خبر آهي."

ڪرسٽوفر آپي مان ٻاهر نڪري ڪرسيءَ تان اٿي ڪڙڪيو.

ٽامسن پرسڪون ويٺو رهيو. "ڪاش ايئن ئي هجي ها. پر اسانجن شاهدن خود ڪيرن جي واتان انهن سيني ڳالهين جو اعتراف ٻڌو آهي. شاهد اسانکي نجي طور تي جيڪو بيان ڏنو آهي، اهو خود پڙهي وٺ."

"ان جي ضرورت ڪونهي."

"بهرحال! اسانجا شاهد اهڙن معاملن ۾ ڪاسٽ نه چاهيندا آهن. پر منهنجي مجبور ڪرڻ تي ڪيس بيان ڏيڻو پيو. ٻيهر ڪيس هلڻ جي صورت ۾ به هوءَ بيان ڏيڻ تي مجبور ٿيندي. هن پيري جيوري جي سامهون ڪيس مضبوط هوندو ۽ هو آخري نتيجي تي پهچڻ کانسواءِ رهي نه سگهندي. تنهنڪري مون سوچيو ته توکي ٻڌائي ڇڏيان. تون منهنجو ساٿي آهين ۽ مونکي ڪيرن سان همدردي به آهي. هن جو پهريون مڙس ڪو سٺو ماڻهو نه هو. هن ڪيرن سان دولت جي خاطر شادي ڪئي هئي. هو شايد ڪيرن کي هن جي جنسي بي راهه روي جي حوالي سان به بليڪ ميل ڪري رهيو هو. مون جيان تون به صدر جي ٽيم جو ميمبر آهين. توکي ڪو ٿيندي ڏسڻ نٿو چاهيان. اهو به اهڙي خراب وقت ۾، جڏهن حالتون وس ۾ رهيون آهن، نه ته آئون ان شاهد جي شاهدي کي سدائين جي لاءِ وساري ڇڏيندس."

ڪرسٽوفر جي حالت خراب ٿيڻ لڳي. هن جو خيال هو ته ٽامسن، ڪيرن جي ڪنهن ڪمزوريءَ جي حوالي سان ڪيس ڊمڪائيندو پر هو ته ڪلهه ڪلو بليڪ ميل ڪري رهيو هو. هن جو وجود ٽامسن جي نفرتن جي باهه ۾ ٻري رهيو هو. هن کان اڳ ڪڏهن به ڪنهن کي قتل ڪرڻ جي باري ۾ سوچيو به نه هو. پر هن گهڙيءَ اها خواهش ايتري ته شدت سان اُپري جو ڪيس پاڻ کان ڊپ ٿيڻ لڳو. هن ڏاڍي ڏکيائيءَ سان پاڻ کي قابو ۾ رکيو. هو اندر ئي اندر ڏکندو رهيو. ڪجهه دير ڪانپوءِ هو جڏهن ڳالهائڻ جي لائق ٿيو ته هن چيو "تو چيو ته حالتون وس ۾ رهيون ته تون شاهد جي شاهديءَ کي سدائين جي لاءِ وساري ڇڏيندين. ان جي وضاحت ڪر.

تون مون کان چا ٿو چاهين؟"

"مونکي فقط تنهنجي سهڪار جي گهرج آهي ڪرس... اهو به بلڪل ٺوروا" ٽامسن چيو. "آئون فقط اهو ٿو چاهيان ته تون بدستور صدر جي ٽيم ۾ شامل رهه ۽ آخر تائين 35هين ترميم جي حمايت ڪندو رهه. تنهنجي استعفيٰ ۽ ترميم جي مخالفت مونکي قبول ڪونهي. منهنجي خاموشي جي فقط ايتري قيمت آهي."

"سمجهيم...." ڪرسٽوفر، ٽامسن کي ڪاغذ لفافي ۾ ۽ لفافو بريف ڪري ۾ رکندي ڏٺو. "مونکي هي ثبوت ڪو نه ڏيکاريندين؟"

"هي مون وٽ نيڪ آهن.... توکي جيڪو ڪجهه پڇڻون آهي، پنهنجي زال کان پڇ."

"گهٽ ۾ گهٽ ان نئين شاهد جو نالو ته ٻڌاءِ."

ٽامسن مرڪيو. "اهو به نا مناسب ٽيندو. جيڪڏهن تون ڪيس ڏسڻ ۽ ملڻ چاهين ٿو ته پوءِ هن سان عدالت ۾ ئي ملي ونج." ٽامسن بريف ڪيس لاڪ ڪيو. "هاڻ سڀ ڪجهه تنهنجي رويي تي مدار ٽورکي."

"ورنن ٽامسن! تون هن وقت يقيني طور تي هن روءِ زمين تي موجود سڀني کان وڌيڪ غليظ ماڻهو آهين." ڪرسٽوفر گار ڏيندي چيو.

ٽامسن جي مرڪ وڌيڪ گهري ٿي ويئي. "منهنجا والدين اها ڳالهه ٻڌن ها ته عملي طور تي ان جي تردید ڪن ها." هن گار جو حوالو ڏيندي چيو. "منهنجو ڏوهه آهي ته فقط اهو ته آئون پنهنجي ملڪ سان بي پناهه محبت ٿو ڪريان. تنهنجو ڪو ڏوهه آهي ته اهو ته تون پنهنجي ملڪ سان گهٽ محبت ڪرين ٿو. تمام گهٽ، هن وقت آئون وطن جي محبت جي ڪري توکان تنهنجو آخري فيصلو پڇي رهيو آهيان."

ڪرسٽوفر نفرت واري نگاهه سان ڪيس ڏسندو رهيو. نيٺ هن هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا. هن ڪرسيءَ تي سوڙهو ٽيندي چيو. "تون ڪتي وئين. هاڻ مونکي ٽورو تفصيل سان ٻڌاءِ ته تون مون کان چا ٿو چاهين؟"

•

ازدواجي زندگيءَ جي دوران اهو پهريون موقعو هو جو ڪرسٽوفر، ڪيرن ڏانهن ويندي خوش ڪو نه هو. ٽامسن جي وڃڻ کانپوءِ هن جي دل ڪم ۾ نه لڳي.

ان هوندي به هو آفيس ۾ ويٺو رهيو. ڪيس اڪيلائي جي گهرج هئي. هن سوچڻ ٿي چاهيو. سندس اندر پاڻ ۾ ٽڪرائجندڙ جذبا سبب پيچ ڌاهه پيدا ڪري رهيا هئا. ڪيرن جي ماضي جي باري ۾ جاڻي هن کي سخت صدمون رسيو هو ۽ ڀالهه مايوس ڪندڙ به هئي ته ڪيرن اهو سڀ ڪجهه ڪانئس لڪائي رکيو هو. هن جي لاءِ فيصلو ڪرڻ ڏکيو هو ته ڪيرن پنهنجي مڙس کي قتل ڪيو هوندو يا نه؟ اهو فيصلو ته جيوري سڄو ڪيس ٻڌڻ کانپوءِ چئن ڏينهن تائين غور ۽ ويچار جي باوجود ڪري نه سگهي هئي. اهو ڊپ ڊار هو ته ٽامسن ٻيهر ڪيس جي شروعات ڪرائي ته ڪيرن کي نقصان پهچي سگهي ٿو.

ٽامسن ڪيرن جي نجي زندگيءَ جي باري ۾ جيڪي ڪجهه چيو هو اهو تصويري شڪل ۾ هن جي نظرن جي سامهون ڦري رهيو هو ۽ اهو سڀ ڪان وڌو عذاب هو ڪرسٽوفر کي ان ڀالهه تي يقين نه هو. پر اهي خوفناڪ تصويرون، جن کي هو نه ڌاهي ٿي سگهيو نه وري جهٽڪي ٿي سگهيو.

ڪرسٽوفر کي سمجهه ۾ نه پي آيو ته هو ڪيرن جي منهان منهن ڪيئن ٽيندو. انهن سيني مونجهارن جي بار هيٺان ڏهيل هو گهر ۾ گهڙيو. ڪيرن هن جو ڪڙڪو ٻڌي ڪيس سڏيو. هو مختصر وراڻي ڏيئي بيڊ روم ڏانهن وڌي ويو. هو ڪوٽ لاهي رهيو هو جو ڪيرن اچي ويئي. "مون سامان پيڪ ڪري ورتو آهي." هن چيس. "اسين لاس اينجلس هلئون ٿا نا؟"

"نا" ڪرسٽوفر مئل لهجي ۾ چيو.

ڪيرن هن ڏانهن وڌندي چرڪي بيهي رهي. "چو؟ تو استعفيٰ نه ڏني چا؟" هن جو نظرون ڪرسٽوفر جي چهري جو جائزو وٺڻ لڳيون.

"نه. مون استعفيٰ لکي ورتي هئي، پر پوءِ قاڻي چڏيم. ٽامسن مون سان ملڻ آيو هو. هن مونکي مجبور ڪري چڏيو."

"مجبور ڪري چڏيو. ٽامسن" ڪيرن تيزيءَ سان سوچي رهي هئي. "منهنجي ڪري" هن پڇيو.

"توکي ڪيئن خبر پئي؟" ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ حيرت هئي.

"مونکي خبر هئي ته اهو ئي ٽيندو. هو توکي روڪڻ جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو. ان رات مسٽر ينگ تنبيهه ڪري چڏي هئي ۽ ان رات آئون گهٽي ڏنل هيس ڪرس. مون توکي سڀ ڪجهه ٻڌائڻ ٿي چاهيو پر تون سمهين رهين. مون سوچيو ته سياڻي ٻڌائيندس. پر صبح ڪجهه اهڙي ته تيزي سان ٿيو جو

مونکي مهلت ئي نہ ملي. مونکي توکي ٻڌائڻ کپي ها. خدا مونکي معاف ڪري. مون وڏي بيوقوفي ڪئي. اها خراب ڳالهه تون منهنجي واتان ٻڌين ها تہ ڪر چڳو هو."

"هائو ڪيرن.... مونکي انهن ڳالهين جي خبر هئڻ کپي ها. فقط توکي تحفظ ڏيڻ جي لاءِ."

"تون صحيح پيو چوين. پر منهنجي تحفظ جي ڪا بہ اهميت ڪونهي." ڪيرن هن جو هٿ جهلي ورتو. "ٽامسن توکي اهوئي ٻڌايو آهي تہ منهنجي پهرين مڙس کي فورٽ ورٽ ۾ پنهنجي گهر جي بيڊ روم ۾ شوٽ ڪيو ويو هو. اها حقيقت آهي. اهو بہ سچ آهي تہ آئون اڪثر وڏي سڏ هن جي موت جي خواهش ڪندي هيس. اسان اڪثر پاڻ ۾ وڙهندا رهندا هئاسين. ان رات بہ پاڻ ۾ وڙهيا هئاسين. آئون گهران نڪتيس ۽ بابا وٽ هلي ويس. پوءِ مون واپس اچڻ جو فيصلو ڪيو. مون پنهنجي ازدواجي زندگيءَ کي هڪ آخري موقعو ڏيڻ تي چاهيو آئون واپس آيس تہ ٽامس مري چڪو هو. مونکي خبر ڪونهي تہ هن کي ڪٿهن قتل ڪيو. پر اسانجي وچ ۾ جهيڙي جا آواز ماڻهن ٻڌا هئا. قدرتي طور ان قتل جو شڪ مونتي ڪيو ويو. ڪيس بہ هليو. شاهدين واقعاتي نوعيت جون هيون. پر ڊسٽرڪٽ اٽارني جنرل نئون هو. هن پنهنجو نالو ٺاهڻ جي لاءِ ڪمزور ڪيس ۾ بہ جان وجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اهو عرصو منهنجي لاءِ ڏاڍو اذيت وارو هو."

"ٽامسن جو چوڻ آهي تہ جيوري متفق فيصلو ڪري نہ سگهي هئي. تنهنڪري تنهنجي جان بچي."

"غضب خدا جوا" ڪيرن ڪاوڙ جيان چيو. "ٻارنهن مان يارنهن جج مونکي بي ڏوهي قرار ڏيئي رهيا هئا. فقط هڪ جج جي ڪري فيصلو چئن ڏينهن تائين رکيو رهيو ۽ ان جو سبب بہ اهو هو تہ قتل جو شڪ منهنجي بيءَ تي ڪيو پي ويو. ڪيس ايترو تہ ڪمزور هو جو ڊسٽرڪٽ اٽارني جنرل اهو خود ئي واپس وٺي لاٿو هو. اها آهي سڄي حقيقت. مون کي خبر هئي تہ آئون بي گناهہ آهيان ۽ پوءِ توسان محبت بہ ڪرڻ لڳي هيس. مون توکي وڃائڻ نٿي چاهيو. مون نئين سري سان زندگي شروع ڪرڻ ٿي چاهي. پر مونکي خوشي آهي تہ مون اها ڪڙاڻ بہ گوري ورتي. هاڻ توکي سڀ خبر آهي."

"ٽامسن جي دعويٰ آهي تہ ڪيس هڪ نئون شاهد مليو آهي. هڪ عورت جنهن توکي هٽ ۾ ريوالر کڻي ٽامسن جي لاش وٽ بيٺل ڏٺو هو."

"اهو ڪوڙ آهي. صفا ڪوڙ آهي. ان لاءِ تہ آئون بي ڏوهي آهيان. آئون اتي

پهتيس ته هو اڳ ۾ ئي قتل ٿي چڪو هو."

ڪرسٽوفر ڪيس ڏيان سان ڏسندو رهيو. ڪيس احساس ٿي ويو ته ڪيرن سچ پئي ڳالهائي. پر ذهن جي پردي تي ڪيرن جي مفروضه جنسي زندگي جي فلم ايڏا به هلي رهي هيس. "ڪيرن ايڏا ڪجهه ٻيون ڳالهيون آهن." هن ڌيرل لهجي ۾ چيو. "مونکي توتي پروسو آهي. پر اهو سڀ ڪجهه توکي ٻڌائڻ پوءِ به ضروري آهي. ان شاهد جي بيان موجب....."

ڪرسٽوفر هڪندي هڪندي ڪيس سڀ ڪجهه ٻڌائي ڇڏيو. ڪيرن جو منهن صفا هيڏو ٿي ويو ۽ ائين لڳو ته اڃا جهو ٿي ڌهي پئي. "او منهنجا خدا! ايتريون تهمتون. هيترا بهتان... خدا جو قسم ڪرس... هڪ لفظ ۾ به سچائي ڪونهي. آئون... ڇا آئون ائين ٿي سگهان ٿي. آئون ته اهو تصور به نٿي ڪري سگهان. تون تون ڇا تون مونکي نٿو سڃاڻين. تون به مونکي سڃاڻين ٿو. ڇا آئون بي حيا آهيان. تو تو ته منهنجو شرميلو پٽ ڏنو آهي ڪرس..... آئون ايئن ٿي سگهان ٿي."

"تون ڄاڻين ٿي ته مون ٽامسن جي انهن ڳالهين تي هڪ گهڙيءَ جي لاءِ به يقين ناهي ڪيو."

"آئون پنهنجي ٽيندڙ هارڙي جو قسم ٿي کڻان."

ڪرسٽوفر هن جي وات تي هٿ رکي چڏيو. "مونکي توتي يقين آهي ڊارلنگ... پر ان شاهد کي موقعو ڏنو ويو ته عدالت ۾."

"شاهد جو نالو ڪهڙو آهي؟" هن پيري ڪيرن جي لهجي ۾ اعتماد هو ۽ اکين مان عزم جهلڪي رهيو هئس.

"ٽامسن منهنجي زور پرڻ جي باوجود به شاهد جو نالو نه ٻڌايو. هن ان شاهد کي تلوار جيان اساجي مٿن کان لڙکائي چڏيو آهي. هن ڏمکي ڏني آهي ته جيڪڏهن مون کا گڙ ٻڙ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هو ڪيس کي ري اوپن ڪرائيندو."

ڪيرن هن سان چهٽي سڏڪڻ لڳي. "اوهه ڪرس ..... ڪرس..... اهو سڀ منهنجي ڪري توسان پيو ٿئي."

"ڪيرن ڊارلنگ.. ڪنهن شئي جي ڪا به اهميت ڪو نهي. منهنجي لاءِ فقط تون اهم آهين." ڪرسٽوفر هن کي ٽڦڪيندي چيو. "مونکي توتي يقين آهي ٽامسن تي ڏوڙ وجهه. آئندهه پاڻ ان موضوع تي بنهه نه ڳالهائيندا سين."

"نه ڪرس! توکي ٽامسن سان وڙهڻو پوندو. اسانکي ڊجڻ جي ضرورت

ڪونهي. منهنجو ضمير صاف آهي. هو جيڪو چاهي سو ڪري. سچ کي نقصان پهچائي نٿو سگهي. تو کي بليڪ ميلنگ جي نتيجي ۾ خاموش ناهي رهڻو. توکي 35هين ترميم جي خلاف وڙهڻو آهي. جمهوريت جي خاطر. ملڪ ۽ قوم جي خاطر. منهنجي خاطر."

"آئون وڙهي نٿو سگهان." ڪرسٽوفر کي هڪ پاسي هٽائيندي چيو. "آئون توکي وڌيڪ تڪليف پهچڻ نه ڏيندس. خاص ڪري اهڙي وقت ۾ جڏهن تون ماءُ بڻجڻ واري آهين. سڀ ڪجهه وساري ڇڏ."

"پر ڪرس! تنهنجي نه وڙهڻ جو مطلب اهو ٿيو ته تون مون تي نه پر ٽامسن جي ڪهاڻي تي يقين ٿو ڪرين."

"اهو غلط آهي! بس آئون توکي وڌيڪ تڪليفون سهندي ڏسي نٿو سگهان. جن جي تون سزا وار به ناهين."

"ڏس ڪرس! تون خاموش رهين ته ڪيليفورنيا اسيمبلي سيانٽي 35هين ترميم جي توثيق ڪري ڇڏيندي ۽ ٽن ڏينهن کانپوءِ سينٽ به. خدا جي واسطي ڪرس. ان تباهي کي روڪ."

ڪرسٽوفر گهڙي ۾ ڏٺو. "ڪيرن مون وٽ فقط ويهه منٽ آهن ان دوران مونکي ماني کائڻي آهي. ڪپڙا به بدلائڻا آهن ۽ ٽوني هيرس کي فون به ڪرڻي آهي. سيانٽي مونکي شڪاگو ۾ ايف بي آءِ جي اڳوڻن ايجنٽن جي ڪنوينشن کي خطاب به ڪرڻو آهي. باقي ڳالهيون سيانٽي رات واپسي تي ٿيندیون. بس اهو ياد رکج ته آئون توسان محبت ٿو ڪريان."

"هائو! ڪرس" ڪيرن مايوس لهجي ۾ ٻڙ ٻڙ ڪندي چيو. "جيڪڏهن سيانٽي رات آئي ته..."

•

شڪاگو هوٽل ۾ ٿيندڙ ڪنوينشن ۾ ايف بي آئي جا ڇهه سئو اڳوڻا ايجنٽ شريڪ هئا. ڪرسٽوفر جي تقرير بي جان ۽ روح کان خالي هئي. هو بس جند ڇڏائي رهيو هو. تقرير تي شرڪت ڪندڙن جو رد عمل گرم جوشي ۽ سر مهريءَ جي وچ واروهو.

ڪرسٽوفر کي ان رد عمل تي ڪا به حيرت نه هئي. هن جي تقرير ۾ احتياط جو عنصر غالب هو. جذبي جي ڪوٽ جو سبب اهو هو ته هو پنهنجي آفيس جي ڪانفرنس روم ۾ هو. جتي ورنن ٽامسن. بليڪ ميلنگ جي ذريعي هن جو آواز

کسي ورتو هو. هو ان وقت ڪيليفورنيا ۾ به هو جتي هڪ ڪلاڪ پوءِ رياست جي اسيمبلي 35هين ترميم تي فيصلو ڏيڻ واري هئي. مايوسي هن جي وجود ۾ لهندي پي وئي. هن ڪيترن وار سڻا هئا، ڪيترن جي حوالي سان بليڪ ميلنگ، جسٽس هاورڊ جو موت، در حقيقت ڪيس سپ ڪان وڏو ڏڪ جسٽس هاورڊ جي موت پهچايو هو. هاڻ ڪٿي نه اميد جو ڪو ڪرڻون نه هو. آر دستاويز هن جي نظرن ۾ پهچ ڪان پري هو.

تقرير تي احتياط جي عنصر جي غلبي جو سبب ڊپ هو. ڪانفرنس ۾ شريڪ سيئي اڳوڻا ايجنٽ ٽامسن جا ماڻهو هئا. ايف بي آئي مان ريٽائرمنيٽ ڪانپوءِ ٽامسن جي مهرباني ۽ اثر رسوخ جي ذريعي ڪين مختلف ملڪن ۽ ادارن ۾ اعليٰ عهدا مليا هئا. هو سپ ٽامسن جا ٽورائتا هئا. ان لحاظ ڪان ڪرسٽوفر جي لاءِ اهو دشمنن جو ميڙ هو. جيتوڻيڪ دشمنن کي خبر نه هئي ته هنن جي محسن ۽ مقرر جي وچ ۾ اختلاف جو رشتو آهي. پر ڪرسٽوفر جي لاءِ اهو دهاڙ به گهٽو هو. اها تقرير هن ۽ ڊونالڊ وڏي احتياط سان تيار ڪئي هئي. ڪرسٽوفر کي خبر هئي ته هو 35هين ترميم جي خلاف ڳالهائي نٿو سگهي. تنهنڪري هن ترميم کي بلڪل نظر انداز ڪري ڇڏيو. البته هن ڏوهن جي روڪ ٽام جي سلسلي ۾ معاشي ۽ سماجي سڌارن تي زور ڏنو. ڪيس شروع ۾ ئي احساس هو ته هي ميڙ 35هين ترمرم جي حامين جو آهي. ڪيس اهو به احساس هو ته شريڪ سامعين ۾ وڏو تعداد ٽامسن جي مخبرن جو هوندو. گذريل ڏينهن جي تجربي ڪانپوءِ هن اهڙي ڪابه ڳالهه ڪرڻ نٿي چاهي، جنهن سان ڪيرن جي لاءِ ڪا ڏکيائي کڙي ٿئي. تنهنڪري هن ٽوني هيرس کي فون به پنهنجي هوٽل ڪان ٻاهر هڪ بوٿ مان ڪيو. احتياط ضرر هن ٽوني هيرس سان ملاقات پنهنجي سوئٽ ۾ نه پر هوٽل جي هڪ ٻي خالي ڪمري ۾ طئي ڪئي هئي. اهو ڪمرو هن ڪنهن ٻي جي نالي بوڪ ڪرايو هو. ٽي وي تي ڪيليفورنيا اسيمبلي جي ووٽنگ کين گڏجي ڏسڻي هئي. هن سوچيو هو ته ضرورت پئي ته هو ٽوني هيرس کي حقيقت ٻڌائي ڇڏيندو ۽ جيڪڏهن ضروري ٿور ته 35هين ترميم جي خلاف ڪيليفورنيا سينٽ ۾ وڙهڻ خاطر عهدو ڇڏڻ جو خطرو به کڻندو. پر اهو سپ ڪجهه احتياطي پهلو نظر ۾ رکڻ ڪانپوءِ ڪندو.

تقرير جو آخري جملو ادا ڪندي ئي هو پرسڪون ٿي ويو. جند چٽڻ واري هيس. تقرير ڪندي هو پنهنجي ڪرسيءَ تي اچي وينو. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ هو

آزاد هو. پنهنجي بادي گارڊ هوگن سان گڏ هو. پنهنجي سوئٽ ۾ آيو تہ هن هوگن کي شام تائين موڪل ڏيئي چڏي. هوگن ٿورو مڃي هليو ويو. ٿوري دير پنهنجي سوئٽ ۾ ترسڻ کانپوءِ هن دروازو کولي ٻاهر ڪوريڊور ۾ جاچيو. ڪوريڊور خالي پيو هو. هو مائڪ ڪري سوئيٽ مان نڪتو ۽ ڊاڪٽين جي ڏريعي پندرنين ماڙ تي اڳواٽ ريزرو ڪمري ۾ گهڙيو. ڪيس يقين هو تہ سندس ڪنهن تعاقب نہ ڪيو آهي. هن ڪمري ۾ گهڙي ڪمري جو دروازو ٿورو ڪليل چڏي ڏنو.

ڪجهہ گهڙين کانپوءِ دروازو تي هلڪي ٽڪ ٽڪ ٿي. هو اٿي بيٺو هن جي توقع جي ابتڙ ٽوني هيرس اڪيلو نہ هو. هن سان گڏ ٻہ ڇٽا پيا ٻہ هئا. تي وي شو. "حق جي ڳولا" کانپوءِ هو پهريون پيرو ملي رهيا هئا. رسمي ڳالهہ ٻولهہ کانپوءِ ٽوني پنهنجي ٻنهي ساٿين جو ڪرسٽوفر سان تعارف ڪرايو. هو ٻئي ايف بي آءِ ۾ ساٿس گڏ رهيا هئا. هڪ جو نالو "وان ايلن" ۽ ٻئي جو نالو "اسٽرپ" هو ڪرسٽوفر ساٿن هٿ ملايو. هنن ٽنهي جي ويهڻ کانپوءِ ڪرسٽوفر چيو "اوهين حيران تہ ٿيا هوندا تہ آئون توسان چو ٿو ملڻ چاهيو. آئون صدر جو ساٿي ڪابينا جو ميمبر ۽ ايف بِي آءِ جي ڊائريڪٽر ٽامسن جو ساٿي ۽ 35هين ترميم جو حامي آهيان. جڏهن تہ توهان ان جا مخالف آهيو."

"مونکي ڪابہ حيرت نہ ٿي آهي." ٽوني هيرس وراڻيو. "اسين ڪافي وقت کان توتي نظر رکيو وينا آهيون. اسانکي خبر آهي تہ ڪالهہ شام جو ڪليفورنيا وچي 35هين ترميم جي خلاف جنگ شروع ڪرڻ ٿي چاهي. اسانکي اها بہ خبر آهي تہ هيئنر تنهنجي ڪهڙي پوزيشن آهي."

ڪرسٽوفر کي جهٽڪو لڳو. "ڪيئن..... اوهان کي ڪيئن خبر پئي؟"

"هاڻ اسين جڏهن توکي ٻڌائي چڪا آهيون تہ پوءِ توتي اعتبار ڪري سگهجي ٿو." ٽوني هن جي حيرت مان لطف ونندي چيو. "اسان ٽيئي ايف بي آءِ مان نڪتاسين تہ ڏار ڏار رستا چونڊياسين. مون وڪلين جي فرم قائم ڪئي. وان ايلن جاسوسيءَ جي ايجنسي کولي. اسٽرپ تصنيف ۽ تاليف جي ڏريعي ايف بي آءِ جو پانڊو ڦاڙيو. هيستائين ان سلسلي ۾ هو ٻہ ڪتاب لکي چڪو آهي. اسان جي وچ ۾ هڪ ڳالهہ هڪ جهڙي آهي تہ اسين ٽامسن سان گڏ ڪم ڪري چڪا آهيون ۽ ڪيس ملڪ ۽ قوم جي لاءِ خطرو سمجهون ٿا. اسان سال ٻہ سال سندس سگهہ ۽ واڌارو ٽينڊي ڏٺو آهي. اسان هڪ ڪم تہ اهو ڪيو جو پنهنجن هم خيال ايجنٽن کي ڳولي گڏ ڪيو. اسين سڀ تربيت يافتہ ماڻهو آهيون ۽ ان سکيا مان

پرپور فائدو حاصل ڪري رهيا آهيون. اسين جمهوريت جو بچاءَ ۽ ڪري رهيا آهيون ته ايف بي آءِ کي "انا پرست" ٽامسن جي هٿ مان کڻڻ جي لاءِ جدوجهد ۽ پيا ڪريون. اسان اڳوڻن ايجنٽن جي هڪ تنظيم قائم ڪئي آهي. پر بي حد خاموشيءَ سان ڪم ڪندا رهندا آهيون. ان تنظيم کي اسين آءِ ايف بي آءِ يعني انوسيٽگيٽرز آف ايف بي آءِ چئون ٿا. اسانجا مخبر هر هنڌ موجود آهن. تنهنجي انصاف واري اداري ۾ اهڙن مخبرن جو تعداد ڇهه آهي. جن مان ۾ ٽامسن جي ايڊگر هوور بلڊنگ ۾ مقرر آهن. تو 35هين ترميم تي جيئن هوريان هوريان پنهنجو موقف بدلايو. ان جي اسانکي خبر آهي. اسانجي ڄاڻ موجب اڄ تون پنهنجي عهدي، تان استعفيٰ ڏيڻ وارو هئين. ان هوندي ۽ اڄ تون هتي، شڪاگو ۾ موجود آهي. اسانکي ان جي سبب جي ۽ خبر آهي."

"مونکي حيرت ٿي آهي." ڪرسٽوفر مڪمل سچائي سان چيو. "بهرحال ٻڌائي ڇڏيو."

"سبب ٽامسن آهي." ٽوني هيرس چيو.

"اها توکي ڪيئن خبر پئي؟"

"خبر ڪونه پئي آهي... پر مونکي يقين آهي."

وان ايلن پهريون پيرو زبان کولي. "ٽامسن کي ڪڏهن ۽ گهٽ سمجهڻ نه گهرجي. هن وٽ وسيلا آهن ۽ هو هر شخص بابت ڄاڻ رکي ٿو ۽ ڪنهن ۽ وقت ڪنهن کي بليڪ ميل ڪري سگهي ٿو. ايڊگر هوور بلڊنگ ۾ هن وقت هن ملڪ جي سڀ کان ۽ وڏيڪ اهم ۽ سرگرم شخصيتن جا فائيل موجود آهن. 35هين ترميم ڪانگريس ۾ پيش ٿيڻ کان ڪجهه عرصو اڳ هن مونکي ڪن سينيٽرن جي انڪوائريءَ تي مقرر ڪيو هو. مون ان ڳالهه تي اعتراض ڪيو ته هن مونکي مونٽانا بدلي ڪري ڇڏيو. مونٽانا، ٽامسن جو سائبريا سڏبو آهي. مون استعفيٰ ڏيئي ڇڏي."

"هاڻ اسٽرپ بابت ٻڌا!" ٽوني هيرس چيس. "هي پنهنجي هارڙي جي اسڪول جي سالياني تقريب ۾ شريڪ هو اتي تقرير ڪندي هن ايف بي آءِ جي سڌاري جي سلسلي ۾ ڪجهه رڙون پيش ڪرڻ جي غلطي ڪئي. ٽامسن هن جو عهدو گهٽائي ڇڏيو. هن احتجاج ڪندي استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. ٽامسن کي پوءِ ۽ تسلي نه ٿي. هن ڪوشش ڪئي ته کيس ڪٽي ڪو روزگار نه ملي. هن اسٽرپ جي ڪتاب جي اشاعت روڪرائڻ ۾ ۽ ڪا ڪسر نه ڇڏي. پر کيس هڪ باغي

پبلشر ملي ويو. ڪتاب وڪري جا اڳوٽا سيڙ رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا."

"هاڻ پاڻ بابت ٻه ڪجهه ٻڌائي." ڪرسٽوفر فرمائش ڪئي.

"مون اسٽرپ جي تنزلي جي مخالفت ڪئي هئي. ان تي ٽامسن منهنجي بدلي ڪري ڇڏي. مونکي اندازو ٿي ويو ته هاڻ ايف بي آءِ پر منهنجو مستقبل اونداهون آهي. تنهنڪري مون استعفيٰ ڏيئي ڇڏي. ٽامسن جي مخالفت ڪندڙ ساٿس اٽڪندڙ ڪڏهن ٻه جيتي نٿا سگهن."

"هاڻ 35هين ترميم جي مخالفت ڪري ٻه ته تون ٽامسن سان اٽڪي رهيو آهين."

"هائو! مونکي جيتڻ جي اميد ٻه ڪونهي. پر آئون ته صرف ڪوشش پيو ڪريان. پنهنجو فرض سمجهي." ٽوني جواب ڏنو. "تون ٻڌائي هن توکي استعفيٰ واپس وٺڻ تي ڪيئن مجبور ڪيو؟"

ڪرسٽوفر واري واري سان ٽنهي ڏانهن ڏٺو. هن فيصلو ڪيو ته ٽامسن جهڙي شخص جي مخالفت ڪندڙ هنن اصول پسندن تي پروسو ڪري سگهجي ٿو. "ٺيڪ آهي آئون توهان کي ڪولي ٿو ٻڌايان." هن چيو. "ڪلهه آئون صدر گلبرٽ سان مليس. مون کيس ٻڌايو ته ورنن ٽامسن جسٽس هاورڊ جي قتل جو ذميدار آهي."

"چاڻ اها ته اسانکي ٻه خبر نه هئي." ٽوني حيراني مان پڇيو. "توڻ يقين سان پيو چوين."

"بلڪل! جيڪو شخص ان معاملي پر ملوث هو ان مونکي ٻڌايو ته آهي. پر مون وٽ ڪو ٺوس ثبوت ڪونهي. ان هوندي ٻه مون صدر جي سامهون ٽامسن جي خلاف هڪ سگهارو ڪيس پيش ڪيو هو. مون کيس سمجهايو ته هو ٽامسن کي برطرف ڪري ڇڏي. پر هن نابري واري. مون کيس ٻڌايو ته هن جي انهيءَ فيصلي کانپوءِ مون وٽ ٻي ڪابه واهه ڪونهي ته استعفيٰ ڏيئي ڇڏيان ۽ ڪيلي فورنيا وڃي ترميم جي خلاف وڙهان. پر استعيفيٰ ڏيڻ کان اڳ ٽامسن اڇي پٿتو." ڪرسٽوفر چيو ۽ پوءِ بليڪ ميلنگ جا تفصيل بيان ڪيا. "منهجي زال ماءُ بڻجڻ واري آهي.... آئون کيس ٽامسن جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي نه ٿو سگهان."

"پر تنهنجي زال ته توکي ٻڌايو ته هوءَ ٻي ڏوهي آهي." وان ايلن اعتراض ڪيو.

"مونکي پڪ آهي ته هوءَ معصوم آهي. پر مون چيو نہ ته....آئون ڪيس تڪليف ۾ وجهي نٿو سگهان." ڪرسٽوفر تلخ لهجي ۾ چيو. "مونکي هٿيار ڦٽا ڪرڻا پيا."

ايف بي آءِ جي اڳوڻن ايجنٽن جي وچ ۾ معنيٰ خيز نظرن جي ڏي وٺ ٿي. پوءِ ٽوني چيو. "ٿي سگهي ٿو ته اسين تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهون. ٽورائي سهي، پر اسان وٽ به ڪجهه وسيلا آهن. ٽيڪساس ۾ اسانجو هڪ نهايت سٺو ساٿي آهي. جمي هو ڏهن سالن تائين ايف بي آءِ ۾ رهيو آهي. ۽ اسانجا به ساٿي هيئنر ٽامسن جي فورس ۾ به آهن. هو تنهنجي زال جي ڪيس کي چيڪ ڪري سگهن ٿا. هو اهو به چيڪ ڪري سگهن ٿا ته واقعي ٽامسن کي ڪو نئون شاهد مليو آهي. جي مليو آهي ته ان جو نالو ۽ ڏس پتو کڻو آهي. ان جي شاهدي ڪيتري اهميت واري آهي. اهو به ٿي سگهي ٿو ته هو هرو پرو به توکي بليڪ ميل ڪندو هجي...."

"اهو ته مون سوچيو ئي ڪونہ هو."

"هاڻ سوچ جيتوڻيڪ ان جو ڪو وڏو امڪان ڪونهي."

"پر آئون خطرو ڪٽي نٿو سگهان. ٽامسن کي خبر پئجي ويئي ته."

"اسانجا ساٿي گهٽو محتاط آهن. رازداريءَ کان ڪم وٺندا ۽ ٽامسن جي ايجنٽن کان وڌيڪ ڦڙت ۽ ذهين آهن."

"مونکي سوچڻ ڏيو." ڪرسٽوفر اڃا به فڪر مند هو.

"وقت گهٽو ڪونهي.... ڪيليفورنيا اسيمبلي اڄ فيصلو ڪري رهي آهي."

"اڙي ها يا اهو ته ياد ئي نہ رهيو." ايلن تيزيءَ سان اٿيو.

"ووٽنگ سڌو سنئون ٽي وي تان ڏيکاري ويندي "هن اڳيان وڌي ٽي وي آن ڪئي.

چئني جو ڌيان اسڪرين ڏانهن ٽيو. 35هين ترميم جي قرارداد پڙهي ٻڌائي پي ويئي. قرارداد جو چوٽون فقرو ٻڌايو ويو." قومي سلامتي جو چيئرمين ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر هوندو."

"هي ٽامسن فقرو آهي." ٽوني هيرس تبصرو ڪيو.

"اها اهم ترين ووٽنگ بس شروع ٿيڻ واري آهي." انائونسر جو آواز اُپريو. "هر ميمبر جي ڊيسڪ تي سوئچ موجود آهي. برقي اسڪور بورڊ تي حمايت جو تعداد اسي آهي. گويا ايڪتاليهه ووٽ فيصلو ڪري سگهن ٿا ته ترميم قبوليت جوڳي آهي يا نہ. ايئن 35هين ترميم جي قسمت جو فيصلو ٿي ويندو.

جنهن تي ڊگهي عرصي کان بحث هلي رهيو هو. اسيمبليءَ ۾ ترميم پاس ٿي ويئي. ته تن ڏينهن کانپوءِ چالیهن ميمبرن تي ٻڌل سينٽ جي سامهون پيش ٿيندي. ناظرين ووٽنگ شروع ٿي رهي آهي."

کجهه گهڙين کانپوءِ اسڪرين تي بلب روشن ٿيڻ شروع ٿي ويا. وقت بوقت اسڪور بورڊ ۾ ڏيکاريو پي ويو. هونئن اسڪرين تي ساوا بلب چانيل هئا. ساون بلبن جو تعداد ايڪيتاليهن تي پهتو ته وزيٽر گئلري مان خوشي جا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا. پوءِ انائونسر جو آواز اُپريو. ناظرين ڪيليفورنيا اسيمبلي 35هين ترميم جي حق ۾ فيصلو ڏيئي چڪيو آهي. هاڻ 35هين ترميم جي قسمت جو فيصلو فقط ۽ فقط ڪيليفورنيا سينٽ جي هٿ ۾ آهي ۽ اهو فيصلو هاڻي 72 ڪلاڪن کانپوءِ سامهون ايندو."

ٽوني هيرس اٿي ٽي وي بند ڪري چڪي. "مونکي اهو ئي خدشو هو." هن چيو. ۽ ڪرسٽوفر ڏانهن ڏيان ڏنائين. "ڪرس! اسانکي تنهنجي مدد جي گهرج آهي. تنهنڪري پهرين اسانکي تنهنجي مدد ڪرڻي پوندي."

اسيمبلي جي فيصلي هونئن ته ڪرسٽوفر کي فيصلي جي ويجهو پهچائي چڪيو هو. هن چيو "ٺيڪ آهي. ڪيرن جي سلسلي ۾ ته تون منهنجي مدد ڪندين ئي. پر هڪ شئيءَ اهڙي آهي. جنهن کي جيڪڏهن بي نقاب ڪيو وڃي ته ڪيليفورنيا سينٽ ۾ 35هين ترميم جو موت آڻي سگهجي ٿو." هو کجهه گهڙيون خاموش رهيو. پوءِ پڇيائين "اوهان مان ڪنهن آر دستاويز جو نالو ٻڌو آهي؟"

"آر دستاويز؟" ٽوني هيرس ذهن تي زور ڏنو. "نا. ٻڌو هجيم ها ته وساري نه سگهان ها." وان ايلن ۽ اسٽرپ ٻ ناڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽيو.

"آڻون توهانکي ان جي باري ۾ ٻڌايان ٿو. اهو چڪر ڪرنل بيڪسٽر جي موت کان شروع ٿيو. مونکي ان جي خبر کجهه ڏينهن پوءِ ...." اهو چئي ڪرسٽوفر. ڪرنل بيڪسٽر جي وفات ۽ فادر ڊوسکي جي معاملي کان وٺي ڊونالڊ جي ساڍن ستن لکن ڊالرن ۽ قاتل رومن ايسڪوبار تائين هر ڳالهه ٻڌائي. ان کانپوءِ هن آرگو ستي جي باري ۾ ٻڌائين سڀ کجهه ٻڌائڻ کانپوءِ هن ان توقع سان هن جي چهرن کي ڏٺو ته هنن جي چهرن تي بي يقيني هوندي. پر هنن جا چهرا پٿر ٻڌجي ويل نظر آيون. غور ۽ جو تاثر هو. "توهانکي حيرت نه ٿي." ڪرسٽوفر پڇيو.

"نا ان ڪري تہ اسين گھٽو ڪجھ ڏسي ۽ ٻڌي چڪا آھيون. اسان ورنن ٽامسن کي گھٽي ويجھڙ کان ڏٺو آھي." ٽوني اڻندي چيو. "اسانکي تنھنجي ھڪ ھڪ لفظ تي يقين آھي. ٽامسن پنھنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ سڀ ڪجھ ڪري سگھيو. تون رات ھتي ترس. صبح جو ھليو وڃج. اسين سڄي فورس استعمال ڪري ڪجھ ئي ڪلاڪن ۾ ڪم ڪيڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تہ جيئن اسانکي تنھنجو مڪمل سھڪار حاصل ٿي سگھي. پوءِ اسانکي رٽا بندي بہ ڪرڻي آھي."

"آئون تيار آھيان." ڪرسٽوفر چيو.

"آئون خود ڊونالڊ کائنس پچا ڳاڇا ڪندس. ٿي سگھي ٿو تہ ڪا ڳالھ ھن جي ذھين مان نڪري ويئي ھجي ۽ ياد ڏيارڻ تي ياد اچيس. اسين ھر زاويي کان ٻيھر جاچ ڪنداسين. ڇو تہ اسين جاچ جا ماڻھو آھيون وان ايلن آرگو سٽي ويندو. استرپ کي فادر ڊوسکي سان ملڻو ۽ کيس ڪرڇٽون پوندو ۽ ڪرس! منھنجي خيال ۾ توکي ٻيھر حنا بيڪستر سان ملڻ گھرجي. تون کيس اسان کان وڌيڪ سڃاڻين ٿو."

"ٺيڪ آھي! آئون حنا سان ملي ونندس." ڪرسٽوفر چيو. "۽ ينگ جي باري ۾ ڪھڙو خيال اٿئي؟"

ٽوني ڪجھ دير سوچيندو رھيو. پوءِ ھن ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو. "ھو يقينن اسان جو ساٿي آھي. پر ٽامسن سان ھن جي ويجھڙائپ نقصان ڪار ثابت ٿي سگھي ٿي. ڪنھن بہ مھل اڻ ڄاڻائي ۾ ھن جي زبان مان ڪا بہ ڳالھ نڪري سگھي ٿي. ھاڻ ياد ڪر، ٻيو ڪو شخص..!"

ڪرسٽوفر کي اوچتو خيال اچي ويو. "گذريل ملاقات ۾ ينگ مونکي ٽامسن جي ماءُ جي باري ۾ٻڌايو ھو. ٽامسن ھر ھفتي ھن سان ملڻ جي لاءِ ويندو آھي."

"مذاق ٻيو ڪرين. ۾" مونکي تہ يقين ئي نٿو اچي.

"اھو صحيح آھي."

"بھرحال اسين ھن جي ماءُ کان سڌو سنئون تہ پچا ڳاڇا ڪري نٿا سگھون. بھرحال ان سلسلي ۾ آئون سوچيندس. ھاڻ سين ڪم شروع ٿا ڪريون. آئون فون جي بلي، جمي، فورٽ وارن ۾ تنھنجي زال جي ڪيس تي تيزي سان ڪم شروع ڪندو. ان کانسواءِ اسان وٽ گھٽ ۾ گھٽ پنجاھ ڪارڪن آھن. ستر ڪلاڪن ۾ تہ اسين سڄو آمريڪا ھيٺ مٿي ڪري رکي چڏينداسين." ٽوني چيو ۽ فون

ڏانهن وڌي ويو.

"تنهنجي خيال ۾ اسانجي ڪاميابيءَ جا امڪان آهن؟" ڪرسٽوفر پڇيو.

"هائوا شرط اهو آهي ته قسمت به اسان سان گڏ هجي." ٽوني جواب ڏنو.

"۽ جيڪڏن ٽامسن کي خبر پئجي ويئي ته؟"

"ته اها اسانجي بد قسمتي هوندي"

•

صبح جو نو لڳي ارڙهن منٽن تي ڪرسٽوفر واشنگٽن پهتو. پگانو ڪار ۾ ايئرپورٽ تي هن جي اوسيڙ ۾ هو. ڪرسٽوفر ڪيس گهر هلڻ جي لاءِ چيو. گهر ۾ گهڙندي ئي ڪيس غير معمولي خاموشي محسوس ٿي. شايد ڪيرن ستل هئي. بيڊ روم ڏانهن وڌيو. ڪيس ڪپڙا بدلائي جلد آفيس پهچڻون هو. پر بيڊ روم ۾ پهچندي ئي ڪيس جهٽڪو لڳو. هنڌ گهنجن کان خالي هو. هن سوٽ ڪيس هڪ پاسي رکيو ۽ ڪيرن جي ڳولا ۾ سجو گهر جانچي ڏنائين. پر هوءَ موجود نه هئي. هو بيڊ روم ۾ واپس موٽي آيو ۽ باٿ روم چيڪ ڪيائين. آرسيءَ تي اسڪاچ ٽيب سان هڪ پنو چهتيل نظر آيس. هن هڪ دم ڪيرن جي لکت سڃاڻي ورتي. هن پنو چڪي لاٿو ۽ ڏڪندڙ دل سان اهو پڙهڻ شروع ڪيو.

"ڊارلنگ! ڪاش منهنجي هيءَ حرڪت تنهنجي پريشاني جو باعث نه ٻڌجي. پر آئون جيڪو ڪجهه ڪريان پئي، ان ۾ پاڻ ٻنهي جي ڇڳائي آهي. آئون ٽيڪساس پئي وڃان. منهنجي ڪري تون مصيبت ۾ ڦاٿو آهين، جيڪا ڳالهه منهنجي لاءِ قابل قبول ڪونهي. مونکي توکان ڪابه ڳالهه لڪائڻ نه گهرجي ها. ان ڪري آئون بي ڏوهي هوندي به ڏوهاري آهيان. هاڻ مونکي ڊپ به آهي ته آئون توکي صحيح طريقي سان يقين ڏياري نه سگهي آهيان. تون مونکي بي ڪيس کان بچائڻ ٿو چاهين. اهو ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته توکي منهنجي بي گناهه هئڻ جو يقين ڪونهي، تون ٽامسن سان وڙهن نٿو چاهين. تنهنڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته آئون پاڻ وڙهندس. آئون ٽيڪساس پئي وڃان اتي ان نئين شاهد بابت معلوم ڪنديس ۽ ڪائنس حقيقت معلوم ڪنديس. آئون تنهنجي اچڻ کان اڳ ئي روانو پئي ٿيان تون ايندين ته ڪنهن ڪنهن بهاني سان مونکي جلهي چڏيندين آئون جيستائين اهو مسئلو نه نبيريندس، تيستائين توسان رابطو نه ڪنديس. تون پريشان نه ٿي. آئون ان معاملي کي نبيرڻ جي اهليت رکان ٿي. بس

اهو ياد رکج ته آئون توسان محبت ڪندي آهيان. مونکي تنهنجي محبت ۽ اعتماد جي گهرج آهي."

"تنهنجي ڪيرن"

ڪرسٽوفر ڪاغذ کي ڦاڙي ذريون ذريون ڪري بيسن ۾ وهائي ڇڏيو. جهٽڪو ڪافي زورائتو هو جنهن مان هو ايترا تائين پاڻ کي سنيالي نه سگهيو هو. هن جي وهم ۽ گمان ۾ به نه هو ته ڪو ڪيرن ايڏو وڏو قدم کڻندي. هن جي ذهن ۾ خاموشي گهڙي آئي. هن جي لاءِ اهو تصور ئي ڏکائيندڙ هو ته هن جي پيٽ سان زال ٽيڪساس ۾ اڪيلي حقيقتون ڳولهيندي وتي، ماڻهو اڪيلو هوندو آهي ته ان لاءِ شهر به بيابان ٽي پوندو آهي، دل ۾ آيس ته ٽيڪساس وڃي ڪيرن کي ڳولهي واپس وٺي اچي. پر اهو ته واري جي ڊڄ ۾ سئي ڳولهڻ وانگر هو. پوءِ به ڪجهه نه ڪجهه ڪرڻ ضروري هو. هن جي فيصلي ڪرڻ کان اڳ فون جي گهنٽي وڄي. هو تيزي سان انسٽور مينٽ ڏانهن وڌيو. هن جي خيال ۾ اهو ڪيرن جو فون هوندو پر ٽوني هيرس جو هو.

"ڪرس! آئون به تنهنجي پويان ئي آيو آهيان." ٽوني چيو. "هينئر آئون واشنگٽن ۾ آهيان."

اهو اڳ ۾ ئي طئي ٿي چڪو ته فون تي خاص احتياط کان ڪم ورتو ويندو.

ڪرسٽوفر، ٽوني ۽ سنڊس ساڻين مان ڪنهن کي به سندس نالي سان مخاطب نه ٿيندو. ڪرسٽوفر عين وقت ئي پاڻ کي ٽوني جو نالو ونڻ کان روڪيو.

"ڪهڙيون خبرون آهن؟" هن پڇيو.

"اجهو اجهو اطلاع مليو آهي ته ٽامسن اڄ رات نيويارڪ وڃي رهيو آهي. اتان کان سڪرامنٽو ويندو. جتي هو سينٽ جي دستور ساز ڪميٽي جي سامهون پيش ٿيندو. ترميم جي سينٽ جي فلور تي وڃڻ کان اڳ ڪميٽي جي سامهون پيش ٿيندڙ هو آخري شاهد هوندو."

ڪرسٽوفر ايترا تائين پاڻ کي زال جي صدمي مان سنيالي نه سگهيو هو. ان اطلاع جي اهميت هن جي سمجهه ۾ نه آئي. "سوري ٽوني! آئون هن مهل سڀ ڪجهه سمجهڻ کان قاصر آهيان. آئون گهر پهتس ته مونکي ڪيرن جي بدران هن جو لکيل نوٽ...."

"هن منٽ! آئون سمجهي ويس، پر فون تي سڀ ڪجهه بيان ڪرڻ مناسب

ڪونهي. گهر جي آسپاس ڪو فون بوٿ آهي؟"

"هائو ڪيترائي آهن."

"تون ڪنهن به فون بوٿ تان مونسان ان فون نمبر تي ڳالهائي جيڪو مون رات توکي ڏنو هو."

ڪرسٽوفر گهر مان نڪتو. پگانو گاڏي تيار ڪريو بينو هو. ڪرسٽوفر کيس بيهڻ جي هدايت ڪئي. ڪجهه گهڙين کانپوءِ هو پنهنجي گهر کان به بلاڪ پريان هڪ پبلڪ بوٿ تان ٽوني جي نمبر ملائي رهيو هو. رابطو ٿيندي ئي هن ڪيرن جي نوٽ ۾ هن جي عزم بابت تفصيل سان ٻڌايس.

"مونکي حيرت نه ٿي." ٽوني تبصرو ڪيو.

"پر مونکي ٿي..... هوءَ ٽامسن سان الجهڻ جي ڪوشش پئي ڪري جيتوڻيڪ کيس خبر آهي ته ٽامسن کي سندس پنهنجي ميدان ۾ شڪست ڏيڻ ممڪن ڪونهي. اهو گهڻو خطرناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو. ڪرسٽوفر چيو. "هاڻ مون وٽ ان کانسواءِ ٻي ڪا به واهه ڪونهي ته ٽيڪساس وڃي کيس ڳوليان."

"هرگز نه آئون پنهنجن ماڻهن کي مطلع ڪري ٿو چڏيان. هو اهو ڪم سڀي نموني ڪري ونندو. ٽوني جي لهجي ۾ قطعيت هئي. "جمي نه رڳو ڪيرن کي ڳولهي ونندو. پر هو ٻيئي گڏجي ڪم ڪري سگهندا."

"مهرباني ٽوني!. پر ٽامسن جي نئين شاهد کي ڳولهڻ ايترو سولو نه هوندو. ان جي خبر ته ٽامسن جي فائيلن مان ئي پئجي سگهي ٿي."

"اهو ڪو مسئلو ڪونهي. آئون ٻڌائي چڪو آهيان ته ايف بي آءِ بلڊنگ ۾ به اسانجا به ماڻهو آهن. انهن مان هڪ نائٽ ۾ ڪم ڪري ٿو. ٽامسن ۾ هيريءَ جي وڃڻ کانپوءِ ڪيس فائيل اٽلائڻ جو موقعو ملي ويندو. هو مونکي شاهد جو نالو ٻڌائيندو. آئون هڪدم جمي کي اطلاع ڪندس. تون اُلڪو نه ڪر. تنهنجي زال ۽ ان جو ڪيس ٻيئي مضبوط هٿن ۾ آهن."

"آئون تنهنجو ٿورو ڪيئن مڃان. مون وٽ لفظ ئي ناهن."

"انهن ڳالهين کي چڏ..... اسين هڪ ٻيڙي جا مسافر آهيون.... آئون چاهيان ٿو ته تون جلد ئي ڪيليفورنيا سنيٽ ۾ ٽامسن ۽ 35هين ترميم تي حملي ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي وڃ. ممڪن آهي ته آر دستاويز جي باري ۾ به ڪا نئين ڳالهه سامهون اچي وڃي. آئون ڊونالڊ سان ۽ اسٽرپ، فادر ڊوسڪي سان ملڻ جي لاءِ ٻيا وڃون... تو حنا بيڪسٽر کان ملاقات جو وقت ورتو؟"

"نا اڄ ته ممڪن ڪونهي. البته سياڻي صبح جو هن سان ملاقات ٿيندي ڏهين ٻجي هن جي گهر ويندس."

"اوڪي! جيڪڏهن ڪا نئين ڳالهه سامهون آئي ته آئون توکي تنهنجي آفيس فون ڪندس. تنهنجو فون ڪليئر آهي يا نا؟"

"نه هوندو ته اڄ ٽي ويندو. آئون هر روز صبح جو پهريون ڪم اهو ئي ڪندو آهيان."

•

گذريل ڪيترن ئي سالن ۾ اهو پهريون موقعو هو جو ٽامسن چنچر ڪانسواءِ پي ڪنهن ڏينهن پنهنجي ماءُ سان ملڻ جي لاءِ ويجي رهيو هو. معاملو گهڻو اهم هو. ڏهه منٽ اڳ هن جي ماٿهنس سان ڳالهه ٻولهه ٿي هئي. فون ماٿهنس ڪئي هئي حالانڪه هوءَ ائين گهٽ ڪندي آهي.

ماٿهنس پهرين ته ڊسٽرب ڪرڻ تي. معافي گهريس ۽ پوءِ هن جون ٽورو مجيو. ان تي ٽامسن چرڪي پيو.

"تون ڏاڍو سنو پٽ آهين ورنن! هاڻ منهنجي ٽي وي سٽي پئي هلي." ماٿهنس چيو هو.

"چا مطلب؟" ٽامسن چڪرائجي ويو.

"اڄ صبح جو ٽي وي ٺيڪ ڪرڻ وارو آيو هو. هن منهنجي ٽي وي ٺيڪ ڪري ڇڏي. تون منهنجو گهڻو خيال ٿو رکين پٽ."

ٽامسن ڪجهه گهڙيون خاموش رهيو. هو پنهنجن خيالن کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. نيٺ هن چيو "ممي! آئون هڪ ڪم سان اليگزينڊريا اچي رهيو آهيان.... اوهان سان به ملي ونندس." رسيور رکڻ کانپوءِ هو سوچڻ لڳو ته ڪاغلط فهمي به ممڪن آهي. مڪينڪ غلط پتي تي پهچي ويو هجي. پر گڙبڙ جي امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. اهو ٽئي هو ته مڪينڪ هن جو موڪليل بلڪل نه هو. هو ٽيئي هيٽ آيو ۽ ڊرائيور کي اليگزينڊريا هلڻ جي لاءِ چيائين.

ماٿهنس جي اپارٽمنٽس ۾ گهڙندي ئي هن پهرين الارم بٽڻ چيڪ ڪيو ۽ صفا سڙي ويو. بٽڻ آن نه هو هو پنهنجي چاهي جي مدد سان اپارٽمنٽ ۾ گهڙيو. ماٿهنس ٽي وي جي سامهون ويني ورائٽي شو ڏسي رهي هئي. هن ماٿهنس جي نرڙ تي رسمي چمي ڏني. "آئون گهڻي دير نه ترسندس. دراصل مونکي ياد نه پيو اچي ته

تي وي ۾ ڪهڙي خرابي هئي." هن ڪنهن تجسس کانسواءِ چيو. "ڪنهن ڪنهن مهل تصوير هيٺ مٿي ٽپڻ ٿي لڳي."

"مڪينڪ صبح جو ڪيڏي مهل آيو هو؟"

"يارنهن بجي ڌاري..." پوءِ هن پڇڻ کان سواءِ ئي وضاحت ڪئي. "هو يونيفارم ۾ هو."

"ڏسڻ ۾ ڪيئن پيو لڳو؟"

"ڪهڙو نه بيوقوفي وارو سوال آهي ورنڻ" ماٿهنس تيز لهجي ۾ چيو. "مڪينڪ هو ۽ مڪينڪ ئي لڳي رهيو هو."

"ان دوران اوهين ڪمري ۾ موجود هيون؟"

"ٿوري دير هيس ۽ پوءِ ٿانو ڏوئڻ هلي ويئي هيس."

ٽامسن اُٽيو ۽ فون ڏانهن وڌيو. هن ماٿهنس کان اسڪرو ڊرائيور ورتو. "اوهانجو آواز صحيح نه پيو آيو. ڏسان ته اندر ڪهڙي خرابي اٿس." هن وضاحت ڪئي.

اسڪرو ڊرائيور ملڻ کانپوءِ هن انسٽورومنٽ ڪوليو ۽ اندر ريٽ ميڪنزم جو جائزو ورتو. ڪجهه گهڙين ۾ ڪيس ننڍيو مانيٽر نظر اچي ويو. هي اهڙو ئي مانيٽر هو جهڙو ايف بي آءِ وارا فونون ٽيپ ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪندا هئا. گويا، ان فون تي ٽيندڙ ڳالهه ٻولهه ڪنهن ٻي هنڌ ريڪارڊ ٿي رهي هئي. هن مانيٽر ڪيڊي ڪيسي ۾ رکيو ۽ اُٽي ڪڙو ٽيو. هاڻ هو اهو ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ته هن گذريل ڪجهه هفتن ۾ ماٿهنس سان ڪا اهم ڳالهه ٻولهه ته نه ڪئي هئي. ممڪن آهي ته ماٿهنس اها ڳالهه ٻولهه فون تي پنهنجي ڪنهن واقف ڪار کي ٻڌائي هجي.

"امان! اوهان اڄ يارنهن بجي ڪانپوءِ ڪنهن سان فون تي ته نه ڳالهايو؟"

"مون مسز گراس مين کي فون ڪئي هئي. مختصر ڪال هئي ۽ ها، مون توکي به فون ڪئي هئي."

"بس!"

"هڪ منٽ اها اڄ جي ڳالهه آهي. ها اڄ جي ئي ته ڳالهه آهي. حنا بيڪسٽر سان ڏڪهي ڳالهه ٻولهه ٿي هئي."

"ڪهڙيو ڳالهيون ٿيون هيون." ٽامسن ايئن پڇيو جڙ لطف وٺي رهيو هجي. روزا ٽامسن ڳالهه ٻولهه ورجائڻ شروع ڪئي. پر ان ۾ ڪم جي ڪا به ڳالهه

ٻولهه نه هئي. "هوءِ ويچاري پنهنجو پاڻ کي مصروف رکڻ جي کوشش ڪندي آهي. ڪيس پنهنجي مڙس جي موت جو غم آهي. پنهنجي پوٽي رکي جي موجودگي هن جي لاءِ وڏو ڏيءُ آهي ۽ ها! سياٽي هوءَ پنهنجي مڙس جي جانشين اتارني جنرل سان ملي رهي آهي. هو صبح جو ڏهين بجي ساٽس ملڻ جي لاءِ ايندو."

ٽامسن کي ڪرنٽ لڳي ويو. "چو...؟ هن کي سبب به ٻڌايو؟"

"ان جي ته مونکي خبر نه آهي."

اوهان حنا سان ڪهڙي مهل فون تي ڳالهايو هو."

"فون تي نه پر هوءِ پاڻ هتي آئي هئي."

ٽامسن سک جو ساهه کنيو. "هاڻ آئون هلان ٿو. گهڻو ڪم اٿم. آئنده کي مکينک اچي ته پهرين مونکان پُڇي وٺج."

•

پي ڏينهن صبح جو مينهن پي پيو. ڪرسٽوفر مرجهايل هو. ٽوني، استرپ ۽ وان ايلن مان ڪنهن هڪ جي به ڪال نه آئي هئي. ان جو مطلب اهو هو ته نه ايجا تائين ڪيرن جي ڪيس جي سلسلي ۾ ڪا اڳرائي ٿي آهي ۽ نه ئي وري آر دستاويز جي باري ۾ ڪا خبر چار پئجي سگهي آهي ۽ پي ڏينهن ڪيليفورنيا سنيٽ ۾ 35هين ترميم فيصلي ڪن ووٽنگ جي لاءِ پيش ٿيڻ واري هئي.. سروري موجب هيستائين چالهين مان ٽيهه سينيٽر ترميم جي حق ۾ ٿي چڪا هئا. ان جو مطلب اهو هو ته پي رات تائين ترميم آئين جو حصو بڻجي چڪي هوندي.

ٽيڪ ڏهين بجي هن جي ڪار حنا بيڪستر جي گهر جي سامهون اچي بيني. ايجنٽ هوگن هن جي لاءِ دروازو کوليو. پگانو ڊرائيورنگ سيٽ تي ويٺل هو. ڪرسٽوفر کيس اُتي بيهڻ جي هدايت ڪئي ۽ گهر ڏانهن روانو ٿي ويو. کيس آر دستاويز جي سلسلي ۾ ڪنهن نمايان ڪاميابي جو امڪان نظر نه پئي آيو. حنا بيڪستر پاڻ اچي دروازو کوليو ۽ پنهنجائپ مان هن جو آڌر پاءِ ڪيو ۽ کيس اندر وٺي وئي. ڪجهه دير ته هتان هتان جو ڳالهيون ٽيندیون رهيون. حنا ٻڌائي رهي هئي ته رکي جي موجودگيءَ هن لاءِ وڏو ڏيءُ آهي.

رسمي ڳالهه ٻولهه کانپوءِ ڪرسٽوفر پنهنجي مقصد طرف آيو. "گذريل پيري آئون اوهان وٽ آر دستاويز جي باري ۾ پڇڻ آيو هئس. جيڪو ڪنهن نه ڪنهن

حوالي سان 35هين ترميم بابت آهي. اوهانکي ياد هوندو ته هن دنيا کي چڏڻ مهل ڪرنل ان ڳالهه جو انڪشاف ڪيو هو. مونکي ايڏا تائين آر دستاويز ملي نه سگهيو آهي. آئون هينئر به ان سلسلي ۾ آيو آهيان. ٽي سگهي ٿو ته هن پيري اوهانکي ڪجهه ياد اچي ويو هجي."

"نه ڪرس! مونکي ياد آهي ته مون اهو نالو ڪڏهن به نه ٻڌو آهي. بيڪسٽر مون سان پنهنجي ڪم جي سلسلي ۾ ڪڏهن به ڳالهه ٻولهه نه ڪندو هو."

ڪرسٽوفر هڪ ٻي رخ کان ڪوڙ جي ڪوشش ڪئي. "اوهان ڪڏهن ڪرنل جي واتان آرگوسٽي جي نالو ٻڌو؟ آرگوسٽي ايريزونا ۾ آهي."

"نه ڪڏهن به نه ٻڌم."

ڪرسٽوفر تي مايوسي چائنجڻ لڳي. "گذريل پيري مون ڪرنل جي ويجهن دوستن جي باري ۾ پڇيو هو. اوهان فقط هڪ نالو ٻڌايو."

"تون ڊونالڊ ڪريبن سان ملي سگهين يا نه؟"

"نا! اهو ان کان اڳ ئي گذاري ويو."

"ويچاروا حنا چيو "تو ٽامسن کان آر دستاويز جي باري پڇيو؟"

"پڇيو هو... پر هو ڪا مدد ڪري نه سگهيو."

"جيڪڏهن هو ڪري نه سگهيو ته پوءِ ڪرس.. آر دستاويز جي سلسلي ۾ توکي ڪنهن کان به ڪا مدد ملي نٿي سگهي. بيڪسٽر ٽامسن جي گهٽو ويجهو هو. 35هين ترميم تي ٻئي گڏجي ڪمي ڪري رهيا هئا. بلڪ جنهن رات بيڪسٽر کي دل جو دورو پيو هو ٽامسن ۾ هيري ايڊورڊ سان گڏ هو. هو شايد ترميم جي سلسلي ۾ ئي ڪا اهم ڳالهه ٻولهه ڪري رهيا هئا.."

ڪرسٽوفر جي لاءِ اهو نئون اطلاع هو. "هونهه! ته دوري جي رات هو ٻيئي ڪرنل سان ملڻ جي آيا هئا. اوهانکي يقين آهي."

"اها ڳالهه آئون ڪيئن ٿي وساري سگهان." حنا سوڳوار لهجي ۾ چيو. "بيڪسٽر فقط منهنجي خاطر اهو اصول بنايو هو ته رات جو آفيس جو ڪم نه ڪندو. مطلب اهو ڪونهي ته ڪو هو رات جو ڪم ئي نه ڪندو هو. هو ڪم ته ڪندو هو پر اڪيلو پر ان رات ورنن ٽامسن ملاقات تي زور پري رهيو هو. نيٽ بيڪسٽر کي پنهنجو اصول ٽوڙڻون پيو. هوٻئي ڏنر ڪانپوءِ هڪدم اچي ويا هئا."

"اوهانکي يقين هو ته هيري به ٽامسن سان گڏ هو؟"

"يقين سان ٿي چوان. ٽامسن جو ته پڪو يقين اٿم. پر هيري..... دراصل اها

ڏاڍي پوائتي رات هئي. منهنجي ذهين ۽ سڀ کجهه گڏ وچڙ ٿي ويو آهي. پر آئون بيڪسٽر جي ملاقاتين جي ڊائري ڏسي يقين سان ٻڌائي سگهان ٿي. ڊائري استعمال پر هوندي. آئون اجهو ٿي ڳولهي اچان." اهو چئي حنا کمري مان هلي ويئي.

کرسٽوفر مايوسيءَ جي ڪُن ۾ ويٺو ٽهيون هٽي رهيو هو. حنا کان کا کم جي ڳالهه معلوم ٿي نه سگهي. هو پنهنجي خيالن ۾ هو اوچتو هڪ ڪڙڪي کيس چرکائي ڇڏيو. هن مڙي پويان ڏٺو ته کيس پردا لڏندا نظر آيا. پوءِ پردي جي پيان حنا جو پوٽو رکي کسکندو نکري ويو. هن جي کاپي هٿ ۾ اهو پور ٽيبل ٽيپ ريکارڊ هو. جنهن کي پهريون پيرو کرسٽوفر ٽيڪ ڪيو هو.

"اي رکي! تون پردن جي پويان چا پيو کرين... لکي اسانجون ڳالهيون پيو ٻڌين چا...؟"

"هُيءَ لکڻ جي لاءِ ڏاڍي سٺي جڳهه آهي." رکي ڏينڊ ٽيڙيندي چيو.

"ٽيپ ريکارڊر ڪيئن پيو هلي."

رکي اُٿي بيٺو. "جڏهن کان اوهان ٽيڪ ڪيو آهي، تڏهن کان کا به گڙبڙ نه ٿي آهي. اوهين ٻڌندا." پوءِ هن جواب جو اوسيڙو ڪرڻ کانسواءِ ريوائنڊ جو بٽن دٻايو. پوءِ اسٽاپ جو ۽ پوءِ پلي جو. پي گهڙيءَ حنا جو آواز ايريو. "تو آر دستاويز جي سلسلي ۾ ٽامسن کان به پڇيو..." ان کانپوءِ هن جو پنهنجو آواز ٽيپ هلندو رهيو.

"واهه رکي. بس ايترو کافي آهي." ڪجهه گهڙين کانپوءِ کرسٽوفر چيو. "آئنده هتي آيس ته توکان محتاط رهندس."

رکي جلدي اسٽاپ جو بٽڻ دٻايو. "اوهين پريشان نه ٿيو مسٽر ڪولنس. اها منهنجي هابي آهي. منهنجو واسطو ڪهن سرڪاري ايجنسي سان ڪونهي."

کرسٽوفر متاثر اچڻ جي ڪوشش ڪئي، "هوئين تو وڏي صفائي سان کم ڪري ڏيکاريو آهي. توکي ته ايف بي آءِ جو ايجنٽ هئڻ گهرجي."

"اجا منهنجي عمر ننڍي آهي، هونئن مونکي ان کم ۾ وڏو مزو ايندو آهي، هن پردي جي پويان لکي هيستائين آئون هڪ سئو کان به وڌيڪ ريکارڊنگس ڪري چڪو آهيان. البته هڪ پيري ڏاڏا کي خبر پئجي ويئي."

"هونهه! معني ڪرنل توکي سڀ سوڌو ڇهلي ورتو هو؟"

"هائو...!"

"پوءِ؟"

"هو گهڻو ناراض ٿيو. هن مونکي تنبيهه ڪئي ته آئنده ان قسم جي ٽرڪ استعمال نه ڪريان."

ڪرسٽوفر غير شعوري طور تي پاسو بدلايو. "تو چا چيو؟ مون ٻڌو ڪو نه رکي؟"

"هن چيو ته جيڪڏهن آئنده هو مونکي ان قسم جي ٽرڪ استعمال ڪندي جهليندو ته مونکي مار ڪيندو."

ڪرسٽوفر جي سمجهه ۾ ڳالهه هڪ گهڙي کانپوءِ آئي هو سڄو چپ ٿي ويو. ڪرنل بيڪسٽر جا آخري لفظ هن جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. "آر دستاويز.... مون ڏٺو.... ٽرڪ.... وچ..." ڏس. رکي بيڪسٽر چا چيو هو. "هن چيو هو ته آئنده جيڪڏهن هن مونکي اهڙي ٽرڪ استعمال ڪندي جهليو ته مار ڪيندو. سوال اهو هو ته ڪرنل پنهنجن آخري لفظن ۾ ڪيس رکي سان ملڻ جي هدايت ڪئي هئي. يا رکي جي ٽرڪ جو حوالو ڏنو هو" پردي جي پويان ڳالهيون ٻڌڻ جو؟ ڪٿي ائين ته ڪونهي ته ٽامسن ۽ هيريءَ سان ڳالهين جي دوران ڪرنل پردن جي چر پر کي ڏنو ۽ ڪيس اندازو ٿي ويو ته رکي اهو راز رکارڊ ڪري ورتو آهي ۽ اها ڳالهه مون کان پهرين هوش ۾ اچڻ کانپوءِ ڪيس ياد آئي

ڪرسٽوفر جي سڄي جسم ۾ سنسني دوڙي ويئي. چا هو اڻ ڄاڻائيءَ ۾ هڪ اهم راز تائين پهچي ويو آهي. "رکي! چا تو ان ڏينهن جي تنبيهه جي باوجود به لکي رکارڊنگ ڪرڻ جو شغل جاري رکيو هو."

هن پنهنجي آواز کي هموار رکڻ جي ڪوشش ڪندي پڇيو.

"هائو پر آئون گهڻو محتاط ٿي ويو هئس. ڏاڏا جي ڊپ ان جاسوسيءَ جو لطف ايڏا به وڌائي ڇڏيو." رکي جواب ڏنو.

"تون ڏاڍو دلير آهين. اهو ٻڌائي ته تون ڪرنل جي ڳالهه کي ڪيترائي پيرا ريکارڊ ڪيو هو؟"

"هائو! هتي گهڻو ڪري هو ئي ڳالهائيندو هو. اوهانکي ڪنهن ڏينهن ٻڌرائيندس."

ڪرسٽوفر ڪيس گهورڻ لڳو. ڇهين حس ڪيس احتياط ۽ هوريان هوريان اڳيان وڌڻ جي هدايت ڪري رهي هئي. "تڪڙ نه ڪر" هن پنهنجو پاڻ کي چيو. پوءِ رکي کان پڇيو. "تون ان رات واري ڳالهه ٻولهه ۾ رکارڊ ڪئي هئي جنهن رات ڏاڏا کي دورو پيو هو؟" سوال ڪندي ٿي هو ساهه روکي ويهي رهيو.

"هائو پر ڏاڏا کي دورو پوڻ کانپوءِ جيڪا وٺ پکڙ متي. ان ۾ آئون ڏڃي ويس. پر ان کان پهرين واري سڄي ڳالهه هولهه جو هڪ هڪ لفظ ريکارڊ ڪري چڪو هئس."

"رکي! مونکي ته يقين ئي ڪو نه ٿو اچي ته ڪو ٽامسن سان ڪرنل جي آخري ڳالهه هولهه جو لفظ به لفظ رکارڊ ڪيل آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي؟"

"چو نه ايڏا ڪجهه دير اڳ مون اوهانجي ڳالهه هولهه ريکارڊ ڪئي آهي. ان رات ٽامسن هتي ئي ويٺو هو جت اوهين ويٺا آهيون. ڏاڏا هت ويٺو هو جتي ڪجهه دير اڳ ڏاڏي ويٺي هئي، ۽ مسٽر ايڊورڊ هن ڪرسيءَ تي ويٺو هو. هو ٽيئي به تو ۽ ڏاڏي جيان آر دستاويز بابت ڳالهائي رهيا هئا."

ڪرسٽوفر جي دل جڙ هڪ گهڙي جي لاءِ بيهي رهي. "تو هن کي آر دستاويز بابت ڳالهائيندي ٻڌو هو؟"

"ڏاڏا ته فقط ٻڌي رهيو هو. مسٽر ٽامسن ڳالهائي رهيو هو. پوءِ اوچتو هن جي طبيعت خراب ٿي ويئي."

"تو ڊائريڪٽر ٽامسن جو چيل هڪ هڪ لفظ ٻڌو هو؟"

"هائو! .... ۽ ريکارڊ به ڪيو هو."

"گفتگو صاف رکارڊ ٿي هئي."

"هائو! منهنجو ٽيپ ريکارڊ فرسٽ ڪلاس آهي" رکي فخريه لهجي ۾ چيو.

ڪرسٽوفر چپن تي زبان ڦيرندي چيو "تو اهو ٽيپ صاف ته نه ڪري ڇڏيو آهي؟" هن پڇيو. ان جواب تي هر ڳالهه جو مدار هو.

آئون پنهنجي ڪابه ريکارڊنگ متائندو نه آهيان."

"ته ٽيپ هتي موجود آهي؟"

"نه هينئر ته موجود ڪونهي. آئون ڏاڏا جا سيئي ٽيپ حفاظت جي خيال کان ڏاڏا جي ڪيبينٽ ۾ رکي ڇڏيندو هئس. ان ٽيپ تي مون اي جي جي جنوري لکي ڇڏيو هو. يادگيريءَ جي لاءِ "اي جي جي" جو مطلب آهي اٽارني جنرل گرائنڊ فادر ۽ رکارڊنگ جنوريءَ جي هئي. اها ڏاڏا جي ڳالهه هولهه جو آخري ٽيپ هو. پوءِ مسٽر ٽامسن ڏاڏا جي ڪيبينٽ کڻائي ورتي. اهي سڀ ٽيپون ان ۾ هيون."

ڪرسٽوفر جي دل ٻڏڻ لڳي. "توکي ياد آهي ته آردستاويز جي ٻاري ۾ چا چيو ويو هو؟"

"مون صحيح ته نه ٻڌو. منهنجو ڌيان رکارڊنگ طرف هو. پر ٻي ڏينهن مون

رڪارڊنگ چيڪ ڪئي هئي. فقط ٽامسن آر دستاويز جي باري ۾ گالهائي رهيو هو. مونکي هاڻ ان جون گالهيون ياد ناهن. پوءِ ڏاڏا کي دل جو دورو پيو ۽ پيج ڊڪ مچي ويئي. ڏاڏي روئي رهي هئي. آئون ڊڄي ويس. مون رڪارڊنگ بند ڪئي ۽ پردي جي پويان لڪيو رهيس. سيني جي وچ۾ ڪانپوءِ ٻاهر نڪتس."

ڪرسٽوفر رکي جو ڪلهو ٽڪيندي ڪيس داد ڏنو. ان مهل حنا بيڪستر اچي ويئي. "هائو! ان رات ٽامسن سان گڏ هيري ايڊورڊ به هو. مون چيڪ ڪري ورتو آهي." هن ڪرسٽوفر کي ٻڌايو.

ڪرسٽوفر، حنا جو ٽورو مجيو ۽ ٻاهر نڪري آيو. ٻاهر اڃا به مينهن وسي رهيو هو. پر هاڻ ڪرسٽوفر جي پنهنجي وجود ۾ اميد جي چمڪندڙ اُس لهي آئي هئي. بس فقط هڪ ڪارو داغ اڃا به موجود هو. آر دستاويز جو راز ڪرنل بيڪستر جي فائلنگ ڪيبينٽ ۾ هو ۽ ڪيبينٽ ايڊگورهوور بلڊنگ ۾ ٽامسن جي قبضي ۾ هئي.

هن ڪار ۾ ويهندي، پگانو کي ڪنهن فون بوٿ جي ٻاهر ڪار روڪڻ جي هدايت ڪئي."

•

شام ڏاري، ڪرسٽوفر سرڪاري ليموزين مان گورنمنٽ پرنٽنگ آفيس جي ٻاهر لٿو. هن پگانو کي اڏ ڪلاڪ ترسي پوءِ اچڻ لاءِ چيو. هو عمارت ۾ گهڙيو. پر هن پبليڪيشنز روم ڏانهن رخ نه ڪيو. پر گهڙي ۾ وقت ڏنو ۽ ٻاهر واپس اچي ويو. هو گهٽو محتاط هو. هن آسپاس جو جائزو ورتو. پر ڪو به مشڪوڪ ماڻهو نظر نه آيو. هونئن به ايتري اثراتي بيلڪ ميلنگ ڪانپوءِ ان گالهه جو امڪان نه هو ته ٽامسن هن جي پويان ماڻهو لڳائيندو. ان طرف کان مطمئن ٿي هو يونين اسٽيشن طرف روانو ٿي ويو.

برسات رڪجي چڪي هئي. هوا ۾ تازگي هئي. ڪرسٽوفر گهرا ساهه کنيا ۽ وڏيون هرانگهون پريندو اڳتي وڌندو رهيو. فتح مندئ جي احساس هن جي نس نس ۾ بجلي جي لهر ڊوڙائي چڏي هئي. کيس احساس هو ته ڪم پي حد ڏکيو آهي. پر ڪاميابي جو امڪان به موجود آهي.

يونين اسٽيشن ۾ گهڙندي ئي هن نيوز اسٽينڊ جو رخ ڪيو ۽ "واشنگٽن اسٽار" جو تازو شمارو خريد ڪيو. ملاقات اسٽيشن جي انتظارگاهه ۾ طئي ٿي

هئي. اها جاءِ محفوظ هئي، چو تہ ٽامسن جي دور ۾ ايف بي آءِ جا اينجٽ ٽرينن جي بدران هوائي جهاز ۾ سفر ڪرڻ لڳا هئا. اوريان وڃڻون هوندو هئن تہ هيلي ڪاپٽر استعمال ڪندا هئا.

ڪرسٽوفر ويهڻ جي لاءِ اهڙي ڪرسي چونڊي، جيئن اسٽيشن جو داخلي دروازو هن جي نظرن جي سامهون رهي، پوءِ هن اخبار کولي ۽ ان تي نظرون جمائي ڇڏيون. هن اخبار نہ پيو پڙهي، پر اخبار جي مٿان هن جون نظرون اسٽيشن جي داخلي دروازي جو جائزو وٺي رهيون هيون. ڪيس گهٽو انتظار ڪرڻو نہ پيو. ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ ٽوني هيرس اسٽيشن ۾ داخل ٿيو. هن بہ اخبار خريد ڪئي ۽ ڪرسٽوفر ڪان ڪجهہ پرپرو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. "اهو تہ ڪمال ٿي ويو. هن اخبار کولينديءَ چيو. "ان چوڪري رڪي جو ٽيپ ايترو ڪار آمد ٿي سگهي ٿو."

"رڪي جي دعويٰ آهي تہ رڪارڊنگ بلڪل صاف هئي ۽ مونکي ان تي کو بہ شڪ ڪونهي."

"ٽيپ جي سچائيءَ ڪهڙي آهي؟"

"ڪيسٽ تي اي جي جي جنوري لکيل آهي. اها ڳولهڻ ۾ ڪا گهٽي تڪليف نہ ٿيندي."

"تو زبردست ڪم ڪيو آهي." ٽوني هيرس خوش ٿي ويو.

"مسئلو ڪيبنٽ جي سچائيءَ جو ڪونهي. ان کي حاصل ڪرڻ جو آهي. آئون اهو ٻڌائي چڪو آهيان تہ ڪيسٽ بيڪسٽر جي فائلنگ ڪيبينٽ جي مٿينءَ خاني ۾ آهي."

"مون بہ ڪم ڪيو آهي. ٽامسن رات جو پوڻين نوين بجي تائين پنهنجي آفيس ۾ رهندو. پوءِ هو نيويارڪ جي فلائٽ پڪڑيندو. اتان کان هو سان فرانسسڪو ۽ پوءِ ڪار جي ذريعي سڪرامنٽو ويندو. يعني هن جي آفيس خالي هوندي. اسانکي جيئن ئي آسمان صاف هئڻ جو اطلاع ملندو. اسين ڏهين اسٽريٽ واري دروازي مان ايڊگر هوور بلڊنگ ۾ داخل ٿينداسين. رات جي ڊيوٽي تي اسانجو همراهہ هوندو. هو اسان سان سهڪار ڪندو. اسانکي ٽامسن جي آفيس جو دروازو کليل ملندو."

"پر بيڪسٽر جي ڪيبينٽ تہ بند پئي هوندي" ڪرسٽوفر اعتراض ڪيو.

"تون ان جو اُلکو نہ ڪر. اها آئون سولائي سان کولي ونڊس. آئون بہ ايف بي آءِ جو سکيا ورتل آهيان ۽ پوءِ مون توکي ٻڌايو نہ تہ مون پنهنجي حصي جو

ڪم ڪيو آهي."

"واهه!" ڪرسٽوفر داد ڏيندي چيو.

"هاڻ آئون توکي ڪيرن جي باري ۾ ٻڌائيندس. ته جيئن تون مطمئن ٿي وڃ." ٽوني چيو. ڪرسٽوفر پاڻ سنياليو "جميءَ ڪيرن کي ڪولي ورتو آهي. هو فورٽ ورٿ ۾ آهي ۽ ٺيڪ ناڪ آهي."

"آهي ڪٿي؟"

"اهو ته جمي نه ٻڌايو. پر تون الڪو نه ڪر ۽ ٻڌ! اسان ٽامسن جا فائيل چيڪ ڪري ورتا آهن. اسانکي ٽامسن جي شاهد بابت خبر پئجي ويئي آهي. انجونالوايڊلاررڪ آهي. هينئر هوءَ ڊلاس ۾ ٿي رهي. توڪڏهن اهو نالو ٻڌو آهي؟"

"نه! ڪيرن ڪڏهن ان جون ذڪر ڪو نه ڪيو."

"هو پارٽ ٽائيم هائوس ڪيپر هئي. ڪيرن جي ريگولر هائوس ڪيپر... موڪل ڪندي هئي. ته ايڊ لا ان جي جاءِ تي ڪم ڪندي هئي. جمي اڄ هن سان گڏبو. ان جي رپورٽ ملڻ تي توکي وڌيڪ ٻڌائي سگهندس."

"پر اسين گهر ته نه هونداسين."

"جمي کي خبر آهي هو ڏهين بجي کانپوءِ فون ڪندو. تون نه هوندين ته هو وقفي وقفي سان ڪوشش ڪندو رهندو. هاڻ تون اڄ جو پروگرام ٻڌ. يارنهن اسٽريٽ تي فلپ ڪيفي آهي. اتان کان ايف بي آءِ جي بلڊنگ ۾ بلاڪ پري آهي. تون مونکي سادي ائين بجي اتي مل."

"ٺيڪ آهي ڪاش ڪم ٿهي وڃي." ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ تشويش هئي.

"تون اُلڪو نه ڪر. آئون بس اهائي دعا پيو ڪريان ته ٽيپ توقع تي پوري لهي."

"35هين ترميم سان آر دستاويز جو واسطو بيڪستر جو فراهم ڪيل آهي. هن آر دستاويز کي خطرناڪ قرار ڏيندي اها بي نقاب ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي."

"بهرحال! ٽيپ اثرائتي ثابت ٽيڻ گهرجي. اها اسانجي آخري اميد آهي. اوڪي ڪرس! هاڻي آئون هلان ٿو. گڊ نائٽ!"

•

سادي ائين بجي ڪرسٽوفر ، فلپ جي ڪيفي جي سامهون موجود هو ڪيس

پنهنجا اعصاب پڃندي محسوس ٿيا. ٽوني هيرس بہ ٺيڪ وقت تي پهچي ويو ٻنهي کيفي ۾ داخل ٿي برگر گهرايا.

"تون ايترو نروس ڇو آهين ....؟" ٽوني پڇيو. "ڊائريڪٽر ايف بي آئي جي آفيس ۾ ويڙهجڻ جو اهو تنهنجو پهريون موقعو ڪونهي؟"

"ٽامسن جي غير موجودگيءَ ۾ اڇاڻ جو پهريون موقعو آهي."

"پر رڪي جي ڪيست هٿ لڳڻ کانپوءِ تہ اسانکي فقط اها خبر پوندي تہ آر دستاويز ڪٿان ملي سگهي ٿي." ڪرسٽوفر نڪتو ڪنيو.

"ڇا بہ ٿئي ... اهو ٻڌائي تہ ڪيست ملڻ کانپوءِ ڇا ڪندين؟"

"جيڪڏهن اها ڪيست واقعي بہ ايڏي زبردست شاهدي آهي. جيتري بيڪستر چئي هئي تہ پوءِ هڪدم سڪرامنٽوي ويندس ۽ ڪيلي فورن سينيٽ جي دستور ساز اسيمبلي جي سامهون پيش ٿيڻ جي درخواست ڪندس. آئون ڪميٽيءَ کي ان جي باري ۾ ٻڌائيندس. مون کي اميد آهي تہ ان صورت ۾ راند جو پاسو اسانجي حق ۾ پلٽجي سگهي ٿو."

ٺيڪ آهي. مون کي يقين آهي تہ سياٽي رات اسين جشن ملهائڻ جي پوزيشن ۾ هونداسين."

"اها! سياٽي رات اڃا پري آهي."

هو برگر کائڻ کانپوءِ ڪافي پي رهيا هئا جو وان ايلن اچي ويو هن ميز تي جهڪندي چيو "آسمان صاف آهي..... ٽامسن ڏهہ منٽ اڳ روانو ٿي ويو آهي."

ٽوني ڪافي جي پيالي رکي ۽ چيو "اڇ تہ هلون!" ۽ بل ادا ڪرڻ جي لاءِ ڪائونٽر تي هليو ويو. ڪجهہ گهڙين کان پوءِ هو ٽيئي کيفي مان نڪري آيا ۽ ايف بي آءِ بلڊنگ ڏانهن روانا ٿي ويا.

دروازي وٽ پهچي وان ايلن چيو "آئون پارڪنگ ايريا ۾ ترسندس. ڪا گڙبڙ ٿي يا ٽامسن واپس آيو تہ آئون هن کان اڳ توهان تائين پهچي خبردار ڪندس. گڈ لڪ." ٽوني هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوڙيو ۽ ڪرسٽوفر جو هٿ جهلي بلڊنگ ۾ داخل ٿيو. شيشي وارو دروازو بند هو ۽ اُتي ڪوبہ نظر نہ پيو آيو پر ڪين ڏسندي ئي هڪ پاڇو ظاهر ٿيو ۽ هنن جي لاءِ دروازو کولي ڇڏيو. ٽوني ڪرسٽوفر کي اڳيان ڌڪيو ۽ پوءِ خود اندر گهڙيو. دروازو کولينڙ سرهاڻ ۾ ڪيس ڪجهہ چيو ٽوني هاڪار ۾ ڪنڊ ڏوڙيو ۽ ڪرسٽوفر سان گڏ اڳيان وڌي ويو "اسانکي ستين ماڙ تي پهچڻو آهي ۽ اسين لفٽ استعمال نہ ڪنداسين. پر باهہ کان بچاءُ واري

ڏاڪٽ استعمال ڪنداسين." هن ڪرسٽوفر کي ٻڌايو.

هو ڏاڪٽيون چڙهڻ لڳا. ٽوني جي رفتار جو ساٿ ڏيڻ ڪرسٽوفر جي لاءِ ڏکيو پي ٽيو ٽين ليڊنگ تي ٽوني بيٺوهو جيئن ڪرسٽوفر ساهي پٽي سگهي. ان کانپوءِ هو ستين ماڙ تي پهچي ئي بيٺا. رستي ۾ هنن جي منهن ۾ ڪير به نه پيو اتي قبرستان جهڙي ماڻ هئي. هنن جي پيرن جي آواز کانسواءِ ٻيو ڪوبه آواز نه هو نيٺ هو ان دروازي تي پهتا. جنهن جي ٻاهران ٽامسن جي تختي لڳل هئي. ٽوني ان دورازي کي نظرانداز ڪري پاسي واري دروازي ڏانهن وڌيو. هن دروازي جو قيٽو گهمايو. ٽوري ڪوشش کانپوءِ دروازو کلي ويو. اهو ٽامسن جي آفيس جو نجي ڪمرو هو. صوفي جي پرسان هلڪي روشني وارو ليمپ رکيو هو ڪرسٽوفر ڪمري جو جائزو ورتو. اتي سجي سيٽنگ هن جي آفيس جهڙي هئي. ميز بلڪل صاف هئي. ڪمري ۾ ڪابه فائلنگ ڪيبنٽ موجود نه هئي.

"ڪيبنٽ هن جي ڊريسنگ روم ۾ هوندي" ٽوني سرڀاٽ ڪندي چيو ۽ ٻي پاسي کلندڙ دروازي ڏانهن اشارو ڪيو.

هو کليل دروازي مان ڊريسنگ روم ۾ گهڙيا. ٽوني سوئچ بورڊ ڳولهيو ۽ لائٽ آن ڪئي. سامهون ئي ڪرنل بيڪسٽر جي سائي فائلنگ ڪيبٽ موجود هئي. ٽوني هڪ هڪ ڪري خانا چيڪ ڪيا پوءِ هو ڪنهن ماهر ڪلف ٽوڙيندڙ جيان ڪلف تي جهڪي ويو. ڪيبنٽ کلڻ ۾ فقط ٽي منٽ لڳا. پر ڪرسٽوفر جي لاءِ اهي ٽي منٽ ٽن ڪلاڪن جيترا هئا. هن جو صبر جواب ڏئي رهيو هو.

نيٺ ٽوني هيرس اُٽي ڪڙو ٽيو"هاڻ هن کي سنيال " هن کليل ڪيبنيٽ ڏانهن اشارو ڪيو.

ڪرسٽوفر جي دل جڻ ٻاهر ٽي نڪتي. هو ڏکندڙ قدمن سان اڳيان وڌيو؟ مٽيون خانو کوليائين. ان ۾ ڪيترين ئي ڪيسٽون پيون هيون. پر گهربل ڪيسٽ موجود نه هئي. ڪرسٽوفر سيئي خانا به جانچيا. پر هن جي ڪوشش بيڪار ثابت ٽي. ان مهل پويان آواز اپريو جنهن کي ٻڌي هو جڻ مفلوج ٽي ويو.

"گڊ ايوننگ مسٽر ڪولنس. اوهانکي وڌيڪ تڪليف جي ضرورت ڪونهي."

ڪرسٽوفر ۽ ٽوني هيرس هڪ ئي وقت پويان مڙيا. کليل دروازو هاڻ پريل هو. دروازي جي خلا هيري ايڊورڊ بيٺو هو. هن جي منهن تي مڪارانه مُرڪ هئي. هن پنهنجو کوڙ جيڏو هٿ پکيڙيو: گهربل ڪيسٽ هن جي هٿ جي تريءَ تي

رکيل هئي. "حضرات! اوهانکي آر دستايز جي ڳولا هئي نا؟" هن چيو "اهو هيءَ آهي. آئون چاهيان ٿو اوهين اهو هڪ نظر ضرور ڏسي وٺو" اهو اوهانجو حق آهي. اوهان هن جي ڳولا لاءِ وڏي محنت ڪئي آهي." اهو چئي هن ڪيسٽ تي زور وڌو ۽ پلاسٽڪ ٽوڙي، ٽيپ کولڻ شروع ڪيو برائون ٽيپ پٽ تي الجهڻ لڳو.

ڪرسٽوفر آڏي اک سان ٽوني جي هٿ کي ڪيسي ڏانهن وڌندي ڏٺو پر هيري ايڊورڊ ان کان اڳ ۾ ريوالور کڻي چڪو هو ريوالور جو رخ ٽوني ڏانهن هو "مسٽر هيرس! ڪا چريائپ نه ڪج." هن تنبيهه واري لهجي ۾ چيو "مسٽر ڪولنس! توهان ٽوري هي ٽيپ سنيالیو" هن ٽيپ ڪرسٽوفر جي بي جان هٿن ۾ ڏنو ۽ ٽوني جو ريوالور وٺي پنهنجي کيسي ۾ وڌائين. "ايف بي آءِ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ۽ اٽارني جنرل جي غير سرڪاري اسسٽنٽ جي وچ ۾ شوٽنگ جي مقابلي جي خبر ٻُڌي نه لڳندي" اهو چئي هن ٽيپ ڪرسٽوفر جي هٿ مان وٺي چڏيو "اوهين آر دستاويز لاءِ ان کان وڌيڪ جا حقدار نه آهيو وڌيڪ ويجهڙائپ خراب به ٿي سگهي ٿي." هن باٿ روم جو دروازو کوليو ۽ ٽيپ کي گينڊي ۾ وجهي، نل کولي چڏيو.

"هڪ منٽ" ڪرسٽوفر هن جي پويان لڳو" منهنجي ڳالهه ته ٻُڌ"

"پهرين تون هي آر دستاويز ضايع ٿيندي ته ڏس....." هيري چيو ٽيپ تباهه ٿي چڪو هو. هيري اهو فليش ۾ وهائي چڏيو پوءِ ان مان هٿ کڻندي چيائين. "هي اوهانجي اميد هو جيڪو نيٽ گئر تائين پهچي ويو هاڻ چئو چا ٿا چئو؟"

ڪرسٽوفر ڏندن سان چپ ڪٽيندو رهيو هاڻ چوڻ جي لاءِ رهيو به چا هو "اچو! جيئن اوهانکي عزت ۽ احترام سان روانو ڪري سگهجي" هيري ريوالور دروازي ڏانهن لهرائيندي اشارو ڪيو جيستائين ٻئي دروازي مان ٻاهر نه نڪتا. تيستائين هو هنن جي مٿان ٻيٽو رهيو "مسٽر ڪولنس! مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ته تون ڪهڙي قسم جو اٽارني جنرل آهين. پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته تون ڪڏهن به ايف بي آءِ جو ايجنٽ ٻڌجي نٿو سگهين ۽ نه سُٽو نه ئي وري خراب. سڀا ايجنٽ ننڍڙي ڳالهه کي به نظرانداز نه ڪندا آهن. تو ۽ تنهنجي ماٺهن گهٽين ٽيليفونن ۽ هنڌن کي جاسوسي جا اوزار ڪن آجو ڪري چڏيو پر هڪ هنڌ وساري ويٺا. اڳوٽي اٽارني جنرل بيڪسٽر جي گهر کي. اتي اوهانجي جيڪا رکي سان ڳالهه ٻولهه ٿي اها اوهانجي اچڻ کان اڳ اسان تائين پهچي وئي. اسانکي اندازوئي نه هو

ته ڪو اسان وٽ ايتري خطرناڪ شيءِ آهي، جڳو گڏ نائيٽ."

ڪرسٽوفر کي شڪست جي احساس ساڻون ڪري ڇڏيو هو اهو ٻڌي ايڏا بہ شڪست جو احساس وڌيڪ ستائڻ لڳس.

"ورنن ٽامسن جي ماءُ سان حنا بيڪسٽر تنهنجي اچڻ جو ذڪر ڪيو هو اسان اوهانجي اتي پهچڻ کان اڳ ۾ ئي سڀ بندوبست ڪري ڇڏيا، اوهان سمجهي ويا، يا نہ؟"

•

ڪرسٽوفر، ٽوني هيرس ۽ وان ايلن بي حد مايوس ۽ ٽڪل ٽڪل ڪرسٽوفر جي گهر پهتا. رستي ۾ٽئي خاموش رهيا، ٽئي سوگوار وينا هئا. گهر پهچندي ئي ڪرسٽوفر چيو "سيائٽي هي ملڪ هنن جوهوندو."

"لڳي ته ائين ٿو." ٽوني هيرس چيو

"۽ اسين ڪاميابي جي ڪيترو نہ ويجهو پهچي ناڪام ٿيا آهيون."

ڪرسٽوفر ٽڏو ساهہ کڻي چيو "آر دستاويز منهنجي هٿ ۾ هئي، هاڻ ته بس شراب ۾ تڙڪڻ تي دل ٿي چوي."

"بلڪل! هاڻ پيو رکيو بہ چا آهي؟... هلو ته ڪنهن بار ۾ هلي ويهون." وان ايلن چيو

اُهي ٽئي نڪرڻ وارا هئا، جو فون جي گهنٽي وڄي. ڪرسٽوفر هٿ وڌائي فون کنئي، "ڪرسٽوفر ڪولنس اسپيڪنگ" هن مائوٿ پيس ۾ چيو

"آئون جمي پيو ڳالهايان، تنهنجي لاءِ هڪ سٺي خبر آهي، آئون تفصيل ۾ ته نہ ويندس ... مختصر ٻڌي ونو ... ٽامسن جو اوهانجي زال جي ڪيس جي سلسلي ۾ نئين شاهد جي دعويٰ غلط هئي، آئون خود ايڊ لازر ڪمان سان ڳالهائي آيو آهيان ۽ اوهانجي زال جي باري ۾ ٽامسن جيڪا بڪواس ڪئي هئي، اهو سڀ ڪوڙ هو."

ڪرسٽوفر سک جو ساهہ کنيو"خدا جو شڪر آهي."

"مون ايڊ لاڪ کي پنهنجي پاران تحفظ جي حفاظت ڏني زبان ڪولرائي. هن مڃيو ته ٽامسن ڪيس بليڪ ميل ڪري پنهنجي بيان ڏيڻ تي مجبور ڪيو هو. مون وٽ ايڊل جو لکت ۾ بيان موجود آهي، هاڻ ته اُبتو ٽامسن کي ئي جواب ڏيڻون پوندو.... اوهين چئو ته معاملي کي اڳيان وڌايان."

"نہ مون کي فقط ڪيرن جو خيال هو..... ڪيرن ڪٽي آهي."

"هوءَ هتي مون سان گڏ آهي... سائس ڀالهايو...."

پي گهڙي ڪيرن جو ڀهڪندڙ آواز ٻڌڻ ۾ آيس. پوءِ هوءَ خوشيءَ جي ڪري روئڻ لڳي. ڪرسٽوفر ڪيس آئٽ ڏني. ڪجهه گهڙين کانپوءِ ڪيرن پاڻ کي سنياليو" ڪرس ڊارلنگ! هاڻ تون استعيفيٰ ڏيئي ڪيلي فورنيا وڃي سگهين ٿو هاڻ تون ترميم جي خلاف وڙهي سگهين ٿو..... ويندين نہ؟"

"گهڻي دير تي چڪي آهي پياري! ٽامسن ڪٽي چڪو آهي." ڪرسٽوفر چيس ۾ ٽڪل لهجي ۾ سڄو تفصيل ٻڌايائين "آر دستاويز جي تباهي کانپوءِ اسين جنگ هارائي چڪا آهيون." هن چيو

ٻئي پاسي خاموشي ڇانئجي وئي. ڪرسٽوفر ڪيترائي ڀيرا ڪيرن کي سڏيو پوءِ ڪيرن جو زندگي سان ڀرپور آواز ٻڌڻ ۾ آيو "تون ڪجهه وساري رهيو آهين. توکي ان ڪيسٽ جي ڪاپي ملي سگهي ٿي."

ڪرسٽوفر چڪرائجي ويو ڀالهه هن جي سمجهه ۾ نہ آئي." ڪهڙي ڪاپي.... چا پئي چوين؟"

"ياد ڪونہ اٿئي... ان رات ٽامسن جي سوانح لکندڙ.... چا آهي هن جو نالو؟"

"ينگ!" ڪرسٽوفر وچ ۾ ڀالهايو.

"ها. مسٽرينگ ٻڌايو هو تہ ٽامسن پنهنجي سوانح لکڻ جي سلسلي ۾ ڪيترين ئي ڪيسٽون ۾ ڪاغذ ڪاپي ڪرڻ جي لاءِ ڏنا هئا. ان هن ۾ ڪرنل بيڪسٽر جا ڪاغذ ۽ ڪيسٽون به هيون."

ڪرسٽوفر کي جڙ ڪنهن ڏنگ هڻي ڪڍيو "ها..... ها..... ها.... اهو ممڪن تہ آهي. بلڪ يقيني آهي. آئون اجهو چيڪ ٿو ڪريان.... توسان هتي ئي گهر ۾ ملاقات ٿيندي."

•

ڊائريڪٽري ۾ ينگ جو فون نمبر ۽ پتو موجود هو. فون ڪرڻ تي خبر پئي تہ هو گهر موجود نہ هو. البتہ هن جو رکارڊ ٽيل. پيغام مليو "هيلو! آئون ينگ پيو ڀالهايان هينئر آئون ڪنهن تقريب ۾ پيو وڃان هڪ بجي موٽي ايندس."

اُهي ٽئي ويٺا وقت گذاريندا رهيا. ينگ هاڻ هن جي آخري اميد هو ان ڀالهه جو به امڪان هو تہ ٽامسن ڪيس 'اي جي جي' جنوري ڪيس ڪاپي ڪرڻ جي لاءِ ڏنو هجي ان صورت ۾ آر دستاويز ايجا به هنن جي هٿ چڙهي سگهيو ٿي. هو ويٺا گهڙي ڏسندا رهيا. هڪ هڪ منٽ ڳڻيندا رهيا. يارهين بجي تائين جي اوسيڙي

هنن جي شڪل ئي بگاڙي ڇڏي. هنن فيصلو ڪيو ته باقي انتظار ينگ جي گهرجي ٻاهران هلي ڪجي. هو ٽوني جي ڪار ۾ ويٺا ۽ فريدر ڪس برگ ڏانهن روانا ٿي ويا. هڪ ڪلاڪ پنجن منٽن ڪانپوءِ هنن ينگ جي بنگلي جي سامهون ڪار بيهاري ۽ ڪرسٽوفر لهي ڪيترائي ڀيرا ڪال بيل ڏٻائي. پر ينگ اڃا واپس نه آيو هو. کين اوسيئڑي جو هڪ ٻيو عذاب ناڪ ڪلاڪ گذارڻو هو.

هڪ لڳي پنجن منٽن تي هڪ ڪار جون لائيٽون نظر آيون اها هڪ ڳاڙهي رنگ جي اسپورٽس ڪار هئي. جيڪا بنگلي جي "ڊرائيو وي" ۾ داخل ٿي. ينگ ڪار مان لٿو ۽ ڪار جو دروازو بند ڪيائين. پوءِ هن شڪي نظرن سان ٽوني جي ڪار کي ڏٺو ۽ تيزيءَ سان پنهنجي بنگلي ڏانهن وڌيو.

ڪرسٽوفر هن جي پويان لڳو گڏوگڏ هن رڙ ٻه ڪئي. "ينگ هيءَ آئون آهيان ڪرسٽوفر"

ينگ دروازو کولي گهر ۾ گهڙڻ وارو هو جو سڏ ٻڌي بيهي رهيو. ٽوني ۽ وان ايلن ينگ جي پويان هئا.

"خدا جي پناهه!" ينگ اطمينان جو ساهه کڻندي چيو "تو ته مونکي ڏيڇاري ڇڏيو..... مون سمجهيو ته اڄ ڦر جي ويس." پوءِ هن کي ٽوني ۽ وان ايلن نظر آيا.

"هي.... هيتري رات جو..."

"آئون توکي اهو سمجهايان ٿو" ڪرسٽوفر جلدي جلدي تعارف ڪرايو. پوءِ ينگ کي چيائين. "تون اسانجي مدد ڪري سگهين ٿو ... آئون توکي ٻڌائي نٿو سگهان ته معاملو ڪيترو نه اهم آهي."

"اندر اچو." ينگ چيس

"سڀ ڊرائنگ روم ۾ وڃي ويٺا ينگ جيڪٽ لاهيندي چيو "هاڻ ٻڌايو... رات جو هڪ بجي اوهانکي مون سان ڪهڙو ڪم اچي پيو آهي آئون ته صفا بيڪار ماڻهو آهيان."

"تون پنهنجي اهميت کان واقف ناهين ينگ!" ڪرسٽوفر چيس" پهرين اهو ٻڌائي ته تون 35 هين ترميم کي رد ٿيندي ڏسڻ چاهين ٿو يا نه؟"

"ان لاءِ ته آئون دنيا جو هر ڪم ڪري سگهان ٿو. پر مسٽر ڪرلنس. هاڻ اهو ممڪن ڪونهي. سياڻي شار بلڪ اڄ جي [illegible] فورنيا سينٽ ان جي توثيق..."

"هڪ امڪان اڃا به آهي ۽ ان جو مدار توتي آهي ... تون ٽامسن جي

ڪتاب جي سلسلي ۾ تحقيقاتي مواد ڪٿي رکندو آهين؟"

"پاسي واري ڪمري ۾.... مون ان کي اسٽڊي بنائي ورتو آهي... ڏسڻ چاهيو ٿا؟" ينگ چيو

هو پاسي واري ڪمري ۾ هليا آيا درياءَ جي پرسان هڪ ميز هئي، جنهن تي ڪاغذن جو ڍڳ پيو هو هڪ پاسي آءِ بي ايم جو ٽائيپ رائٽر رکيو هو سامهون واري پٽ سان گڏ هڪ ڊرائنگ ٽيبل لڳل هئي، ان تي به ڪاغذن جو ڍڳ رکيو هو ميز جي هڪ ڪنڊ ۾ ٽيپ ڪارڊ پيو هو پرسان ئي به پور ٽيبل ٽيپ ريڪارڊ رکيا هئا، جيڪي شايد ڪيسٽن جي ڪاپي جي سلسلي ۾ استعمال ٿيندا هئا. ٽين پٽ سان گڏ به فائلنگ ڪيبنيٽ رکيل هيون.

"هي منهنجو ڪاڙ خانو آهي." ينگ معذرت واري لهجي ۾ چيو "پر چا ڪريان. آئون شين کي ائين ئي پکيڙي ڪم ڪرڻ جو عادي آهيان ۽ ها ته مسٽر ڪولنس! آئون اوهانجو ٿورائتو آهيان، آئون ۽ ايمي سڄي عمر اوهانجا ٿورائتا رهنداسين."

"اها فضول ڳالهه آهي، البته هينئر مونکي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي، ان جو واسطو ٿامسن جي ڪتاب جي سلسلي ۾ تنهنجي ريسرچ سان آهي، پر شرط اهو آهي ته منهنجي گهربل شيءِ موجود هجي."

ينگ فڪر مند نظر اچڻ لڳو"آئون هر ممڪن خدمت جي لاءِ حاضر آهيان."

هن چيو "پر اوهانکي خبر آهي ته هي سڄو مواد ڳجهي نوعيت جو آهي مون ورنن ٿامسن سان پنهنجي عزت جو قسم کڻي واعدو ڪيو هو ته اهي شيون ڪنهن کي به نه ڏيکاريندس...؟ جيڪڏهن ڪيس خبر پئجي وئي ته مون اوهانکي ڪجهه ڏيکاريو آهي ته ...! هو چوندي چوندي بيهي رهيو..." پوءِ مضبوط لهجي چيائين، "لعنت هجيس، اوهان منهنجي لاءِ وڏو خطرو ڪنيو آهي ... ته چا آئون اوهانجي لاءِ ڪو خطرو کڻي نٿو سگهان... ٻڌايو اوهانکي چا کپي؟"

"توکي ياد آهي ته ان رات ڊنر جي دوران تو ٻڌايو هو ته ٿامسن توکي ڪرنل بيڪسٽر جي ڪجهه فائيلن جا نقل ٺهرائڻ جي لاءِ ڏنا آهن ان ۾ ڪجهه ڪيسٽون به هيون."

"هائو! سيني فائيلن جا نقل ٺهرائي چڪو آهيان.... پر ڪيسٽون...."

ڪرسٽوفر جي دل ٻڏڻ لڳي.

"ڪيسٽن تي ڪم اڃا ٻ جاري آهي." ينگ چيو" ان هن جي لاءِ مون کي ٻيو ٽيپ مسواڙ تي ونڻو پيو ڪجهه ڪيسٽن جي ڪاپي ڪرڻ جو ڪم اڃا ٻ رهيل آهي."

"ڪرنل بيڪسٽر جي ڪيسٽن جي باري ۾ٻڌائي،؟" ڪرسٽوفر پڇيس

"ڪرنل بيڪسٽر جي رڪارڊ مان ٽامسن مونکي جيتريون ڪيسٽون ڏنيون هيون. آئون انهن جي ڪاپي ٺهرائي چڪو آهيان."

"تو ڪا ڪيسٽ ٻڌي ٻ آهي."

"نه اڃا تائين ٻڌڻ جو نه موقعو مليو اٿم نه ئي فرصت."

"اصل ڪيسٽ ڪيڏانهن ڪيئي...؟"

"انهن جون ڪاپيون ٺهرائي ٽلمسن کي واپس ڪري ڇڏيون اٿم. انهن جون ڪاپيون مون وٽ آهن."

"توکي ڪيئن خبر پوندي ته ڪهڙي ڪيسٽ ۾ چا آهي؟"

"مون هر ڪيسٽ تي اصل ڪيسٽ جو عنوان ٻ لکي ڇڏيو آهي"

"مونکي هڪ اهڙي ڪيسٽ جي ڳولا آهي. جنهن تي اي جي جي جنوري لکيل هجي."

"اجهو ٿو ڏسان." اهو چئي ينگ هڪ فهرست چيڪ ڪرڻ شروع ڪئي ڪرسٽوفر بيچيني مان کيس ڏسڻ لڳو. ڪجهه گهڙين کانپوءِ ينگ خوش ٿيندي ٻڌايو" هائو موجود آهي."

"توکي يقين آهي ته ان ڪيسٽ جي ڪاپي تو وٽ آهي؟" ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ بي يقيني هئي.

"سئو سيڪڙو يقين اٿم."

"واهه ...." ڪرسٽوفر سوپاري لهجي ۾ رڙ ڪئي ۽ ينگ سان هڪجي ويو. "ينگ توڻ تصور ٻ نٿو ڪري سگهين ته تو ڪيڏو نه وڏو ڪم ڪيو آهي."

ينگ جي نظرن ۾ مونجهارو هو هن جي سمجهه ۾ ڪجهه ٻ نه پي آيو "مون! مون چا ڪيو آهي؟"

"تو اسان کي آر دستاويز فراهم ڪيو آهي."

"آر دستاويز؟.... اها وري ڪهڙي بلا آهي."

"ان چڪر ۾ نه پئو." ڪرسٽوفر هيجاني لهجي ۾ چيو "تون اسان کي اها ڪيسٽ ٻڌائي"

ينگ، ڪيسٽ، ٽيپ رڪارڊ ۾ لڳائي. ڪرسٽوفر، ٽوني هيرس ۽ وان ايلن ميز جي ويجهو اچي ويا. هو پنهنجي هيجاني ڪيفيت لڪائڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا هئا. ينگ، ٽيپ رڪارڊ جو پلگ ساڪٽ ۾ لڳايو؟ نظرون کٽي هنن کي ڏسندي چيائين، "خبر ڪونهي ته ڪهڙو ڇڪر آهي بهرحال، اوهين ڪيسٽ ٻڌڻ جي لاءِ تيار آهيو ته آئون به تيار آهيان."

"اسين تيار آهيون." ڪرسٽوفر چيو ۽ پاڻ اڳيان وڌي پلي جو بٽڻ دٻايائين. ڪيسٽ چرپر ۾ آئي، هڪ گهڙي ڪانپوءِ ڪمرو ورنن ٽامسن جي آواز سان پُرائجي ويو.

•

ڪرسٽوفر، ڪيڊ هڪ ڪار جي پوئين سيٽ تي بي چين ويٺو هو سان فرانسيسڪو، مان ان ڪار ۾ ويٺو هو ۽ هاڻ سڪرا منٽو جي باهرين علاقي مان لنگهي رهيو هو. هن اڳيان جهڪندي ڊرائيور کي هڪ پيرو پيهر چيو "تون وڌيڪ تيز هلائي نٿو سگهين!"

"آئون انتهائي تيز رفتاريءَ سان پيو هلايان سائين؟ ٽريفڪ جي هن ميڙ ۾ هن کان وڌيڪ تيز هلائڻ ممڪن ڪونهي." ڊرائيور جواب ڏنو

ڪرسٽوفر پنهنجي بي چينيءَ تي قابو پائڻ جي پرپور ڪوشش ڪري رهيو هو هن ختم ٿيندڙ سگريٽ مان پيو سگريٽ ڪڍيو ۽ دري مان ٻاهر ڏٺو شهر جا آثار ڇنا ڇيندا پي ويا. اُن مهل هو سڪرامنٽو ۾ داخل ٿي چڪا هئا. هاءِ وي تي پهچي ڊرائيور پنهنجي رفتار وڌائي ڇڏي. ڪرسٽوفر کي احساس هو ته هو وقت جي تنگي جي سنگين مسئلي سان منهن مقابل آهي.

هو سوچيندو رهيو ته هن ڏڪهي جدوجهد ڪانپوءِ جيڪا ڪاميابي ماڻي آهي، اها وقت جي معمولي فرق سان بيڪار ثابت ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ائين ٿيو ته اها بدقسمتي ئي هوندي. اهو ڪوهيڙو جيڪو هن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيو هو اهو هٽي رهيو هو. پر اها ڳالهه يقيني هئي ته سڪرامنٽو ايئرپورٽ جو نظام ايڏا بحال نه ٿيو هوندو.

پروگرام موجب ڪيس هوائي جهاز جي ذريعي ڪيلي فورنيا جي وقت موجب ٻارهن لڳي 25 منٽ تي سڪرامنٽو پهچڻو هو. هڪ بجي ڪيس ڊربي ڪلب ۾ اولن ڪيف سان ملڻون هو. اولن ڪيف، ليفٽيننٽ گورنر ڊوفيلڊ ۽ سينٽ جي

صدر ايب سان ملڻ جي لاءِ ٽائيم ورتو هو. سينٽ ۾ 35 هين ترميم تي آخري ووٽنگ ٻين ٻجي ٽيٽي هئي. بلڪ ٻنهي ايوانن جي گڏيل قرار داد پڙهجڻي هئي. ووٽنگ شروع ٿيڻ کانپوءِ اها رڪجي نه پي سگهجي. نه ئي وري ٻيهر ڳڻپ ٿي پي سگهي ۽ نه ئي ووٽنگ جو فيصلو رد ٿي پي سگهيو. پراڻي زماني ۾ هڪ قرارداد تي ٻيهر غور ٿي پي سگهيو. 1972ع ۾ 27 هين ترميم جي موقعي تي ائين ٿي چڪو هو. ٻن رياستن ۾ مونٽ ۽ ڪنڪٽي ڪٽ پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري ورتي هئي. پر هاڻ گهٽين رياستن ۾ خاص ڪري ڪيلي فورنيا ۾ ان ڳالهه جي موڪل نه هئي. ٻين لفظن ۾ 35 هين ترميم منظور ٿي ويڻ کانپوءِ نظرثاني جي گنجائش نه هئي. اها ٽامسن جي سوچ ۽ عوام جي شڪست ٿئي ها.

ڪرسٽوفر گهڙيءَ ۾ وقت ڏسو ٻن مان اوٽيهه منٽ گهٽ هئا. هن سگريٽ جو ڪش هڪندي گذريل رات بلڪ اڄ صبح جو يادن کي تازو ڪيو ينگ جي ڏنل ڪيسٽ ٻڌندي ئي هو خوشي ۽ فتح جي احساس سبب جڙ چريا ٿي پيا. هنن جون اميدون ٻيهر ڪري موڙي اُٽيون ۽ ڪين صورتحال جي سنگيني جو به احساس ٿي ويو. هاڻ هنن جي ڪلهن تي ڳريون ذميواريون هيون هنن جو حڪم جهاڻ جو درجو اختيار ڪري ويو صبح جو ٻين ٻجي فريڊرڪس برگ مان انصاف ڪاتي ڏانهن واپس ورندي سفر ۾ هنن پنهنجا پنهنجا فرضن طئي ڪري ورتا هئا. وقت گهٽ ۽ ڪم گهڻو هو ڪرسٽوفر جي آفيسر مان نڪري هو پنهنجو پنهنجو فرض پورو ڪرڻ جي لاءِ روانا ٿي ويا. فون ڪال جي ذميواري ڪرسٽوفر تي وڌي وئي. هوا ٽارني جنرل جي حيثيت سان هڪدم ڏيان حاصل ڪري ونڊي ها. ٽوني هيرس جي ذمي ڪيسٽ مان ٽامسن جي آواز جي پرنٽ ڪيڊرائڊ ۽ اهو سرٽيفڪيٽ ونڊ جو هو ته جيئن واسطيدار ماڻهن کي اهو يقين ڏياري سگهجي ته اهو آواز ٽامسن جو ئي آهي. وان ايلن کي ڪيليفورنيا ويندڙ فلائيٽ تي ڪرسٽوفر جي سيٽ بوڪ ڪرائڻي هئي. ملٽري جهاز استعمال ڪرڻ جو مشورو به ويچار هيٺ آيو. پر ڪرسٽوفر اهو رد ڪري ڇڏيو ته ايئن ٽامسن اينڊ ڪمپني کي خطري جو احساس ٿي سگهي ٿو ۽ هو سندن راهن ۾خطرناڪ رڪاوٽون کڙيون ڪري پي سگهيا. تنهن ڪانسواءِ ڪرسٽوفر ٽي لاءِ آر دستاويز جي ڪاپي ٺهرائڻي هئي ۽ ڪرسٽوفر جي لاءِ ٽيپ رڪارڊ مهيا ڪرڻو هو.

ڪرسٽوفر کي سونپيل ڪم کانسواءِ باقي ٻيا سڀ ڪم خير خوبيءَ سان ٿي ويا. ٽوني هيرس مشهور آوازن جي ماهر کي جاڳايو ڊاڪٽر لينارٽ سان هن جا

ذاتي لاڳاپا هئا. هن ڊاڪٽر کي ڪيسٽ ڏني ته جيئن هو ٽامسن جي آواز جو مشين پرنٽ مهيا ڪري سگهي. پيٽ جي لاءِ ٽامسن جي تقريرن جا نمونا به فراهم ڪيا ويا. ڊاڪٽر ليارٽ پنهنجي ليبارٽري ۾ ڪم ۾ مصروف ٿي ويو. هن ڪلاڪن ڪانپوءِ هن لکت ۾ تصديق ڪئي ته ڪيسٽ وارو آواز ٽامسن جو آهي. ان دوران وان ايلن پنهنجو ڪم ڪري چڪو هو. ڪرسٽوفر کي اٺ لڳي ڏهن منٽن واري فلائيٽ ۾ شڪاگو روانو ٿيڻو هو. شڪاگو مان ڏهه لڳي ڏهن منٽن واري فلائيٽ ۾ ڪيس سڪرانمنٽو پهچڻون هو.

ڪرسٽوفر جو ڪم بهرحال ڏکيو هو. ڪيس ڪيليفورنيا اسٽيشن ۾ سينيٽ جي آفيسرن کي پنهنجي اوچتو اچڻ جو اطلاع ڏيئي اهو ٻڌائڻو هو ته وٽس هڪ خطرناڪ ۽ تباهه ڪندڙ شاهدي موجود آهي. جيڪا 35هين ترميم ٽيندڙ ووٽنگ تي اثر انداز ٿي سگهي ٿي. ان حوالي سان ڪيس واسطيدار آفيسر کان ملاقات جو وقت ونڊڻون هو. هو فون تي ڪين آر دستاويز جو تفصيل ٻڌائي نٿي سگهيو. آر دستاويز تي ته فقط ٻڌي ئي يقين ڪري ٿي سگهيو. پوءِ ته خطرو هي هو ته جيڪڏهن ٽامسن کي ڪٽان سٽس به پڻجي وئي ته هو ڪو وڏو قدم کڻي سگهي ٿو.

هن ڪيليفورنيا جي گورنر ڊوفليڊ جي گهر جو فون نمبر ملايو. گهنٽي وڄندي رهي. پر ڪنهن به رسيور نه کنيو. وقفي وقفي سان هن ڪيترائي ڀيرا نمبر ملايو. پر بيڪار. ان جو مطلب اهو ٿي پي سگهيو ته يا ته نمبر خراب هو يا وري ڊوفيلڊ رات جو ڊسٽرب ٽيڪ کان بچڻ جي لاءِ رسيور هيٺ رکي ڇڏيو هو.

ان پاسي کان مايوس ٽيڪ کانپوءِ هن ڪيليفورنيا سينيٽ جي صدر سينيٽر ايب جو نمبر ملايو. پهريون به ڪالون رائگان ويون. ٽين ڪال تي مسز ايب جو ننڍ ۾ ٻڌل آواز ٻڌڻ ۾ آيو. هن ٻڌايو ته سينيٽر ايب شهر کان ٻاهر ويل آهي. البته سياٽي صبح جو ساٽس سنڊس آفيس ۾ ملاقات ٿي سگهي ٿي.

ڪرسٽوفر جي مايوسيءَ جي انتها نه رهي. هن جي سمجهه ۾ نه پي آيو ته هاڻي ڪنهن سان رابطو ڪري. هن وائيٽ هائوس، صدر ڪلبرٽ کي فون ڪرڻ جو سوچيو پر اهو ثابت ٿي چڪو هو ته صدر صاحب 35ترميم جو زبردست حامي هو. اهو سوچي ته هين حالتن کي هو پنهنجي طور تي منهن ڏيئي سگهي ٿي. اهو خطرو کڻي نه ٿو سگهجي.

پوءِ اوچتو ڪيس اولن ڪيف جو خيال آيو. اولن ڪيف جو نمبر هڪدم ملي

ويس. ڪرسٽوفر بنا ڪنهن رسمي دعا سلام جي چيو "آئون اڄ هڪ بجي سڪرامنٽو پهچي رهيو آهيان. مون وٽ 35هين ترميم جي خلاف هڪ زبردست شاهدي آهي. جيڪا ووٽنگ کان اڳ پڌرو ڪيو. تون ليفٽيننٽ گورنر ڊونلڊ ۽ سينيٽ جي صدر ايب سان منهنجي ملاقات طئي ڪرائي سگهن ٿو. منهنجو سائٽس رابطو نه ڪيو ٿئي."

"هو هڪ بجي ڊربي ڪلب ۾ مانجهاندو ڪري رهيا هوندا. پوڻين پين بجي تائين هو اتي هوندا. آئون ڪين تنهنجو انتظار ڪرڻ جي درخواست ڪندس. بلڪ سائٽن گڏ رهندس."

"ڪين پڌائج ته اهو معاملو بي حد اهم بلڪ سئو سيڪڙو ارجنٽ آهي."

"آئون پنهنجو ڪم ڪندس بس تون رڳو وقت تي پهچي وڃج. جيڪڏهن هو چيمبر فلور تي هليا ويا ۽ ووٽنگ شروع ٿي ويئي ته پوءِ تون انهن تائين پهچي نه سگهندين."

"آئون وقت تي پهچي ويندس." ڪرسٽوفر واعدو ڪيو.

هڪ حد تائين هر ڪم شيڊيول موجب ٿيو. هو وقت تي شڪاگو پهچي ويو. سڪرامنٽو ۾ وقت تي پهچڻ يقيني هو. پر پوءِ خبر پئي ته سڪرامنٽو ايئرپورٽ ڏنڌ ۾ ويڙهيل آهي. تنهنڪري فلائيٽ سان فرانسسڪو شفٽ ڪيئي ويئي. سان فرانسسڪو کان، سڪرامنٽو جو فاصلو اسي ميل هو ۽ جهاز ڪي سادي ٻارهين بجي سان فرانسسڪو پهچڻو هو.

ان سفر جي دوران ڪرسٽوفر پهريون پيرو فڪرمند ٿيو. هو ماضيءَ ۾ ٻه سان فرانسسڪو مان ڪار جي ذريعي سڪرامنٽو وڃي چڪو هو. اهو لڳ ڀڳ ڏيڍ ڪلاڪ جو سفر هو. سان فرانسسڪو مان هن اولن ڪيف، ڊونلڊ ۽ ايب ڪي فون ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪنهن سان به ڳالهه ٻولهه نه ٿي سگهيس. ٽيٽ هن ڊرائيور سميت هڪ ڪيڊلڪ ڪار حاصل ڪئي ۽ ڊرائيور کي سڪرامنٽو هلڻ جي هدايت ڪئي.

هاڻ اڻا ڳالهه اطمينان بخش هئي ته ڪيڊلڪ، سڪرامنٽو جي حد ۾ داخل ٿي چڪي هئي. ڊرائيور ڪرسٽوفر کان پڇيو ڪٿي هلڻو آهي. ڪرسٽوفر هن کي ڊربي ڪلب هلڻ جي لاءِ چيو. ڪجهه گهڙين کان پوءِ هو ڊربي ڪلب پهچي ويا. "گاڏي هتي ئي بيهار." ڪرسٽوفر ڊرائيور کي چيو. "مونکي واپسي ۾ ڪا گهٽي دير نه لڳندي" اهو چئي هن دروازو کوليو ۽ اٽيچي ڪيس کڻي ٻاهر

نڪتو. ٽيپ ريڪارڊ ۾ ڪيسٽ اٽيچي ڪيس ۾ موجود هئا. هن گهڙي ڏني. هن ۾ نو منٽ گهٽ هئا. هو ايڪونجاهه منٽ ليٽ هو. سوال اهو هو ته چا اولن ڪيف، ڊونلڊ ۾ ايب کي هيستائين روڪڻ ۾ ڪامياب ويو؟

هو جلدي ڪلب ۾ گهڙيو. هن جو منهن لهي ويو. طعام گاهه ۾ فقط هڪ شخص موجود هو اولن ڪيف هن کي ڏسندي ئي ڏانهنس ڊوڙيو "چا ٿيو؟ آئون ته مايوس ٿي ويو هئس." هن چيو.

ڪرسٽوفر ڪيس مختصر طور تي پنهنجي دير جو سبب ٻڌايو. پوءِ هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي پڇيو. "ڊونلڊ ۾ ايب ڪٿي آهن؟"

"آئون ڪين ايتري دير ته روڪي نٿي سگهيس." اولڊ ڪيف معذرت ڪئي. "ڪين ووٽنگ جو انتظام به ڪرڻو هو. قرارداد جي پڙهڻي ۾ ووٽنگ جي لاءِ پيش ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ ۾ ايجان ست منٽ آهن. آئون پڪ سان ته ڪجهه چئي نٿو سگهان. بهرحال ڪين ٻاهر آڻڻ جي ڪوشش ڪري سگهون ٿا."

"اهو تمام ضروري آهي" ڪرسٽوفر جو آواز ڏڪي رهيو هو.

هو تيزيءَ سان ڪلب مان نڪتا ۽ پڇندا پرهجوم يارهين اسٽريٽ تي ڪيپيٽل بلڊنگ طرف وڌيا. "سينيٽ چيمبر بلڊنگ جي ڏاڪڻي حصي ۾ ٻي ماڙ تي آهي. دروازو بند ٿيڻ کان اڳ اسانجو اتي پهچڻ ڏکيو آهي."

ڪرسٽوفر کو به تبصرو نه ڪيو. هو ٻئي پڇندا بلڊنگ ۾ گهڙيا. اولن کيف ڏاڪڻين طرف اشارو ڪيو. ڏاڪڻيون چڙهندي هن ڪرسٽوفر کي چيو. "توکي خبر آهي ته اڄ صبح جو ورنن ٽامسن هتي آيو هو؟"

"هائو! مونکي خبر آهي. اهو ٻڌائي ته هن کهڙو تاثر ڇڏيو؟"

"ڏاڍو سٺو. هو گهڻو ڪامياب رهيو. هن دستور ساز ڪميٽي کي هيپناٽائيز ڪري ورتو. جيڪڏهن توکي 35هين ترميم کي منظوريءَ کان روڪڻو آهي ته هن کان سٺي ڪارڪردگي ڏيکارڻي پوندي."

"جيڪڏهن مونکي موقعو ملي ويو ته آئون هن کان وڌيڪ ڪامياب ثابت ٿيندس." ڪرسٽوفر اٽيچي ڪيس تي هٿ هٽندي چيو. "مون وٽ اها واحد شاهدي آهي، جيڪا ورنن ٽامسن کي تباهه ڪري سگهي ٿي."

"ڪير؟"

"ٽامسن پاڻ ئي." ڪرسٽوفر پرسرار لهجي ۾ چيو.

هاڻ هو سينيٽ جي دروازي تائين پهچي ويا هئا. چالیهن سينيٽرن مان گهڻا

تڏا پنهنجي پنهنجي سيٽن تي ويهي چڪا هئا. ڪجهه دروازي جي ٻاهران بيٺا وڙڪي رهيا هئا. ليفٽيننٽ گورنر ڊوفيلڊ هٿ ۾ مائيڪرو فون جهليو ٻائيس تي بيٺو هو.

"لڪ لعنتا!" اولن ڪيف بڙ بڙ ڪئي. "سارجنٽ ايٽ آرمز دروازو بند ڪرڻ وارو آهي."

"تون ڪنهن نموني ڊوفيلڊ تائين پهچي نٿو سگهين."

"ڪوشش ڪريان ٿو." اولن ڪيف چيو ۽ چيمبر ۾ گهڙي ويو. اتي هو هڪ سارجنٽ سان بحث ڪندو رهيو جيڪو ڪيس روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. پوءِ هو غاليچي تان هلندو اڳيان وڌيو پوءِ ڏيءَ تي پهچي هن سينيٽ جي صدر کي سڏيو. ڪرسٽوفر خاموش بيٺو هو اهو سڀ ڏسندو رهيو. خاموش ان ڪري ته هن تائين ڪو به آواز نه پي پهتو. ڊوفيلڊ جهڪي، اولن ڪيف جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌي پوءِ هن هٿ سان سينيٽرن جي پريل سيشن طرف اشارو ڪيو. ڪيف وري به ڪجهه چيو. نيٽ ڊونلڊ ناڪار ۾ ڪنڊ ڏوٽي هيٺ لٿو. هنن جي وچ ۾ ٻيهر ڳالهه ٻولهه ٿي. اولن ڪيف ڳالهائيندو رهيو. پوءِ هن ڏانهن اشارو ڪيائين. جيڈانهن ڪرسٽوفر بيٺو هو. ڊوفيلڊ ڪجهه گهڙيون مونجهاري جو شڪار رهيو. هو فيصلو نه پي ڪري سگهيو. پوءِ هڪ جي باوجود به هو اولن ڪيف سان گڏ اوسيئڙي ۾ بيئل ڪرسٽوفر ڏانهن وڌي آيو.

ڊوفيلڊ خوش کو نه پي نظر آيو. "محترم اٽارني جنرل، فقط اوهانجي احترام جي ڪري ڏيءَ تان لٿو آهيان. اسيمبلي جي ميمبر اولن ڪيف ٻڌايو آهي ته اوهان وٽ 35هين ترميم بابت اهم شاهدي آهي، جيڪا ووٽنگ کان اڳ سامهون اچڻ گهرجي."

"هائو! نه رڳو اهو پر اهو به ضروري آهي ته هر سينيٽر پاڻ ئي اها شاهدي ٻڌي" ڪرسٽوفر چيو.

"ان جو بندوبست ڪرڻ ته ممڪن ڪونهي. گهٽي دير ٿي ويئي آهي. مسٽر اٽارني جنرل! سيئي اهم شاهد دستور ساز ڪميٽي جي سامهون پيش ٿي چڪا آهن. اهو سلسلو چئن ڏينهن کان جاري هو ۽ اڄ صبح جو ايف بي آءِ جي ڊائريڪٽر ورنن ٽامسن جي شاهدي کانپوءِ بند ٿيو آهي. هاڻ کو به مباحثو ممڪن ڪونهي. تنهنڪري اوهانجي شاهدي بحث جي لاءِ هائوس ۾ پيش نٿي ڪري سگهجي. هاڻ 35هين ترميم جي قراردار پڙهجڻ واري آهي. ان کانپوءِ

ووٽنگ جو مرحلو آهي. آئون پروسيس ۾ مداخلت ڪري نٿو سگهان."

"ان جي هڪ صورت آهي" "ڪرسٽوفر چيو. "اوهين چيمبر کان ٻاهر نڪري منهنجي شاهدي ٻڌي ونو. ايتري دير سيشن کي ملتوي رکو."

"پر اها تہ بي قائدگي ۽ ضابطي جي خلاف ڳالهہ ٿيندي."

"آئون اوهانجي ۽ سينيٽرز جي سامهون جيڪو ڪجهہ پيش ڪيو آهي. اها ڪا معمولي شيءِ ڪونهي. اها بہ وڏي بي قائدگي آهي. اها شاهدي مونکي ڪلهہ رات ملي آهي ۽ آئون فوري طور تي ڪيليفورنيا هليو آيو آهيان. اها شاهدي اوهان جي لاءِ سينيٽ جي لاءِ ڪيليفورنيا رياست جي عوام جي لاءِ ۽ سڄي آمريڪا جي لاءِ گهڻي اهميت واري آهي. جيڪو ڪجهہ منهنجي اٽيچي ڪيس ۾ موجود آهي. ان کي ٻڌڻ کانسواءِ اوهين 35هين ترميم جي باري ۾ ڪو صحيح فيصلو ڪري نٿا سگهو."

ڪرسٽوفر جي لهجي ۾ ايتري تہ سختي ۽ يقين هو جو وفيلڊ متاثر ٿيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهيو. "اوهان جيڪو ڪجهہ چيو آهي. ان جي باوجود بہ آئون ووٽنگ روڪرائي نٿو سگهان."

"ڪورم پورو نہ هجي تہ ووٽنگ نٿي ٿي سگهي." ڪرسٽوفر چيو.

"اوهين چاهيو ٿا تہ سينيٽرن جي گهٽائي فلور کان غير حاضر رهي. نہ مسٽر اٽارني جنرل ايئن ڪر نہ هلندو. سينيٽرن کي واپس آڻڻ جي لاءِ تحريڪ پيش ڪئي ويندي ۽ سارجنٽ ايٽ آرنر سيني غير حاضر سينيٽرن کي فلور تي وٺي ايندو."

"پر ان وقت تائين آئون پنهنجي شاهدي پيش ڪري چڪو هوندس." وفيلڊ شڪي لهجي ۾ چيو. "آئون ڪجهہ چئي نٿو سگهان. پر اهو تہ ٻڌايو اوهين گهڻو وقت وٺندا؟"

"فقط ڏهہ منٽ."

"ڇ سينيٽرن کي شاهدي ڪيئن ٻڌرائي ويندي؟"

"اوهين کين غير رسمي طور تي ويهن ويهن جي ٻن گروپن ۾ وٺي ايندا. اوهين کين اهو سڀ ڏيان سان ٻڌڻ جي هدايت ڪجو جيڪو اوهين خود اڳ ۾ ٻڌي چڪا هوندا ۽ اوهين يقين ڪريو تہ منهنجي شاهدي ٻڌڻ کانپوءِ اوهين اها سينيٽرن کي بہ ٻڌائڻ پسند ڪندا. ان کانپوءِ پلي ووٽنگ ڪرائي وٺجو."

وفليڊ ايجا بہ هيڪي رهيو هو. "مسٽر اٽارني جنرل! اوهانجي درخواست

معمول کان هٹي ڪري آهي. بنهه غير معمولي آهي."

"مون عرض ڪيو ته آئون جيڪا شاهدي پيش پيو ڪريان، اها به غير معمولي آهي." ڪرسٽوفر اڳيچي ڪيس تي هٿ هٽندي چيو. هو ڪابينا جي آفيسر جي حيثيت سان پنهنجي پوزيشن کان به چڱي طرح واقف هو. هو گهٽو زرو پري پي سگهيو. دباءُ وجهي پي سگهيو. پر ڪيس خبر هئي ته رياستن جا عملدار رياستن جي حقن جي سلسلي ۾ ڪيترا نه حساس هوندا آهن. تنهنڪري صورتحال جي سنگينيءَ جي باوجود به هن پنهنجو صبر ۽ لهجي جي نرمي برقرار رکي.

"مونکي خبر ڪونهي، آئون ته فقط ايترو جاڻان ٿو ته منهنجي شاهدي جي سلسلي ۾ اوهين ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان وقت ڪڍي سگهو ٿا. ڪو نه ڪو طريقو ۽ ڪو نه ڪو ضابطو ضرور هوندو."

"هائو! ڪجهه سبب اهڙا ٿي سگهن ٿا. جو وقتي طور تي ووٽنگ روڪرائي سگهجي ٿي. جيڪڏهن اوهان وٽ ڪا اهڙي شاهدي آهي، جيڪا ٻنهي ايوانن جي گڏيل ۽ مجوزه قرار داد کي فراڊ ثابت ڪندي هجي. يا اهو ثابت ڪندي هجي ته قرار داد سازش تي ٻڌل آهي. جيڪڏهن اوهين اهو ثابت ڪري سگهو ته...."

"آئون ان کي ملڪ ۽ قوم جي خلاف سازش ثابت ڪري سگهان ٿو." ڪرسٽوفر هڪ هڪ لفظ تي زور ڏيندي چيو. "جيڪو ڪجهه مون پاڻ سان آندو آهي اهو ٻڌڻ يا نه ٻڌڻ تي اسانجي عوامي جمهوريه جي زندگي ۽ موت جو مدار آهي. جيڪڏهن اوهان ۽ سينيٽرن اها شاهدي نه ٻڌي ته يقين ڪجو ته اوهين پنهنجي غلطي جي بار کان قبر تائين به پيڇو ڇڏائي نه سگهندا. اوهانجو ادارو ووٽ ڏيئي ويهندو ۽ ان جو ازالو ڪڏهن به نه ٿي سگهندو."

پهريون پيرو گورنر متاثر ٿيو. پر هن ڪرسٽوفر کي سخت نظرن سان ڏسندي چيو "ٺيڪ آهي، آئون سينيٽر ايب سان گالهائي ڪورم ڏهن منٽن جي لاءِ روڪرائي ٿو ڇڏيان. چوٽين ماڙ تي ڪميٽي روم خالي آهي. اوهين اسمبلي ميمبر اولن ڪيف سان اتي هلو. آئون ۽ سينيٽر ايب اتي اوهان سان ملئون ٿا." هو ٿوري دير ترسيو. پوءِ سخت لهجي ۾ چيائين، "مسٽر اٽارني جنرل! شاهدي اثرائتي هئڻ گهرجي."

"اوهين ڪو به اُلڪو نه ڪريو..... اوهين خود ڏسي وٺجو." ڪرسٽوفر ڳنڀير لهجي ۾ چيو.

هو سپ چوٽين ماڙ تي ڪميٽي روم ۾ ميز جي چوڌاري ويٺا هئا. ڪرسٽوفر انهن حالتن جي وضاحت ڪئي، جن تحت ڪيس آردستاويز بابت پهرين خبر پئي.

"آئون اوهانکي آر دستاويز جي حصول لاءِ ڪيل ڏگهي جدو جهد جو تفصيل ٻڌائي اوهانجو وقت ڏيان نه ڪندس. آئون فقط ايترو ٻڌائيندس ته اهو مونکي اڄ صبح جو مليو آهي. لفظ دستاويز ٻڌي ذهين ۾ ڪاغذن جو تصور اپري ٿو. پر ائين ڪونهي هي هڪ زباني منصوبو آهي. جيڪو اتفاق سان ڪرنل بيڪسٽر جي ٻارنهن سالن جي پوٽي ريڪارڊ ڪري ورتو هو. گذريل جنوريءَ ۾ جنهن گڏجاڻيءَ ۾ اها ڳالهه ٻولهه ريڪارڊ ڪئي ويئي هئي. ان ۾ ٽي شخص شريڪ هئا. ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر ٽامسن، ڊپٽي ڊائريڪٽر هيري ايڊورڊ ءِ ان وقت جو اٽارني جنرل ڪرنل بيڪسٽر. ان ڪيسٽ ۾ فقط ٽامسن ءِ ڪرنل بيڪسٽر جو آواز آهي، اها ڳالهه ٻولهه رڪي بيڪسٽر لکي ريڪارڊ ڪئي هئي. ڪيس ان جي اهميت جو اندازو نه هو نه ئي وري کو احساس. اها ڳالهه يقيني بنائڻ جي لاءِ ته ڪيسٽ ۾ ورنن ٽامسن جو ئي آواز آهي، اسان ٽامسن جي تصديق ٽيل تقريرن جي ٽڪرن واري ڪيسٽ واري آواز جو سائنٽفيڪ تجربو ڪرايو آهي. وائس پرنٽ ڪيرايو آهي، هي ڏسو" هن وائيس پرنٽ جا ڪاغذ ءِ ڊاڪٽر لينارٽ جو تصديقي سرٽفڪيٽ ڊوفيلڊ ڏانهن وڌايو.

ڊوفيلڊ ءِ ايب ڪاغذن جو جائزو ورتو.

"اوهين مطمئن آهيو ته هن ڪيسٽ ۾ ورنن ٽامسن جو آواز آهي" ڪرسٽوفر پڇيو.

ڪرسٽوفر پنهنجي اٽيچي ڪيس کولي ٽيپ ريڪارڊ ڪيو ءِ ان ۾ ڪيسٽ لڳائي "هاڻ اوهين اها شاهدي ڏيان سان ٻڌو هي اهو راز آهي، جنهن کي ڪرنل بيڪسٽر آر دستاويز جو نالو ڏنو هو." هن پلي جو بٽڻ دٻايو ءِ ڊوفيلڊ ءِ ايب جي چهرن کي ڏسڻ لڳو.

ڪيسٽ هلڻ شروع ڪيو. پوءِ اسپيڪر مان آواز اپريو. اهو ورنن ٽامسن جو آواز هو. "اسين هتي اڪيلا آهيون نه بيڪسٽر؟"

بيڪسٽر جو آواز "تو مون سان اڪيلائي ۾ ملڻ تي زور پريو هو ورنن. منهنجي گهر کان وڌيڪ ٻيو ڪو محفوظ هنڌ ٿي نٿي سگهيو."

ٽامسن جو آواز: "ان کي محفوظ ئي هئڻ گهرجي، اسان ان کي جاسوسي جي اوزارن کان پاڪ ڪرڻ جي لاءِ هزارين ڊالر خرچ ڪيا آهن. اڄ آئون توسان

نهايت اهم ڳالهه بولهه ڪرڻ جي لاءِ آيو آهيان."

بيڪسٽر جو آواز "ڪلي ڳالهائي ڪهڙي ڳالهه آهي؟"

ٽامسن جو آواز: "ڳالهه هيءَ آهي ته مون آردستاويز جو آخري عنصر به تخليق ڪري ورتو آهي. هيري ۽ آئون ان جي فول پروف هئڻ تي سهمت آهيون. هاڻ آخري ڳالهه آها آهي ته بيڪسٽر تون عين موقعي تي جند ڇڏائڻ جي ڪوشش نه ڪج. توکي ياد آهي ته، اسين ان ڳالهه تي سهمت آهيون ته اسين هر شيءِ، هر شخص جي قرباني ڏيئي، قوم کي تباهي کان بچائڻ جي ڪوشش ڪنداسين. تون اسانجو ساٿي آهين. تون اسان سان سهمت آهين ته 35هين ترميم ملڪ ۽ قوم جي سلامتي جي آخري اميد آهي. اسان پاڻ ۾ اهو ئي طئي ڪيو هو ته رستي ۾ جيڪا به رڪاوٽ ايندي، اها هر حالت ۾ هٽائينداسين. هاڻ فقط هڪ وک باقي وڃي بچي آهي. ياد رکج ته هيستائين تون هر مرحلي تي اسانجو ساٿي رهيو آهين. هاڻ تون ايترو ته اڳيان وڌي آيو آهين، جو تنهنجي لاءِ پٺتي هٽڻ جو رستو نه بچيو آهي."

بيڪسٽر جو آواز: "ڪهڙيون پيو ڳالهيون ڪرين....؟ آئون پويان هٽندس ڪهڙي شيءِ کان؟"

ٽامسن جو آواز: اسانکي ماڻهن جي لاءِ اهو ڪم ڪرڻون آهي، جيڪو پاڻ ڪري نه ٿا سگهن. اسانکي هنن جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻو آهي. جيئن ئي 35هين ترميم منظور ٿي وئي. اسين آر دستاويز تي عمل شروع ڪري ڇڏيندا سين. اسين هن ملڪ جي نئين سر تخليق ڪنداسين. اسين 35هين ترميم تحت سيئي مجوزه قانوني قدم.....

بيڪسٽر جو آواز: پرورنن! تون 35هين ترميم کي فوري طور تي ۽ هڪدم بي دريغ استعمال ڪري نٿو سگهين. اها ترميم ته فقط هنگامي حالتن ۾ اثرائتي ٿيندي. جيڪڏهن ڪا غير معمولي صورتحال پيدا نٿي ٿئي ته ترميم تي عمل ڪرڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي."

ٽامسن جو آواز: بيڪسٽر..... اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي..... اسانکي رڳو هڪ بحران.... هڪ هنگامي صورتحال تخليق ڪرڻي پوندي حقيقي صورتحال.... آئون ان جو بندوبست ڪري چڪو آهيان. اڪثر هيئن ٿيندو آهي ته گهٽن ماڻهن جي بقا لاءِ هڪ شخص کي قرباني ڏيڻي پوندي آهي. اهو هڪ شخص تون به ٿي سگهين ٿو.... آئون به ٿي سگهان ٿو. ان صورت ۾ تون يا آئون ٿي

وي تي عوام سان خطاب ڪندي هنگامي حالتن جو اعلان ڪري سگھون ٿا. تقرير مون تيار ڪري ورتي آهي. تقرير جي لاءِ تون ئي مناسب رهندين. تقرير هن ريت هوندي"

"محب وطن ساٿيو! منهنجا ديس واسيو! آئون هن سوڳوار حالت ۾ اوهانکي مخاطب ٿي رهيو آهيان. اسين سڀ هڪ گهري ڏک ۾ صدمي ۾ ورتل آهيون. ڪالھ اسانجي محبوب صدر گلبرٽ جي قتل جو هڪ اهڙو صدمو ٿيو جنهن مان اسين اڃان پاڻ سنياڻي نہ سگھيا آهيون. هڪ سازشي قاتل جي هٿ حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪيس قتل ڪري اسانکي هڪ عظيم اڳواڻ کان محروم ڪري ڇڏيو آهي. پر مونکي يقين آهي تہ صدر گلبرٽ جو بي وقتائتو موت قوم جي لاءِ زندگيءَ جو پيغام ثابت ٿيندو. پوري قوم کي متحد ٿي ڪم ڪرڻو پوندو. اسان کي گڏجي، پنهنجي سرحدن جي اندر تشدد جو نالو ۽ نشان سدائين جي لاءِ مٽائڻون پوندو. تشدد جي خاتمي جي لاءِ صدر جي حڪمن موجب، آئون بنيادي حقن کي معطل ڪرڻ جو اعلان ڪندي 35هين ترميم جي اثرائتي هئڻ جو اعلان ڪري رهيو آهيان. ملڪي سلامتي جي لاءِ هڪ ڪيمٽي جوڙي پئي وڃي. جنهن جو چيئرمين ايف بي آءِ جو ڊائريڪٽر مسٽر ورنن ٽامسن!"

بيڪسٽر جو آواز: خدا پناھ ڏي ورنن! تون چا پيو چوين.....؟ صدر گلبرٽ جو قتل ۽ سو بہ تنهنجي حڪم سان...؟

ٽامسن جو آواز: "جذباتيت جي چريائپ جو شڪار ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي، سڄي قوم کي بچائڻ جي لاءِ هڪڙي بن ٽڪن جي سياستدان کي قربان ڪرڻ ۾ ڪو بہ حرج ڪونهي. بيڪسٽر منهنجي ڳالھ سمجھڻ جي.....

بيڪسٽر جو آواز: اوھ منهنجا خدا... خدا... خدا... اوھ... اوھ... اوھ

ٽامسن جو آواز: چا ٿيو بيڪسٽر.... چا ٿيو....؟ تنهنجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي..... اڙي هيري! هن کي سنياڻ هن کي دورو پيو پوي. هن کي سنياڻ.... آئون حنا کي سڏيان ٿو.

ان سان گڏ ڪيسٽ خاموش ٿي وئي. ڪرسٽوفر ڊونيلڊ ايب ۽ اولن ڪيف جي چهرن جا تاثرات ڏٺا. هنن جي چهرن تي صدمي ۽ حيرت جو ريکائون هيون.

"جينٽلمين! هاڻ ٻڌايو تہ يوم حساب آهي يا نہ؟" ڪرسٽوفر خاموشي توڙي ڊونيلڊ اُٿي بيٺو. "بيشڪ، اڄ احتساب جو ڏينهن آهي. آئون سينيٽرن کي سڏيان ٿو.

•

جهاز نيشنل ايئرپورٽ تي لينڊ ڪيو تہ رات واشنگٽن جي مٿان پنهنجا پر پکيڙي چڪي هئي. ڪرسٽوفر ٻين مسافرن سان گڏ جهاز مان لٿو. سڀ کان پهرين هن جي نظر پنهنجي بادي گارڊ هوگن تي پئي. معمول جي ابتڙ، هن جون واڇون ٽڙيل هيون. "مبارڪ هجيو مسٽر اٽارني جنرل!" هن ڪرسٽوفر جي هٿ مان اٽيچي ڪيس ونندي چيو. "مونکي ڏاڍو ڏک هو تہ اوهين مونکي ڇڏي ويا. پر هاڻ سوچي رهيو آهيان تہ اوهانجي لاءِ اهو خطرو کڻڻ ضروري هو ۽ ان جو صلو بہ واهہ جو ملیو آهي. اوهان تمام وڏو ڪم ڪيو آهي سائين."

"مون کي بہ خطرو ڪونهي ڪنيو. ڳالهہ فقط ايتري آهي تہ مون وٽ گهٽو سامان نہ هو. مون سوچيو تہ توکي تڪليف چو ڏيان."

"ڪرس!" پويان ڪنهن سڏيو.

هن مڙي ڏٺو تہ ٽوني هيرس ڪيس پاڪر ۾ پيري ورتو. پوءِ هن ڪيسي مان اخبار ڪڍي هن ڏانهن وڌائي. سرخي رڙيون ڪري رهي هئي صدر جي قتل جي سازش ظاهر.

سازش ورنن ٽامسن تيار ڪئي هئي.

35هين ترميم رد ڪئي ويئي.

"ڪرس! تو تہ ڪمال ڪري ڇڏيو. اسان ووٽنگ ٽي وي تي ڏٺي. ترميم کي چالیهن ئي سينيٽرن رد ڪري ڇڏيو. هڪ جڻي بہ حمايت نہ ڪئي. ترميم پنهنجو موت پاڻ مري ويئي."

"ان مهل آڻون مهمانن جي گيلري ۾ هئس. مون اهو منظر اکين سان ڏٺو."

"پوءِ نيوز ڪانفرنس ٿي. سيني نشرياتي ادارن پنهنجا پروگرام روڪي ڪانفرنس ڏيکاري. ڪانفرنس ڊوفليڊ ۽ سينيٽر ايب گڏيل طور تي گهرائي هئي. هنن سيئي واقعا ٻڌايا. تنهنجي ڪردار جي باري ۾ ٻڌايو. هنن آر دستاويز جو تفصيل بہ بيان ڪيو."

"اها مون نہ ڏٺي. آڻون موسم صاف ٿيندي ئي پهرين فلائيٽ ۾ واپس هليو آيس."

"بهرحال ڪرس، تو زبردست ڪم ڪري ڏيکاريو. ٽوني هيرس پر خلوص لهجي ۾ چيو."

ڪرسٽوفر ناڪار ۾ ڪنڌ ڏوڙيو "نه ٽوني! ڪم ته اسان سيني گڏجي ڪيو ڪرنل بيڪسٽر، فادر ڊوسڪي، منهنجي پٽ جوش، اولن ڪيف، ڊونالڊ ڪريڊن، جسٽس هاورڊ، رڪي بيڪسٽر، ڪيرن، وان ايلن، اسٽرپ، جمي ۽ تنهنجا سڀ دوست... ۽ تون پاڻ ب... اهو ته گڏيل ڪم هو."

هوڪار تائين پهچي ويا هئا. ڪرسٽوفر حيران ٿي ويو. اها ڪار سندس نه هئي. اها ته آمريڪي صدر جي بلٽ پروف ليموزين ڪار هئي. صدر جي ڊرائيور، پوئين سيٽ جو دروازو کولي ڪيس سيلوٽ ڪيو.

ڪرسٽوفر سوالیا نظرن سان ٽوني هيرس کي ڏٺو. "صدر صاحب تو سان ملڻ ٿو چاهي." ٽوني ٻڌايو. "هن چيو هو ته تنهنجي پهچڻ شرط توکي وٽس آندو وڃي."

"وڏي مهرباني!" ڪرسٽوفر چيو ۽ ڪار ۾ ويهڻ لڳو. پر ٽوني جو هٿ هن جي ڪلهي تي جمي ويو. "ڪرس، توکي خبر آهي ته ٽامسن مري ڇڪو آهي؟" هن پڇيو.

"نه مونکي خبر ڪونهي....." ڪرسٽوفر چرڪي چيو.

"پر ڪلاڪ اڳ هن خودڪشي ڪري ڇڏي. هن ريوالر وات ۾ رکي ٽريگر دٻايو هو."

ڪرسٽوفر ڪجهه گهڙيون سوچيندو رهيو. "هٽلر وانگي."

"۽ هيري ايڊورڊ غائب آهي."

"هٽلر جي ساڻي بورمين وانگي."

ٻئي ڪار ۾ ويهي رهيا. ڊرائيور گاڏي چالو ڪئي ۽ هو روانا ٿي ويا. وائٽ هائوس پهتا ته صدر جي چيف ايڊ ڪرسٽوفر جو گرمجوشي سان آڌر ڀاءُ ڪيو. پوءِ هو بنهي جڻن کي عزت ۽ احترام سان صدر جي بيضوي ڪمري ۾ وٺي ويو. ڪرسٽوفر کي توقع نه هئي، پر اها حقيقت هئي ته اتي پارٽي ٿي رهي هئي. پوءِ هن جي نظر وڃي ڪيرن تي پئي، جيڪا صدر سان ڳالهائي رهي هئي. ڪيرن کي ڏسڻ ئي هن جي آمد جو احساس ٿيو. هوءَ صدر کي ڇڏي هن ڏانهن وڌي ۽ هن جي ٻانهن ۾ سمائجي ويئي. "ڪرس! آئي لو يو..... آئي لو يو..." هن هيجاني لهجي ۾ چوڻ شروع ڪيو.

پوءِ ڪرس صدر کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺو. هن نرميءَ سان ڪيرن کي پاڻ کان ڌار ڪيو. صدر جي چهري تي عجيب تاثر هو. هو ان مهل صدر نه پر ڪو فقير لڳي رهيو هو. هن گرمجوشيءَ سان ڪرسٽوفر سان هٿ ملايو ۽ چيو. "ڪرس! مون وٽ

تنهنجي مهرباني مجڙ جي لاءِ لفظ ئي ڪونهن. تو نہ رڳو منهنجي جان بچائي، پر ملڪ کي بچائي ورتو. هاڻ آئون سيني جي سامهون چئي سگهان ٿو تہ آئون وڏو بيوقوف هئس. آئون طرفن جو شعور وڃائي ويٺو هئس. ڏوهن جي واڌ کان ڊڄي آمريت جو ڄج پوکي رهيو هئس. پر اڄ ڄاڻائي ٿو." صدر کيس محبت وارين نظرن سان ڏٺو ۽ پڇيو" توکي ورنن ٽامسن جي باري ۾ خبر پئي؟"

"هائو! مونکي افسوس آهي تہ هن پاڻ کي ايڏي پيماڪ انجام تائين پهچايو."

"هو شايد چريو ٿي پيو هو. جو هن اهڙي رٿا تيار ڪئي. خدا جو شڪر آهي، جو تون ڇميو بيٺو رهئين. آئون مري ها تنهنجو قرض لاهي نٿو سگهان. ٻڌائي تہ آئون تنهنجي لاءِ چا ٿو ڪري سگهان؟"

"هائو! آئون اوهان کان ها ڪم ونڊ چاهيان ٿو." ڪرسٽوفر خوشيءَ مان چيو. "ٻڌاءِ... ٻڌاءِ!"

"هڪ شخص پيو ها آهي. جيڪو مرندي مرندي بچيو آهي. هن اوهانجي تمام گهڻي مدد ڪئي آهي. آئون چاهيان ٿو تہ اوهين هن جي مدد ڪريو. اوهين صدارتي حڪم جي ذريعي کيس معاف ڪرڻ جو اعلان ڪريو ۽ هن جي وڃايل شخصيت کيس واپس ڏياريو."

"تون معافي نامون ۽ ٻيا ڪاغذ پٽ تيار ڪر. آئون صحيح ڪري ڇڏيندس. پيو ڪر؟"

"بدترين وقت گذري چڪو آهي. پر مسئلا جيئن جو تيئن موجود آهن. اسانکي غير انساني 35هين ترميم جو ڪو متبادل لهڻ گهرجي. اسان کي ڏوهن جي روڪ ٽام لاءِ ڪجهہ تہ ڪرڻو آهي. مسئلن کي ڊهائڻ سان مسئلا نٿا نبرجن. هڪ ڏاهي جو چوڻ آهي تہ گهر ٻارڻ سان اونداهہ ختم نہ ٿي ٿئي. اسانکي سيني مسئلن جو بهتر نبيرو ڳولهڻو آهي. جمهوريت ۽ انسانيت جي حدن ۾ رهي."

تون صحيح پيو چوين. ڪرس! هي سڌارن جو وقت آهي. سياڻي آئون ان سلسلي ۾ هڪ ڪميٽي پيو ويهاريان. تون ۽ ٽوني هيرس ان ڪميشن ۾ هوندا. توکي ايف بي آءِ کي ٽامسن جي اثرن کان ها آجو ڪرائڻو آهي ۽ ان کي هڪ هاڪاري ادارو ناهڻو آهي ۽ ان جا هاڪاري رخ مقرر ڪرڻا آهن. ان ڪانپوءِ آئون توسان سماجي ۽ معاشي سڌارن جي سلسلي ۾ ضروري قانونن جي نفاذ جي سلسلي ۾ ڳالهائيندس. خطرناڪ گهڙي گذري وئي. هاڻ اسانکي جمهوريت جو


دامن جهلي پنهنجي سماج کي اهڙو بنائڻو آهي، جو کنهن به فرد کي ڏوهن کرڻ جي ضرورت نه رهي. ضرورت کانسواءِ کا به ترغيب کامياب ٿي نٿي سگهي."


"مهرباني صدر صاحبا" کرسٽوفر چيو ۽ پوءِ هيڪيو. "سائين! آرگوستي جي دوريءَ هڪ سنگتيءَ مونکي چيو هو ته آمريکا ۾ فاشزم جڏهن به آيو. ماڻهن جي ووٽن جي مدد سان ايندو. هن پيري لڳ پڳ ماڻهن فاشزم جي حق ۾ ووٽ ڏيئي چڏيو هو. پر هاڻ ماڻهن کي خبر پئجي ويئي آهي ۽ هو ڇاڻي ويا آهن ته حيلن بهانن سان کائئن فاشزم جي حق ۾ به ووٽ ونڻي سگهجي ٿو. مونکي اميد آهي ته آئنده هو فاشزم کي ايترو ويجهو اچڻ نه ڏيندا. اسانکي اهو سبق هنن جي ذهنن ۾ نقش کرڻ ۾ هنن جي مدد کرڻي پوندي..."

"اهو منهنجو واعدو آهي ته اسين ايئن ئي کنداسين. اسين مسئلا نبيرڻ جي هر ممکن کوشش کنداسين. جيکي انساني اختيار ۾ آهن." صدر پر خلوص لهجي ۾ چيو ۽ کرسٽوفر جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهليو. "پر اڄ رات نه." هو کيس چڪي کيرن وٺ ونڻي ويو. "اڃوکي رات اسين جشن ملهائينداسين. چو ته سياڻي اسانکي نئين سري کان کم شروع کرڻو آهي." هن پنهنجي هٿ سان ٿي جام ناهيا ۽ کرسٽوفر ۽ کيرن ڏانهن وڌايا. پوءِ هن ٽيئن جام بلند کندي چيو. "مستقبل جي نالي...."


*











سنڌيا پبليڪيشنس
شڪارپور، حيدرآباد، ڪراچي
SINDHIYA PUBLICATIONS
سنڌيا پبليڪيشنس
ISBN 978-969-7532-05-6
Rs: 260/-

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.